بحرالعشق

رسالو

حضرت سيد رکيل شاه صوفي القادري

علم در حق در علم صوفی گم شود
این سخن کئے باور یے مردم شود

بحر العشق

رسالو سيد رکيل شاهہ صوفي القادري

سھيڙيندڙ

سح چند ڪنيا لعل ڪارڙا

سھيڙيندڙ

فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا

ڇپائيندڙ
فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا
ايڊوڪيٽ سياش چندر فتح چند ڪارڙا
سنجئہ ڪمار فتح چند ڪارڙا
ڊاڪٽر اجيت ڪمار فتح چند ڪارڙا
ڪرتار ڪارڙا فتح چند ڪارڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپائيندڙ جا مڙئي حق محفوظ

ڇاپو پهريون:	(حصو پهريون) 1923ع محمد علي آفندي مئجسٽريٽ
ڇاپو ٻيون:	(حصو ٻيون) 1952ع ۾ فقير پير بخش
ڇاپو ٽيون:	(ٻہ حصا گڏ) 1968 سيٺ هرگن داس ولد ڪندو مل پارواڻي
ڇاپو چوٿون:	فيبروري 1995ع فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا
ڇاپو پنجون:	مارچ 2001ع فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا
ڇاپو ڇهون:	مارچ 2005ع فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا
ڇاپو ستون:	مارچ 2008ع فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا
ڇاپو اٺون:	فيبروري 2014ع فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا
ڇپيندڙ:	آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي فون: 32737290

قيمت: 400 روپيا

ملڻ جو هنڌ

فتح چند ڪنيا لعل

فتح ڪلاٿ هائوس

ڪلاٿ مارڪيٽ جيڪب آباد

فون: 0722-652455

موبائل: 0333-7338188

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپائيندڙ جا مڙئي حق محفوظ

ڇاپو پهريون:	(حصو پهريون) 1923ع محمد علي آفندي مئجسٽريٽ
ڇاپو ٻيون:	(حصو ٻيون) 1952ع ۾ فقير پير بخش
ڇاپو ٽيون:	(ٻه حصا گڏ) 1968 سيٺ هرگن داس ولد ڪندو مل پارواڻي
ڇاپو چوٿون:	فيبروري 1995ع فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا
ڇاپو پنجون:	مارچ 2001ع فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا
ڇاپو ڇهون:	مارچ 2005ع فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا
ڇاپو ستون:	مارچ 2008ع فتح چند ڪنيا لعل ڪهارڙا
ڇاپو اٺون:	فيبروري 2014ع فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا
ڇپيندڙ:	آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي فون : 32737290

قيمت: 400 روپيا

ملڻ جو هنڌ

فتح چند ڪنيا لعل

فتح ڪلاٿ هائوس

ڪلاٿ مارڪيٽ جيڪب آباد

فون: 0722-652455

موبائل: 0333-7338188

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنابُ حضرت سيد رکيل شاھ صوفي القادري
جنم: ١٢٦٢ھ وصال: ١٣٥٩ھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جناب حضرت سيد چيزل شاه (عزيز شاه) صوفي القادري
جنم: ١٣٣٢ھ وصال: ١٤٠٤ھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جناب حضرت سيد صادق علي شاھ صوفي القادري
سجاده نشين درگاھ فتحپور شريف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جناب حضرت سيد صادق علي شاھ صوفي القادري

جناب حضرت سيد رکيل شاھ صوفي القادري

جناب حضرت سيد چيزل شاھ (عزيز شاھ) صوفي القادري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

مهاڳ ڇاپو چوٿون	7
مهاڳ ڇاپو پنجون	10
مهاڳ موجوده ڇهون ڇاپو	11
ڪي سالڪ سڏ لهن	12
شجره مبارڪ- نسب نامو	14
عربستان کان فتح پورآمد جو نقشو	15
سلسلہ شريف دست بيعت	17
سوانح شريف ۽ حالات زندگي	29
ڪلام	
ڪافيون (تعداد 729)	49
بيت (تعداد 237)	409
بيت سرائڪي (تعداد51)	469
سِي حرفي پهرين	485
سِي حرفي ٻين	494
ڪلامن جي تفصيلي فهرست	503

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الله

اسم اعظم شريف اشهد ان لااله الا
اللهوحده لاشريڪ له حبل شانه
جل "جلاله- رب العلمين الرّحمان الرّحيم
ياقهّار، ياغفّار - ياستّار- انوار
ياحيّ- ياقيوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ (چوٿون ڇاپو)

سجاد نشين درگاه فتح پور شريف سائين صادق علي شاه صاحب جن جي حڪم موجب 1987ع ۾ جڏهن پهريون ڀيرو مرشد سائين چيزل شاهؒ صاحب جن جي ڪلام جو مجموعو ”بحرالعميق“ هن ناچيز ڇپرايو هو تڏهن رسالي کي ڏسي سائين جن مون کي حڪم ڪرڻ فرمايو ته مرشد پاڪ روضي ڌڻي سائين رکيل شاهه رح جن جو رسالو ”بحرالعشق“ به ڇپراءِ، جيڪو ڪافي عرصي کان دستياب ڪونهي. مون ناچيز دنيوي ڪم ڪار ۾ مصروف ماڻهو لاءِ هي وڏو حڪم هو. ڇو ته تصوف جي اٿاهه ساگر کي بيهر ڇپرائڻ لاءِ جڏهن حڪم مليو ته دل ڏاڍي سرهي ٿي جو هن ٻانهي کي وڏو اعزاز بخشيو ويو. پر پاڻ کي مادي ڪمن ۾ گهڻو مصروف محسوس ڪندي سوچڻ لڳس ته ايئن نه ٿئي جو حڪم جي بجا آوري نه ڪري سگهان. پر توڪل جو ترهو ۽ ڪامل مرشد جي نظر و ڪرم جي آسري تي ڪم جي شروعات ڪيم ۽ سچ پچ منهنجي لاءِ هي پهاڙ جيڏو ڪم سولو ٿيندو ويو.

هن کان اڳ ”بحرالعشق“ جا ٽي ايڊيشن منظر عام تي اچي چڪا آهن. هن ڇاپي کي نئين سر ترتيب ڏيڻ لاءِ سائين مرشد چيزل شاه رح جن جون ڪوششون قابل ستائش آهن.

سائين چيزل شاه رح ”بحرالعشق“ جي سڄي ڪلام کي نئين سر چنڊبي ڇاڻي ترتيب سان سُروار ڪرڻ ۾ وڏي اڻ ٿڪ ڪوشش ڪئي، سائين جن فقير حسين بخش گوپانگ کي سڄيون سڄيون راتيون ڪلام کي سنوارڻ لاءِ پاڻ وٽ ويهاريندا هئا. سائين جن ٻڌائيندا ويندا هئا ۽ فقير لکندو ويندو هو. سلسله

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دست بيعت بہ سائين چيزل شاھہ رح جن پاڻ سينگاري نهرايو هو. سائين رکيل شاھہ رح جي حياتي جي احوال کي نئين سر ترتيب ڏيڻ ۾ منهنجي مدد ماسترنواب علي زيب سومرو مرحوم ڪئي.

"بحرالعميق" جو هي چوٿون ايڊيشن آهي۔ هن کان اڳ رسالو ٻن حصن ۾ ڇپيو هو 1923ع ۾ ٻيو حصو 1952ع محمد علي آفندي مئجسٽريٽ ۽ فقير پير بخش رتي ديري وارن ڇپرايو هو ان بعد ٽيون ايڊيشن 21۔ فيبروري 1968ع ۾ سيٺ هرگن داس ولد ڪندو مل پارواڻي ميرپور خاص واري ڪاڪي نٿر مل جي زير سرپرستي ۾ هڪ هزار ڪاپيون ڇپرايون.

هن ڇاپي جي اهم خوبي اها آهي تہ رسالي جي سُرن جي ترتيب ۽ حالات زندگي کي نئين انداز سان پيش ڪيو ويو آهي.

ناچيز کي درگاھہ فتح پور شريف سان عقيدت ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ ملي آهي. هونءَ تہ منهنجا ابا ڏاڏا يگتي مارڳ جي رستي تي هلندڙ هئا جيڪو پڻ تصوف جو رستو آهي. منهنجو ڏاڏو سائين بابو دانومل پاڻ تصوف ۽ ويدانت جي رمزن جو وڏو رازدان هو. انهيءَ جي عقيدت سائين رکيل شاہ سان 1940ع ڌاري سيٺ مني مل جي ذريعي ٿي جن جي اولاد سان اڄ بہ اسان جا انهيءَ پراڻي ناتي سان برادرانہ ناتا آهن. ڏاڏي سائين آخر ڏينهن ۾ اسان کي حڪم ڏنو تہ درگاہ فتح پور شريف جو پيرو نہ ڇجبو بابا سائين جنوري 1977ع ۾ لاڏاڻو ڪيو. لاڏاڻي کان بہ چار ڏينهن اڳ چيائون تہ جيستائين منهنجو مرشد سائين چيزل شاہ رح مون کي ديدار نہ ڏيندا تيستائين آئون هي جهان نہ ڇڏيندس ۽ ٿيو بہ ائين. سندس لاڏاڻي کان هڪ ڏينهن اڳ مرشد مهر ڪري اسان جي دروازي ڪهي آيا ۽ بابا سان منهن ملاقات ٿيا ۽ بابا پنهنجي گهرياتين جي سائين جن کي پارت ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن بابا پنهنجا پساھہ پورا ڪري سدائين لاءِ سچي دنيا ڏانهن راهي ٿي ويا. منهنجو والد ڪنيا لعل ۽ مان اڄ سوڌو درگاہ سان ساڳي عقيدت رکون ٿا ۽ مرشد ۾ اميد آهي تہ اسان ۽ اسان جي اولاد لاءِ دعاگو

رهندا تہ انھيءَ درجا سدائين معتقد رهون.

هن ايڊيشن جي پروف ريڊنگ ۾ مون کي پنھنجي وڏي فرزند سُياش چندر گھٽو هٿ ونڊرايو آهي. ناچيز هن ڇاپي ۾ تمام گھڻي ڪوشش ڪئي آهي تہ جيئن ڇپائي جون غلطيون نہ هجن. تنھن هوندي بہ جيڪڏهن پڙهندڙن کي ڪتي ڪي غلطيون نظر اچن تہ مهرباني ڪري ان جو اطلاع ڪرڻ فرمائين تہ جيئن ايندڙ ايڊيشن ۾ انهن غلطين کي درست ڪري لکجي.

فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ (پنجون ڇاپو)

ڪتاب بحر العشق جو پنجون ايڊيشن اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ لاءِ جيڪڏهن آئون ائين چوان تہ سنڌن هي هڪ ڪرامت آهي تہ هي منهنجي خيال ۾ وڏاءُ ڪونہ ٿيندو، ڇو تہ هن خود پرستيءَ ۽ مايا جي موهت واري ماحول ۾ مرشد جو ڪلام بار بار ڇپجي پڌرو ٿيڻ جيڪڏهن سائين جن جي ڪرامت نہ آهي تہ پڪ سان سنڌن ڪارنامو ضرور آهي ۽ منهنجي لاءِ سعادت پڻ.

ايترا ايڊيشن اچڻ جي باوجود مونکي تعجب ٿو لڳي تہ سنڌي ٻولي جا ڄاڻيندڙ، ادب ۽ ساهت جا سينگاريندڙ ۽ صوفيانہ سوچ رکندڙ ودوان (ڏاها) الائي ڇو ايڏي وڏي ساهت جي شاهڪار جي تحقيق ۽ ترويج لاءِ ڪو لاپائتو ۽ ڳڻڻ جهڙو ڪردار ادا ڪري نہ سگهيا آهن. تصوف جي واٽ اسان جي سنڌ لاءِ نجات جي واٽ آهي، ان تي وڏ ڪان وڌ تحقيق ۽ پرچار جي ضرورت آهي. اميد آهي تہ هن اهم ڪارائتي ۽ صوفياڻي پنڌار تي قلم کڻي، هن فڪر ۽ پيغام کي عوام تائين پهچائيندا، تہ آئون سمجهندس تہ منهنجي هي ننڍڙي ڪوشش ماڻهن کي لاڀ پهچائڻ جو ذريعو ثابت ٿي آهي.

منهنجي خواهش آهي تہ سدائين هن روحانيت جو درس ڏيندڙ درجي خدمت ڪندو رهان ۽ سنڌن فڪر ۽ پيغام کي ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ پاڻ ۽ پنهنجي اولاد سميت پتوڙيندو رهان.

فتح چند ڪارڙا

پهرين مارچ 2001ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ (موجوده ڇهون ڇاپو)

جيئن تہ مرشد جي نظر ڪرم ۽ اوهان پڙهندڙ جي ساٿ سان سائين مالڪ حضرت رکيل شاهہ صوفي القادري جي ڪلام جو هي ڇهون ڇاپو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

هن ڇاپي کي نئين ڍنگ ۾ ڪوشش ڪري غلطين کان پاڪ ڪيو ويو آهي ۽ اميد تہ مرشد جي درتي قبول پوندو. ۽ ان جي دعائن سان باربار خدمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندس.

فتح چند ڪارڙا

پهرين مارچ 2005ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي سالڪ سُڌ لهن

شاهہ لطيف کان ونئي اڄ تائين جي ساري ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ انداز بيان جون ڪئي هڪجهڙايون موجود آهن پر ان جو اهو مقصد بہ ناهي تہ ان دور جي انفراديت جي سڃاڻ نٿي ڪري سگهجي. ڳالهہ اها آهي تہ ساڳي ئي دور جا شاعر ڪيترين ئي صوفيانہ رمزن. فن ۽ ادائگي جي هڪ جهڙاين جي باوجود بہ، ٻولي ۽ مڪاني مسئلن جي سرحدن تي هڪ ٻئي کان ڌار ڌار ۽ بلڪ منفرد نظر اچن ٿا. سائين رکيل شاهہ بہ اهڙن ئي صوفي شاعرن جي سٽ جو هڪ ساٿاري آهي، جن پنهنجي عشق جي علم سان واديءَ گنداواهہ بلوچستان ۾ اهڙي تہ نور جي پالوت ڪئي جو خشڪ ۽ بيابان زمين ڪستورين ۽ خوبصورتين جي آماجگاهہ بڻجي پئي هن ڪتاب "بحر العشق" ۾ اهڙ ي ئي وستار ٿيل آهي، عشق جي محبت جي ۽ قرب جي.

انساني جذبن ۽ احساسن جي ترجماني جڏهن پنهنجي مڪاني ٻولي جي سهل الفاظن ۾ ڪئي وڃي تڏهن تہ ان ڪلام جي ادبي افاديت پاڻ وڌي وڃي ٿي ۽ اهائي سائين رکيل شاهہ جي شاعري جي وڏي ۽ اهم خوبي آهي.

هن ڪتاب جو هي ڇهون ايڊيشن آهي جيڪا چاهت ۽ ڪوشش آهي فتح چند ڪارڙا جي، جيڪو ابي ڏاڏي کان ونئي هن دربار جو مريد رهندو آيو آهي. سندس ويساهہ آهي تہ مرشد جي خدمت ۾ ئي مڪتي جو مارڳ ملي ٿو. جيڪڏهن انسان جيئڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ حربا هلائي ٿو پر مهانتا ۽ وڏائي تڏهن حاصل ٿئي ٿي جڏهن اهو سمجهي وڃي ٿو.

موتين جي ملهه جو نڪو انت شمار
جنهن چونديا چت ۾ نه ڏاپن ڪرن قرار

”لا“ جي لذت چکيائون، اندر ۾ ”هو“ سندي هبڪار تن گون وٽي ناهي وار، ”شاهه رڪيل“ ونحن اقرب ويجهڙو

فتح چند ڪارڙا پنهنجي ڏاڏي جي صحبت ۾ رهي مرشدن جي فيض ۽ قرب بابت ويچار هيئن ۾ هنڊائيندو رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي ته هو ڪاروبار هجي يا سماجي ڪارج، ڌرمي يا ديني ڪم هجن يا صحافت ۽ ساهت، هر هنڌ سندس سوچ ۽ عمل ۾ اٿاهه پيار، پنهنجائپ، ڪهل ۽ ڪهڪاءُ نظر اچي ٿو.

”بحرالعميق“ ۽ ”بحرالعشق“ اثرانگيزي جي حوالي سان، سنڌي ادب ۾ به اهڙا ته شاهڪار شاعريءَ جا مجموعا آهن جنهن ۾ صوفيانه رمزن سان گڏ بيان ۽ معنيٰ جا به نت نوان تجربا ٿيل آهن.

مرشد سان عقيدت ۽ محبت هڪ اهڙو بي لوث رشتو آهي جهڙو خدا ۽ بندي جي وچ ۾ آهي ۽ انهيءَ رشتي جي حوالي سان فتح چند ۽ سندس اولاد ۽ ساٿي جيڪو به ڪم ڪندا رهندا، اهو سدائين مهانتا ماڻيندو.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

15 فيبروري 2001ع

شجره مبارڪ نسب نامہ

1۔ سيد مرشد سائين صادق علي شاهہ 2۔ ولد سيد مرشد سائين چيزل شاهہ رح (عزيز شاهہ) 3۔ ولد حضور پر نور سلطان العارفين قطب الاقطاب قدسي خطاب فقير رڪيل شاهہ نوراني 4۔ ولد سَيد نور محمد شاهہ 5۔ ولد سَيد رڪيل شاهہ 6۔ ولد سَيد عزيز شاهہ 7۔ ولد سَيد اول شاهہ 8۔ ولد سيّد ولي شاهہ 9۔ ولد سيّد محمد بقا شاهہ 10۔ ولد سيّد رستم شاهہ 11۔ ولد سيّد اول شاهہ 12۔ ولد سيّد عبدالنبي شاهہ 13۔ ولد سيّد اول شاهہ 14۔ ولد سيّد رستم شاهہ 15۔ ولد سيّد ولي شاهہ 16۔ ولد سيّد رستم شاهہ 17۔ ولد سيّد عبدالنبي شاهہ 18۔ ولد سيّد سليمان شاهہ 19۔ ولد سَيد لاشاري شاهہ 20۔ ولد سيّد حامد شاهہ 21۔ ولد سيّد نثار شاهہ 22۔ ولد سيّد عبدالنبي شاهہ 23۔ ولد سيّد ننگر شاهہ 24۔ ولد سيّد عارب شاهہ 25۔ ولد سيّد طاهر شاهہ 26۔ ولد سيّد ننگر شاهہ 27۔ ولد سيّد حسين شاهہ 28۔ ولد سيّد حيات شاهہ 29۔ ولد سيّد حسين شاهہ 30۔ ولد سيّد بائث شاهہ 31۔ ولد سيّد حسين شاهہ 32۔ ولد سيّد عبدالولي شاهہ 33۔ ولد سيّد عبدالحميد شاهہ 34۔ ولد سيّد فريد شاهہ 35۔ ولد سيّد عبدالله شاهہ 36۔ ولد سيّد جنيد شاهہ 37۔ ولد سيّد نظام دين شاهہ 38۔ ولد سَيد محمد شاهہ 39۔ ولد سيّد قاسم شاهہ 40۔ ولد سيّد عبدالحميد شاهہ 41۔ ولد سيّد علي شاهہ 42۔ ولد سيّد يونس شاهہ 43۔ ولد سيّد اسحاق شاهہ 44۔ ولد سيّد عالم شاهہ 45۔ ولد سيّد جعفر شاهہ 46۔ ولد سيّد عقيل شاهہ 47۔ ولد سيّد موسيٰ شاهہ 48۔ ولد سيّد محمد تقي شاهہ 49۔ ولد سيّد علي نقي شاهہ 50۔ ولد سيّد امام علي موسيٰ رضا 51۔ ولد سيّد امام موسيٰ ڪاظم 52۔ ولد سيّد امام جعفر صادق 53۔ ولد سيّد امام محمد باقر 54۔ ولد سيّد امام زين العابدين 55۔ ولد سيّد امام حسين 56۔ ولد سيّد امام امير المئومنين وصي رسول الله حضرت علي ڪرم الله وجهہ عليہ الصلوات والسلام

اللّهم صل عليٰ محمّد وعليٰ آل محمّدنا وهادينا ورهبرنا وبارڪ وسلم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستہ نقل مڪاني

١- مڪه ۽ مدينه	عربستان (سعودي عرب)	
٢- نجف	عراق	عراق
٣- ڪاظمين	عراق	ايران
٤- مشهد	ايران	بلوچستان
٥- فتح پور	بلوچستان	

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلسلہ شريف

اَعوذ بالله من الشيطان الرحيم
بسم الله الرحمن الرحيم

محمد

جناب۔ شاه لولاڪ۔ سرتاج الانبياءُ
مزمل۔ شمس۔ ضَحيٰ.
خاتم النبين۔ پيشواءِ المرسلين
تين۔ طٰه ياسين
عربي الاعجمي۔ مڪي المدني
قافي۔ الف لام م
ابوالالفا طمہ قاسم ابراهيم
جناب حضورالاهدا۔ رسول خدا محمد مصطفيٰ
احمد مجتبيٰ۔ سرور ڪائنات۔ صلي الله عليه وسلم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دست بيعت۔ جناب سيد۔ حيدرالڪرار
قاتل الڪفار۔ فاتح احد۔ وخيبر قاتل
مرحب وعنر۔ والله شبير شبر
امام الائولين۔ الميرالمومنين۔ جناب
مولا علي مشڪلڪشا۔ شير خدا
ولي الله وصي رسول الله۔ عليه
السلام۔ دارالسُلطنت ڪوفہ عراق
بملڪ عربستان

(4)

دست بيعت۔ جناب سيد فيض ماب
فرزند۔ وارث امام مسند۔ مهمان
ڪربلا۔ لخت جگر فاطمہ۔ سيد
الصابرين۔ امام المشرقين۔ والمغربين
جناب حضرت امام حسين عليه
السَلام۔ والي ڪربلا۔ نينوا
بملڪ عراق

(5)

دست بيعت۔ جناب سيد
فرزند ارجمند۔ زيورپهريل
سيَد الصَابرين۔ امام العاشقين جناب
امام زين العابدين۔ عليه السَلام
چوٿون امام۔ مسافرولايت شام
بملڪ مدينہ منوره عربستان

(6)

دست بيعت۔ جناب سيد
پنجون امام۔ شام جي مصيبتن جا شان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جناب امام حضرت محمد باقر عليه السلام
حق جو امام- شيرين شهادت جوم
بملڪ مدينہ منوره عربستان

(7)

دست بيعت- جناب سيد
فرزند- پشت احمد روشن ضمير
مذهب منير- جناب امام حضرت
جعفر صادق- بابرڪت جام حسين شهادت
عليه السلام- بملڪ مدينہ منوره
عربستان

(8)

دست بعيت- جناب سيد
فرزند- سعادت مند- جناب
ذي شان- هفت امام- حضرت امام
موسيٰ ڪاظم عليه السلام- شهادت پر جام
در شهر ڪاظمين شريف
بملڪ عراق

(9)

دست بيعد- جناب سيد
فرزند- روشن اسلام محمد- امام
مشرق- ومغرب- انون امام سيد سادات
جناب حضرت امام علي رضا عليه السلام
شهيد پاڪ جان- در شهر
مشهد مقدس بملڪ ايران

(10)

دست بيعت- خليفہ جئيد
عزت ماب معلي الالقاب
شيخ المشائخ- جناب حضرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ معروف ڪرخي۔ صوفي القادري
رحمت معروف ڪرخي۔ صوفي القادري
رحمت الله عليه۔ درشهرولايت ڪرخ
بملڪ ترڪستان

(11)

دست بيعت۔ خليفه ادبيت
سردارالسالڪين۔ محنت جفا پرآفرين
جناب حضرت خواجه سري سقطي صوفي
القادري۔ رحمت الله عليه درشهر
اصفهان۔ اڌ جهان
بملڪ ايران

(12)

دست بيعت۔ خليفا
داراشفا۔ طالب المولٰي۔ ولي الله
حضرت پير۔ خدا رسيد۔ جناب
خواجه جنيد بغدادي صوفي القادري
رحمت الله عليه۔ درشهر
بغداد شريف
بملڪ عراق

(13)

دست بيعت۔ خليفه عبرت
جناب۔ فيض مآب۔ شيخ
المشائخ۔ حضرت خواجه
شيخ شبلي ابابڪر صاحب صوفي
القادري رحمت الله عليه
درشهر مڪه شريف
بملڪ عربستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(14)

دست بيعت۔ خليفہ عزت

صاحب ولايت حضرت

پير مخدوم ابو الفضل عبدالواحد بن

عبدالعزيز يعني صوفي القادري رحمت

الله عليه در شهر يمن

بملک ولايت يمن

(15)

دست بيعت۔ خليفہ صادق

قدوة الا صفياءَ۔ شهنشاه

جناب مخدوم ابوالفرح عبدالله

طرطوسي صوفي القادري رحمت الله

عليه در شهر ولايت طرطوس

بملک مصر

(16)

دست بيعت۔ خليفہ

باصفا حضرت بابرکت

جناب۔ مخدوم ابوالحسن

علي بن محمد يوسف قريشي هنگاري

صوفي القادري رحمت الله عليه

در شهر هنکار

بملک ترکستان

(17)

دست بيعت۔ خليفہ

والي شان صادق الابيان

جناب حضرت۔ مخدوم

ابي سعيد بن علي مبارک مخرومي

صوفي القادري رحمت الله عليه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

در شهر مخروم
بملڪ مصر
(18)
دست بيعت۔ خليفہ سيد
عاشق محبوب خدا
قطب الاولياءَ۔ پيران پير
روشن ضمير۔ غوث صمداني
ميران محي الدين جيلاني۔ سيد
ابو محمد عبدالقادر۔ جيلاني
صوفي قادري در شهر بغداد
بملڪ عراق
(19)
دست بيعت۔ خليفہ سيد
فرزند۔ عقيدة مند
بابرڪت۔ پرڪشف ڪرامت
جناب سخي سيد ميان عبدالرزاق شاهہ
صوفي القادري رحمت الله عليه
در شهر بغداد
(20)
دست بيعت۔ خليفہ سيد
ابي نصر صالح شاه
ڪامل اڪمل اوليا۔ جناب
شهاب الدين صوفي القادري رحمت الله عليه
در شهر خود
بملڪ روم
(21)
دست بيعت۔ خليفہ سيد
قطب العارفين۔ فقير السالڪين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جناب حضرت سيد محمد شاه
بن احمد شاه صوفي القادري
رحمت الله عليه در شهر مكه شريف
بملك عربستان

(22)

دست بيعت خليفه سيد
عزمت مآب جناب حضرت
سيد حسن شاه صاحب بغدادي
صوفي القادري رحمت
الله عليه در شهر بغداد شريف
بملك عراق

(23)

دست بيعت خليفه سيد
شمس الدينيات سيد سادات
حضرت جناب سيد محمد شاه
صاحب بغدادي صوفي القادري رحمت
الله عليه در شهر بغداد شريف
بملك عراق

(24)

دست بيعت خليفه سيد
فضيلت مآب جناب
حضرت سيد علي شاه صاحب
صوفي القادري رحمت الله عليه
در شهر مدايه شريف
بملك ايران

(25)

دست بيعت خليفه سيد
حضرت پير فقير تفسير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جناب حضرت سيد موسيٰ
شاه صاحب صوفي القادري رحمت
الله عليه در شهر لگ تهران
بملڪ ايران
(26)
دست بيعت۔ خليفہ سيد
حضرت پير مظهر منير
جناب حضرت سيد مير حسن شاهہ مغربي
صاحب صوفي القادري رحمت الله
عليه بملڪ سرحد شام
يمن
(27)
دست بيعت۔ فرزند سيد
حضرت پير۔ روشن تصوير جناب
سيد ابو العباس احمد شاه بن مير حسن شاه
صاحب مغربي شافعي القادري رحمت الله
عليه در شهر خود بملڪ
سرحد شام يمن
(28)
دست بيعت۔ خليفا
عامل بي بها۔ ڪامل سر اولياءَ
حضرت پير جناب خواجہ بهاءُ الدين
ابراهيم عملا الله صوفي القادري رحمت الله
عليه بملڪ بخارا شريف
(29)
دست بيعت۔ خليفا
درجت الا اليٰ۔ فقيرپوش
درويش۔ جناب حضرت خواجہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شمس الدين ابو الفتح بن فتح الله صاحب
عرف معروف شيخ شاهي
صوفي القادري رحمت الله عليه
در شهر ملتان
بملڪ پاڪستان

(30)

دست بيعت۔ خليفه سيد
شمس العارفين۔ منير العاشقين
قطب الاقطاب۔ رفيع الدرجات
صوفي سرتاج۔ حضرت پير۔ سيد فقير
جناب سيد عبدالملڪ شاه صاحب
صوفي القادري رحمت الله عليه
در شهر بيجاپور حيدرآباد دڪن
بملڪ هندستان

(31)

دست بيعت۔ خليفه شاه۔ خدا آگاه
امير الا خطابين۔ سلطان العارفين
برهان العاشقين۔ ولي الواصلين
قطب الاقطاب۔ صوفي سردار محبوب ابرار
جناب فقير عنايت الله شاهه صاحب شاه
شهيد شهادة۔ مالڪ المعرفت بي سر
صوفي القادري درشهر جهوڪ ميران پور شريف
بملڪ سنڌ پاڪستان

(32)

دست بيعت۔ خليفه سيد
فيض ماب۔ جناب حضرت
مخدوم سيد اسماعيل شاه صاحب
صوفي القادري رحمت الله عليه درشهر

بلند نئہ بملڪ پاڪستان سنڌ

(33)

دست بيعت۔ خليفہ بي ريا

برادر زاده شاه شهيد

خدا رسيد جناب مخدوم ابراهيم

شاه ڊب والا بن نالي چڱہ شاه صاحب

صوفي القادري رحمت الله عليه

در شهر جهوڪ ميران پور شريف

صوبہ سنڌ پاڪستان

(34)

دست بيعت۔ فرزند

ارادة مند۔ جناب۔ فقير

تن۔ مخدوم محمد زاهد صاحب

صوفي القادري رحمت الله عليه در

شهر جهوڪ ميران پور شريف

صوبہ سنڌ پاڪستان

(35)

دست بيعت۔ فرزند

عقيدة مند۔ صادق الصداقت

ابر رحمت۔ مهتاب التارڪين

الڪاملين۔ والمڪلمين۔ حضرت پير

فقير تصوير جناب فضل الله شاه

قلندر صوفي در شهر جهوڪ ميران پور

شريف صوبہ سنڌ پاڪستان

(36)

دست بيعت۔ فرزندي

برادر۔ حضرت پير۔ اولياءُ اڪسير

جناب خواجہ ابراهيم شاه

ثاني صوفي القادري رحمت الله عليه
درشهر جهوڪ ميران پورشهر
صوبہ سنڌ پاڪستان

(37)

دست بيعت۔ فرزند
مراد مند۔ صوفي صفا۔ رحمت شفا
جناب خواجہ محمد شاهہ صاحب
صوفي القادري رحمت الله عليه
درشهر جهوڪ ميران پورجهوڪ
صوبہ سنڌ پاڪستان

(38)

دست بيعت۔ خليفہ
رهبر قدوة السّاليڪن
قطب العاشقين۔ معرفت ماب۔ شمس الخطاب
جناب فقير حضرت عبدالستار
نوراني صوفي القادري درشهر
جهوڪ ميران پورشريف
صوبہ سنڌ پاڪستان

(39)

دست بيعت۔ خليفہ سيد۔ قطب الاقطاب
قدسي خطاب۔ عمدة العارفين۔ اسوة الواصلين
اميرالامير۔ اولاد شير۔ ولي الله واصل بالله
حضرت پير۔ منيرتصوير۔ فقيرجناب۔ سيد
رڪيل شاهہ۔ حياة الاولياءُ صوفي القادري
رحمت الله عليه درگاه فتح پورشريف
صوبہ بلوچستان پاڪستان

(40)

دست بيعت۔ فرزند سيد۔ مجدد امام

زيارت ڪفايت گناه۔ اڪبر الاولياءُ
سلطان الولي الله۔ لج پال بلند اقبال
قطب ڪمال۔ صفت جلال و جمال۔ جناب
حضرت پير۔ جناب سيد چيزل شاه
اولياءُ ڪبيريا۔ درگاه فتح پور شريف
صوبہ بلوچستان پاڪستان

(41)

دست بيعت فرزند ارجمند وارث مسند
فخر امام سيد الصادقين صاحب الصفا باوفا صاحب
سيد صادق علي شاه صاحب صوفي القادري
سجاد نشين درگاه فتح پور شريف
ضلع ڪڇي بلوچستان پاڪستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوانح شريف

حالات زندگي

عرب ۾ خلافت جي دورڪان پوءِ جيڪي حالتون پيدا ٿيون، انهن جي نتيجي ۾ عربستان مان ڪافي سيد قبيلا مختلف طرفن ڏانهن نڪري ويا. انهن سادات خاندانن مان اڪثر مڪران جي رستي برصغير جي مختلف علائقن ۾ اچي آباد ٿيا. حضرت سيد رڪيل شاهه جن جا بزرگ بہ انهيءَ نقل مڪانيءَ واري عرصي ۾ مڪي شريف مان هتي بلوچستان ۾ اچي آباد ٿيا. سندن سفر مبارڪ مڪ شريف کان شروع ٿيو، ۽ مدينہ شريف ۾ روضي ۾ روضي پاڪ تي حاضري ڀري نجف شريف ۽ ڪربلا کان ٿيندا ايران ۾ اُسهيا، جتان پوءِ اچي شيراز مان هجرت ڪري بلوچستان اچي پنهنجا آستانا اڏيا، جتي اج تائين سندن پويان رهندا اچن ٿا. ان وقت جي حڪمرانن قدرشناسي ڪري جاگيرون عطا ڪيون، جي اج تائين سائين جن جي اولاد جي حوالي آهن.

حالنامون مصنف حاجي حاڪم خان سهرياڻي ۽ بحر العشق، مصنف ڪاڪو نترمل ولد لو ڪومل گرناڻي لکن ٿا تہ شاه ولي شاهہ شيراز کان نقل مڪاني ڪري فتح پور گنداواه صوبہ بلوچستان ۾ اچي رهي پيا.

خاندان ۾ صاحب ولايت هستيون:

سائين رڪيل شاه بادشاهہ جي خاندان ۾ ڪافي بزرگ هستيون جلوه فرما ٿيون. ٻهريان اٺ امام تہ معصوم سڏجن ٿا. مگر

امام علي رضا جي باقي اولاد بہ صاحب ولايت هئي، اهڙي طرح فتح پور ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ وارن مان ميان عبدالنبي شاه سوا ڪسيري وارو، رڪيل شاهہ پهريون، ميان عزيز شاهہ، ميان اول شاهہ ۽ ميان عبدالنبي شاهہ نالي وارا بزرگ ٿي گذريا آهن. انهن کان سواءِ سائين رڪيل شاهہ ثاني پڻ سالڪ بزرگ هو، سندن فرزند ميان چيزل شاه وقت جو مجدد امام هو.

دست بيعت:

سائين رڪيل بادشاهہ پنهنجي پاءُ عبدالنبي شاهہ جي حڪم موجب جهوڪ شريف ميران پور مان شاهہ عنايت شهيد جي گادي نشين ميان عبدالستار شاهہ جي هٿ تي بيعت ڪئي.

پاڻ پنهنجي خاندان سميت صوفي القادري هئا هميشه محفل، سماع جا دلداده رهيا. هر مهيني جي 7 تاريخ تي فتح پور ۾ ميلو لڳندو آهي. ساليانہ عرس ۽ ميلہ ماه مارچ ۾ سندن سلسلہ جي بزرگن پاران ملهايو ويندو آهي.

جنم ۽ جنم ڀومي:

عزت ماب سائين رڪيل شاهہ مورخ 17 ربيع الاول 1262 سن هہ ۾ سائين نور محمد شاهہ جي گهر ۾ ظهور فرما ٿيا. پاڻ جمندي ئي جام هئا، انهي حقيقت جا آثار فتح پور جي شهرين ڏٺا.

بلوچستان جي علائقي جو انحصار برسات تي آهي جنهن سان ملڪ ۾ فصل پيدا ٿين ٿا، چوڏاري ساوڪ ۽ سبزي ايري ٿي.

قدرت الله ڏسو، جنهن رات سائين رڪيل شاهہ دنيا ۾ جلوه فرما ٿيو، ان رات آسمان ڪڪرن سان ڇانيل رهيو، دل گهرئي برسات پئي هُئي گندا واه جي علائقي تي ٻني رحمت ثابت ٿي هڪ ولي الله جي ولادت ۽ ٻئي برسات جي پالوٽ. چوڏاري رحمت ئي رحمت هئي. چون ٿا تہ مسلسل بہ سال اڳ برسات بنهہ ڪونہ پئي هئي. ڇهن مهينن ڪانپوءِ سندن والده محترمہ نصف داغ يتيمي ڏيئي راهي، ملڪ بقا ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعليم:

حضرت سائين رکيل شاهه اڃ ننڍو، سياڻ وڏو ٿيندو رهيو، جڏهن انن سالن جي عمر کي رسيا، تڏهن والد محترم کيس ڳوٺ جي مولوي صاحب وٽ تعليمات قرآن پاڪ حاصل ڪرڻ لاءِ ويهاريو، سائين جن نور قرآني سان روشن ٿي باقي تعليمات کي خير باد چئي، ڇو ته عشق الهيٰ جو ثمر سامان اڳ ئي سليل هو، دنوي علم جي کين ڪا ضرورت ئي ڪونه هئي.

دنوي ڪاروبار ۾ لنولپات:

جرڳي ۾ رڪنيت: جڏهن پاڻ چوڏهن سالن کي رسيا ته دنوي ڪاروبار ۾ مصروف ٿي ويا، کين جرڳي جي رڪنيت به ملي، ان ڪري امير اُمرا سان نشست و برخواست به رهي. پاڻ وٽ هڪ پلي گهوڙي هوندي، هئي. اجوڪي دور قيمت تخمينو لڳائجي ته ڪيئي لک جو مله لهي. ڪاروبار سانگي مڙيوئي پاڳ شهر وڃڻ ٿيندو هئن، اها گهوڙي سواري ۾ کين ڪم ايندي هئي. هڪ دفعي.

بگهيڙ (ناهر) جو شڪار: اتفاق سان پاڳ شهر کان ڪم ڪار ختم ڪري جيئن واپس اچي رهيا هئا ته اوچتو سندن نظر بگهيڙ ناهر تي پئجي ويئي. سائين جن وٽ هٿيار پنهوار موجود هئا. مگر ذوق ان ڳالهه تي آماده ڪيو ته ناهر کي ڊوڙائي ٺڪائي لتڙائي مارجي. ان ڪري ناهر جي پنيان گهوڙي لڳايائون ناهر ٺڪائي، مارائي، ظاهري دلي شوق پورو ڪيائون.

ميان عبدالنبي شاه جي ڪچهري ۾ حاضري:

سائين رکيل شاهه جن جي ناهر جي شڪار جي خبر سندن پاءُ ميان عبدالنبي شاهه کي پيئي، معمول موجب جيئن سائين عبدالنبي شاهه جن وٽ ڪچهري ۾ حاضر ٿيا تيئن سائين جن سائين رکيل شاهه کي فرمايو ته توهان اڄ ناهر کي گهوڙي کان لتاڙائي ماري آيا آهيو. ادا! غريب ناهر ڪهڙو گناهه ڪيو. دوباره به

اٿين فرمايائون پهريائين پنهنجي اندرواري فاسق ناهر کي تہ ماريو. هن جانور کهڙو گناهہ ڪيو.

عشق الاهي جو رنگ:

جڏهن سائين رکيل شاهہ پنهنجي ياءُ سائين عبدالنبي شاه کان اهڙا درد انگيز ۽ نصيحت آموز قول ٻڌا تہ سندن دل و دماغ ۾ خوف الهيٰ ويهجي ويو، سڄي جسم ۾ گويا بجلي جي روگهمي ويئي، ساڪت ۽ صامت ٿي ويهي رهيا، خدا جي رضا لاءِ پاڻ کي وقف ڪرڻ جو عنديہ ڪيو. ان ڏينهن کانپوءِ دنوي ڌنڌن کي ترڪ ڪري، تلاش حق لاءِ سرگردان رهيا.

سائين ميان عبدالنبي شاهہ جي خدمت:

ان ڏينهن کانپوءِ هميشه پنهنجي ياءُ سائين ميان عبدالنبي شاه جي خدمت ۾ گذارڻ لڳا. اوچتو سائين عبدالنبي شاه سخت بيمار ٿي پيا، ان ڪري صبح و شام خدمت ڪرڻ سندن شيوو بنجي ويو. ايتري خدمت گذاري ڪيائون جو شمار کان ٻاهر آهي.

تلقين جي مڪان لاءِ واضح حڪم:

ميان عبدالنبي شاهہ ايتري خدمت گذاري کان متاثر ٿيو جو سائين رکيل شاهہ کي فرمايائون تہ اسان کي تلقين ڪرڻ جو امر ڪونهي. پنهنجي امانت حاصل ڪرڻ لاءِ شاهہ عنايت شهيد جي جهوڪ ڏي وڃ، پنهنجي امانت حاصل ڪر. جيڪو تنهنجي زندگي جو مقصود آهي، اهي لفظ چئي پنهنجي فرض ادائيگي پوري ڪري سائين ميان عبدالنبي شاهہ هن دنيا مان برقعو مٽايو. سائين رکيل شاهہ کي هن دور ۾ ياءُ جي وفات گهرو صدمو پهچايو، پر رضا الهيٰ تي راضي رهي تي ڏينهن رسم موجب پٽر ...ي عذر خواهي قبول ڪندا رهيا. چوٿين ڏينهن راهہ خدا ۾ خيرات ڪري، پنهنجي ياءُ جي ملبل حڪم موجب تياري ڪرڻ ۾ لڳي ويا.

سفر عشق:

سائين رکيل شاهہ بادشاهہ کي ان وقت پئسي جي نهايت تنگي هئي، پر حضرت عشق آرام ڪرڻ نہ ڏنو. نيٺ پنهنجن ٻچڙن کي پنهنجي سوٽ ميان حليم شاه وٽ ڇڏڻ جو مڪمل فيصلہ ڪيو پنهنجي پياري گهوڙي تي پنهنجي حرم پاڪ ۽ ٻچڙن سان سوارتي، سفرتي روانا ٿيا، هڪ بيابان جوپنڌ، ٻيو غربت، ڪائڻ لاءِ بہ ڪا شيءِ ڪانہ کنيائون رڳو ڪائڻ لاءِ ستون هئا، (ڪچي ڪٽڪ پُچي اُن جو اٽو) منزل بمنزل سفر ڪندي تعلقہ ميري خان جي ڳوٺ سجاول ۾ اچي پنهنجي سوٽ حليم شاه وٽ پهتا. پرائي گهر ۾ بار رهائڻ برداشت کان ٻاهر هو، مگر سفر عشق ۾ ايئن ٿي ڪرڻو پوندو آهي. بہ ٽي ڏينهن سجاول ۾ رهي. ٻچڙا پنهنجي سوٽ وٽ امانت ڇڏي، جهوڪ ميران پور ڏانهن راهي ٿيا جڏهن بي بي سائڻ کان موڪلائي رهيا هئا، ان مهل بي بي سائڻ کي ڪجهہ ماني پچرائي ساڻ ڪٽي وڃڻ لاءِ چيو، بي بي سائڻ جڏهن سائين رکيل شاهہ کان اهي لفظ ٻڌا، اوچتو اکڙين ۾ آب تري آيو ۽ عرض ڪيو تہ فتح پور کان وٺي ستن جي داٽن کانسواءِ ڪجهہ ڪونہ هو. ٻارن کي دلاسن تي ستن جي سهاري سجاول تائين پرمايو ويو هو. سائين جن خاموش ٿي ويا ۽ غمن جي درياءَ ۾ غرق ٿي ويا.

توڪل جا ترهو:

بي بي سائڻ ڪجهہ ستن جا داٽا سفر ۾ ڪائڻ لاءِ ٻڌي ڏنا. سائين رکيل شاه آسمان ڏانهن نهاري شاهہ نجف کي عرض ڪيو تہ ”اي نجف جا والي! تنهن جا ٻچڙا تنهنجي حوالي آهن. لجپال ٿي لڄ رکجانءِ ۽ نظر عنايت سان نوازيندو رهجانءِ“ ان کانپوءِ پنهنجي فرزند ولي شاه کي سڏي چيائين تہ ٻچا! ميان حليم جو ادب ڪندو رهجان، حڪم مڃيندو رهجان ان صاحبزادي جي شادي جو پڻ سعيو هو. ايترن لفظن ادا ڪرڻ کانپوءِ سفر تي اٿي هليا.

قدرت جو شان نرالو آهي سائين رکيل شاهه جي در تي لکين پلندا هيا، اڄ غربت جي گهوگهي ۾ خود سوگها هيا راهه خرچ لاءِ پئسو به ساڻ نه هوئن، کنهن به فرد کان گهرڻ دل گوارا نه ڪيو، توڪل ڪري پيادا سفر هليا ميان حليم شاه کين سفر لاءِ ڏهه رپيا ڏيئي چڙيا.

تڪليفن جي ابتدا ۾ روهڙي ۾ ورود مسعود:

سائين رکيل شاهه نئين ديري جي اسٽيشن تان سوار ٿي، روهڙي پهتا، سائين جهان الله شاهه جي درگاهه تي پهچي ان وقت جي سجاد نشين ميان علي اڪبر شاهه وٽ وارد ٿيا، سائين علي اڪبر شاهه سائين رکيل شاهه ڏانهن ڪوبه توجهه نه ڏنو، نه وري حال احوال ورتائون، ان ڪري واقفيت ڪونه ٿي، ڪچهري جي گل ٿي وڃڻ کانپوءِ درگاه جي خليفي کانئن حقيقت پڇي، سائين جن جواب ۾ چيو ته منهنجو ياءُ هن گادي کان تلقين ورتل هو، وڏو ڪامل درويش هو اُنهن جي وفات کانپوءِ جاءِ خالي ٿي پئي آهي، آءُ جهوڪ شريف طالب ٿيڻ لاءِ وڃان پيو.

خليفي حقيقت ٻڌي ڪلي ڏنو ۽ طنزا چيائين ته شينهڻي جي کير پيئڻ لاءِ شينهن جا ٻچا گهرجن، توهان وڃي پني کائو، سائين رکيل شاهه کي ڏک پهتو ۽ نااميد ٿي اتان اٿيا، ماني به کائڻ پسند نه ڪيائون، پاڻ سڌو وارمبارڪ جي زيارت ڪرڻ ويا.

وارمبارڪ جي زيارت ۽ سيوهڻ ۾ آمد، ڪوٽڙي پهچڻ:

جڏهن سائين رکيل شاهه وار مبارڪ جي زيارت ڪرڻ لاءِ پهتا، اتي هڪ پير کان لنگڙي بزرگ کي ڏٺائون جنهن سان ڏهه ٻارنهن ماڻهو ساڻ هئا، هيءُ بزرگ جهوڪ شريف جي خاص خليفي ميان نبي بخش جو پوٽو هو، مگر جن سائين جو ان سان ڪابه گفتگو ڪونه ڪئي جنهن ڪري ڪابه ڄاڻ سڃاڻ ڪانه ٿي، سائين جن روهڙي جي اسٽيشن تان سوار ٿي سيوهڻ لاءِ روانا ٿيا. سيوهڻ جي بزرگ لعل شهباز قلندر جي روضي تي پهچي زيارت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيائون دعا گهري موتي ڪشتي ۾ سوار ٿي سفر جو سانباهو ڪيائون. ان ٻيڙي ۾ هڪ مڙس ۽ سندس زال ٻه سوار هئا، مڙس زال کي چيو تہ ترس مان محمد فقير جي زيارت ڪري اچان هي ٻہ هنداڻا بہ نذراني طور پيش ڪريان سائين رکيل شاه بہ ان سان گڏجي فقير جي زيارت لاءِ روانا ٿيا. محمد فقير جنهن کان مولوي قادر بخش ڪاپاري وارو تلقين ٿيل هو، هڪ چنل ڪٽ تي اکيون ٻوٽيون وينو هو، تنهن هنداڻن کي هيٺ رکڻ لاءِ چيو ۽ لعل جي درگاهہ ڀيهر وڃ. ايترا لفظ چئي اکيون ٻوٽي وري استغراق ۾ هليو ويو، اهو مرد شڪارپور جو وينل، اولاد جو سوالي هو. ان مرد سان گڏجي سائين جن وري موتي ڪشتي ۾ سوار ٿيا، اتي ئي سيد پريل شاهہ سان ملاقات ٿين، جهوڪ جا پارپتہ پڇي ورتائون اهڙي طرح ڪشتي منزل تي پهچايو، شهر جي اسٽيشن تي وڃي ڪوٽڙي جي ٽڪيٽ ورتي، ان وقت ڪوٽڙي واري پل ڪونہ هئي جو ٽپي منزل تي پهچن. ان ڪري ٻيڙي تي سوار ٿيا، ٻيڙي واري کي ڪرائي ڏيڻ لاءِ پئسا ڪڍيائون، پر ٻيڙي تي سواري پار ٿيڻ کان پوءِ پئسن ڏيڻ لاءِ هڪ ماڻهو کين چيو، ان ڪري سائين رکيل شاهہ پئسن وارو رومال موتائي جيب ۾ رکيو.

عشق ۾ امتحان:

جيئن سائين رکيل شاهہ ٻيڙي (ننڍو جهاز) ۾ سوار ٿيا اتي هڪ بدمعاش ماڻهو بہ ويٺو هو، جنهن سائين جن وٽ اهي پئسہ اڳ بہ ڏٺا هئا. وقت جو فائدو وٺندي چور چور چئي سائين جن کي پاڪر پائي ٻيهي رهيا ۽ گهليندي ٻاهر ڇڪيو، کيسي مان پئسن وارو رومال ڪڍيو، اهو تماشو سيني ننڍي جهاز وارن اکين سان ڏٺو پر ڪنهن بہ نہ ڪڇيو تہ پرديسي سان ظلم ٿئي ٿو.

بدمعاش سائين جن کي پوليس جي اڏي ڏانهن وٺي ويو، ڪوڙي چوري جي تهمت هڻي سائين جن کي جيل ڏانهن اماڻيائون. ٻن پهرن جي قيد کانپوءِ سائين جن کي پوليس ڏڙڪا ۽ ڏمڪيون ڏيئي آزاد ڪيو ڄڻ تہ سائين جن واقعي چور هيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهوڪ جو سفر:

سائين رکيل شاهہ پوليس ٿاڻي کان ٻاهر نڪتا، ڪجهہ پنڌ تي مزورن کي ڪم ڪندي ڏٺو، انهن کان في سبيل الله ڪجهہ ڏيڻ جي گذارش ڪئي، هڪ چوڪري ڪيس هڪ آنو ڏنو. ان مان هڪ ٽڪي جي کنڊ عرف ٻورو وٺي ستون سان ملائي ڪائي پاڻي پيتو. هيءُ 12پهر بک ڪاٽڻ ۾ گذاري چڏياڻون، هڪ ٽڪو ٻيڙي واري کي ڏيئي درياءُ پار ڪري ٽنڊي محمد خان جي راهہ ورتاڻون. پنڌ ڪندي ٽنڊي محمد خان ۾ پهتا، هڪ هندو جي ٻڌائڻ تي سيد نظرشاه جي اوتاري ڏانهن روانا ٿيا، اوتاري جو دروازو ٽپي اندر پهتو تہ مجاور گهٽ وڌ ڳالهائي جتي لاهڻ لاءِ چيو. سائين جتي لاهي سيد نظر جي ڪچهري ۾ پهتا. سيد نظر شاهہ هڪ صندلي تي ويٺل هو تنهن ڪانئس حال پڇيا جڏهن سائين جن نظر شاهہ کي ٻڌايو تہ مان سيد آهيان، سيد نظر شاهہ چيو تہ سنڌ ۾ رڳو ٻہ گهراڻا لڪياري ۽ مٽياري سيد آهن، باقي ٻيا ڪوڙا سيد سڏائين ٿا. سائين جن کي سيد نظر شاهہ جي شوخ گفتاري پسند نہ آئي، ماني گهرڻ کان بغير واپس موٽي اچڻ کان اڳ ۾ رڳو جهوڪ شريف جو رستو پڇيو. سيد نظر شاهہ سامهون بيٺل وڻ ڏانهن اشارو ڪري چيو تہ اهو وڻ جهوڪ جي سڙڪ تي آهي، سائين جن انهيءَ وڻ وٽ پهتا اتي ٻہ جوان ڏناڻون پڇا تي معلوم ٿين تہ هڪ دينو پکي وال ٻيو سنگتي ذات جو نوناري هو. جهوڪ پهچائڻ جو واعدو ڪري دينو سائين جن کي هڪ ڳنڊ ڪلهن تي کڻرائي.

وات تي هڪ نار ڏسي اوڏانهن روانا ٿيا، سائين جن ڏي اشارو ڪندي نارواڙن کان دين محمد ماني جو ڊوڊو ورتو. اهڙي ريت تنهي ماني کائي پاڻي پيتو اڌ رستي ۾ نوناري موڪلائي ويو. باقي دين محمد ۽ سائين جن سج لٿي شاهہ ڪريم تي پهتا. شهر جي ٻاهران دين محمد جو پکو هو، دين محمد کي زال گهٽ وڌ ڳالهايو ان ڪري ٻئي پکي ۾ وڃي ويٺا. سائين جن شاهہ ڪريم جي ننگر تان ماني کائڻ لاءِ دين محمد کان موڪل گهري. پر دين محمد بہ ساڻس گڏ

ننگر لاءِ هليو. ننگر خاني ۾ ٻه ديگيون رکيون هيون. ننگر ورهائيندڙ درويش سائين جن کان حال پڇيو. حال ٻڌڻ کانپوءِ سائين جن کي ياڪرپائي ماني کارائي چيو ته اج رات جمعه جي آهي، سڄي رات راڳ هلندو، توهان هتي سمهو يا مسجد ۾. جتي اوهان جي دل گهري، سائين جن وضو ڪري نمازپڙهي وڃي مسجد ۾ آرامي ٿيا، صبح جو سوير موڪلائي جهوڪ شريف ڏانهن راهي ٿيا. رستي ۾ ڪين دين محمد مليوپري کان جهوڪ ۾ شهيد صوفي شاه عنايت جو روضو ڏٺائون، دل کي سڪون حاصل ٿيو. روضي ۾ داخل ٿي من ناربائون. جهوڪ شريف ۾ آمد ۽ صاحب طريقت وٽ حاضري.

بيعت:

سائين جن هڪ ڪٻڙ هيٺان پيل تڏن تي ويٺا، هڪ پير مرد کانئس حال احوال وٺي ويو ۽ سائين نوراني کي سائين جن جي ذات ۽ مقصد کان آگاه ڪيو. مڙيو ٿي ننگر تان ڪير پت کائي، سائين نوراني جي ڪچهري ۾ پهتا، پر سائين نوراني تي ڏينهن ڪوبه توجه ڏئي پڇا ڪونه ڪئي، آخر ٽئين ڏينهن ڪچهري ۾ داخل ٿيا سائين نورا ني رکيل شاه کي سڏ ڪري اتي ويٺا سائين رکيل شاه کي ياڪرپائي. پر ۾ وهاري اهل محفل کي سائين رکيل شاه جي متعلق وضاحت ڪندي چيو ته اسان سوا ڪسيري واري بزرگ جو سوا ڪسيرو ورهائيندا آهيون. هيءُ ان جو اولاد آهي. پاڻ ميان عزيز شاه وٽ مهمان ٿي رهڻ، ڪچهري ڪرڻ ۽ سوا ڪسيري واري جو ڪتاب نذرانه طور ملڻ بابت ڳالهيون ڪيون. رات جو سائين رکيل شاه جو هٿ وٺي هن ريت تلقين ڪيائون ته هيءُ ذڪر شب معراج کان رسول مقبول، بارهن امامن کان ٿيندو اسان وٽ بطورامانت پهتو. هيءُ سائين رکيل شاه جي سلسله قادريه عاليه جي بيعت هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وطن واپسي:

سائين عبدالستار نوراني، سائين رکيل شاهه کي بارنهن دفعه سورة مزمل هڪ ممبر تي ويهي پڙهڻ لاءِ چيو چند ڏينهن کانپوءِ سائين نوراني سائين رکيل شاهه کي رکيل سامان ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته هي سفر جو سامان اٿو. وطن وڃڻ جي اوهان کي اجازت آهي. سائين رکيل شاهه رڳو پنج رپيا کنيا، بچل فقير سان گڏجي جهمپير پهتا ۽ سائين جن کي جهمپير جي چاري واري پتڻ تي پار تپائڻ جو ڪم ڪيو. انهي مختصر سفر دوران بپهريجي وقت هڪ مجذوب کي جهنگل ۾ هي لفظ چوندي ٻڌا.

”جوان ته نئون سراڻ تي چڙهيو ٿو وڃي، خبر پوي ته لڪ لنگهي.“ سائين جن کي پتڻ تپائڻ کانپوءِ بچل فقير درگاهه ڏانهن موٽي ويو، سائين رکيل شاهه ڪوٽڙي اسٽيشن تان سوار ٿي نئين ديري ۽ اتان روانا ٿي محمود اوليا جي درگاهه تي اهل و عيال سميت پهتا، اهڙي طرح پنهنجي پاءُ غوث بخش وٽ نوشهري ۾ به ترسيا، جتي مجذوب جي لفظن موجب ميان شاهه ولي شاهه اوچتو بيمار ٿي پيو، ميندي لڳل هٿن سان هن دنيا مان موڪلائي راهي خالق اڪبر ٿيا. سائين رکيل شاهه شادي جو سامان ۽ پنهنجي فرزند کي کڻي فتح پور ۾ سوا ڪسيري واري بزرگن جي پير ۾ جاءِ ڏنائون.

مرشد لاءِ اُڪير ۽ جهوڪ جو سانباهو:

سائين رکيل شاهه، پنهنجي فرزند سائين ميان ولي شاهه جي وفات کان پوءِ چارپنج مهينا فتح پور ۾ رهي مرشد جي اڪير کان مجبور ٿي اڳي وانگر جهوڪ شريف ميران پور ۾ وارد ٿيا. سائين عبدالستار نوراني جي دربار ۾ جتنين واريءَ جاءِ تي ويهي رهيا. سائين عبدالستار نوراني سائين رکيل شاهه کي فتح پور ويهي سلسله رشد وهدايت جاري رکڻ جو حڪم ڏنو. سائين رکيل شاهه به ٽي ڏينهن جهوڪ شريف ۾ رهي، پنهنجي ڳوٺ فتح پور ڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسهيا. پاڻ دنيا جي تعلقات ترڪ ڪري مجذوبي حال ۾ فتح پور ۾ ڏينهن گذارڻ لڳا.

مجذوب عبدالعزيز جو سائين رڪيل شاهه جي ولايت بابت تذڪرو:

هڪ ڏينهن مجذوب عبدالعزيز ۽ سيد رحم علي شاهه صاحب سائين سوا ڪسيري واري جي مقبري جي زيارت ڪري نڪتا تيئن مجذوب فرمايو ته "هن هنڌ تي ڏاڍو رنگ لڳندو. سيد رحيم علي شاهه چيو ته سوا ڪسيري واري بزرگ کان وڏيڪ ڪير ٿيندو. ان تي مجذوب فرمايو ته منهن جي مرڻ کانپوءِ اهو رنگ جلوه بار ٿيندو. اهو اشارو سائين رڪيل شاهه بادشاهه ڏي هو.

مراقبه ۾ الهيٰ اسرار پسڻ:

هڪڙي ڏينهن پاڳ جي شهر پرسان قبرستان ۾ غلام محمد وڻجاري جي قبر جي پرسان. حافظ جيوڻ جي قبر جي پيرانڌي مراقبي ۾ هيا ته اوچتو سفيد ريش، بزرگ هٿ ۾ عصا جهليون بيٺو نظر آين. ان عصا جي مٿان هڪ ٽوپي تاج نما رکيل هئي ۽ ٻئي هٿ ۾ هڪ پيالو جنهن ۾ ان جا داڻا پيل هوا ان بزرگ سائين جن کي فرمايو ته ٻنهي مان جيڪا شيءَ اوهان کي پسند اچي اها کڻو، سائين هٿ وڌائي پيالو ورتو. بزرگ ٿورو اڳيرو وڌي سائين جن کي فرمايائون ته جيڪا مڏي تاج ۾ آهي اها اوهان نه ورتي. ايئن چئي غائب ٿي ويا.

جهوڪ ۾ آمد ۽ خواب جو تعبير:

ٻورن ڏينهن کانپوءِ سائين جن سائين عبدالستار نوراني جي زيارت لاءِ جهوڪ روانا ٿيا. مرشد جي زيارت ڪيائون سندن مرشد صاحب ڪريم خواب جو تعبير ڪندي فرمايو ته چڱو جو اوهان پيالو ورتو جيڪو ابدي لذت ۽ سڪون جو ذريعو هو. باقي تاج شهنشاهي جيڪو چند روزه ۽ فاني هو. هاڻي وڃي فتح پور ۾ ننگر ٻڌي جو ڪم ڪر. انشاءَ الله مشڪل ڪشائي پيالو قيامت تائين رهندو.

ڪيولي ٽڻن جي تلقين جو سائين رکيل شاھہ تي اثر ۽ وطن واپسي:

سائين عبدالستار نوراني ڪچهري ۾ جلوه فرما هئا تہ هندو خليفہ اچي سائين جن کي چيو تہ بني پانداري وٽ ڪتي مئي پئي آهي ڪوبہ ان کي باهر اڇلائڻ لاءِ تيار ڪونهي. سائين ورندي ڏني تہ توهان ڪيس اڇلائي ڦٽي ڪريو. ان ڪانپوءِ سائين جن ٻانهون ٻڌي عرض ڪيو تہ بني ننگر جو ڪم هندن جي بدران مسلمانن کي ڏيئي ڇڏيو جنهن تي سائين نوراني کي ڪاوڙ ۾ چيو تہ براءِ مهرابان پھريائين ڪيولي جا ٽڙ تہ ڏسو پوءِ وچ ۾ ڳالهايو.

بس سائين جن ان دڙڪي کان ايترو تہ پريشان تي ويا جڻ غمن جي درياھہ ۾ غرق تي ويا. جان مايوسي کان مرجھائجي ويئي ڪچهري جي گل تيڻ ڪانپوءِ سائين جن روضي مبارڪ تي ويا، زيارت ڪري آرام فرما ٿيا. انهي حالت کي ٻہ چار ڏينهن گذري ويا پوءِ سائين نوراني کان اجازت وٺي فتح پور ڏانهن روانا تي، خير سان ڳوٺ پھتا. سائين جن کي ڪيولي جي ٽڻ جي تلقين جو اثر ايترو تيو جو پاڻ کي خاڪ ۾ ملائي زندگي بسر ڪرڻ لڳا. چوتہ متي ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ذريعو ڪونہ هو جنهن جي ذريعي ڪيولي جا ٽڙ ڏسي سگهجن.

جهوڪ ۾ رسائي ۾ خلعت جو تحفہ:

سائين رکيل شاه ٻن سالن ڪانپوءِ جهوڪ ڏانهن راهي ٿيا. مرشد جي زيارت ڪيائون. سائين عبدالستار نوراني سڏي پر ۾ ويهاريو ۽ سارنگ فقير کي گودڙي کڻي اچڻ ۽ سائين رکيل شاھہ کي ان خلعت خاضره جي پھرائڻ جو حڪم ڏنو. سائين جن گودڙي مبارڪ کي چمي، اکين تي رکيو. سائين نوراني جن کين فرمايو تہ اسان فقيرن جو ڏاج گودڙي آهي. هاڻي اسان جا پويان پساھہ آهن. اسان جي پوين جي پارت اٿو. شهيد جي ميلي تان پيرو نہ پڇجو. سائين جن انهن لفظن تي روئي وينا ڏاڍو گريو ڪيائون. سچي

ڪجهري غمگين تي ويئي ٿوري دير ڪانپوءِ ڪچهري گل ٿي. سائين جن اٿي، روضي مبارڪ تي آيا. صبح جو سائين نوراني ڪان اجازت وٺي فتح پورڏانهن موٽي آيا.

مجذوب عبدالعزيز جي اشاري ڪيل جڳهه تي تعمير جو ڪم ۽ سائين عبدالستارنوراني جو برقعه متاثڻ!

فتح پورموٽي اچڻ ڪانپوءِ سائين جن چند طالبن سان گڏجي مجذوب عبدالعزيز جي اشاري ڪيل جڳهه تي بنگلن ۽ ٻين عمارتن جي تعمير جو ڪم شروع ڪرايو سائين جن عشق، مولا جي ذوق ۾ زندگي بسر ڪري رهيا هئا تہ اوچتو چند مهينن ڪانپوءِ سائين عبدالستارنوراني جي برقعي متاثڻ جي ڪين تار ملي انا الله واناالیہ راجعون. خبر ٻڌڻ شرط فتح پور ۾ واويلا مچي ويئي. ساعين جن کي غم و اندوهہ گهيري ويو، ٽي ڏينهن دستور موجب تعزيت ۾ رهيا آخري ڏينهن تي خيرات ڪري. جهوڪ شريف ڏانهن راهي ٿيا.

جهوڪ ميران پور ۾ آمد ۽ سائين غوث بخش شاهہ جي دستاربندي:

سائين رکيل شاهہ جهوڪ شريف ۾ پهچي، سائين نوراني جي عذرخواهي سندن فرزند سائين غوث بخش شاهہ سان ڪئي. اهڙيءَ طرح ٽي ڏينهن جهوڪ شريف ۾ گذاريائون، روزانہ شاهہ شهيد ۽ سائين نوراني جي روضن جي زيارت پڙ ڪندا رهيا آخري ڏينهن تي سائين نوراني جي وڏي فرزند الضرام سائين غوث بخش شاه صاحب جن جي دستاربندي ڪرائي سائين جن نوراني مرشد جي ظاهري وڇوڙي تي، درد و غم جي باعث ڪافي ڪلام چيا. جن ۾ دوهيڙا، بيت، سي خرفيون ۽ ٻيا ٻول بہ شامل آهن.

فتح پورواپسي، ڪچهرين جو اهتمام ۽ رضاءِ الاهي جي ڳولا:

سائين رکيل شاهہ رسم دستاربندي ادا ڪرڻ ڪان پوءِ فتح پور واپس پهتا، روزانہ ٽن ڪچهرين جي اهتمام ۾ مشغول ٿي ويا

(صبح، شام، رات) لکين ماڻھو طالب ٿيندا رھيا، جن ۾ ڪڇي ڪوھستان، سنڌ ۽ پنجاب جا ھزار ھا ماڻھو ھيا. سائين جن جھنگل بيابان ۾ وحڻ چڙي ڏنو بلڪ مرشد ڪريم جي ڪيل ھدايت موجب فتح پور ۾ وقت گزارڻ لڳا. رات جو ھميشہ محفل، سماع ٿيندي ھئي جتي پاڻ رضا الھيٰ جي طلب ۾ رھيا ۽ طالبن کي شربت حقيقي سان اڄ ۽ پياس ڪان آجو ڪندا ھئا.

معمول، زندگي ۾ روحاني انقلاب ۽ ميڙي تي حاضري:

سائين جن ھاڻي دعوتن ۽ فيصلن لاءِ ڪڏھن بہ پنھنجو ديرو (فتح پور) ڪين ڇڏيندا ھئا، درگاھ ۾ حاضر رھڻ سندن عادت ٿي ويئي. رات جو محفل، سماع ۾ ڏھ، ٻارنھن ڪلام ٻڌي. پوءِ بنگلي ۾ ويندا ھئا. مرشد جي فرمان موجب ھر سال مھيني صفر جي16 تاريخ تي شاھ شھيد جي ميڙي ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ نذرانہ عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ حاضري ڀريندا ھئا. واپس ٿيندي رستي ۾ پيارن طالبن جي دعوت ۾ شريڪ ٿي کين سعادت بخشيندا ھئا. سائين جن پھرين ميڙي تي پنھنجا صاحبزادا ۽ ويھارو کن فقيروني ميلي ۾ شراڪت جي سعادت حاصل ڪئي. ھن ميلي ۾ شرڪت لاءِ ريل جي ذريعي آيا. ٻين بزرگ فقيرن وانگر سائين جن ٻاري ناھڻ جو حڪم ڏنو ھميشه ميلي تي ان ٻاري ۾ رھندا ھئا.

وطن واپسي، مسجد جي تعمير ۽ طبيعت ۾ ناسازي:

سائين رکيل شاھ نوراني فتح پور واپس پھچي، مسجد شريف جي تعمير جو ڪم شروع ڪرايو جيڪا چِٽسالي ۽ گلڪاري سبب سڄي بلوچستان ۾ مشھور ٿي ويئي. نيلن گنبدن ۾ گلڪاري تي ھزارين روپيہ خرچ ٿي ويا.

سائين جن کي چار شھزادا ھئا، 1۔ سخي سائين ميان عبدالغني، 2۔ سخي سائين محمد ڪامل شاھ، 3۔ سخي سائين ميان معصوم شاھ، 4۔ سخي سائين مجدد امام سائين چيزل شاھ جنھن بابت سانوڻ مجذوب ۽ ٻين فقيرن فرمايو ھو تہ ھيءَ شھزادو وڏي ڏيا، برڪت وارو ۽ مجدد امام ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن سائين رکيل شاهه جي طبيعت ناساز ٿي پئي، پنهنجن مريدن کي فرمايائون تہ اج شهزادو چيزل شاهہ منهن جي پاران ڪچهري ۾ منهنجي جڳهہ تي ويهندو.

پاڻ فرمايائون تہ "مون ۾ ۽ چيزي ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي، جيڪو اسان ۾ جدا ٿي سمجهندو، اهو قيامت ڏينهن اسان کان جدا هوندو. سائين جن سائين چيزل شاه کي پيار مان چيزبہ ڪري سڏيندا هئا.

هاڻي روز بروز سائين جن جي طبيعت نيڪ ٿيندي ويئي. پنهنجي پياري شهزادي کي چوڏهن سالن جي عمر ۾ چاليهي ڪڍڻ جي رياضت جو حڪم ڏنائون، جيڪو سائين چيزل شاهہ صاحب ڪاري ڪوٺي ۾ ويهي، بنا کاڌي پيتي، سواءِ ڪوٺي کان ٻاهر نڪرڻ جي رياضت جي تڪميل ڪئي.

سائين چيزل شاهہ جي بيعت جو امر، آخري ميڙي جي حاضري:

سائين رکيل شاهہ وٽ جيڪو طالب آيو ٿي، ان کي سائين چيزل شاه جي بيعت جو امر ڪندا رهيا. اهڙيءَ ريت سائين رکيل شاهہ پنهنجي بيعت جو سلسلہ بند ڪري ڇڏيو. سائين چيزل شاهہ چاليهن ڏينهن جي رياضت کانپوءِ هميشہ سائين رکيل شاهہ جي حاضري ۾ رهندا هيا. سائين جن کين بنگلو بہ الڳ نهرائي ڏنو هو. سائين رکيل شاهہ دستور موجب ٻي سال ميلي تي تيار ٿيا. سڀ صاحبزادا ۽ فقرا ساڻ ڪري شاهہ شهيد جي حاضري ڀريائون سائين جن صاحبن ڪريمن کي چيو تہ "قبلا! اسان جو جهوڪ شريف اچڻ ۽ ڦيري پائڻ جو آخري موقعہ آهي." جڏهن سائين جن اهي لفظ فرمايا، سيني فقيرن ۾ روج پئجي ويو. صاحب ڪريم بہ مغموم ٿي ويا.

وطن تي ورڻ، برقعي مٿائڻ جي مڪمل تياري:

صاحب ڪريمن کان موڪلائي، خير سان فتح پور ۾ وارد ٿيا، ڪمزوريءَ سبب طبيعت ناساز ٿي پئي، ڏينهون ڏينهن بگڙندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئي. سائين جن وٽ سڀ صاحبزادا موجود رهڻ لڳا. آخر تاريخ ستين ماهه ربيع الاول تي موڪلائڻ جي تياري ڪرڻ لڳا سجاده نشين سائين چيزل شاهه کي فرمايائون ته ”ابا، هاڻي اسان جا پويان پساهه آهن. دنيا جي درپيش ايندڙ تڪليفن کي مڙس ٿي، منهن ڏجانءِ جهوڪ ميران پورڪان پيرو نه پيچجانءِ ايترو چئي عصر ويل 7 ربيع الثاني 1359 هجري مطابق 17 اپريل 1939ع جمعرت رهلت فرمايائون انالله وانا اليه راجعون

سائين جن جي ڪل عمر 97 سال هئي، سچ اپرڻ ڪانپوءِ سائين جن کي غسل ڏياري روضي جي والي کي روضي ۾ جڳهه ڏيئي، غم ۽ ڏک ۾ غرق سڀ صاحبزادا ۽ فقرا موٽ آيا. شهزادو مٺي جي ٿلهي تي ويهي رهيو. هاڻي روضي جي ڪم کي تيزي سان تڪميل تي پهچائڻ جو ڪم جاري ٿي ويو. روضي جو ڪم اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. روضي تي روشني ڪرڻ لاءِ اڳ ويهه هارس پاور جو موٽر لڳايو ويو هو هاڻي واپڊا جون لائنون اچي ويون آهن ڪمانن ۽ مرغولن تي لکين روپين جو خرچ ٿيو.

سائين چيزل شاهه جي سجاده نشين ۽ سائين رکيل شاهه جو ميلو:

سائين چيزل شاهه، جيڪو جمندي جام هو جنهن جي بزرگيءَ جون اڳ ڪٿيون ٿي چڪيون هيون سجاده نشيني جي دستار پهري، هر ماهه ستين تاريخ تي ميلي ڪرائڻ ۽ ساليانى ميلي جو اعلان ڪيو. پهرين ساليانى ميڙي تي لکين ماڻهو عقيدت ۽ احترام سان پهتا. جن کي جاءِ تي ويني ننگر پاڻي مهيا ڪيو ويو.

اٿين سائين چيزل شاهه جا پڻ هزارين طالب ۽ مريد ٿيا، نيڪ سائين جن به راهه رباني ونى محبوب حقيقي سان مليا. اهڙو احوال سندس ڪلام بحرالعميق ۾ تحرير ٿيل آهي. سائين چيزل شاهه کي ٽي فرزند آهن.

1- سائين صادق علي شاهه جيڪو موجوده سجاده نشين آهي.

2۔ سائين علي حيدرعلي شاھ
3۔ شهيد سائين علي اڪبر شاھ

اج ڏينهن تائين سجاده نشين حضرت سائين صادق علي شاھ صاحب پنهنجن بزرگن وانگر لنگر چالو رکيو آهي ۽ هر روز صبح شام ڪچهري رات جو سماءُ. چنڊ جي هر مهيني جي ست تاريخ تي سڄي رات روضي ڌڻي تي راڳ و يراڳ ۽هر سال مارچ مهيني ۾ وڏو ميلو لڳرائيندا آهن جن ۾لکين عقيدت مند شريڪ ٿي سعادت حاصل ڪندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام شريف

ڪافيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرشام ڪلياڻ ڪافي 1

ٿل متائي ويس سو ذاتي، عجب انسان ۾ آيو

1 احد ۾ ميم ڪيوءِ شامل، هو ڪو هر جاءِ هليو آهل
حيدر هسوار جئن دلدل، اچي اسد الله سڏايو

2 آيو انهي شوق جي شعلي، اناالحق پاڻ پيو ٻولي
ڪيائين منصور کي اولي، ائين هو روح جو رايو

3 لڳيون غم سوز جون لوهان، دکايم درد جا دونهان
عاشق ٿيا سير جا سونهان، جنهين سمجهيو تنهن پايو

4 لڳو اچي نينهن جو نعرو، فتح پور ۾ فقر سارو
رکيل- لڏو چڱو چارو، چمي چشمن مٿي چايو

سرشام ڪلياڻ ڪافي 2

ٿل ڪيئي ظاهر ظهوروتو، هلي ڪيئن عشق سان اتڪل

1 ڏسن سالڪ سي سر سمجهي، ويا وحدت منجهه ونگجي
لڪڻ کون هو ويا لنگهجي، ٻڌائي دوست تو توڪل

2 آيو انسان ۾ اولي، اتي ير ۾ ڏسج ڳولي
ڏسن عاشق اکيون کولي، دمن سان درد جي منزل

3 جاتي تو پاڻ سامائين، اتي وري رنگ تو لائين
هنون هلي هت آئين، ڪرين تو موج ڏيئي، اچل

4 رکيل- سان هي رکيئي رايو، پرين توسان پيچ مون پايو
اڱڻ منهنجي اديون آيو سدا آئين منهنجا سانول

سرشام ڪلياڻ ڪافي 3

ٿل گهوريان ٻن سيج سمهڻ کي، ڪريان جند جان قرباني
1 جنهن جاتو تنهين پايو، ٻڏي سندرو ڪيم سعيو
ڏسان عربي اڳڻ آيو، شافع تون شاهه شاهاني
2 ڏنو سين ٻيو نہ ڪو چارو، مگر سيد سو سونهارو
مڃي تو ملڪ جڳ سارو، نبي سر نور نوراني
3 رليو هي نفس توراٽي، جتي جاڏي ڇڪيون تاٽي
الله هڪ پاڪ تو جاٽي، ڏسان ديدار دل جاني
4 وڪوڙيم عشق ٻيون واهان، ڪيان شب روزتي دانهان
ٻڏن کي ڏيئي اچي ٻانهان، مدد تي غوث صمداني
5 جڏهن جانب پاتي جهاتي، بدن منهنجو ڇڪن ڇاتي
”رکيل“ سان لون سجڻ لاتي، اچي ٿيو راز رحماني

سرشام ڪلياڻ ڪافي 4

ٿل اوکي هي عشق ڪي منزل، ڪنهين دي پيش نا آوي
1 سدا سختي هي سر عاشق، ڪجا فرحت نمي بينم
خانہ عشق اي ويران، ايوين شب روز غم کاوي
2 سچا رستا تي پنڌ ڏوڙا، تتي سر اوچتي آيا
وچ سچ دي لذم سانول، ڪري پوجا تہ قل پاوي
3 عجب هي عشق ڪي لذت، ڪفر اسلام حق هڪ هي
توڙ ڏئي ڪون هڪ دل تي، جٽيا ڪوئي عشق ڪا پاوي
4 ”رکيل“ اسرار هي هر دل، اهو انوار ديکا ٿا
هوءِ هو ٿياول هو، ايوين اثبات ساماوي

سرشام ڪلياڻ ڪافي 5

ٿل رڪيل جي شوق محبت جو، پنهنجو ڏس پاڻ ۾ پيهي
1 ڪٿي عاصو ڪٿي ڪوزو، ڪٿي مسجد ڪٿي سجدو
پاسي ڪر غين جو نقطو، اهو آن عين ڏس ويهي
2 عجب انصاف هي عبرت، اوري منصور جي ڦاهي
اجان اڳتي ٿيا راهي، اتي ڦيل قال نان ڪيهي
3 واحد وجود ٿيا وحدت، وڃي واصل بقا بالله
هٽن دم هو هڪوالله، رڪيائون ڏيان ۾ ديهي
4 ”رڪيل“ هي مام جي مشڪل، نباهڻ نينهن ٿيو نازڪ
نہ جاڻج خلق جي رسوا، ناهي تنهنجو ڏيهہ پر ڏيهي

سرشام ڪلياڻ ڪافي 6

ٿل ڪهڙي ڪيان ڳالهہ هي ڪوڙي، پنهنجو مان پاڻ نٿو جاڻان
نان مسلمان نان ڪافر، اتي ايمان ڪيئن آڻيان
1 پڳي لافي سندي ڪڙ ڪڙ، اُتي نئين عشق وڏو اوجهڙ
جتي آهي درد جي دڙبڙ، اتي محبوب جا ماڻان
2 ڪٿي ملت ڪٿي مذهب، چڏڻ مشڪل اچي ٿو عجب
صوفي جو سير وڃي ٿيو سپ، ڏسڻ لامڪان جا ٽاڻان
3 نان مسلمان نان ڪافر، ڪٿي ايمان نان خبر
عجائب عشق ٿيم رهبر، اتي وڃي درج ٿيا داڻا
4 چني ڦاهي چني چڪوا، ڏٺي ڪي دور چڏ تقوا
ڏسڻ هڪ جو نہ ڪر بڪوا، وسن سي برهہ جا پاڻان
5 جتي موجود ٿيو منور، چپي ڪيئن عشق جو اوبر
لڌم دل ۾ پرين دلبر، سمجهي ڏس تون ”رڪيل“ سياڻان

سرشام ڪلياڻ ڪافي 7

ٿل عجائب عشق وا٘ن جون، خطيبن جون سٺو خبران

1 پهِلي تختي پڙهن بي تي، تنهن شابس سچي سڪ سي
لهن لوچي پرين هڪ کي، رهيون زيرون اتي زبران

2 جنهن پاتي اتي جهاتي، لنگهيا ظلمات ٿيا ذاتي
بقا بالله رهيا باقي، باراني عشق جون اَبران

3 حقيقت ۾ هلي هو لنگهيا، سنجاڻي دل سچي سمجهيا
ڏسن عُشوا تنهنجا غمزا، تبرڪ آ تنهن تبران

4 خودي هستي نتو ڪائين، "رڪيل" تون پول تو پائين
ڳالهيون مردن سنديون ڳائين، سڃاڻ سي تنهن قبران

سرشام ڪلياڻ ڪافي 8

ٿل ناهي سمجهڻ سنجاڻ جي، ڪجي ڪيئن عشق جي معنيٰ

1 بحر بيچون بيرنگ جي، ڏسي ٿيا موج مستانا
لڙهيا تنهن لهر ۾ لائق، ڪيا تنهنجي درد ديوانا

2 اِهو اسرار نامعلوم، دل دستور داستانا
ڪن تقرير هي طالب، لدني علم مئخانا

3 شمع جي شعاع تي ڪاهيون، ڪيو پرواز پروانا
پتنگ اُهي پيا پچن، جلن سي جوش ۾ جانا

4 ٿيڻ منصور آهي مشڪل، ٽوڙي هستي تي بيگانا
"رڪيل" هي رمز ڏس کولي، برهه جو باب بوستانا

سرشام ڪلياڻ ڪافي 9

ٿل ملڻ محبوب جو مشڪل ڏجي سر عشق ۾ آٽي
نسنگ ٿي نينهن ۾ نانگو، تڏهن وجي ملڪ هو ماٽي
1 اندر ۾ ڏيان اِهو ڏر، صفا ميدان دل جو ڪر
لوچڻ پاجهون نہ ٿينديں سرِ، حجت چڏ هوت سا هاٽي
2 اچن ٿيون برهہ جون باهيون، متي عُشاق سر ڪاهيون
ليڪو لافي سندو لاهيون، پنهنجو رنگ پاڻ منجهہ جاٽي
3 پيئن وحدت سچي سرڪي، ڳالهائڻ مرد هو مرڪي
پائن سرتاج هيءَ ترڪي، آيا سي عشق جي ٿاٽي
4 ”رکيل“ سان لنئو پرين لاتي، پيجي اولو پاتم جهاتي
بقا جو ملڪ ڏس ذاتي، وڏائون رمز سان راٽي

سرشام ڪلياڻ ڪافي 10

ٿل لڳو سي نينهن سان ناتو، ڪفر ناهي مسلماني
وتي سي وات وچ واري، ٿيو سي سير سبحاني
1 اگڻ هل هل پسان گل گل، جسم جند جان سپ جاني
گهي سختي گهي مستي، گهي آ راز رحماني
2 تن تسبيح من مصلو، پڙهي تڪبير ٿي ثاني
دائم نماز تن دل آهہ، سجدو پاڪ پيشاني
3 اناالحق چئو اناالحق چئو، مستي سرمام مرداني
اگر سالڪ سڏائين تو، سچو ٿي يار يزداني
4 آئينو عشق منجهہ سيني، لڌم رخ يار جو ثاني
پائي جهاتي ڏنم سهڻو، جيئن يوسف سو ڪنعاني
5 ”رکيل“ ڳجهہ سان لڌءِ ڳولي، پائي ليئڙو اندر چولي
سارو سر پاڻ تو بولي، ڪيو مان سان مهرباني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرشام ڪلياڻ ڪافي 11

ٿل وچن منزل يڪي ڪاهي، عشاقن جي اڳيون چاهي
1 ڪنهن ووڙيو ورهن ۾، ڪن ڪي داد ٿيو دم ۾
پائي جهاتي ڏنم من ۾، لاڳاپا لوڪ جالاهي
2 ٻڏي سندرو سچي توڪل، پڳائون عقل جي اٽڪل
وجي ٿيا راز ۾ رلمل، پيچي هستي چڏن ٻاهي
3 جبل ڏونگر ڏسن ڏوري، سڪ کي نزديڪ پنڌاوري
گهوري سريار تون گهوري، توٽي چڙهندا وجي ڦاهي
4 جهڙي رحمت تيهي لعنت، ڪهڙي ڪاني ڪيهي قدرت
”رکيل“ ڏس حال منجهه حيرت، مستي منظور ڏس ڏاهي

سرشام ڪلياڻ ڪافي 12

ٿل هجان هر دم ائين هيڪل، حسن جي سير ۾ جل جل
1 پائي جهاتي ڏنم چوري، ڳجهو آيو راز سر زوري
جياپو جان جي جهوري، چشمن چور ڪيو چل چل
2 ٻڏي سندرو گهرڻ ڪاهي، هستي بوتو پيچڻ چا هي
لاڳاپا لوڪ جا لاهي، ٿيا سي راز ۾ رلمل
3 پائي جهاتي اندر چولي، لڌم هڪ کي سدا ڳولي
بولي هي پاڻ ٿو بولي، سمايو اه اچي سانول
4 عجب گلشن گل لالا ”رکيل“ کي عشق ڪيو اعليٰ
ٿيم حضور حق تعاليٰ، پريٖنءَ جي پور ۾ پلپل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر شام ڪلياڻ ڪافي 13

ٿل وڃي ٿيس درد ۾ داخل، ڏنم درياهه ٿو ٻوڙي
نڪو سنگت نڪو ساٿي، لاڳاپا سڀ ڇڏيم توڙي

1 اهڙي آويڙجي ڪن ۾، ڏسڻ سان جان ٿي ٿڙڪي
نه ڏج دل ٿي چوي توڪل، مٿان محبوب منهن موڙي

2 پنهنجي اندر ۾ پائي جهاتي، ڏنم درياءَ ڏکيو ڏک جو
نه ڪا صحت نه ڪا فرحت، جسم ۾ جاءِ ٿو جوڙي

3 پورڻ انهي موج ۾ مشڪل، لڪين عاشق پيا ڪاڇن،
نه رک سانگو انهي سرجو، خطرا خوف ڇڏ ڇوڙي

4 ”رکيل“ ٿي راز جو سونهون، حقيقي حال ڪون واقف
پيئي ٿي سوز جي سرڪي، لهي لاهوت ڏس لوڙي

سرشام ڪلياڻ ڪافي 14

ٿل جا ٿي ڪيا عشق افسانا، عقل اتي ٿيا ڪندو معنيٰ

1 عقل ايمان ڇڏيم اوري، اتم ڏنم عشق کي توري
ڪيم سر شوق تان گهوري، پڙهان لک وار شڪرانا

2 نه ڪا اتم طلب دنيا جي، نه خواهش بهشت حورن جي
سچي اتم ڳالهه سورن جي، ڳجها عاشق ٻڌن ڳانا

3 منارو عشق منور جو، ڏٺو سين دل ۾ دلبر جو
صفا ڪر قلب جو هجرو، پيئو سي شراب مئخانا

4 صفائي صاف صوفين جو، ڏسڻ هر رنگ پرين پنهنجو
”رکيل“ هي سر نه ڪر سهنجو، بقاءَ ۾ عشق آستانا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر شام ڪلياڻ ڪافي 15

ٿل گهي مجنون سر گردان، گهي اسرار رهبر هون
دلي ديدار از دائم، ڪ وقتي خود قلندر هون
1 نهاني نقش اي دلبند، ڪي پيچي عشق افضل هون
مين آيد لذتي هر دم، ڪ ازتو ناز پرور هون
2 شدم مسرور در محبت، سري اسرار واحد هون
ڪ مئخانا دلي جانا، ازان شاهي ڪ اڪبر هون
3 سري من زور شد دَرَدِيَ، تماشا ذات عبرت هون
حجابي تن صفا ديدم، ڪ وجہ الله سي انور هون
4 ”رکيل“ چون ڪعبئہ وردم، ڪجا دوارا ڪ مسجد هون
نميدانم نميدانم، بسي محنت ڪم مندر هون

سر شام ڪلياڻ ڪافي 16

ٿل نہ هوتي دل ميري تسلي، ڪہ ڪب ملسي سجن پيارا
1 نہ ٿيا ديدار هڪ واري، نہ ڏٺم بخت هي ياري
گِئي پٿيندي عمر ساري، ڪڏان ويکان حسن سارا
2 ڪيهي ڪم باغ بهشتين دي، دلبر ديدار بن تيڏي
حوران غلمان سو صدقي، جڏان ڏيسي پنهل وارا
3 تتي دي چاڪ هي چولي، ملڻ واعدا ڪيتئي بولي
جڏان ويکان پنهل جهولي، تہ هر رڳ هوءِ هبڪارا
4 وڪوڙيم عشق سب واهان، ”رکيل“ ديان روزهي دانهان
بنان دلبر تيڏي ناهيان، نهين درڪار ڪجه مارا

سرشام ڪلياڻ ڪافي 17

ٿل سڄڻ تنهنجي سوز ۾ سانول، گھونگھٽ کولي نہ ٿي اولي

1 ائين وَنَحنُ چئي اَقرَبُ، مِنُ حَبلِ الوَرِيدِ رڳ
ڏسان توکي روز روزن شب، سدا وحدت منجھون ڳولي

2 حسن جي فوج چوڌاري، ڏسان جابر ڪريان زاري
خوشي غم ۾ ويم ساري، پون ٿا چاڪ منجھہ چولي

3 لڳي تنهنجي نوڪ متوالي، چڙي سي ملڪ جي چالي
ناهيون دم خوف کان خالي، آيا سي عشق جي ٽولي

4 ماري هي محب جي ماٽي، لڳي جن سان سوئي ڄاٽي
”رکيل“ سان هوت مل هاٽي، اجا چو ٿو پرين رولي

سرشام ڪلياڻ ڪافي 18

ٿل هميشان عشق داماتم، نهين تان واند هڪ تلدي
برهہ دي باهہ ڏيوي پڙڪي، تان جند جان پئي جلدي

1 درد دي شور وچ هو وان، ڪران هئي هئي پٽان رووان
هنجهون دا هار ڳل پووان، لکي تقدير نا ٽلدي

2 ازل داڪات پيا ڪڙڪي، جسم وجود تان ٿڙڪي
اُتي سوريءَ سر لڙڪي، حجت حاجت نهين هلدي

3 وڇوڙا فراق سرباري، ڳئي غم دي عمر ساري
ڪران فرياد سو واري، نہ ڏيندا يار ڪا ولدي

4 عشق بدنام ڪيتم زوري، دروني جگر وچ جھوري
وس بيوس ٿيم چوري، خلق ساري پئي کلدي

5 ”رکيل“ دا قول سچ سارا، عجب و حدت ڏٺم وارا
لڳاهي نينهن دا نعرا، الستي تانگھہ پلپلدي

سرشار ڪلياڻ ڪافي 19

ٿل چٽاسي ڪفر مذهب کون، ٿياسي فنا منجهہ فاني
نا مسلمان نا بانيڻ، ڪيم دل عشق ديواني
1 ڪلر ڪيري متي پايان، نہ جاڻان پاڻ ڪجهہ آهيان
وڃائي وجود ڏک پايان، پڙهايم برهہ هيءَ باني
2 گهي جٽيو ڳچي پايان، گهي قرآن ڳل لايان
الائي ڪين مان چاهيان، نڪو اتم نام نيشاني
3 ڇڏيم هستي خودي ماري، ڪري پٽمال هڏ ڳاري
اٿين تو عشق اوجاري، هميشہ درد دل جاني
4 مشڪل مام هيءَ سمجهڻ، پرينءَ جي پنڌ جو پرجهڻ
صفائي قلب جي گهرجڻ، تہ روشن رمز روحاني
5 ”رکيل“ هدايت حڪايت ۾، بلاو اصل ولايت ۾
ڪري آري عنايت ۾، لڏوسي يار لاثاني

سرشار ڪلياڻ ڪافي 20

ٿل صفائي قلب جي ثابت، يقين يار تي آٽيان
بنا عشق مولا جي، ڏئي ڪجهہ ڪين تو ڄاڻان
1 بحر بيچون بيرنگ جي، سڏ سالڪ لهن ساري
سنڃاڻن ٿا سچي دل کي، حج ڪعبو آ دَر داڻان
2 ماري مشرڪ ڏئي وارو، رک ناشرڪ شيطاني
حقيقي حال ٿيم حاصل، لکيو تقدير هي پاڙيان
3 نڪا حاجت حجت هستي، امر کي ڪير تي آڏو
سمجهڻ ڳالهہ مشڪل ڳجهي، غفلت غير کي ساڙيا
4 ”رکيل“ رهہ رمز تي پورو، ٿيءُ ناوار هڪ واندو
الستي آواز پيو ڪن تي، اُهو وڃي ملڪ تو ماٽيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرشام ڪلياڻ ڪافي 21

ٿل ڏسي جلوو جانب جو، ڪيئي پيا نياز سان نوندا
شمع جي شعاع تي ڪاهيون، پتنگ وانگي جيئڻ پوندا
1 عشق جي آڙاھ منجھ اوڪا، عاشق سوريءَ مٿون سوڪا
قلمون لوح جي لکيا، پاڙيندا سور سيئي سهندا
2 عجب عاشقن سندي عادت، خرش خوراڪ تن وحدت
نياڻن نينهن سان نوبت، حقيقي رمز منجھ رهندا
3 سچو سجدو وضو ساري، قضا ڪن ڪين وقت تاري
لڳي تن لنو هڪ واري، جلن سي جوش دل ڏوندا
4 لاڳاپا ٿيا صفا لاهي "رڪيل" عاشقن وجن ڪاهي
وڏو ميدان دل ناهي، طبق چوڏهن هنڌ ٿيندا

سرشام ڪلياڻ ڪافي 22

ٿل جي درويش ٿين وولا، فڪر فاقيو فهم اهو ٿي فيض جي فرمان ۾
1 هتون ويندين دم گذاري، سوپ اهاتي ويھ سنياري
عاشق چڙهيا نينهن نظاري، گوشي ٿيا گذارن ۾
2 اتڻ ويهن قيد جڳائي، ڪائڻ سمهڻ ڪوڙا اجائي
ڪوڙي دنيا ڪوڙ وڏائي، موت جي ارمان ۾
3 ظالم ٿي انسان رنجائين، سو ثواب رضع نه پائين
حج اتي هڪ دل رهائين، قول اهو قرآن ۾
4 پاڪ مشائخ مير ڪونائين، رڪيل آهين پير سڏائين
گهٽ تون جاپين وڏ سهائين، رهه حيرت جي حيران ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر شام ڪلياڻ ڪافي 23

ٿل ڪنهن سان سينو ڪهڙو ساهيون، جيئن ڪو سمجهي اُوئين آهيون

1 ڪڏهن ننگ چور شرطي هون، ڪڏهن واپار پرتي هون
ڪڏهن سچ عشق ترڪي هون، ڪڏهن منجهه ناهه جي ناهيون

2 مڪر ۽ ڪوڙ تا چاڻن، عقل هو نفس ڏي تاڻن
عاشق ميدان تا ماڻن، وڃن تا ڪيچ ڏي ڪاهيون

3 رضا راضي متون ترجي، هوئڻ هر رنگ ۾ گهرجي
خزانو عقل جو ڦر جي، خودي هستي وڃن ڍاهيون

4 ڪڏهن خلقيا آهيون خالق، ڪڏهن توحيد جا مالڪ
ڪڏهن منجهه سمجهه ۾ سالڪ، حوا آدم نه جاياهون

5 "رکيل" هن درد ۾ دم دم، وڃي قطرو پيو قلزم
هلايا عشق هي ها غم، مچائن برهه جون باهيون

سر شام ڪلياڻ ڪافي24

ٿل رخ ناز پريا، دل جاني دا، جاني دا، دل جاني دا

1 ول ول آون جهاتيان پاون، ادب عجب هويا انساني دا

2 آون عُشاق ڪرن ول عيدان، جلوا ويک جيلاني دا

3 چڙهه چڙهه موجان سر تي آون، سير هويا سطاني دا

4 سئي سئي "رکيل" نون ڏيون مبارڪ، لوڪ سارا لاثاني دا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرشام ڪلياڻ ڪافي 25

ٿل ڪڏهن ملندين پرين مان سان، مئي دل کي جياريان ٿو
نہ ورندي ڪا وڇوڙي جي، عمر اهنجي گذاريان ٿو
1 سڙي جيئڻ خاڪ ٿيان ڪيري، هڏ هي ماس سر ڍيري
تون واهر منهنجو ويري، ڳجهہ ۾ پاڻ ڳاريان ٿو
2 سنڌو نان سور ڏين وارو، ماري ٿو سخت مونجهارو
ٻاجهون تنهنجي نہ ٿم چارو، سدا توکي سنڀاريان ٿو
3 وساريم جڳ اهي ٻيئي، جدائي يار ويم ڏيئي
دروني منجهہ وڌم ديهي، تہ ٻاهرنان نهاريان ٿو
4 رڳن جو راڳ هو تاران، پون ٿا چاڪ دل قاران
لذت وحدت صبر ساران، ”رکيل“ پاڻ کي پچاريان ٿو

سرشام ڪلياڻ ڪافي 26

ٿل توڙيا سي عقل جا جهڳڙا، نہ ڪنهن مذهب ملايا هون
ڏنوسي دين دلبر جو، نہ ڪنهن ملان پڙهايا هون
1 خضر استاد ٿيو منهنجو، پياريائين جام وحدت جو
طالب مطلوب تان هڪ هو، نہ ڪنهن پولي پلايا هون
2 پايم عشق پاند منجهہ جهولي، لکيٽي تان ڏنم لولي
پسيم پنجتن سنڌي ٽولي، تہ ڏينهون ڏينهن سوايا هون
3 جاڻن نابين اهڙو شڪ آ، نہ ٿا جاڻن مولا هڪ آ
جيڪو ٻُئي جاڻي اهو مشرڪ آ، تنهين راهون رَلاياهون
4 پائي ڏس جسم ۾ جهاتي، ظهورو ذات جو ذاتي
فنا ٿي خاڪ ۾ خاڪي، اهڙي حيرت هلايا هون
5 ”رکيل“ ڏس رَمز سبحاني، منزل لاهوت لاثاني
اهو آراز روحاني، سچي صحبت سمايا هون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرشام ڪلياڻ ڪافي 27

تل لامڪاني وسندا پيارا، ديدار ڏسان ديدن سان
ديدار ڏسان ديدن سان، ڪُل انسان بدن سان
1 ڪُن ڪنُون اخلاق ڪيتوئي، قادر تو قدرت سان
فذ ڪروني اَذڪر ڪُم جي، ڪيتئي قول دهن سان
2 هر دل اندر لعل بنايئي، غنچا باغ چمن سان
مالڪ ڪر شيطان بچايئي، بيشڪ بي دينن سان
3 ويک ديدار بهار مين ٿيئان، هي اسرار آدم سان
سر الاهي آپ سڏايئي، قطرا پيا شبنم سان
4 چِٽ لولاڪ سيد سر آيا، ڪُل نبي تہ ختم سان
"رکيل"۔ سان هي صنم سدائين، يار مليو عيدن سان

سرشام ڪلياڻ ڪافي 28

تل دارين دنيا خواهش عقبيٰ، اجا آزاد نهين ڪيا
خودي ۾ خود بہ مستي ڪا، شرابون جام نان پيا
1 طمع ڪون توڙ تان ٿيوين، حياتي آب ئي پيوين
دونون جڳ صاف تي جيوين، حجابون غير همہ ڳيا
2 شهد شڪر نهين وولذت، ڪجا فردوس ڪي نعمت
عجب نوشيد مٺي، وحدت، مستي منظور ڪرليا
3 اگر لايا بِدھِ ساقي، عشاقان درد خوراڪي
تت ڳيا غير رهيا باقي، آيا اثبات حق ٿيا
4 "رکيل"۔ اي شوق شاهانان، پڪڙلي عشق ڪا خانان
دُئي ڪو دور ڪر جانان، سدا سر جوڳ ۾ جيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرشام ڪلياڻ ڪافي 29

ٿل جنهن جسو ڪيو جامي، سنجاڻن ذات سي سامي
1 تن کي تراب ڏک ڏيئي، سفر سامي ڪندا سيئي
تنهن کي سمجهه سڃ پيئي، عجب اسرار پنهاني
2 ڪيم پيربمغان وصيت، نہ تي واندو ونءِ وحدت
نباهڻ نينهن جي نصيحت، دمن سان سير سبحاني
3 جبل عرفات من هي مڪو، دل نماز سِر سجدو
دم دم سان ختم سبتو، پڙهڻ فرقان ٿيڻ فاني
4 آيو ٿم ورهہ جو وارو، اندر ۾ عشق اوجارو
لڳو آهہ نينهن جو نعرو، ازل کون نام هڪ نامي
5 آيم دل ۾ رکيل جاني، ڏنم جمان خود جامي
سارو آسير سلطاني، حمايت ٿيم خضر حامي

سرشام ڪلياڻ ڪافي 30

ٿل ظهورو عشق جو ظاهر ڪيئي سالڪ سوين سمجهن
ڏک ۽ درد تن دل ۾ مستي جي موج منجهہ ڪاڇن
1 ڪتي آدم شيث نبي، ڪتي نوح طوفان راز ربي
ڪتي ابراهيم آڙاه زبي، اهڙي آزمائش در دوستن
2 ڪتي ذڪريا ڪتي يحييٰ، ڪتي موسيٰ ڪوهہ طور وهہ وا
ڪتي الياس تي عيسيٰ سختي عارف سر تي سهن
3 ڪتي يوسف ڪنعاني، ڪتي مصر بازار غلامي
ڪتي يعقوب گرياني، ڳجهو تنهنجو راز ڪيئن سي لهن
4 ختم نبين جو پيوند، آيو عربي تي احمد
درد وندن جو دلبند، اهو احد بيو نہ چون
5 ظاهر ظهور زلزلا، عاشق ڏسو هي ڪربلا،
پيارا ربَ جا بيشڪ پلا، عشق جو ناز آيو شهيدن
6 "رکيل" اناالحق ڪيئن نہ چوين، سمايو سر سجو تو ۾
مري منصور جان پوين، پرين کي ٿا پاڻ پرجهن

سرشام ڪلياڻ ڪافي 31

تل امن آهي عشق مولا جو، دنيائن سان اسانجو چيا
1 رُلي رئي هن نفس ڪي روليون، تڪر ٽوٽا پنين پاليون
چڱيون مستن سنديون چاليون، نہ خواهش هي دنيا عقبا،
2 وئي گم ٿي خودي هستي، لڳو تن درد دل خستي
هميشہ عشق جي مستي، نہ ترسن خلق جي رسوا
3 ڪڏهن سختي مٿي سرجي، ڪڏهن هن تخت اعليٰ تي
ڪڏهن منجھہ رمز جي رتبي، پري پاتال ۾ وڃي پئيا
4 ڪئي اڳتون انهن آزي، سدا تقدير تي راضي
رڪيل اهي مرد هن غازي، سدا شاڪر ٻٽي و هوا

سرشام ڪلياڻ ڪافي 32

تل اگر هي يار ڪا ملنا، دوئي ڪو توڙيڪ دل تي
1 وحدت جام خود نوشي، جاوي ول دور خاموشي
ٿيوڻ منصور مدهوشي، اناالحق ماردم جلدي
2 نمي دانم نمي داني، گودڙي عشق پنهاني
سر تي ڪلاهہ شاهاني، دل درويش پل پل دي
3 دکايا عشق هو يا رهبر، حسن بازار توئي دلبر
سر اسرار دل انور، حقيقي تانگھہ ول ول دي
4 جتي جانان اتي جاوين، فقر داحال ڳل پاوين
رڪيل سارا بنيا سائين، لڳي جڙ نوڪ رانول دي

سرشام ڪلياڻ ڪافي 33

ٿل پڙهڻ پڙها وڻ ناهين فقيري، بنان وجود وڃائڻ جي
1 واهه محدث عالم سونهارا، زاهد زهد ڪرن استخارا
عشق بنان ته اجاياسي
2 منجهه غرور ويهن ٿي غالب، ڪرن دليل دنيا جا طالب
هستي قيد رهائي ري
3 ڪشف قبو رهي ڪصب ڪما وڻ، دم اناالحق خيال جڳا وڻ
عمل عامل ڪامل کي
4 وهو اچي راهه بتائي، بحر انهين جي ڪنڌي نه ڪائي
ثابت سر سمجهائڻ جي
5 رمز رکيل وو اجا ٿي اولي، تون آهين ساڳي سانول ٿو بولي
عبداحد حق حاصل هي

سرشام ڪلياڻ ڪافي 34

ٿل بنا ديدار دلبر جي، جيڏيون مونکي سال ٿيا سڪندي
1 آيم لوڏو چڙهيس ڪاري، وڇوڙو يار جو ماري
فڪر فراق هڏ ٻاري، آئي سختي مٿي سر جي
2 ڪيان هئي هئي پٽيان روئان، اهي ڏک سورڳل پوئان
ميرا اهي عيب ڪيئن ڌوئان، چوان پنهنجي نصيبن کي
3 ائين جاڻان پاڻ کي ناهيان، خودي ۾ خود غرق آهيان
سائڻ سان سنگ کهڙو ساهيان، حجت حاجت هتي ناهين
4 مني هي مهل موچاري، پايان ڳچي پاند ڳل ڳاري
رکيل سان رک اچي ياري، ڪيان جند جان سر صدقي

سر تلنگ ڪافي 35

ٿل بيرنگ برقعو پائي پائي، آيو آدم ٿي پنهنجي ذات ڇپائي
1 بت بنائي پوءِ ملڪ سڏايئي، سجدو حڪم ايئن پاڻ فرمايئي
عزازيل ڇيو اتي ناهي ناهي، طوق لعنت جو سر تي سمائي
2 الانسان سِرِيّ سج ڪري جاتم، وَاَنا سِرّهٗ سهي مان سڃاتم
اولو اکين جو لاهي لاهي، عشق انسان آيو ويس مٽائي
3 عشق جو ظهورو سالڪ سمجهن، موج مستي جي سر عُشاقن
رمزلڳم رنگ لائي لائي، نازپرينءَ جو ٿو نينهن سان نوائي
4 عشق سمجهايم چنگيون ايهي چاليون حوا آدم کون اڳ جون ڳالهيون
ڏس ڏنم اهو ڏاهي ڏاهي، سو ئي ”رکيل“ ۾ ٿو پاڻ سمائي

سر تلنگ ڪافي 36

ٿل ظاهر ذات صفات ۾ سمجهڻ، عين صورت حق آهي آهي
1 فنفخت فيہ من روحي قول ڏنم پورو، آيو انسان ۾ ڪرڻ ظهورو،
ڏس ڏنم اهو ڏاهي ڏاهي
2 بت خاني کي سجدو سچائي، دين ايمان پوءِ ڪرڻ بهائي،
شڪ شرڪ ڇڏ لاهي لاهي
3 وفي انفسڪم حڪم ڪهايئي، الانسان برقعو پايئي،
ناهہ آيو هت ناهي ناهي
4 عشق ”رکيل“ کي نينهن نظارو، زوران زوري هٽي ٿو نعرو،
آيم ڪاهہ ڪيون سر ڪاهي ڪاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر تلنگ   ڪافي 37

ٽل عشق دا آ وڻ ساڏ سڏاوڻ، ڪيتا ظاهر ذات ظهور،
بار برهه داسر تي چاوڻ

1 ملان قاضي رکدي نہ جائز نهين وت سڻدي عشق دا واعظ
وچ معرفت دي هويا منظور، عاشق دا سچ سهي هي الاوڻ

2 منطق معنيٰ ڪنز قدوري، دل دا سمجهڻ سبق صبوري
جنهن ڏسيا سو هويا منصور، سر سولي تي پڪڙ چڙها وڻ

3 دم دم آون چڙهہ چڙهہ موجان، سرتہ عاشق دي حسن ديان فوجان
وچ وحدت دي هويا وهلور، درد اهو سائين دود دکا وڻ

4 ملان رکدي عشق تي طعنيٰ، آپ ڪريندي ابتي معنيٰ
ڏسڻ نهين تہ ضرور، مين وچ مئي سائين آپ سماوڻ

5 سر "رڪيل" دي باهہ برهہ دي، بار غمان داجند نهين سهندي
ملڻ پرين داهيا پر نور، صدقي صدقي هي جان جلا وڻ

سر تلنگ   ڪافي 38

ٽل عشق صورت انسان آ، هر جاءِ ڏسڻ ۾ آيو آيو

1 مرشد ٽي حق راهہ بتايئي، طالب کي مطلوب سڏايئي،
پاڻ پيئي اهو رايو رايو

2 فاينما تو لو پل نان پولي، فثم وجہ الله اکيون ڏسي کولي،
رانول تو رنگ لايو لايو

3 راز چپائڻ لائق لڪ آ. جاڏي ڪاڏي هر جاءِ هڪ آ،
مان پيچ پرينءَ سان پايو پايو

4 عين غين جي صورت سائي، نقطو دور ڪري ڏس جائي،
"رڪيل" نان آدم جايو جايو

سرتلنگ   ڪافي 39

ٿل عشق دا آب حيات، پير يمغان دي دستون پيتم
1 پر ڪر وحدت جام پلايس، دل مئي ڪون جلد جڳايس
لنگهہ ڳيوسي ظلمات، درد لڳم تي ڏونهين جڳ جيتم
2 نصيب ازل دي ڏتڙم وارا، هر صورت وچ ڪيتم نظارا
فرق نہ ڪوئي ذات صفات، سير حسن دا ڪشفون ڪيتم
3 مئخاني وچ مطلب معنيٰ، توڙ هستي ڪون ٿيم بيگانا
لوح لکيم قلمات، بحر حقيقي نصيب نيتم
4 حال فقر دا اوانت نہ ڪوئي، جس تن لڳڙا سمجهي سوئي
نفي وچون اشبات، سر تہ "رکيل" دي ثابت سيتم

سرتلنگ   ڪافي 40

ٿل ڪشف ڪرامت ٻهون ملامت، عشق ايهي ڪم نهين منيندا
هادي هدايت هووي هڪايت، هر هر دي وچ هوندا
1 شيخ مشائخ ٻڙا سڏاوڻ، خطري خاص خودي ڪون ڪا وڻ
اصل تنهان تي اها عنايت، مستي خيال رليندا
2 مئي ڪون پيوڻ دوجڳ جيوڻ، آب حيات هميشہ ٿيوڻ
سرڪي سوز سچي هي وحدت، ساقي پر پر ڏيندا
3 نور ظهور ظهورا ذاتي، آن جسم وچ پاتم جهاتي
روز ڪريندا اها روايت، دم اناالحق اليندا
4 صاحب صفائي جلدي جائي، دم دم نال وصال دي وائي
شان تنهان دانهين شڪايت، "رکيل" سچ اکيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ   ڪافي 41

ٿل   ڏس انصاف عشق بهادرجو، ڏيئي ترڪ طمع کي ٽوٽڙي
1   سندرو ٻڌي ساهي سچو، ڪو نفس لافي سان لڙي
صبر سندو نيزو تکو، مدعي مري سوپيو سڙي
2   تنهنجي درد دل کي وڌو ڦٽي، ناسور جان ٽپ پيو ڳري
نڪو علاج نا دوا لڳي، ماريس ديدار دلبر جي چڙي
3   مردن واري ميدان تي، انهي چاڙهي تي ڪوئي چڙهي
لاهوت جا لانگها لنگهي، وڃي باب بيرنگ جو پڙهي
4   درياءَ جي انهي موج ۾، مشڪل ”رکيل“ ڪو پيو لڙهي
سونهان تهين جي سير جا، آويڙ ۾ سونہ اڙي

سرتلنگ   ڪافي 42

ٿل   چڏي ڏي ملڪ دنيا کي، وبهي ٻڌ عشق جون ڳالهيون
1   فائدو ڪهڙو عشق منجهہ آهي، چاڙهيائين منصورکي ڦاهي
شمسل سجي کل ڏني لاهي، عجب تنهنجي عشق جون چاليون
2   ڪربلا ميدان تون صدقي، عاشق ٿيندا سوين ئي سي
لهن ڪل راز جي ڪي ڪي، تنهن جي لبن تي لاليون
3   صابر بلاول جي تن لاتيئہ ڪيڙو، زڪريا جو سر ڪرت سان چيريو
بلاول منجهہ گهاڻي پيڙيو، وهن تنهنجي ناز جون نالبون
4   سرمد ڦاسي مٿون کلندو، صوفيءَ جو سر نيزي هلندو
برهہ جو بار سچ جهلندو، وجن ٿا قول کي پاليون
5   انهيءَ ميدان تي هلجي، جتي ماڻهوءَ جو ماس پيو کائجي
”رکيل“ اهو حال ناسلجي، وهائج سور ڏس پاليون

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سرتلنگ ڪافي 43

ٽل عشق تنھنجي جو اھو انصاف، ڪربلا ۾ ڪالھ ڪرايئي
1 شاھ حسن کي پياريئي زھر جو پيالو، مير حسين تي آيو نينھن نرالو
حسن تنھنجي جو ھي راز، شھد شھادت ڏڪڙو پرايئي
2 پنھنجون ڳالھيون پاڻ ڪرين تو، ڏوھ ڪوڻ ڏي کھڙو ڏرين تو
سڏ لھي تيس صاف، ماڻھن ليکي عاشق مرايئي
3 حد سندو حجاب پڳوسي، لاحد وارو ميدان ڏٺوسي
لنگھي وياسي ڪوھ ڪاف، تجلن وارو ڏيان ڏرايئي
4 ٿي منصورتون ڪين مڙجاءِ، چڙھ تہ ”رکيل“ وجي چوٽ چڙھجانءِ
مرڻ ٿيوسي معاف، آب حيات جو وارو ورايئي

سرتلنگ ڪافي 44

ٽل عشق سندا اسباب، سر سالڪن جي سونھن ٿا سھرا
1 سور وھائي ڏکڙا ڏنائون، دلبر دل منجھ ڳولي لڌائون
ٿيا لائق لاجواب، جن سجاتا پر جاپيرا
2 وڃي تڪي ڏڙ ڏار سسي کون، پاڻ نہ پائن نانھ نفي کون
کھڙا ڏوھ ثواب، صاف ڪيائون ڏوئي ميرا
3 وحدت وجودي جن سڃاتي، لوح قلم کون اڳي لڌون تن لاتي
سي خوش ڪندا ڪين خواب، جوش انھي ۾ جلن ٿا جيرا
4 حال ”رکيل“ جو ھرگز ھاٽي، ڳجھ جون ڳالھيون ڪو سالڪ سڃاڻي
ھوتن سان کھڙا حساب، صدق ڪيم سِر لک لک پيرا

سر تلنگ   ڪافي 45

ٿل چڙهي شريعت وارو شان، منجهه طريقت جي ترڪ ڪيوسي
1 هلڻ حقيقت حق جو جاپڻ، پوش معرفت جو سر سنجاپڻ
غير ويو ٻيو شڪ گمان، صفا وجود جو ڏوئي ورق ڪيوسي
2 علم توحيد جو حاصل هيڙو، عشق اوجاريم جانب جيڙو
ڏنم محبت وارو ميدان، سر وحدت ۾ غرق ڪيوسي
3 قلزم واري ڪن ۾ پياسي، بحر حقيقي تنهن لهر ۾ لڙهياسي
نہ ڪوئي پاند ڪنڌي لامڪان، درد تنهين ۾ درڪ ٿيوسي
4 "شاه رکيل" کي شوق جڳايو، پير يمغان هيئن سچ سمجهايو
عشق ڪيم انجام، ڏينهن نہ رات ڪو فرق ڪيوسي

سر تلنگ   ڪافي 46

ٿل انصاف ڏسجي عشق جو، اولاويو مذهب لنگهي
1 جي نفس جا توڙها تنا، پڳي پل هي لڙ ويو لهي
صاف سيف صفا صوفي چون، بيرنگ جو ڏسجي رنگي
2 ڪاهي پياسي ڪين ۾، هي هي حجت هيءُ وئي
نالو نفي اثبات ٿيو، وڃو ٻاڻ ٻهگڻ جي ٻنگي
3 تقوا طمع تڏهن وئي، جڏهن فڪر ٿيو فاني في الله
هر دم حيرت کي ڏسان، وهلور وحدت جي ونگي
4 چئو تون بيحد پچڻ، انهي جوش مون جلوو جنگي
"رکيل" عاشق پون آڙاهہ ۾، سورهہ بيهن سي ناسنگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ   ڪافي 47

تل جلن تا جوش ۾ هر دم، برهہ جي باهہ مچھ پڙڪن
پائي جهاتي ڏنم جند ۾، عاشق سوريءَ مٿون لڙڪن
1 پيو ابراهيم آڙهہ ۾، خليل الله تڏهن سڏجي
موسيٰ تي فرعون ڪيئي غالب، ڊنونا ڊاءَ جي دڙڪن
2 قتل يحييٰ ڪڏهن ٿيڙو، سالڪ تا اڄ ڪيون سمجهن
ذڪريا جو سر ڪرت سان چيريو، سدا تنهنجي جوش ۾ جهڙڪن
3 چڙهيو منصور ڦاسيءَ تي، اناالحق سچ تهين بوليو
شمسل سچي کل ڏني لاهي، هڏا ۽ ماس پيا ڪڙڪن
4 ڪربلا ميدان تي محبت، رکيو تو راز رحماني
شهادت شان ٿيو اعليٰ، موهيو لعلن تنهنجي لڙڪن
5 وجي سرمد چڙهيو ڦاهي، سچو تنهنجو عشق اهو آهي
صوفي جو سر نيزي چاهي، ” رڪيل“ جيرا عشق منجهہ ڀڙڪن

سرتلنگ   ڪافي 48

تل تنهنجي اچڻ جو انجام، جاڏهن ڪاڏهن مليم واڌايون
1 منهنجي اڱڻ تي آيم پيارو، سدا سهڻو نازن وارو
ڪيئن نہ ٿيان قربان، سر ڏني ٿم لک پلايون
2 الست ڏهاڙي ٻڌم ارادو، صحن دل جو ٿيم ڪشادو
محبت مست مدام، نينهن تنهنجي اچي نوڪان لايون
3 عاشق ازلي ڪيئن آزمائجن، ٻنهين جهانن منجهہ پيا ڳائجن
سڪ سچي سامان، دم خزانو قلب ڪمايون
4 ”رڪيل“ رهہ تون رضا تي راضي، بات برهہ جي الٽي بازي
ڪرنيٽين ننڊ حرام، جاڳڻ واريون سدا سبايون

سرتلنگ ڪافي 49

تل تنهنجي عشق جي تابش تيز، عاشقن جو تي اندر جلائي
1 ابرباران جيئن چمڪي بجلي، ڪوه طور جلايو تنهنجي تجلي
ڪيئن تہ اچان آميز، سانگو سرَ جو لاشڪ لاهي
2 دم نہ هجان هڪڙو يارکون جدائي، ڏوئي پوئي ڪر دل کي صفائي
رنگ اهو تي رنگريز، ڏس تہ دروني جهاتي پائي
3 وجود وڃائي ڪر سور سهيرا، چڪن ڇاتي کي ڪر چڪنا چورا
جي مرد ٿئين شب خيز، حق جي ذات ڏسين جي قلب ڪمائي
4 جي تون پنهنجو پاڻ سڃاڻي، يار "رکيل" جي يقين ۾ آڻي
پنهل اتم هڪ فيض، بهشت دوزخ سان منهنجو ڇاهي

سرتلنگ ڪافي 50

تل رندن جي رمزسک مجلس، خاصي خوشبوءِ سچي صحبت
1 پيتائون سوز جي سرڪي، پائن تا تاج سر ترڪي
منجهہ مراقبي ويهن مرڪي، مني مولا سندي محبت
2 ڪمائي قلب سان دم دم، هليو آ عشق جو ها غم
ٿيا في الدارين ۾ روشن، سمجهن تا نصيب سان نصيحت
3 سڃاڻي سر سچو سارو، اناالحق جو هڻي نعارو
برهہ جو بار سر بارو، پيتائون جام پر وحدت
4 ازل جي لونءِ پرين لاتي، پائي اندر ڏنم جهاتي
ظهور و عشق جو ذاتي، رباني راز جي رحمت
5 فنا جي فڪر منجهہ فاني، ڇاتم نہ پنهنجو نام نشاني
"رکيل" هڪ دوست دل جاني، لڳي آ نينهن جي نوبت

سر تلنگ   ڪافي 51

ٿل پنهنجو پاڻ سنيار، ڪير آهين سوئي ڪنهن کي تو ڳولي
1 تيرٿ تڪيا گنگا جمنا، مڙهيون مندر ايندءِ ڪسبي ڪم نا
عشق باهہ سيني منجهہ ٻار، اتي اندر ۾ سهٽل اولي
2 حج مڪواتي دل ۾ دلبر، وفي انفسيڪم انهي دمن سان انور
ويهہ نہ واندو ڪين وسار، جهاتي اندر ۾ پائي ڏسي چولي
3 لوچڻ ٻاجهون ڪين لڌائون، سوين سڌڙيا پيا ڪرن سڌائون
دذ اندر جو دشمن مار، جڳ سجي کي تنهن وڌو رولي
4 وهہ وا"رڪيل"توجهاتي پاتي، ڪري صفائي سچ تو ذات سڃاتي
لڙ تہ لنگهي ٿيس پار، ساڻ فقر جي وڃي ٿيس تولي

سر تلنگ   ڪافي 52

ٿل فيض ونڊايان ڪووني وني، اچن هن تہ اڏي تي پاڻ ڪسڻ ڪان
1 چڙهي تہ منمبر تي ڏيان تي هوڪا، لوڪ سٽيا هن ڪالهہ ڪلهوڪا
عشق وڌو ٿم ڦٽي ڦٽي، لڱم پاند اهو ٿي يار پسڻ ڪان
2 پير اچي ڪوهن پڙ ۾ پائي، سر جي بازي جان جلائي
جام پيين سي جهٽي جهٽي، دستون ساقي ابرو سڻ ڪان
3 دل صفا ۾ عشق امانت، نينهن نيائڻ هي سات سلامت
گوءِ هتون ڪوڪٽي ڪٽي، اچن زيارت تي ڏيهہ ڏسڻ ڪان
4 ساڻ سچن جي ٿي تون سونهون، درد اندر ۾ دکائن دونهون
سروجهن نئين ستي ستي، اڳيئون پيريمغان جي "رڪيل" رسڻ ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ   ڪافي 53

تل ڪيو سالڪن هي سر فدا، جيئري ويا جيڪي مري
نہ تا پاڻ پائن پانهنجو، ڳجهہ ۾ ويا اهي ڳري
1 ڳجهہ جو ڳرڻ تو مشڪل اچي، انهي رمز منجهہ ڪوئي رچي
شمع جي شعاع تي پتنگ پچي، مچ عشق جي ڪو وڃي ٻري
2 پڙهي مام موتو مري جيئا، ائين نانهہ جي تہ نفي ٿيا
لاڳاپا لوڪ جا لاهيون ليا، تن سوز جي سرڪي پري
3 ڇڏ ٻيا فڪر ڪوڙا ڏنڌا، رلئي نفس جا ليڪا ڪنڌا
ڪر بندگي تان ٿيئن بندا، اڳهجي وڃي ڪوتي ڪري،
4 سڪندر جمجما جيڏا لکين، هتڙئون ويا خالي هٿين
انهي ملڪ جو مالڪ نہ ٿين، ڪاڏي ويا اهي وري
5 دردن وڌو دل کي ڦٽي، دارون ملم سان نہ تو ڇٽي
ڏس تون ”رکيل“ اکيون پٽي، ڪاڏهن لڳئي ذوقون ذري

سرتلنگ   ڪافي 54

تل اصل تنهنجي عشق ۾ هر دم، ٿيس مدهوش مئخانا
نہ جاڻا خلق جي خواري، لکين توڙي لوڪ جا طعنا
1 لڳو تم جوش جيرن ۾، ٻڌم پوءِ چير پيرن ۾
ڏسان توکي يار سيرن ۾، ڪريان لک وار شڪرانا
2 پاتم جهاتي لڪي چوري، منيس آتش لڳم لوري
نچائي نينهن تو زوري، هيس مجنون مستانا
3 بحر وڃي عشق جي ۾ پئو، نہ تي پولو اُتي ٻيو پئو
جيئن وٽئي تيئن پيو چئو، اناالحق مئي سندي معنا
4 ڇڏن هستي تڳا توڙي، پيجي گوڏا وهن ڪوڙي
لهن لاهوت لڪ لوڙي، اتي عاشق ٻڌن ڳانا
5 صبر ڪر بابت هي ٻڪوا، تڪيو توري نہ ٻي تقوا
”رکيل“ سر يار سان هڪ آ، سوئي اوئي جاني سو مين جانا

سر تنلگ   ڪافي55

ٿل   جڏهن ٻاروچل جو لڱو ٿم، ٻاڻ، ورق پڙهڻ جا ويا ٿم وسري
1   سڻان سورن جون عشق پڙهايم، سک قرار آرام وڃايم
پنهنجو سڃاتم پاڻ، ناز پريںءَ جو آيو ٿم نسري
2   هڪ الف اٿم اور اندر ۾، رڳان سيئيآيم ذڪر ۾
وحدت ڪيم وٿاڻ، ذاتي اسم اٿم ما ڪي مصري
3   سچو سندرو ٻڌم ساهي، موج درياه جي مجنهه پيم ڪاهي
ڪنڌي لڱس وڃي جاڻ، نينهن هنيو ٿم نعرو نڪري
4   غير اندر جو حجاب وڃائي، عاشق تي معشوق سڏائي
سچ ”رکيل“ سان ساڻ، برقعو پائي آيو ٿم بشري

سر تلنگ   ڪافي 56

ٿل   حسن ديدار دلبر جي، وڌو موهي منهنجا جاني
1   ڏٺم مئي خواب ۾ دلبر، يوسف صورت سو ڪنعاني
2   مثل ماهتاب منور جي، پريںءَ جي آ پاڪ پيشاني
3   سيد تئون سولڱين صدقي، ڪيان جند جان قرباني
4   جنهن جو تخت آهي سوري، ”رکيل“ تن تاج شاهاني

سرتلنگ   ڪافي 57

ٿل   بحر بيچون بيرنگ ۾، ڏسي عاشق پون ڪاهي
1   جلن ٽا جوش ۾ جاڳن، ٻڏن سندرو سچو ساهي
2   اناالحق تن چيو هڪ تون، توڙي چڙهندا وچي ڦاهي
3   قم باذني ڪهايئي شمسل، تنهين جي کل ورَتو لاهي
4   صوفي جو سر مٿون نيزي، عجب ڏسو عشق اهو آهي
5   "رڪيل" ڏس عشق جون موجان، ڏنئي ڪيئن ڏس ڏنئي ڏاهي

سرتلنگ   ڪافي 58

ٿل   آيو نينهن نباهڻ مونکي نياز سان، بار برهه جو سر باري
1   مرڻ جيئڻ جي ڪل ڪان پوي ٿي، سال ٿيا مونکي سڪندي هوئي
"واٽ" وندر جي اٿم واري
2   پاڻ ڏاڍن سان مان ڪيئن ٿي گذاريان، انهيءَ حيرت ۾ هنجهڙون ٿي هاري
"چور وينو هوڪو چاري"
3   سچ جو سندرو ساهي ٻڌائون، لالڻ پنهنجو سائين لوچي لڌائون سندي هوئي ٻڌائون
"سڏ نه پوي ٿي اها ساري"
4   جنهن جاتو تنهن پرين وچي پايو، "شاهه رڪيل" جي اگڻ ٿي آيو
"عبدالستار ڪئي ستاري"

سرتلنگ ڪافي 59

ٿل وچي جيڪا ڪيچ ڏک ڏوري، پنهل مانڪي مليو اوري
1 لڏم وچي محب ميرانپور، وني رهبر وچي ٿيس سر
آيو اگڙ پرين مون گهر، ڪيم سر گهور هي گهوري
2 ڪنهن ووڙيو سو ورهن ۾، ڪنهن کي دوست مليو هڪ دم ۾
ڏنم هر جاءِ هر ڪم ۾، چنتر هي پاڻ ٿو چوري
3 ڪڏهن آهي مريد بيعت ۾، ڪڏهن آهي راج رعيت ۾
ڪڏهن آ مقام ميت ۾، ڪڏهن شريعت ڪڏهن توري
4 "رڪيل" نان درد ڪر دوري، رندن جي رمز ڏس پوري
هٽن ٿا دم منصوري،عجب هي نور ٿو نوري

سرتلنگ ڪافي 60

ٿل برهه جي بَحَر ۾ سدا حال هيٺو، ڏکيءَ جو ڏسڻ سان
نفيءَ مون نظارو هنيو نينهن نعرو، پرين جي پسڻ سان
1 زبر زور عبرت، تنهنجي حسن جي حيرت
سينو صاف ڇاٽي، ورهه جي وسڻ سان
2 ڇڏي خود نمائي، ٿيئي پرين پيشوائي
ٿئي حال حاصل، چندن جي گسڻ سان
3 ڪئي تن هوشياري، پڏي عشق ياري
قبوليت ڪيائون، نمائي نسڻ سان
4 صوفي صاف صحبت، پري جام وحدت
هٿن سان ڏنائون، "رڪيل" کي رسڻ سان

سر تلنگ   ڪافي 61

تل عشق نہ ڏئي تو آرام، غير اندر جو تنهنجي سڪ وڌو ساڙي
1 ظاهر باطن تيم صفائي، هر جاءِ هڪ آ تنهنجو حسن سدائي
چنيم ڏئي وارو دام، پرين وسي تو پنهنجي پاڙي
2 رمز حقيقي فيض فقيري، شوق پرين جو شهد ۽ شيري
مستي حال مدام، نيئي لاحد واري ميدان تي چاڙهي
3 زات صفات مِپاڻ ڇپايئي، هر جاءِ ظهورو پنهنجو هلايئي
شڪل تنهنجي هي جهان، عاشق ڏسن تا اکيون اُگهاڙي
4 ونفخت فيہ ياںءِ نہ اولي، سچ هي "رکيل" تو مِ پاڻ تو بولي
شڪ نہ آئج بيو گمان، هوت هتي تي هل نہ هاڙهي

سر تلنگ   ڪافي 62

تل مان تي عشق اچي اثبات تيو، منهنجا حاسد پيا هاٿي تڪي تڪي
1 ڪنيڙان هٽي ڪنپ ڪسي جو ويڙن، اچي از غيبي بک جا پيڙن،
اٿن ويهن تا ڏڪي ڏڪي
2 وس ڪري تہ وهامي ويڙا، ڪوڙا حيلاتن ڪيئي ڪيڙا
ڦڪ نہ رهيو تن ڦڪي ڦڪي
3 عشق جو غلبو ڪير هٽائي، نقر ڪون ڦريا ويا هنڏون ڦرائي
هت هتي هوندا شڪي شڪي
4 لڪ "رکيل" اهي لنگهي پئو لانگها، تي سيال نہ ڪنهنجو ڇڏ سين جا سانگا
حق مليو تم حقي حقي

سر تلنگ — ڪافي 63

تل سير ڪرڻ ڪاڻ منهنجو ساهه، جوڳي تي هتڙي آيو جڳ ۾
1 هوڏانهن آيس هتون خالي، نان ڪجهه نيندس مايا مالي
عشق نه ڪيم گمراهه، نينهن ٻنان ناهين نالو نصب ۾
2 هن خاڪي پڃري ڪيئن آيو مرغ هوائي، جاءِ جسم منجهه وٺي ويس جائي
ائين سنجاتم ارواح، رمز سڃڻ جي هر رڳ رڳ ۾
3 ساڻ فڪر جي سچ سڃاتم، هر صورت ۾ سهڻل جاتم
جيئن تارن منجهه ماهه، سير صوفي جو آهي سڀ ۾
4 صحبت سڄڻ جي ملهه ڳڌن جي، ريت پريت هي تي رسم رندن جي
عشق ڪيم امراهه، اناالحق تو چوائي اڳ ۾
5 حد ڇڏي لاحد ڏي لنگهجي، سر سوريءَ تي نئين ”رکيل“ ٽنگجي
اتي ڪونه اتي ڪو همراهه، حسن حيرت جي آيس عجب ۾

سر تلنگ — ڪافي 64

تل اهي نيڻ ڪٽيو ته ڏسن، پرين ووخوشيءَ واري خيال سان
1 بعضي غصي ۾ ڳالهائن، بعضي چون اٿ بس
انهن حڪم واري حال سان
2 ڪري سينگار موهيو دل منهنجي، حسن ساڻ هسن
انهيءَ مُحبت واري مهل سان
3 پاڻ ڏاڍن سان پيم سانگو، هڪل ساڻ رسن
اچي ڪرن پلايون پال سان
4 ٺيندم شال ”رکيل“ سان راضي ڪڪر جان ته وسن
لڳو آهه لوهه پارس جيئن لعل سان

سر تلنگ ڪافي65

تل اندر منهنجي ۾ تيون اچن، بره تنهنجي جون بهاريون بهاريون

1 ڪڏهن اندر ۾ تي الف سان اوريان، ڪڏهن هڪ ڳڻ سان ويني ڏونگر کي ڏوريان
چاڪ پون تا چوڏاريون چوڏاريون

2 اڱڻ منهنجي تي تنهنجا قلم سدورا، مان تہ پانيا تي تنهنجا لڪ لڪ تورا
لهي ويون لوڪ مياريون مياريون

3 سڪ تہ تنهنجي او منهنجو سمهڻ وڃايو، آيم اوچاڳا توسان نينهڙو مان لايو
ويم فوج فڪر جي اتاريون اتاريون

4 ويم وڪوڙي وري بيون سڀ وانهان، سچ تہ "رڪيل" جون ڪن رڳ رڳ دانهان
عشق تنهنجي جون آزاريون آزاريون

سر تلنگ ڪافي 66

تل هر ڪا هتي هامان پري، هلي ڪيچ ڏي ڪا پنڌڙو ڪري

1 پنڌ چي پٿر ڏونگر چتو، پٿو پير ٿيم سورن مٿو
نان سڪ سنڌو نان ڏک لٿو، مچ تو اندر منهنجي ٻري

2 سر جو طمع سانگو نہ تن، اوهي ور وڃي ووڙي لهن
فثم وجہ الله حق ڏسن، پهتيون اڪيون تن جون پري

3 ناسوت کون نڪري هليا، تن ظلمات جا پردا کليا
جبروت ۾ جيڪي جليا، هو قضا لکيو سا ڪيئن ٽري

4 ملڪوت پاڪون پاڪ ٿيا، رجا خوف جا خطرا ويا
لاهوت منزل سي ميا، ري تونان تن نان سري

5 سچ تان "رڪيل" هي جاڻ تون، پنهنجو نہ آڇج پاڻ تون
محب مني سان ماڻ تون، انهي شوق ذاتيءَ جي ذري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر تلنگ ڪافي 67

ٿل هيڪل، حيلا ڪندس هلڻ جا، ڪيچ ويندس ٿل ڪاهيون ڪاهيون

1 اهو اوجاڳو اکين تہ آيو، پنڌ پٽر جو مان سر تي سهايو
پڌم سندرو ساهيون ساهيون

2 شهرپنيور جو ڪوڙ تي پايان، پنهل ٻاجهون مان ڪيئن سهانيان
لوڪ لاڳاپا لاهيون لاهيون

3 پيرپنهل جو سچ مان سنڄاتو، اوري اندر ۾ دل سان ڄاتو
لڳيم برهہ جون ٻاهيون ٻاهيون

4 ساڻ سچائي هينئڙو هڪ سان هلندو، رازربوبي "رکيل" ٿڪ سان ملندو
نانهہ چون اسين ناهيون ناهيون

سر تلنگ ڪافي 68

ٿل درد وندن جي دانهن، عرش عظيم تي وڃي تہ اگهاڻي

1 سڪ سامان تہ سورن واريون، سڪ نہ سمهن سي عشق جون آزاريون
کهڙا ثواب گناهہ، يار لڏائون دل ۾ سڃاڻي

2 دريا وحدت موج تهين ۾، ڪن اوير ڪڙڪن لهر تهين ۾
ڪنڌي سڪن پيا ڪانهہ، عشق وارن وڃي موج تہ ماڻي

3 عشق "رکيل" تہ پاتم جهولي، لعل لڪيٽي ڏيندس لولي
پرجهي وتم تہ پناهہ، تانگهہ ازل جي لڳم پراڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر تلنگ ڪافي 69

تل دل گهري ٿي دوست اوهان ڪان، اڄ ڏسان اٿم اولي اولي

1 پنهنجو پاڻ ۾ يار سڃاتم، ٻولي اهو ٿو سچ ائين ڄاتم
لڌم لالڻ ڳولي سو ڳولي

2 جاڏي ڪاڏي ڏسان نطر نوراني، هر رنگ ۾ آهي شغل شهاني
عشق ڏيکاريم کولي سو کولي

3 ڪڏهن حد ۾ ڪڏهن لاحد لانگها، چڙهن حد جا سيئي سانگا
پل نہ ٻئي ڪنهن پولي پول سو پولي

4 رمز"رکيل" اها لڳي توکي ڪاٺئون، لوح قلم ڪان اڳي ورِي چاڪون
سالڪ سچ ٻولي سو ٻولي

سر تلنگ ڪافي 70

تل ڳئي سڪندي عمر ساري، نہ پايم پيت منزل دي

1 ازل دا درد ٿيا شامل، فڪر دل ڪون ڪيتا ڪامل
نہ وسري يار يي هڪ تل، برهہ دي باهہ پئي ٻلدي

2 لڳا اهو پاند پيا پڪڙا، سمهڻ نان سيج تي سڪڙا
آيا هي پيش مون ڏکڙا، پنهل ولدي ڪرين جلدي

3 لڳي هو هو خلق خواري، ڪران فرياد سئو واري
جگر ڪون جوش ٿيا جاري، سرون سختي نهين ٽلدي

4 چتين چائي متي ڏوڙي، "رکيل" دي ڳالهہ ناڪوڙي
پنهل ملدا نهين مُوري، ڪران ڪيوين نهين چلدي

سرتلنگ   ڪافي 71

ٽل   عمر اجائي وڃايم، ڪتيم ڪينڪي ڪم نہ آيم
1   ايٺ اندر جو اديون ڙي، ڪيئن تہ اوجاري اڇو ڪيان
چرخي سان چت تہ لايم
2   ستيس سنجهيئي اديون ڙي، ويڙهي منهن تہ مٺن جان
جو شون جيءُ نان جڳايم
3   سنهون ڪتيم ڪينڪي، هڪ تہ ٿلهو ۽ ٻيو ٽورو
جيڏن جوڙيون اٽايم
4   سر تہ "رڪيل" جي اديون ڙي، باهہ جي پلو ميان
ڏڪڙن ڏيل ڏڪايم

سرتلنگ   ڪافي 72

ٽل   خوديءَ جو خيال ڇڏ ڪائي، ٻيهر ٻولي نہ ڪر ٻيائي
1   اَلسُتَ بربڪم رايو، متي ارواح تو آيو
سٽي آواز ڪر سعيو، ميڏا حق پاڪ تون جائي
2   زمانو حرص جابر تي، خودي ڪائي تون صابر تي
اول آخر اهو سر تي، وٺي ٻي ڪار نان ڪائي
3   متان مئومن سڏائين تون، تڪبر بار چائين تون
هجين هيٺو سنهائين تون، هندو مئومن اتئي پائي
4   هڪو هڪ يار سان هڪ تي، نڪو لوڙهو اڳيون لڪ تي
"رڪيل" شاهي سخن حق تي، وٺي تي يار جي وائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ   ڪافي73

تل ڪعبو ڪيم سجدو ڏيئي، بيشڪ بت پرستي ۾ ڏنم
1 پير يمغان پيزار جي، سو لڱين سجدو ڪيم
مطلوب طالب هڪ ٿئي، سر صفات ۾ ذاتي ڏنم
2 بي خوديءَ جي باب ۾، ڪي ڪي وجي ڪاهي پيا
ايها سڏ تنهنکي ساري سيئي، جند جان ۾ جانب ڏنم
3 بيمثل بيچون جو، عاشقن احوال آهه
لوحون قلم کون آيا لهي، هر جاءِ تي هڪ تي ڏنم
4 رهه"رکيل" رمزان لڱيون، بيون سيئي بوليون ويون
سر سنجاتم هڪ سهي، معراج تي مرسل ڏنم

سرتلنگ   ڪافي74

تل آهي عام کي ڪهڙي خبر، ريءَ عاشقن اسرار جي
1 جن کي لڳي سي تا جاڻن، جيءَ جسي جنگ جان جي
وسري ويم زيرو زبر، هڪ الف ڪيم اظهار جي
2 قلب سان سيئي ڪڙهيا، عشق جي چاڙهي چڙهيا
سمجهي ڏنائون منجهه صبر، هي سڏ سڄي سنسار جي
3 موتو قبلل انت موتو، هي حياتي تن ڏني
روشن تنهنجي آهي قبر، دارين جي ديدار جي
4 عشق جي آڙاهه ۾، جيڪي گهڙيا آتن کي خبر
تيزون تکي آهي تبر، "رکيل" پرينءَ جي پار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ ڪافي75

تل شهد پيتم شوق شراب، دستون پير يغمان مئي ساقي

1 وحدت والا، عين پيالا، پيوڻ سيتي ڳيم حجاب، سيرتيم لولاڪي

2 اوکي برهه دي بازي، اٿ نه آوي ملان قاضي

3 لنگهه ڳيوسي ڏوهه ثواب، رهن بقا وچ ساقي

4 عشق پريندا دم مريندا، لوح قلم لاجواب عرش عظيم افلاڪي

5 مرغ هوائي ”رکيل“ اٿ ڪوين آئين

6 انت بحر دا اهو تاب، پاتم حرق خاڪي

سرتلنگ ڪافي76

تل شوق دا پيتم شراب، تيم وحدت وچ غرق

1 جان جسم مچ ته مچايا، عشق ڪيتم چا ڪباب،
توبهه تقوا هي ترڪ

2 دل جيندي تان تئي، ڳيم انڌارا، روشن تيا ته مهتاب،
وچ دروني درڪ

3 سير حسن ذات صفاتي، تٺ ڳيا غير حجاب
هڪ دم دم نال فرق

4 سر ته ”رکيل“ دي بار برهه، نهين ته شمار حساب
اهو مردين داهي مرڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ   ڪافي77

ٿل عشق وڃايو حجاب، هر طرحين ڏيکان دلبر
1 فوج حسن دي باري، سر عاشق دا وو
ڪون جهلي ڪوئي تاب، جوش لڳم جان جگر
2 هر صورت وچ هڪ هي، جلوا ظهورا ذاتي وو
نهين بيان شمار حساب، بيرنگ داهي بحر
3 رند سڏا وڻ مشڪل، موج مستي سالڪ ٽيوڻ وو
پڙهڻ برهه داباب، چاٽن اهي جنهن ڪون قدر
4 عين غين دي صورت، نقطا دور ڳيا وو
”رکيل“ ايهو ڪشف ڪتاب، سمجهه سهي سچ هي فقر

سرتلنگ   ڪافي78

ٿل هر طرحين دا ايهو حال، عشق ڪريندا خبران
1 پنڌ تہ ڏکيندا عاشق ويندي، نظر سيني دي وچ پال،
تيز تهينديان تبران
2 نفس نجس دا لڙ تہ لٽوسي، ٽٽ ڳيا غير جنجال،
ظاهر ٿيان وچ زبران
3 جٿ ڪٿ جانب هڪ پيا ڏکيندا، نينهن ڪيتم چا نهال،
لنگهہ پيوسي وچ اَبران
4 عشق والئين دا ”رکيل“ نوڪر ٿيسان، جنهن ڪمايا هڪ خيال،
جيون تهينديان قبران

سرتلنگ   ڪافي79

تل   احوال سارو عشق جو، جڳ کي ٻڌايان هيئن چئي
1   ڪاتي ڪرامن ڪاتبين، شاهد منهنجا ٿيا ٻئي
چا لکندا اهي نيڪي بدي، منهنجي دل جي خبرتن کي ناپئي
2   اوزار تکي هن تيز سان، رڪ روهه کي ڪيڙم رئي
ڏونگر ڏوري لڪ لنگهي، وڃي پيش پرين جي پئي
3   ڇڏي آسرا پنهور جا، ڪيچ ڏي ويڙس ڪهي
اچي پنهل اوري مليو، مون سان باجهه ٻارو چل ڪئي
4   چئو "رکيل" جي ٻوڙا ٻڌن، اهو حال پنهنجو هوڪا ڏيئي
هر دم اناالحق چوان، سڌ سالڪن کي ساري ڪئي

سرتنلگ   ڪافي80

تل   ڇوڙ ڪرڻ ڪون ٻاهر، سڄڻ تنهنجي سڄڻائي
1   سر مرشد تون گهوري، مان نہ پڄان هڪ توري
ڏنم اندر ۾ ڏوري، روح ڪيم روشنائي
2   ڇٽڪ پيم منجهون چڪي، مچ تو اندر ۾ مچي
لونءَ لونءَ پئي ٿي لڇي، لنو تہ وهيل تولائي
3   منهن محبت سان رکيم، مشڪ عطر لڳين مکيم
آب زم زم زور چکيم، عشق ڪيم آشنائي
4   جانب ڪيم دل جمع، تڙي ڇڏيم هي طمع
يار "رکيل" جون رمزان، پيچ وجهن ٿيون جائي

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سرتلنگ   ڪافي81

تل   ڪل نہ پيم ڪاڳجهہ جي، چا منجهارئون چاتي پيس
1   دوئي هيم اها اتڪل، تڏهن ڪانہ پيم ڪائي ڪل
اڄ چوٽ چڙهي ڪندس هڪل، ورتہ لڌم تڏهن حيرت هيس
2   داغُ عقل جو پڳو، عشق جو نغارو وڳو
لوح پارس سان لڳو، نصيب ازل جي ڪيس
3   گهريس سمنڊ آيو گوڏي، لهريون لنگهيس ٻانهان لوڏي
اصل اڪيون هُيم توڏي، عشق جي اري منجهہ آيس
4   دم دم سان من موالي، لٿم اکين جا اولا
برهہ پڳم سيپ پولا، وڃڻ تنهين ڪون ويس
5   رَمَزَ ميران پور واري، ”رڪيل“ لڌئي سڏ ساري
ايها مليئي اختياري، چوڻ ڏهاڙي چونديس

سرتلنگ   ڪافي82

تل   جنکي لڳي جڙ جان سان، سڪ سوز منجهہ سيئي سڙن
فاني فڪر فراق جي، هئي هئي ڪيون هتڙا هڻن
1   تنکي لنو لڳي لوري اندر، تنهن ”جوش“ جهوري سان جهجن
سورن پڏي سندرو سچو، تنهن روح روئڻ سان رڙن
2   ڪينون ڪاهي ڪين ٿيا، وجودون ويا آسرا چني
ٻاري برهہ جي بحر ۾، تنهن لهر ۾ سي پيا لڙهن
3   سچو نينهن سان ناتو لڳن، سرتيون اهي سک ڪيئن سمهن
اورن الف سان جي عشق اٿن، پنهنجي قلب ۾ سيئي ڪڙهن
4   سيجون پلنگ غاليون غلم، ٻاجهون يار جي هو نہ ٿا وڻن
سامان سر صدقو ڪيون، عاشق مٿون سري چڙهن
5   بيرنگي بيچون جي، ڪائي ڪنڏي ڪاڏهن لهن
وجي پيا ”رڪيل“ انهي موج ۾، اتي ئي نامڙن

سرتلنگ   ڪافي83

ٽل اهو داغ سيني منجھہ ڏيئي، ويم دوڙ ڪيون دلڙي لٽي
1 هئي هئي ڪيون هنڙا هٽان، ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان
ويم وسري اهي جڳ ٻيئي، وڏو يار چشمن سان چٽي
2 هي دل هڪ سان لڳي، ٻي نہ ٻولي ڪا ٻڌي
وڃي پيچري پرجي پئي، ڀڳڙ وڏو ٻيھر ٻٽي
3 مستي ڏسي مدهوش ٿي، ڪاڏهن پرين ڪاتي ڏسان
حيران حيرت هيءَ هئي، ڦاتي دام ۾ سا ڪاڏهن ڇٽي
4 اڪيون پرين جي پار ڏي "رکيل" سدا ساريون سڪن
اها ننڊ نيڻ ڪون وئي، ڪل مان ڏنهن پرين منهن نان مٽي

سرتلنگ   ڪافي84

ٽل فنا جي فڪر سان، ڏنم عشق رهبر
هستي کي هٽائي، ٽڙيو توڙ تڪبر
1 لافي کي لڏائي، برهہ تو يڃائي
نفس نجس ماري، قلعو ڀڃ خيبر
2 اها عشق عادت، سچي جاڻ صحبت
راضي رهہ رضا تي، صبر شوق صابر
3 پڪم ماس ٻيرا، ڦٽڙ هاڻ جيرا
جلن تا پريڻ ڪان، لڳم نينهن زابر
4 توڪان يار جاني، ڪيم پاڻ فاني
"رکيل" جي اڳڻ تي، آيم دوست دلبر

سرتلنگ ڪافي85

ٿل وفادار سهڻو سدا پيو سهائي، ٻئي جڳ وساري ڏنم نينهن لائي

1 سدا تي سنجاڻان، عجيبن اوراڻا، ڪيان ياد دم دم ڳچي پاند پائي

2 اکيون دل ٻيئي، ساڻ تيون م سيئي، ڇڪون جان ڇوڏاري پريشان ڳهائي

3 لڳم جان جهيڙو اندر جو اکيڙو، اهڙو عشق آهي، جگر خون کائي

4 ڏنم عشق وارو، ”رڪيل“ جو نظارو، برهه بيقراري روهن ۾ رلائي

سرتلنگ ڪافي86

ٿل سورن منهنجو سک وڃايو، لڳم اندر ۾ آڙاهه

1 راتيان ڏينهان پنڌ پرين ڏي، متان ٿئين گمراهه
اوجاڳن اوجاريو هي، سرتيون منهنجو ساهه

2 ڏکيو عشق عجيب جو.ناهي اتڪل نڳي ناهه
ڪي مانجهي پون مچ ۾، ناهين همٿ ڪو همراهه

3 دهشتي درياهه ۾، اتي ڪو سجهي شجاع
ترهو ٻيڙي نه تو ڏسان، نڪو اٿم ملاهه

4 ”رڪيل“ انهي رمز جو، ڪي رند سڃاڻن راهه
لاهي ڇڏ حجاب کي، پوءِ تي شاهن جو تون شاهه

سرتلنگ ڪافي 87

ٿل دم دم پيش اچن ٿيون منهنجي، حسن جون فوجان چڙهايون يار چڙهايون

1 ترڪش وارا تير جگر ۾، ڪشي هڻن ٿا اوچتي اندر ۾،
سيني منجهه اماٽيون يار اماٽيون

2 حملو ڪيو اچي هوت هڻڻ ڪان، ڪيئن تہ ڪيان وچي ڪاٿي لڪان،
لڳم جان جسم منجهه لڙايون يار لڙايون

3 ڇيهه ڇريون ڪيم چاڪن ڇيهان، روزپنهل ڪن مان ڪيان ٿي ريهان
ويم روهن منجهه اڙايون يار اڙايون

4 ڪاڻهن "رکيل" وڃي ڪيئن تون ٿاٿين، اوري رهين نہ ڪنهن سنگت ساٿين
ويم باب برهه جو پڙهايون يار پڙهايون

سرتلنگ ڪافي 88

ٿل باهه برهه جي هر دم، ويم بار وچل هي باريون يار باريون

1 عشق اندر ۾ آتش لائي، ننڊ نيڻن کون ڏاڍي ڏکن تڙائي
شب روز ڪريان پئي زاريون يار زاريون

2 سمهڻ ويهڻ هي سورن وڃايو، درد تنهنجي ۾ آرام نہ آيو
رمز پنهل ويو ڏيکاريون يار ڏيکاريون

3 مڇ محبت جو اهي پڙڪن باهيون، جانئي گمان تي تاڻي اچن ٿيون ڪاهيون
مان تہ پايان ٿي ٻهاريون يار ٻهاريون

4 ڪعبو "رکيل" تو ڪيئن تہ ڏنو آ، دل جي اندر منهنجو محب منو آ،
ويهه نہ ائين ورکي وساريون يار وساريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ ڪافي89

ٿل عمر ڳيم غم دي نال وو، ڪڏان ماهي مَين نال ملسي
1 آپ تہ چاتم ڪجهہ نہ وهايم، عمل ميڏي هن بدحال وو،
لوڪ سارا پيا ڪلسي
2 سنجهي سمهڻ ننڊ سکي نہ ڪيتم اوجاڳا، هٿ نہ ڪيتم هڪ خيال وو
رمز حقيقي ڪيوين رلسي
3 سنگيان سهيليان ڏيسن واڌايان، پنهل ڪيتم اهو يال وو
اڱڻ ميڏي تي پرين تلسي
4 سر تہ "رڪيل" دي باهہ برهہ دي، وحدت نال وصال وو،
جان جسم جند جلسي

سرتلنگ ڪافي90

ٿل سوز سڙيندا فراق وو، هڏ ماس رڳان پيان ٻلديان
1 واهہ ڪنعاني وو مصر خريد ٿيا، ٿئي زليخان مشتاق وو،
بردا ڪرڪي جهلديان
2 مجنا مست هويا ليليٰ اُتي تہ ڏنم، حيرت وچ هيا هشناڪ وو،
وڪڙ وليان ڪر ولديان
3 جيئن صنعان سالڪ پول انهي وچ پل ڳيا، اصل هويا تہ عشاق وو
رمز مجازي رلديان
4 عشق حقاني وو جنهن سر آيا، قلب تنهين داٿيا پاڪ وو،
چال چڱي اهي چلديان
5 ڪرڳهن سودا ول نہ تہ اوسين وو، "رڪيل" ڏيوين سردا واڪ وو
جوش جگر وچ جلديان

سرتلنگ   ڪافي91

ٽل جڏان اڱڻ تي آيا ول يار، ڪيتم صدق سر گهوري
1 سنگيان سهيليان ڏيون واڌايان، حال تهين ڪون آک سڻايان
عجب ڏٺم اسرار، جان جگر وچ جهوري
2 سوين ورهين داڳيم وڇوڙا، سچ تہ سڃاتم بخت ٿيم ول ڏوڙا
عشق ڪيتم چا اظهار، ظاهر ڪريندا زوري
3 عجب عجائب حال نہ ڏيندا، مٺڙاني وچ آپ ٻوليندا
نهين ڪوئي انت شمار، لنو تہ لڳم اها لوري
4 حال ”رڪيل“ داسرس سوايا، شوق شراب ساقي پلايا
برهہ ڪيتم چابهار، پاتم ڏکيندي ڏوري

سرتلنگ   ڪافي92

ٽل يارمٺل سان منهنجوڳجهيون ڳالهيون، ڪنهن سان نہ ڪنديس
1 شڪ شرڪ لڄ لاٿم، پيچ پرينءَ سان پاتم
سڄڻ اها لنوَ لاتم، حال انهي سان هلندس
2 صفت ثنا منهنجي آ سندين، توڙي عام وينا ئي ٻڌين
سالڪ ٻنان چا سمجهن، ڳالهہ انهي تي ڳنڍيس
3 صبر ڪيان سڪ نہ ڇڏي، لوئڻ لوئڻ منجهہ تي لڳي
لوح قلم ڪون اڳي، برهہ تنهنجي ڪٽي ٻنديس
4 چئو تہ ”رڪيل“ سر سارو، دم اناالحق وارو
نينهن هيون ٿم نعرو، رمز اها تو م سنديس

سرتلنگ ڪافي93

ٿل ناز سجڻ جي سرتيون- نينهن نوان ٿي ڪيا، ٿيڙم پاند پراٽا

1 ڪڏهن لذت ۾ سرتيون، ڪڏهن سورن ۾ سڙان،
ڪڏهن منيءَ سان ماٽان

2 صبر نہ ڪوئي سرتيون، چاڪن ڪئي هان چري،
پرجا ڪندس پڇاٽان

3 وحدت واهہ وٺيم، من محبت ۾ ميان هڪ بنا ٻيو نتي ڄاٽان

4 حال ”رڪيل“ جو ٻلو، هوت هڪوئي الا، ساڻ دمن جي سڃاٽان

سرتلنگ ڪافي94

ٿل پنڌ پنهل جي سرتيون، پيرپٿون ٿي ڪيا، جبل ڪيون مونسان جاڙيون

1 لوچي لڪن مٺون لڌم، پير پنهل جو اديون،
ڏکيون ڏونگر جون چاڙهيون

2 سور ۾ سختيون سنم، خان پنهل ڪاڻ اديون،
عشق ڏنم ٻاري اوماڙيون

3 مهل مني کون ويئي، هت نہ تڪڙ جي هاٽي،
سور وڄن تا ساڙيون

4 ڪيچ وطن جي سرتيون، اچي مونکي واءُ لڳي
چڏيم پنيور جون ماڙيون

5 شاه ”رڪيل“ جي سرتيون، آهہ وڃي ٿي اتي،
روز ڪيان ٿي راڙيون

سرتلنگ ڪافي95

تل سدا منھنجا سڄڻ پيارا، اڱڻ ايندين ڪڏھن جاني
1 ڦٽم آرام سک ساڙيو، سورن منھنجو اندر ڪاڙھيو
تتي سان قول پنھنجو پاڙيو، ڪيم فراق تنھنجي فاني
2 چندن سرخي ڪجل پايان، ڳالھيون ڳڻ يار جا ڳايان
پلايون لک تنھنجون پايان، منھنجو آن معشوق لاثاني
3 سڃاتم سچ پنھنجي ڪعبي، مان ڪندس طواف سرصدقي
شل ھجي ھميشان اڱڻ تي، ڪيان جندجان قرباني
4 ”رکيل“ جون روز پڪاران، اگھيون وڃي عرش اوچنگاران
ڏک درد دل ڪيم ڦاران ڳنيڙڻ جي ڪرڪا احساني

سرتلنگ ڪافي 96

تل الست ڏھاڙي منھنجي دل، انھي دلبر سان وڃي ڦاتي يار ڦاتي
1 دستور ڪھين سان، دل ڪين وري تي
ڪيئن تہ وساريان، نہ ساعت سري تي
اھڙي لنوَ تہ سڄڻ مونسان لاتي يار لاتي.
2 ٿيو امر قلم ڪي، منھنجو انگ تان لکيائين.
ڪر پنڌ پرين ڏي. پوءِ ائين تہ اتائين
سنگت نہ ٿيم ڪو ساتي يار ساتي
3 ھوت بنان منھنجو ناھين حيلو
سرتہ اڏي تي مان ڪسڻ قبوليو
دست مغانجي ٿيم ڪاتي يار ڪاتي
4 عشق ازل جا ائين ڪيم آکيڙا.
سمجھ ”رکيل“ تون جنگ جيءَ سان جھيڙا
پائي تہ اندر م ڏس جھاتي يار جھاتي

سرتلنگ ڪافي97

ٽل ڏوڙ لڳن ڪي لائيندس، ڪيڙم خاڪ وڃاڻا وڃاڻا

1 هن تہ مٽيءَ جو آهي ملهڙو مهانگو
ڪوني مٽيءَ ڪي پرين، ڪيڙو آهي پنهنجو
يلا پاڪ تهين جا پڇاڻا پڇاڻا

2 خاڪي پڃري ۾ آڻي روح رلايئي
ارواح اندر ۾ گفتار ڇپايئي
يلا لعل گوهر ڪيئي تڪاڻا تڪاڻا

3 هوءِ هوا هي لحظو لقاءِ تي،
ماڳ مٽي جو بنياد بقاءَ تي
يلا سالڪ سمجهن سياڻا سياڻا

4 جي پسين پرين کي ڪر جال جهڪائي
سهہ تہ لنڙ ڪر نہ تون واءُ وڏائي
يلا يار "رڪيل" سيئي سيباڻا سيباڻا

سرتلنگ ڪافي98

ٽل جتن ڪر جبل سان ڏکن جو ڏهاڙيون
الهت جون اندر ۾ جيئن ڪاتيون ڪهاڙيون

1 تڪر نفس پاهڻ، تنهنجو سنجاپڻ، پاجهون عشق جاپڻ، لنگهيا ويا لتاڙيون

2 فڪر باهہ پاري، اندر تو اوجاري، مٽي دل کي جياري، وڃي غير ساڙيون

3 مري جنهن ملهايو، تهين فيض پايو، ظهوري هلايو چڙهيا عشق چاڙهيون

4 اها جنگ اڪبر، ڪتي ڪو مرد منور، "رڪيل" يار دلبر ڏيکاري مهاڙيون

سرتلنگ   ڪافي99

تل عبد تيو سي الله، احد سڏاوڻ مشڪل ڏاڍي
1 لاڏي سيف ڪري ستڪارا، جنگ جسم نال هو هلڪارا
هستي هي همراهہ، مين ڪون مناوڻ مشڪل ڏاڍي
2 حيرت دي وچ حال اهوئي،رسم رندي سک سر ڏي سوئي
عشق چڪايا آڙاهہ، جان جلاوڻ مشڪل ڏاڍي
3 آب تي آتش نان ٿانءِ هڪوئي، عشق شرع تي ڏيندا ڏوهي
راهہ ڪنون گمراهہ، ڪفر ڪماوڻ مشڪل ڏاڍي
4 مشڪل ڏاڍي تي ”رکيل“ آيا، عشق اندر وچ شور مچايا
آڻ نهايس ناهہ، جٽيا پاوڻ مشڪل ڏاڍي

سرتلنگ   ڪافي 100

تل زهد مون تو ذات سڏائين، سر آهين سبحان
1 ڪڏهن آهين ڪڏهن ناهين، پاڻ ڪري ويران
2 لوچي لڏم لوءِ ۾، صورت عين عيان
3 اناالحق کي حق سڄاتو، نقش ڏسي تہ نشان
4 ختمآن ڪل نبين جو، نازل ٿيو فرقان
5 ”رکيل“ انهيءَ راهہ جو، بيحد آهي بيان

سرتلنگ ڪافي101

تل پري چو تو پچائين، ڳول اندر اٿئي اولي
1 جملہ جهان اٿئي آئينو، ڏس تون اکيون اُهي کولي
2 هر ڪنهن پنهنجي هردي اندر، يار لڌائون سو ڳولي
3 پنڻ منگڻ سان هٿ ڪين ايندئي، انهي راهہ وڏا سوين رولي
4 آهين تون ساڳي ٿاهي تہ "رکيل" ٻول اهو پاڻ ٻولي

سرتلنگ ڪافي102

تل اسين ائين ڪيئن ٻڌايون، ڳالهيون ڳجهيون سجڻ واريون
1 هر رنگ ۾ ٿا ڏسون، سائين تہ پنهنجو سدائين
هم اوست ۾ ائين آهيون، لاتيون سو برهہ ٻهاريون
2 ڪوئي ڪوئي سمجهي پلو، ڪوئي نہ سمجهي وو ميان
ورهہ وارن جون وڏايون، ڳليءَ ڳليءَ ۾ پچارون
3 عاشق اچن ٿا پلو، ائين تہ مالڪ وومِيان
قرب وارا شال ڪاهيون، توڙي هجن ڪي تکيون لاريون
4 احد منجهون تان پلو، عبد سڏائين وومِيان
تون پاڻ آهين اسين ناهيون، لاتيون سي لوڪ مياروں
5 عشق عقل جي پلو، لڳي تہ لڙائي وومِيان
عقل وڃي ٿو هارايون، سوَ تہ "رکيل" ڪندس زاريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ ڪافي 103

ٿل عشق بنان افراد، عمر اجائي ملان چو تو وڃائين
1 فذ ڪروني اذڪر ڪم، آخوند اتي نا سنجاتئي
نفس جو حرص وڌوتي فساد، هي گم ڪر هستي نتو جسم جلائين
2 صرف نحو جو سبق سهنجو تي، ڏکيو آ برهه جو باب
اوجي قلب ڪڙهين، مئي دل کي جڳائين
3 ڪنز قدوري در مختيار معلم، ظاهر پڙهن ڪتاب
علم باطوني ڏي منهن نتو پائين
4 اڪر پڙهين سينو صاف نه ٿيندءِ، ڪيئن تو سڏائين ساڌ
واعظ ڪيون تو ٻين کي ٻڌائين
5 ورد وظائف ڇڏ سڀئي واري، هڪ الف جو سچو تي سواد
پوءِ اناالحق چئو، تڏهن پاڻ نه ياتئين
6 رمز "رکيل" سڪ مرشد واري، اهو ئي درد وندن جو داد
عشق اڳڻ منهنجي، پليون تون آئين

سرتلنگ ڪافي 104

ٿل ظاهر باطن اتن ظهور، ڏسو عشق وارا مشهور
1 نينهن لڳو اتن شوق نرالو، آب حيات جو پيتائون پيالو، ٿيا نورمن اعليٰ نور
2 درد اندر ۾ دڪائن دونهان، سير سڄي جاتئڙا سونهان،
ڪاتي رهيو ڪوهه طور
3 جال تنهين جون جاڳن قبران، خوب سچون اتن خاصيون خبران،
ٿيا محبن وٽ منظور
4 سڪ "رکيل" رک سرت سچائي، پنهنجي پرين سان ڪر نه جدائي،
تي وحدت منجهه وهلور

سرتلنگ ڪافي105

تل جڏان وي پيچ پيم ول پياري دا، وچون ظلمات ظهور ڏٺم
1 هوش ڪنون بيهوش ٿيم، جڏان نينهن لڳم تہ نظاري دا،
محبت وچ مسرور ڏٺم
2 نقطا غين والا وچ دور ٿيا، آيا عين عجب تہ اشاري دا،
انسان سو مذڪور ڏٺم
3 گهتيوئي وچ تہ صراحي دي شراب ڪل، آيا صاحب تخت هزاري دا
سولي اتي منصور ڏٺم
4 ايوين "شاهہ رڪيل" هر جاءِ ڏٺا، جيوين دين ڪفر هڪ واري دا،
حسن هڪو ول نور ڏٺم

سرتلنگ ڪافي 106

تل ڏک ڪئون پڇن ٿا جي ماڻهون، ماڏي سور اچن ٿا ڏهاڙيون
1 روزئون روز ڪسن ٿا، انهي تہ اڏيءَ تي اچي عاشق،
قول الستي وچن پاڙيون
2 مشڪل بازي برهہ جي، مرد اچن ڪي مرڻ ڪان،
اوڪيون عشق جون چاڙهيون
3 فڪر فنا منجهہ فاني، پاڻ نہ ياڻن پنهنجو
غير اندر جو وچن ساڙيون
4 روز "رڪيل" ڏي اچي تو، عشق امالڪ ڪاهيون،
ڏي تو ٻاري اندر ۾ اماڙيون

سرتلنگ ڪافي107

تل اگھڻ آيو منھنجي پيم پچار، سو ڪيان مان لک شڪرانا
1 روزون روز نيون نت ڳالهيون، ناز پرين جا عجائب چاليون
حد نہ ڪا انت شمار، ڪرڻ مطالعہ سمجھڻ معنيٰ
2 شهر ينيور ۾ پليون آيم پاٽي، سَوَ مبارڪ ڏيو هوت آيم هاٽي
سورن پريءَ جي لڏائين سنپار، لنم مياران سيئي طعنا
3 سورتنيءَ جا وجم ڪالهوڪا، چڙهي مان منبرتي ڏيندس هوڪا
حق حاصل تيم چڱي ڪنهن وار، شهر ميرانپورعشق جا خزانا
4 فيض فتحپور عشق جو آيو، توهين سپ سرتيون فڪر وڏايو
گوش ڏيئي ٻڌوهي گفتار "شاهہ رکيل" جا اهي افسانا

سرتلنگ ڪافي 108

تل عشق ٻڌايم وڏو ويساهہ، الله منهنجي پينر پانگي آيو
1 لوچڻ ٻاجھون ڪنهن نہ لڌو آ، ساڻ دمن جي پرين ٻول ٻڌو آ
هوت آيو اچي تيم همراهہ، دم دم سان انالحق چوايو
2 ناهي لڪڻ جو ڪيئن مان لڪايان، جاڏي ڪاڏي اوهو تي پايان
ڏسڻ چون تا اتي هي گناهہ، جتي سمايو ڪنهن نہ لڪايو
3 رمز سچيءَ کون ڪير بيو پلائي، پنهنجو ظهور پاڻ تو هلائي
ملڪ فلڪ سپ گواهہ، عبد منجھون تو احد سڏايون
4 سمجھہ "رکيل" اهو سچون تي ڳالهيون، عبدالستار جون نينهن جون نراليون
شاهن جو اتئي شاهہ، نينهن وارن هي طبل وڄايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ کافي109

ٿل کيئن نہ وڃن ٿا ڪارونيار، عاشق امالڪ ڪعبہ ڪاهيون
1 ڪعبو ڏٺائون دل جو تڪاٽو، سچ جڏهن آيو پوءِ ڪوڙ سڙاٽو
مرڻ جيئڻ جي لٿن ميار، سورهہ سندرو ٻڌن جي ساهيون
2 گهور ڪيون ٿا گهرن جي غازي، ميدان تهين ۾ آسر جي بازي
هتون جنگ ڪتن ڪي جهونجهار، دم دم سان هي برهہ جون باهيون
3 سڪ ٻڌاين سندرو ساهي، ڏک چي ڏورڻ تن ڪان چاهي
سختيون سرتي بارون بار، نانهہ چون ٿا اسين ائين ناهيون
4 پنهنجو پاڻ ۾ پائي ڏس جهاتي، عشق "رکيل" تي ظهورو ذاتي
وحدت وارون وار، درد انهن سان ٿا نينهن نڀايون

سرتلنگ کافي110

ٿل لکيو لوح قلم ۾، منهنجو پنهل سان آهي
1 سور تہ سختيون ڏيئي مڪائون، سڀئي سر تو سهائي
2 وس نہ ڪوئي پاڻ وهيٽي، نہ تہ ڪيچ وڃڻ اديون چاهي
3 اناالحق ائين پاڻ چوايئي، پوءِ چڙهايئي ڦاهي
4 رک تون "رکيل" رمز حقيقي، ڏس ڏنم اهو ڏاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ ڪافي 111

ٿل سوئي اهو آهي واحد شاهد آهي پاڻ الله

1 گوناگون بي شبهه بتونو، بيرنگ جو رنگ نه شڪل نمونو،
ڪي رند سجاڻن راهه

2 ڪتي آ مسجد ڪتي وري مندر، ڪتي آهي سالڪ ڪتي آ قلندر،
ڪتي بادشاهه سپاهه

3 هر رنگ ۾ تو پاڻ سمايو، احد منجهئون تو عبد سڏايو
پاڻ تو ناهين ڏاهين ڏوهه گناهه

4 آيو "رڪيل" جي يار تڪاٽي، پاڻ تو جاٽي پاڻ سنجاٽي،
ويو وحدت ۾ بڏي ويساهه

سرتلنگ ڪافي 112

ٿل تنهنجي عشق ڪيو آ ڪباب مونکي، ناهي خواهش ڏوهه ثواب مونکي

1 جاري جوش لڳو منهنجو جيءَ جلي، تنهنجي تابش جو آهي تاب مونکي

2 اچي هو هو سمايم ساز سيني، تنهنجو رڳ رڳ ۾ آ رباب مونکي

3 قطرو قلزم ۾ وڃي ڪيئن پيو، ائين حسن تنهنجي ڪيو حباب مونکي

4 فرض وحدت جو اثبات ٿيو، نيئين نينهن ڪيو آ نواب مونکي

5 خاموش "رڪيل" اسرار آيو، ڏيئي ترڪ طمع جو جواب مونکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ ڪافي 113

تل مٿي مام مستي آئي سر عشاقان
لڪڻ ڪون لنگهياسي اتي ڪن اوطاقان
1 ڏکن چاڪ چوران، ڪيم درد گهوران، ڪهڙو بهشت حوران
ملڻ لئي پرينءَ جي نئم خوش خوراڪان
2 نئون نينهن لائي، اتي پير پائي، پليتي وڃائي
بينا پاڻ پهري پاڪيزيون پوشاڪان
3 دئي جو فرق ويو، اهو مردن مرڪ هو، وڃي خيال هڪ ٿيو
آيون پيش منهنجي برهه جون بوراڪان
4 چو تو غير آڻي، سچو ٿي سنجاڻي "رڪيل" پاڻ جاڻي
ڪيم زهد ذاتي ڇڏيندس نه چاڪان

سرتلنگ ڪافي 114

تل عشق اسان وٽ پليون پليون آئين، صفت پرين جي ڪرتون پچار
1 عشق ڇي رهبر راهه جو سونهون، درد دکايم دل منجهه دونهون
مڙڻ مردن ڪاڻ هي سخت ميار، ڏي سرساروتان منصب پائين
2 نيهن نياڻ مشڪل بازي، بي غرضن سان عجز جي آزي
سوين آزيون حيلا ڪيم هزار، دلڙي ڏتاري منهنجي ناهه تو ناهين
3 عشق جي منزل مشڪل هوئي، حد ۾ هر ڪا بي حد ڪوئي
مرد روان ٿيا هي رفتار جوش ڏيئي ساري جان تو جلائين
4 پائي ڏنم جسم ۾ جهاتي. رمز "رڪيل" هو ظاهر ذاتي
يار ڏيکاريم عبدالستار، احد منجهون تو عبد سڏائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ   ڪافي115

ٿل رڳ رڳ ۾ اٿم رمز سڄڻ جي، صحيح ته سڄاتم پرکي پرجهي
حسن حقيقي نور نشان

1 منجهئون ناسوت جي ڪرڻ نظارو، هر جاءِ حق کي ڏسڻ پسارو
تابع شريعت جي نيائون تمام

2 ملڪو تون جا محبت آئي، ساڻ طريقت ٻڌڻ يڪائي
لدني لڏائون علم عرفان

3 جبرو تون جا جاءِ لڏائون، هليا حقيقت حق سمجهائون
عشق عقل جا يڳا سامان

4 باقي بالله هي ناهيئي، لاهوت تان هو منزل سيئي
منجهه معرفت جي ڪيائون مڪان

5 علم عمل چي هٿ ڪيم آيم، خلق ٻڌائي پاڻ وڃايم
ناهي ته رکيل تي ڪو گمان

سرتلنگ   ڪافي116

ٿل عجب مٺي گفتار سان، ٻولي ڪري ٻهگڻ ٻڌم

1 ڪوني ڪيائون ويجهڙو، وٽ پرين جو راهه هي
رهبر رسيلي ڪيم روان، مولا ڏنم مرشد ورتم

2 پنڌ پرين جو پيچرو، تو ڏيکاريم ڏس ڏيئي
سچو سڄاتم دل جان مان لوچي اندر لعلڻ لڌم

3 سامان سڪ ۽ سوز جا حد نه ڪا لاحد ڏسان
اوچا ٻڌايان چا چوان، اهو سور سيڻن جو سندم

4 عشق جي آڙاهه ۾، سڙي "رکيل" سچ ٿيءُ
ڪاهي ڪٺا هي منجهه پوان ائين قلب ذاتي ۾ رڌم

سرتلنگ ڪافي 117

ٿل جڏهن پرتوو پر جو پيم ڪيم، جند جان ۾ جانب ڏٺم
دل کي سچو ڪعبو ڪيم تنهن ۾ اجهو انور ڏٺم
1 دل جو دلبر هيڪڙو، اومان ڪنديس ڪونہ بيو
سندرو سچو سورن پڌم، رڻ راھ ۾ رهبر ڏٺم
2 جڏهن ترڪ ڪيم وجود کي، سيني اندر لوچي لڌم
هڪ خيال مستي جي ڪنيم، سڪ سوز سان سرور ڏٺم
3 ڪربلا جي ميدان ۾، عشق جو آنبھ لڳو
هي هي ڪيون رت تي رڙي، قيامت وارو محشر ڏٺم
4 راضي رضا تي رھ تون "رڪيل"، قبول پونديون پوءِ تڏهن
الحمد الله تي چيم، بازي بره زابر ڏٺم

سرتلنگ ڪافي118

ٿل ويڙم شڪ گمان، وڃ ميدان صفائي جي منجھ پياسي
1 موج انهي ۾ آهي مردن مارو، سر ڏئي ڪن ٿا سورھ وارو
پٽ نہ ڏيندو پهلوان، وڃي بار بره جي بند پياسي
2 دل سچي ۾ ڏٺم سچو نمونو، غير وڃائي صفا ڪيم درونو
نينهن ڪيم نشان، تڏهن پرين جي پنڌ پياسي
3 انڌو آئيني ۾ منهن ڪين ڏسندو، حال فقر جي سوئي نہ رسندو
عشق تڏهن ڪيو طوان، اهڙي انڌن جي وڃي انڌ پياسي
4 ڪيئن رڪيل تون پيچ ۾ ائين، درد لڳئي تڏهن تو دوڊ دکائين
سورن جو سامان اها رمز لڳي تڏهن انهي رنج پياسي

سرتلنگ ڪافي119

ٿل عشق وارن جا وسن وٿاڻ، قرب تنهن جو قائم هميشان
1 نينهن نڀاهڻ مشڪل ناتو، سر ڏئي تن پاڻ سڃاتو
اهڙا رمز وارن جا چاڻ، محبت واريون لڳيون تن ميخان
2 ڪمر ٻڌائون سندرو ساهي، موج انهي ۾ پيا وڃي ڪاهي
پرجهه پئي تن پاڻ، تنجو ڇا هي ٻي ته ڪنهن سان
3 سوز فراق وڌم سينو ساڙي، ڪيئن ته ٻڌايان ٻين کي اگهاڙي
محبن سان اٿم ڪهڙا ماڻ، روز وهن تيون رت جون ريخان
4 ڪيئه ترڪ رکيل هي طمع کي توڙون، برقعو بشري پاتئي مهڙون
پاڳ لڳئي تان وسندءِ پاڻ، گلشن تنجو بنياد بيخان

سرتلنگ ڪافي120

ٿل ڏنم درياه وحدت جو، ناهي ڪنڌي ڪنارو ڪو
برهه جي بحر جون موجان، نه ٿم ٻيڙي نڪو ترهو
1 اندر ۾ ڪُن تا ڪڙڪن، لڙهيس تنهن لهر ۾ لاشڪ
ڏکيو درياه دهشت جو، گهڙي تنهن ۾ ڏنم غوطو
2 وڃائي وجود کي ويتر، نٿو ڄاڻان انهي تن کي
نڪر فاني فنافي الله، جهين ڄاتو تهين پاتو
3 گهي مجنون مئخانه، گهي مهجور محنت ۾
صفر آهه عشق جو مشڪل، گهي رندي عجب درجو
4 آيم سختي سدا سر تي، برهه جو بار آهه برسر
متان ترسين ڪرين توبهه، نڀائڻ نينهن آهه ناتو
5 السِتي تانگهه تان اها لڳيم، ارواحه کي خوشبوءِ
رکيل جو روح تيو روشن، وڃي لاهوت ۾ پهتو

سرتلنگ ڪافي121

ٿل انگ لڪيمر هوت بلوچ سان، اوهن ولهيءَ جو وهه وا

1 هن پرائي ڏيهه ۾ نتي تڪڻ ناروا، ويندس رهندس ڪينڪي هي ٿي ڪوڙي هو هوا

2 ڪيئي اچن ڪيترا، مونکي سورن جا سهوا، دارون مونکي درجو تنهنجو ڏسڻ آهي روا

3 پينر هن پنيور ۾ هت رهڻ بيوفا بيو ورڪنديس ڪونه ڪو هڪ پنهل ڪون سوا

4 عاشق اولو ٿا رکن، رکيل روءِ رضا باطن واري علم ۾ ڪي پوندا مرد ميا

سرتلنگ ڪافي122

ٿل پورهيت جو پيغام، اتي وڃي اگهاٽو آهي آهي

1 آس پري جون پلوڙي،پڇڻ اميدان وي ميان، شل پوندمر قبول ڪلام

2 مان جهڙيون تہ پلوڙي، لک ليلائن، حسن حيرت ۾ حيران

3 ڪينون ڪين پلوڙي وڪر وهايمر وو ميان، سورن جو سامان

4 روز رکيل ڪي پلوڙي، طلب توهانجي وومیان، ٽيمر نيٽن ننڊ حرام

سرتلنگ   ڪافي 123

ٿل جيڪر وڃان جٺڙي مري، سرتيون جيڏيون پوءِ چوندم چري
1 منيس مونجهہ ۾ هي ٿي مري، لڳي آگ جيرن منجهہ ٻري
تنهنجي شوق زاتيءَ جي ذري، ناهي واند ساعت ڪا ڏري
2 سڪ نان سمهڻ سرتيون مونکي، پلئي عشق منهنجي پيو پڪي
لڳو تيرجي ۾ پيو جڪي، ڏک کون پيو ڏونگر ڏري
3 اڙين عشق سان ڪنهن تو چيو، وجي پير ڪاري تي پيو
مزو لذت مانکون ويو، جهوري جهجهڻ ڳجهہ جي ڳري
4 هي پنهنجو قصو ڪنهن سان ڪيان، عمر ساري افراد مان
نفي منجهون اثبات ٿيان، پڏري وجي کوٺي کري
5 سوئي رکيل ايڏو قدر، جيڏي سڪ مونکي تيڏو صبر
آيم اڳڻ لاهي ڏمر، ورنہ اديون منهنجو وري

سرتلنگ   ڪافي 124

ٿل بره جي بحر ۾ پون مرد ڪاهي،
سنگن ڪين سورهہ سانگو سر جو لاهي
1 بيڙ باهہ پڙڪن، ڪپرڪن ڪڙڪن
ڊجن ڪين دڙڪن، سوري سِر سمائي
2 عقل ٿيو اجايو هتون تنهن هارايو
عجب عشق آيو، پتنگ جان پچائي
3 پيو شينهن ٻيلي، زناور طفيلي
پنجي غير پيلي دوئي کي وڃائي
4 فنا جو تڪاٽو، گذر گاهہ چاٽون
سچو هڪ سچاٽون، رکيل تو بڏائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ ڪافي125

تل لوح قلم لکيو پاڙينديس پاڻ، انگ ازل جو ٻاروچل ٻولي

1 عشق اڇي هي الانبو لايو، سوز اندر ۾ دوڙ دکايو
جام آري جا پئم اهي جاڻ، چپر لنگهي مان ڏينديس چولي

2 الست بربڪم پاڻ ڪهيوئي، قالو بليٰ مان تڏهن چيو هئي
رمز اها اتم روح رهاڻ، درد اندر ۾ لاتم هولي

3 عين غين جي صورت ساڳي، نقطو لاهي ٿيس بيراڳي
لاحد جا ڏنم اوهي وٿاڻ، ونحن اقرب پاتم جهولي

4 وهوا رکيل اهي ڳالهيون ڳايون، جاڏهن ڪاڏهن مليم واڌايون
وسن بره جا اهي شل پاڻ، لون لون ۾ اتم تنهنجي لالڻ لولي

سرتلنگ ڪافي126

تل عشق جي اسرار جو، سر سالڪن کي پيو سماءُ

1 جي لذائون پاڻ ۾، سر الاهي خد خداءَ
ناهي فرق هڪ تر جيترو، آهي الله سوئي اولياءَ

2 حد لنگهي لاحد ٿيا، اها رسم رندن جو وڏاءُ
وچي ٿيا اوپارا اوڏهين، هردو ڪيائون هي هماءُ

3 الانسان سري ٿا ڏسن، جوش منجهون جاءِ بجاءِ
آيو علم وانا سره بي رنگ سوبيريا

4 رکيل عشق جي آويڙ ۾ جيڪي آيا سي هاءِ هاءِ
ذائقو چکيائون ذات جو، تن قلب هي قلبي نماءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ ڪافي 127

تَل باجھون تنھنجي يار پيارا، ڪونہ ھتي ٻيو ھجي ھجي

1 سڪ پرين ڏي نيئين ڪيم سونھون، درد اندر ۾ دکايم دونھون
اوياھہ برھہ منجھہ پجي پجي

2 ھن دل ۾ ھڪ دلبر آيو، غير زناور سين سڌايو
اوچور نڻو ھت ٻجھي ٻجھي

3 منھنجا پرين مانوٺ ھج تون ھميشان، ساھہ ثمر ثمر سانول توسان
اوسر بنا نہ ٻي سُجھي سُجھي

4 اگڙ پرين کي ٿي بيشڪ پايان، ويساھہ ٻڏي اھي دم ٿي ڪمايان
او ابر باران ڪيون گھِپي گھِپي

5 وھوا رکيل اھي ڳالھيون ڳايون، جاڏنھہ ڪاڏنھہ مليم واڏايون
او ابر باران ڪيون گھِپي گھِپي

سرتلنگ ڪافي128

تَل ھنيو نينھن نعرو طبل زور شاھي، عقل ٿيو لڏائون ھتون ڪالھہ راھي

1 تنبو فوج کوڙي بينو جنگ جوڙي، ڀڳا عشق توڙي عقل جا سپاھي

2 اھڙو عشق آتش جھلي ڪير تابش، رندنجي سفارش صفائي سچائي

3 اھڙي عقل اٽڪل وچ نہ ويھہ محفل، ٻڌج توڙ توڪل ملئي يار ماھي

4 چريون تيز لائي عاشق تو ڪمائي، رکيل تي سمائي ڏني عشق گواھي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتلنگ   ڪافي 129

تل دیدار ٻاجھون تنھنجي، ساري عمر ائين ويم
درد منھنجي جي دوا، دلبر دست تنھنجي منجھہ ھيم
1 حال جا محرم منھنجا، تو ٻنا ٻيو ڪنھن کي چوان
سڪندي سڄڻ مون سال ٿيا، اھي پور پلپل جا پيم
2 ٻن دنيا جا دور ھي، سئو ڦيري صدقي ڪيان
ڪوڙي اٿم ھي بيوفا، پائي پلي ڪجھہ ناپيم
3 علم لدني توحيد جو، حاصل ھجي ھر دوجھان
آھي روح منھنجي تي روا، تنھنجي امر سان چوندي چيم
4 سڻ رڪيل ھي سمجھہ تون، دم ياڪون ٿي نا جدا
سر ڏئي تي صوفي صفا، فرياد داھون ٿي ڪيم

سرتلنگ   ڪافي130

تل سوز وارن کي ٿو ساڙي سور، ٻاھہ برھہ جي عشق الانبو
1 راتيان ڏينھان مچ اندر ۾، صحت فرحت ناھي عشق جي سفر ۾
وحدت منجھہ وھلور، سي نہ ڪندائي سر جو سانگو
2 رب ارني جي عرض الاھي، لن تراني نہ ڏسندين جائي
تجلي جلايو ڪوہ طور، اصلون آھي عشق اٽاگو
3 شوق شراب جو پيالو پيئڻ، موتو قبل مري ھو جيئڻ
زھدون ذوق ضرور، حجاب يڳائون لنگھي ويا لانگھو
4 ڪعبو رڪيل ڏس حج اڪبر تي، فيض فتحپور ذڪر فڪر تي
سڪ وارن کي عين حضور، سر ٻنا ناھي سودو سھانگو

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سرتلنگ ڪافي 131

ٿل ماں ووڙي لهندس ورڻ ونڊر ۾ منهنجو ڀڳڙ ٻاروچل ويو، منهنجو ڪاڏي ڪوهيارل ويو

1 پنڌ پري ٿم وات اٿائي، جبل جالڻ مون پيو
شل ڪاهي ويندس ڪيچ ڏي، منهنجو سانگو سيد سان پيو

2 ستي لڏم سهٽون، جنهن خواب مون بيدار ڪيو
آنءُ نہ ويندس اوڏهين، نڪو سمر ساٿي ڪو سهو

3 ميران پور جي مير کي مون ساري سڏ ڪيو
ناهي وسيلو اسانکي بنان ڀڳڙ تو بيو

4 جي ڏسان جانب اچي مان ڪون سور سالن جو ويو
اچي رسنڊءِ رکيل شاه چئي مون سان ڪرم قادر چئي ڪيو

سرتلنگ ڪافي 132

ٿل هي توڪل گذر درويشيندا، نہ ڪوئي خطرا خواهش خويشيندا

1 تني خطري خود نمائي، پنا تڪبر غير وڏائي
ٻڏن چوتا شهر گدائي، نڪوئي ويس لبيس پسيندا

2 نڪوئي مٿ عزيز سڃاڻن، وچ هڪ تي هڪ ڪون ڄاڻن
ذڪ عشق ديان موجان ماڻن، پنا شڪ حجاب نہ ڪيسيندا

3 راضي خاص رضا تي رهندي، تقدير اتي سرسهندي
ڪنون غافل يار نہ ڀهندي، اهو حال فقر هي هميشاندا

4 "رکيل" صبر سوئي سکدي، ڪرن مشق هميش لکدي
گفتا بيهودا سڻ ڏکدي، ڪيها مطلب هي دل ريشيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ضلو   ڪافي133

ٿل باجھون جانب دي دم نہ جلي سان. اوو چ ڪولھہ پنهل دي مين ٿيسان

1 لڳم نينھن ٿيم تي نظارا، دل گلشن گل گلزارا
جڏان ور ڏيسم چا وارا، سڄ لوڪ ڪريسم ريسان

2 خرقہ لڳل وچ پاتم خاڪي، ٿيڙم درس دروني جھاتي
آيا خضر ٿيم سچ ساقي، اھو جام شراب مين پيسان

3 ٿيسو روشن دل خوشحالي، ليسان لعل لبان تي لالي
آوسم سانول سر دا والي، او ميڏا جيوڻ ٿيا وچ تنھن سان

4 بيڙي لھر بحر وچ آئي "رڪيل" خوف ٿيم شنوائي
ميڏي نيٽين ننڊ نہ ڪا ئي، ڏک رورو ڪردي ڪيسان

سر ضلو   ڪافي134

ٿل ڪھڙو حال ڏکن جو ٻڌايان، پنھنجي ڪرمن ڏانھن تي پانيان

1 نڪو سنگت ناڪو ساتي، ھي ھيڪل جندڙي ڦاتي
آيم عشق ٿيم اثباتي، گاھي آھيان تان گاھي ناھيان

2 اڪيون اوجاڳي منجھہ اھي آٿيان، ٻن ساڙيان ويس وڃاٽان
منھنجا ڪاڏنھن نيڻ ڪماٽان، دل دونھون درد دکايان

3 نہ مان بادم نہ مان خاڪي،، نہ مان آتش نہ مان آبي
نہ مان رھبر نہ مان ساقي، ائين سمجھہ الائي چاھيان

4 جيڪو سور "رڪيل" سر پائي، اھو سائين لوڪ سڏائي
سک رمز وجود وڃائي، ھڪ پيچ پرين سان پايان

سر ضلو　　　ڪافي135

تل　جٺان باھ برھ دي بلدي، نهين حاجت هوش عقل دي
1　مشڪل غم دا گذارڻ زاري، آيم پنڌ پتر دا باري
مين سڪندي عمر گذاري، نهين يار ڏيندا ڪا ولدي
2　لڳم داغ سيني وچ سڙدا، لرزي جيرا هاڻ قڦڙ دا
ميڪون عشق آرام نہ ڏيندا، ڪران هئي هئي هٽڙي ملدي
3　شل نصيب ڪريسم چاڙاها، اهو تيسم ڏينهن ڏهاڙا
اوسي يار وسيم پاڙا، تيسان صدق صدق مين جلدي
4　فراق ڪيتم چاڦاني، ڳيا ننگ ناموس نشاني
شب روز رکيل ڪون حيراني، اها لڳڙم تانگھ ازل دي

سر ضلو　　　ڪافي136

تل　ميڪون رانجهن درد دکايا، اندر عشق اُلانبا لايا
1　سخت ڪيڙي ڪرن بکيڙي، ميڪون مول نہ ياون جهيڙي
آيا سهٽل ساڏي ويڙهي، ايهو تيڙم بخت سوايا
2　چوڙ آيا تخت هزارا، شافعي عرب عجم جڳ سارا
انااحمد احدستارا، ميڏي ماهي منصب پايا
3　لک وار ڪران شڪراني، آيم يار ڪهين تہ بهاني
معشوق مليم مٺخاني، ميڏي دل وچ دوست سمايا
4　ڪر عشق جٺيان ڳل پئسان، مسجد مندر مول نہ ويسان
سچا سجدا دل وچ ڏيسان، آڙهہ محبت مچ مچايا
5　اهڙي سمجھ سچائي تہ تيوين، پيالا آب حيات دا پيوين
وچ هر دو جهان دي جيوين، لڳي رمز ”رکيل“ تي رنگ لايا

سر ضلو — ڪافي 137

تل گهر عشق سندو آباد ڏنم، هل هستيءَ جو برباد ڏنم
1 ڏِسو عشق وارن جون قبران، جتي ظاهر زيرا زبران
مشهور تنهن جن خبران، جتي محبت تتي مهتاب ڏنم
2 رهه پنجن تنن سان پورو، ڏس ظاهر ذات ظهورو
باري عشق مچايم ڪورو، ايهو لدني ڪشف ڪتاب ڏنم
3 دنيا دار غنياءَ ڪي عالي، توڙي ملڪ ولايت والي
ڏس قبران تن جون خالي، اهي عشق بنا افراد ڏنم
4 جيڪي عاشق ازلي آهن، سچو سندرو نينهن نيائن
سر سختي بار انائن، ڪتي شيرين ڪتي فرهاد ڏنم
5 سڪ ريت فقر جي ڏسو تولو، خرقو خاڪي ڳل منجهه چولو
سچ بول ”رکيل“ پيچ پيولو، اهو شهر ميرانپور شاد ڏنم

سر ضلو — ڪافي138

تل نہ مين پير مريد هان هڪ بردا، مين تان پچ لڳ فقير فقر دا
1 نان مين شيخ مشائخ غازي، نان مين زاهد پاڪ نمازي
نہ مين ملان نہ مين قاضي، ميڪون تيڙا خوف حشر دا
2 هڪ بره تيڏي پر مايم، سڪ سمهڻ عيش وڃايم
جوڙ الفي ڳل وچ پايم، اهو حال سجڻ نہ وسردا
3 دل لٽي يار بيگاني، ڪيوين ملسي يار بهاني
سڻ •لوڪ مريندا طعني هڪ ساعت سال گذر دا
4 شل يار نہ ڏيوي رولا، لڳا عيب نہ تيوي قولا
”رکيل“ نال فقر داتولا، ميڪون تيڙا سهج سمر دا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ضلو   ڪافي 139

ٽل نڳ چور فقير سڏايان، پنهنجو پاڻ ائين نہ پانيان
1 ڪوڙن سان آهيان ڪوڙو، ڪتي ايمان ٻڏان هي ٻوڙو
آهيان لوڪ سڄي کون لچوڙو، لڌم لعلڻ ڪيئن مان لڪايان
2 ڏنم مڪر فريب واري منزل، ڪاڏي عشق ڪاڏي هي اتڪل
سخت مردن واري منزل، ڏيئي جوش مان پاڻ جلايان
3 پنهنجي پاڻ ڪيا هيءَ حيرت، نا ڪرامت نا اتم قدرت
وهوا وحدت ڪاڏي ڪثرت، اونا ڪشف قلوب ڪمايان
4 جٽيو عشق جو جائي پاتم، پنهنجو رام گرو سچ جاتم
"رڪيل" نينهن سڄڻ سان لاتم، ڳالهيون ڳليءَ ڳليءَ تي تي ڳايان

سر ضلو   ڪافي140

ٽل ميڏا جاني ڪرنہ جدائي، رُت ساوڻ دي ول آئي
1 اني مينهن تيان گلزاريان، ميڏا گلشن باغ بهاران
ٻڏيان ڪونجان آڻ قطاران، مل سينگيان ڏيون وڌائي
2 خرقا خاڪي ڳل وچ پاوان، ڳتيان مينديان ڪيوين ڊهاوان
بيٺي سي سي ڪانگ اڏاوان تيسان جوڳڻ جڳ وچ جائي
3 تيوان صدقي صدقي گهولي، ميڏي روز ازل دي ٻولي
جاندي ماءِ ڏتم اها لولي، مينون سورين ڪم ٻڌائي
4 تيڏي درد ڪيتي ديواني، شب روز قران حيراني
تيسين "شاهہ رڪيل" داحامي، خوش ملسون ڪر چترائي

سر ضلو ڪافي141

ٿل ڪهڙ ڪانگ پنهل ڪڏهن ايندو، مونکي ڏيهہ مبارڪ ڏيندو
1 سڪ سوز سورن جند سڙدي، مونکي ڳالهہ نہ ٻي ڪا وڻندي
ڏينهون رات تتي توڪاڻ رڙدي، شل نينهن نباهيون نيندو
2 بن شهر پنپور جون ماڙيون، ڏنم باري عشق اماڙيون
اوکي واٽ جبل جون چاڙهيون، هن چوريءَ کي نہ ڇڏيندو
3 رڻ راهہ تتيءَ کي روها، ويني وار ڳٽيو ڪيان وکوها
ڏک ڏير ڏئي ويم ڊوها، نہ تہ نال نماڻي نيندو
4 پنهنجي ڪرمن کون تي پانيان، ڏک ڏيرن جو نہ سندايان
ڳل ڪفني ويس مٽايان، "رکيل" ڏينهن سدورو ٿيندو

سر ضلو ڪافي142

ٿل آدم بنايئي پتريئي بازي، عاشق رضا تي رهندي راضي
1 وچ آدم دي اپني ذات ڇپايئي، سڏ ملائڪ سجدي پايئي
ڪل نہ ڪائي اهو چاپول پلايئي، عاشق عزازيل ڪريندي نہ آري
2 اولاد آدم دي اهو هل چاهلايا، هابيل قابيل شور مچايا
سر زمين تي غلبا پايا، قيامت تائين هوسي دور درازي
3 اسان آدم ڪنون هيوسي اڳ دي، قير آندو وي وچ اهين جڳدي
عشق ڪنون عاشق نهين تہ رجدي، سڪ تهين ڪون هوسي تاري
4 شب معراج تي مقبول ملدا، احد احمد هڪ فرق نہ تل دا
اهو ظهورا هي الست ازل دا، سالڪ سمجهن ڪيا جاڻن عام مجاري
5 رمز حقيقي تي رند سڏاوڻ، ڇوڙ ڏتو ني آپ دا پاوڻ
بيخودي وچ اي جسم جلاوڻ، ڳجهہ اسرار، "رکيل" رکدي غازي

سرضلو   ڪافي 143

ٿل ميڏا رانجهن راهہ نمائي، اتي ول ول پئندا جهاتڙيان

1 جڏان جانب پاتم جهاتي، من ديدم ذات صفاتي
جڏان خواجہ خضرلون لاتي، مک ويک لڳيان هڻ لاتڙيان

2 نہ مين هندو نہ مين مومن، نہ مين ملان نہ مين عالم
نہ هان حاڪم نہ هان ظالم، ذات اسم وچ پاتڙيان

3 ٿيا عاشق درد ويرانا، هميشہ پڙهيم هي دوگانا
جنهن روز الستي جاما، اهي رام رجهيندي راتڙيان

4 رک ”رڪيل شاهہ“ هڪ رايا، تون تہ چوڙ غير دي وايا
اساڏا ازلي منصب آيا، اتي برهہ پڙهايا باتڙيان

سر ضلو   ڪافي144

ٿل مين دست ڳڏا يار ماهي دا، ڪم وسر ڳيم تہ دنيائي دا

1 جڏان شاهہ عبدالنبي ارشاد ڪيا، ميڏي طبق سهن تہ فراخ ٿيا
صوفي صاف ڏنم بال دل داڏيا، لتا تاڪ ليئا تہ لجائي دا

2 مليا مرشد مينون ڏتا ذاتي ذڪر، رليا روح ٿيي دل شهد شڪر
اڳون سائين تہ پچون غلام نفر، ٿيا سير سجي بادشاهي دا

3 جڏان بيخودي داباب پڙهيم، جڻيا توڙ ڪفر اسلام چوڙيم
وچ وحدت دي دل بوڙيم، صوفي صاف ٿيا تہ سچائي دا

4 جڏان ”رڪيل شاهہ“ نون خيال پيا، من مار خودي دا حجاب ڳيا
دل سوختہ هئي ول آب پيا، لڳا عشق اهو آشنائي دا

سر ضلو   ڪافي145

ٿل   تانگهہ ٻاروچل دي لڳيم ازل دي
جان جسم وچ اج ناڪلهہ دي

1 سوز فراق تيڏي ناز ستاون، عشوي غمزي من ڪون ڀانون
ڪڏان سڏيندي چاڪولهہ ٻلهاون، سدا سانول ميڏي سڪ ناالهندي

2 ڪڏان جٽيون ڪرگل وچ پاوان، ڪڏان قرآن پڙهہ صحي مين سڻاوان
عشق دي مستي وچ جان جلاوان، ٻاهہ سيني وچ پل پل ٻلدي

3 عشق نهين ڪوئي شينهن مريلا، سارا ساڙيس جهنگل ٻيلا
يار سڄاتم وو ٿيم اڪيلا، پڇي ذات صفات هڪ ٿي رلدي

4 قدم "رڪيل" دي اڳڻ تي پائيي، عطر ڪتوري هٻڪار هلايئي
ڪر ظهورا اپني ذات ڇپايئي، ٿيم صفائي اصل نصل دي

سر ضلو   ڪافي146

ٿل   وجدا ڪوچہ نغارا تينون ڪل نہ ڪائي
ڪر گهن سودا وٽج سچائي

1 چئو طرفين پيا لوڪ لڏيندا، سمجهہ مسافر تينونؑ جاڻ نہ پوندا
اٿان نہ رهسين نت پيا موت سڏيندا، جي ڪجهہ جاڻي ڪرتون جهڪائي

2 جڏان اوسئي وقت ڏکيا پڇي هٿ مل روسين ڇوڙيئي ڪڙم قبيلا تي ول نہ اوسين
عيب پريئي اپٽي ڪيوين وچ توسين، نہ ڪيئي عبادت رب دي ڪمائي

3 نال عقل دي ساري عمر وڃايئي، عشق ماهي داتي هٿ نہ آئي
درد فراق دي ييت نہ پايئي، سڪ وجود وڃاوڻ ڏکيندي ڏکائي

4 جام وحدت دا پر پر پيوين، پير يمغان دي پيش تون ٿيوين
تڏاهين "رڪيل" تان دوجڳ جيوين رهہ رضا تي راضي جيڪا بره بنائي

سر ضلو   ڪافي 147

ٿل ڪاري چڙهدي آيم ڏوڙا، ڳيم پنهل تي پيم وڇوڙا
1 آيم اکين ڪون ننڊ نڊوري، ڪيف تتي ڪون غفلت زوري
نہ ڪيتم اوجاڳا نہ تتڙم گهوري، هڻ رت رووڻ دا ڳڙيندي ڳوڙها
2 نہ سنگت نہ ساتي هڪا هيڪل ويسان، سات پنهل دا ڪتان مين قليسان
چوڙي سان پنيورتہ تڏاهين ليبيسان، نال نہ ڪهن دي ڪوئي ڳنڍيسان توڙها
3 پنڌ پتر دا آيم باري، هيڪل سرتي ڪران رورو زاري
شل ڪوئي ڏيکان نہ بيگانا ڪران هوشياري مت نہ ماهي دا ڪوئي نہ ياوان جوڙا
4 بغض اندر دا ڪڍ غير سڙيسان، بڌ توڪل وچ ڪيچ ماٽيسان
سخن سچا نال پرين دي پڙيسان، نال ماهي دي تيسم منصب ڏوڙا
5 هڪ باروچل ڪون دل وچ جاٽان، ڏور نهين اپٽا آپ سڃاٽان
تيوين "رڪيل" اتاهين ناڪس نماٽان، رک سچائي ڏي ناموڙا

سر ضلو   ڪافي148

ٿل حال اندر دا نال نہ ڪنهين دي ونڊيسان
پنهل پنهل مين ڪريندي ويسان

1 پاتم جهولي عشق اويڙا، اوڙا پاڙا وسريم ويڙها
رات ڏينهان لڳم جي نال جهيڙا، باجهون سهڻل دي هڪڙا دم نہ جليسان
2 جيڏيان سينگيان ڏيون دلاسي، پل نہ تيوي هڪ ڏکڙا پاسي
پور پرين دي اندر وچ پون خلاصي، تيسان بير اڳڻ بيوت مليسان
3 شڪر ڪران مين شوق جڳايم، نينهن لڳم تي آرام وڃايم
عشق دي الفي ڳل وچ پايم، سخن سچا نال پرين دي پليسان
4 ڪرياد "رڪيل" هڪ دم نہ وسرا، الست ڏهاڙي لڳڙم وارا
عاشقين باجهون سرهي سمجهن پسارا، راز حقيقي اها رمز رليسان

سر ضلو   ڪافي 149

ٽل روُرو زاري ڪران ڏيوان اڇنگاران
درد وندي ديان شل سڻن پڪاران

1 وس بيوس داڪوئي چلدانہ چارا، تون باجهون ميڏا نڪ دا گذارا
اڱڻ اوسين ميڏي پرين تہ پيارا، شل باجهہ پوئي تون موڙ مهاران

2 فڪر فراق تيڏي ڪيتم فاني، ڪڏڻ دلاسا ڏيسين جاني
ٿيسم روشن اي قلب روحاني، سڪ سجڻ تيڏي لاتيم بهاران

3 هار هنجون داڪرڳل وچ پاوان، دانهان ڪر ڪر مين لوڪ سڻاوان
عشق تيڏي وچ جان جلاوان، رات ڏينهان لڳيم پرين ديان پچاران

4 اوکي هنڌ تي وچ اکيان اڙيان، روز ”رکيل“ کون ڏينديان جهڙيان
پاند ڳچي وچ ڪرمين ڪڙيان، شل ترس پويئي ميڏيان لهن مياران

سر ضلو   ڪافي 150

ٽل وردون وظائف ٿيوان نہ قاضي، هووان مست مفتون سڏيوان شرابي

1 آپون چڱي جاڻان ينگي موالي، نيڪي نہ ڪيتم عرفان والي
او ميئن ڪجهہ نہ ڪيتاهٿون ڏونهين خالي، بيحال بدچال خودي خرابي

2 شيخي نہ پيري تڪبر وڏائي، عابد نہ زاهد نان رهنمائي
هوڙان گداگر دردر گدائي، شيعانہ سني نہ رافضون روازي

3 ڏتا جام ساقي مين شراب پيتا نڪ تاب بي خواب مدهوش ڪيتا
خرقہ اي خاڪي ثابت نہ سيتا، هلي هتي نا فريب بازي

4 ڏکڙي ”رکيل“ کون پل پل پساري، سڪ نهين لهندي رڳ رڳ تنواري
نہ يار ملدا نہ موت ماري،هئي هئي ڪران مئين اگهدي نہ آري

سر ضلو   ڪافي151

ٽل جڏان يار آوي هر درد جاوي، ڏکڙا تتي دا سڪڙا وهاري

1 رورو نياوي تئي ڏکڙي سجائي، بن يار ٻاجهون نہ آرام آوي
پون پورپلپل دم دم سوائي، ايهو حال دلدا ڪنهن نون سٽاوي

2 ڏتئي اسانون ڪم هي زنانا، وسرگيوسي وضو دگانا
دل محو تيوي مجلس جوانا. جيئڙا اسيڏا هل پيا هلاوي

3 تيڏا درد جاني نہ لڳدي دوائي، اصلون پنهل ول ڪيتئي نہ ڪائي
پون چاڪ غمناڪ دم دم توائي، غمڙا هڏين ڪون شبروز ڪاوي

4 ڪيوين ڪران مين چلدانہ چارا، ورتان ولهي دا ڪيتوئي وسارا
مليا "رڪيل" نون هڪ ڏينهن وارا، اهو يار ساڳي اڱڻ پير پاوي

سرضلوڪافي 152

ٽل ويڙهي يار اساڏي آوي، شل قدم مبارڪ پاوي

1 مين سڪندي عمر وڃائي، نہ منزل پيت نہ پائي
ڪر رهبر راهنمائي، تيون درخت سڪي ول ساوي

2 پيم پيچ برهہ دا ٻاري، لڳي هو هو شهر خواري
تيڏي نينهن ڪيتي نرواري، هي تو جانب ڪون نہ جڳاوي

3 آيا محب منا مئخاني، مين لاتي طبل دمامي
سڙ دشمن تيون ديواني، هو وي حيرت تان غم ڪاوي

4 ڏني روز نهين دل رهندي، هويا سانول سڪڙي نہ لهندي
ڏيوي "رڪيل" ٻانهہ سراندي. سهڻل سائين چاڳل لاوي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ضلو ڪافي153

ٿل چڙهي تہ جبل تي ڪنديس ڪو ڪاران، پونديون پنهل جي ڪنين تنواران

1 پايان پنهل ڏي آيا تي امين، ڪرها ڪيچن جاهيا سڀ حسين
دانهن بنا داد ڪڏهن ٿيندو ڪين، پنهل وني ويا صبح تي ساريان

2 ڪيچن قول ڪيا پنهنجا ويا پاڙي، ورتہ ولهيءَ جو چوري نيائون چاڙهي
سڪ تہ مرشد جي ساهہ وڏو وساڙي، اجهاڻي آگ اها ڪک ڦوڪي باريان

3 جيڏين سرتين جي طعنن تپائي، سک پائي هر ڪا سورن نہ ڪائي
آيس هڪ هلي وينديس هڪائي، هن تہ دنيا ۾ دم ڪو گذاريان

4 منزل چئي باري روهہ ٻجهي رائو، سڪ تہ سڄڻ جي سندرو ٻڌايو
"شاهہ تہ رڪيل" سان مولا ملايو، آيم سڄڻ چي موڙ مهاران

سر ضلو ڪافي154

ٿل دل رات ڏينهان پئي يار تانگهي، شل ڪا ٻاجهہ پوپئي آءُ ڪنهن سانگي

1 سک تہ سُتيءَ کي ڪنهن نہ جڳايو، پنهل تتيءَ کي رڻ ۾ رلايو
ڪيم ننڊ پياري سهڻل سڏايو، صبح ويل ساريان ڏني ٻانگ ٻانگي

2 تهدل ساڻ يقين توڪل ٻڌائون، اندر آتڻ سان ويني اوريائون
سڪ کي پنڌ نزديڪ مڪو ماڻيائون، وچڙ لاهوتي پنڌ واءُ وانگي

3 عضوا عمل ڙي ٿيم ڏير ڊوها، هڪ تہ وچوڙا ڏوجهي رات روها
رڻ راهہ اڪتون ويني ڪيان وکوها، ٿيندم عشق امام لنگهائيندو لانگهي

4 لڳم تانگهہ ايها دل پئي تاڻي، جنهن تي لڳي ادا ٻيو ڪير جاڻي
ملندو"رڪيل" سان اڄ تان سياڻي خوشيءَ جي خبر ڪاڻنم ڪالهہ ڪانگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ضلو   ڪافي 155

تل   نہ مين شيعا نہ مين سني، نہ مين ڪافر نہ مين مسلم
نور اعليٰ نور هان
1   نہ مين ناري نہ مين آبي، نہ مين خاڪي نہ مين بادي
مين تہ ڪوئي دور هان
2   عجب اهو انسان بڻايئي، ازل ڪنون چاقلم وهايئي
مئخاني وچ جام پلايئي، محفل وچ منظورهان
3   بسم لاڪي بيوت رمائي، ڪڏڻ ڪڏڻ هان شهر گدائي
ڪڏڻ ڪڏڻ مرغ هوائي، سولي اتي منصور هان
4   مرشد ميرا شاه عبدالنبي هي، حاضر پير حضور ابي هي
”رڪيل شاه“ دا شاه شفيع هي، مستي وچ مسرور هان

سر ضلو   ڪافي 156

تل   آهي شهر چگون نئون شهرو، جاتي آب وهي تو ڪارو
1   جاتي خوب خلق خوشناني، آهن دين اسانجي جا پائي
اسانکي دوست ڏني آ دل جائي، ڪري عاشق سان اشارو
2   ڏيکو ڪوٽ فتحپور ڏونهين، جتان شاهہ عبدالنبي سر سونهين
جنهن دا سجدا ڪيتا روحين، گليا گلشن گل گلزاور
3   اسانکي قسمت ڪيئن هت آندو، لگو داغ پنهل جو نہ لهندو
آهيان سر سيد ڪان سڪاندو، تون وارث ڪرنہ وسارو
4   آهي رڪيل شاهہ تنهنجو سوالي تنهنجي رخ روشن جو خيالي
تون تہ وارث منهنجو والي، شل مير مديني وارو

سر ضلو   ڪافي157

ٽل ڪيم درد فراق فاني، جندجان جسم هي قرباني
1 سرساهہ ڪيان ڪيئن صدقي، پوي قبول پرين وٽ اگهجي
اهڙي صاف سچائي سگهجي، منهنجي هنئڙي ڪي آ حيراني
2 تنهنجي عشق ڪيم اڪيلو، هتڙي وقت گذاريم وليو
نڪو سنگت ساٿ سويلو، هڪ دلبر تون دل جاني
3 پيتم شوق شراب جو پيالو، تو سان نينهن لڳم تہ نرالو
ماري منڪر ڪي هنيم پالو وجي ڪوڙو ٿيو تہ ڪلامي
4 ائين ڄاڻ رڪيل دل لائي، وڄ شاهي طبل وڄائي
ڏس جانب ڪي جهاتي پائي رک محبت من ۾ مدامي

سر ضلو   ڪافي158

ٽل ڏسي چنڊ ماٺون ڪن عيدان، او مونکي ماتم روز شهيدان
1 سڪ سوز وڏم تن ساڙي، اندر جان جسو جيءُ ڪاڙهي
منهنجا عيب نہ شال اگهاڙي "اومان روز مُجان ٿي رسيدان
2 لاتئي روز ڪسڻ ڪانہ ڪاتي، منهنجو جيئڻ حيف حياتي
ڏسان جانب ڪي پائي جهاتي اوشل درسن تنهنجو ديدان
3 ڳالهيون چوڻ ڪرڻ ڪون ٻاهر، ڪهڙيون ڪهڙيون ڪيان مان ظاهر
تنهنجا سور اندر منجهہ ماهر، اوشل پوندو ترس طبيبان
4 توڙي ڄاڻو پاڻ نہ ڄاڻو، منهنجو ازلي سر اگهاڻو
رڪيل سو ڦيري تہ وڪاڻو، در در تي ٿيو خريدان

سر ضلو كافي 159

تل ميڏا هجر فراق روحاني هي، دل الست ڪنون ارماني هي
1 ڪنهين قسمت سانگي اٿ آئي هون، اسان جائي ڪنهن نہ نپائي هون
ڪيري خاڪ متي سر پائي هون "نڪو ننگ ناموس نشاني هي
2 اهو ماس هڏين تون سڙي سان، روندي هٿ مليندي ويسان
نہ عبادت ڪيتم ڪيامئين اليسان، باقي گذري عمر تمامي هي
3 سلطان سڪندر روءِ زمين تخت سليمان بخت عمين
باري الس خزاني تمام جميع، اهي ڪيڏي ڳئي اي جڳ فاني هي
4 نہ مردي هون نہ جيندي هون، نہ دين ڪفر وچ رهندي هون
پيالا آب حيات دا پيندي هون، سچا عشق ماهي داشهاني هي
5 اهو راز رکيل سر آيا، شربت شوق لذيذ چکايا
دل دردون دود دکايا، مئنڪون محبت مست مدامي هي

سر ضلو كافي160

تل آٺي دلبر لاتم ديدان، مونکي عشق ڪرايون عيدان
1 جهلي عشق پيو اٿم جهولي، منهنجي باروچل سان ٻولي
تنهنجي لونءَ لونءَ منجهہ ٿم لولي، لکيون لوح قلم کون رسيدان
2 منهنجي دلڙي يار سجاتو "اومان پيچ پرين سان پاتو
توسان نينهن لڳو اٿم ناتو اهي وسن بره جون بوندان
3 چئو طرفين حسن جون فوجان، آيون اثبات ذسڙ ۾ اوجان
تنهنجي ذات صفات جون موجان، ٿيس حيرت مون تہ حبيبان
4 توڙي جاٺون يار نہ جاٺون، مونکي سورن ڪيو آهہ سياٺون
رکيل نانءَ تنهنجي تي وڪاٺون، ٿيس الست ازل کون خريدان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ضلو   ڪافي 161

ٽل موتي خاڻ گهٽ ۾ آيو، تنهنجو حورن هنڌ وڇايو
1 اونا باو دستار تفيني، زهري ڪلنا بلهہ حفيني
حاجي پسند خان هر تي ني، تو اهڙو لعل لڄايو
2 اوپا خان محمد مسر غازي پر غاد دشمن نا اوبازي
جهلا وان ڪل مس رازي، تو شهادت منصب پايو
3 هي جيئڻ جهان ۾ غوطا، تنهنجا ڏوهہ گناهہ سڀ ڌوتا
اڇي حورن هار پوتا، تون حسن حسين جو دايو
4 اوپا هلبو هلبو خلبو، اي باونا پڳڙي ڦلبو
لشڪر مينگل نامس غلبو، اڇي شاهي شور مچايو
5 است سوال پائي ملتاني اوناهي هي جند جواني
مدد محي الدين جيلاني "توکي ميران پاڻ ملايو

سرجوڳ   ڪافي 162

ٽل تيڏا عجب رنگي تي اسرار ڏنم، اهو الست والا سچ اقرار ڏنم
1 اهو روز ميثاق والا قول پڙي، سڀ ارواح آئي تي موجود کڙي
قلب عاشقين داوچ سوز سڙي، جيوين پتنگ شمع تي پرواز ڏنم
2 ڪيتئي آدم ڪون امداد سعيا، پڇي عذرداٽي دا ڏوهہ آيا
تيڏا انت نہ ڪوئي ڪنهن نہ حال پايا، ڪڍ بهشت ڪنون چا بيزار ڏنم
3 ابراهيم آڙاهہ وچ ڪيتئي عدل، موسيٰ فرعون ڪون لاتئي جنگ جدل
موسيٰ راهہ هدايت ابرباران بدل، ٿيا فرعون محروم تي گمر گار ڏنم
4 يوسف ڪون وچ کوهي پايئي، پڇي ڪڍ مصر تي ملهہ چڪايئي
عشق خواب زليخان مجاز هلايئي، اهو بردا وچ بازار ڏنم
5 آيا شان شهادت تي امامر ڏونهين، عشق حقيقي سرتاج سونيهن
دکن درد ونديان دي روز دونهين، وچ ڪربل دي ووهسوار ڏنم
6 ايوين سمجهہ "رکيل" تہ سجاڳ ٿيوين، اهو شوق شراب دا جام پيوين
مدهوش مستي ڪر خوراڪ جيوين، وچ وحدت دي ويچار ڏنم

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سرجوڳ ڪافي 163

ٿل اپنا جسم سارا قاتل زهر جاڻن
عاشق گم غرق دي سات پاڙن

1 دنيا عقبيٰ خودي خواهش ڳئي، ڏونهين جهان وسرئي ڪيتم دل سهي
سچي تانگهہ لڳم هڪدي رمز رهي، ڳئي فڪرات ساري ڪيد غير ساڙن

2 تيڏا تاب حسن دا ڪون جهلي، پر جوش اندر وچ باهہ ٻلي
نڪلن دونهين ٻاهر ڪر طو ماريلي، عاشق محبت والا ميدان ماڻن

3 ترڪش تير تيڏي تکي روز چڻن، عاشق سيني جهلن هڪ نا وال هٽن
ڪر قتلام مينون توڙي مارسٽن، ثابت سوري اتي ڪرهسوار چاڙهن

4 اهي ناز پرين دي ڏکڙي روز آون، ڪرسينگار سرتي عاشق آپ سهن
ٻاني ڳل "رکيل" دي طعني هزار ٺهن، صبر سيتي دل ڪون روز ڪاڙهن

سرجوڳ ڪافي164

ٿل آهونين صنم دي تي ڏور ڏنگن
هو يا زخم سيني وچون تير لنگهن

1 ڏاڙا مارگيا دل ڪون زور لٽي، سو فرياد ڪران ميڏي جان چٽي
ڪرنيشان مئڪون دم دم نال چٽي، زلفين قيد ڪيتم ورهہ نال ونگن

2 انهين درد ميڏي دي دوا ڪونہ ڪري، ڳجها مرض لڳا هڏ ماس ڳري
مين ديدار ويکان دلدا صنعف ٺري، هئي هئي ڪيوين ڪران جڏان آپ منگن

3 گهتئي عشق چنبي جيري جل ڳئي، پردي ظلمات والي سپ ڪل پئي
هر جاءِ هڪ ڏيکان جهاتيان پاءِ ڪي لئي، اثبات اهور مزين نال رنگن

4 "رکيل" راز ماهي دي ڪل ڪون لهي، اڪبر حج هويا جتان عشق رهي
سخت بار برهہ دا سرتي آپ سهي، اهو حال هوياتي لاهوت لنگهن

سرجوڳ   ڪافي165

ٽل توکي خالق چوان مخلوق چوان، توکي جن پريون ٿو ملڪ چوان
1 ڪُل شيءِ قدير تو، بي مثل بي نظير تون
شجاع سميع بصير تون، ڏسي دئور زمانو ٿو فلڪ فل چوان
2 عجب تنهن اسرار جي، سڏ سالڪن کي سنسار جي
او مستي سرتي مدار جي، ڪري حملو حسن ٿو حلق چوان
3 ڪُنْ فَيَڪُون قلمات آهہ، جٿ ڪٿ ظهور و ذات آهہ
اَلاُنسَانُ سر صفات آهہ، خود خيال سان ٿو خلق چوان
4 ائين ”رکيل“ اوجاڻ تون، پنهنجو نہ آڇج پاڻ تون
هرجاءِ حق سنجاڻ تون، هڪ پل نہ پاسي پلڪ چوان

سرجوڳ   ڪافي 166

ٽل ايڏو عشق جو بلند مڪان، اسلام ڪفر ڪئون پري ڏنوسي
1 عشق ۾ سر ڏيڻ مشڪل پساري، جڳ ٻئي اهي ويم وساري
ڏنم محبت وارو ميدان، اتي وڃي قدم پري ڏنوسي
2 ڪين ڪمائي ڪين ٺياسي، لاحد واري ملڪ ۾ وياسي
لاهي شڪ گمان، نور نظر منجهہ ڪري ڏنوسي
3 عقل وڃايم ڪيم عشق ديوانو، ڪيرا ڇي اتي ڪوئي ملان ملوانو
نينهن ڪيم نشان، ڏيان اهو دل ۾ ڌري ڏنوسي
4 هستي حجت هي مٺن کي ماڻ، جي ڪجهہ ڪرٽو هتون ڪنڻ هارائڻ
آهي سر ”رکيل“ تو سان ساڻ، ذات سچاٽي ذري ڏنوسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجوڳ ڪافي 167

ٽل عشق داباب بيان، جنھن وت پڙھيا ڏيون ھوڪا حال سڻاون
1 نھين تہ لڪندي ازلي امانت، جنھن سر آئي ھڪ دي ھدايت
سوٽيا نسنگ نشان، لاوالي لذت ڪيون لڪاون
2 ظاھر باطن ٿين صفائي، ڏيندي عاشق اھا وت گواھي
جتان ڪتان ھي سبحان، ھر جاۓ ھڪ ھي ٻيا پول نہ پاون
3 عرش منور پينگھان پئيان، ڪاون جھوٽي عاشق سئيان
لاحد والا لامڪان، منصوري دا منصب پاون
4 درد حقيقي دل ڪون سنجاڻا، شوق "رڪيل" دا شل ٿيوي نہ پراڻا
محبت والا ميدان، يار ديان ڳالھين سدا سُھاون

سرجوڳ ڪافي 168

ٽل پيتم شوق دا شراب، پير يمغان دي دستون جلدي
1 پيوڻ سيتي مدھوش ٿيم، مام مُوَ تُو دي مرتي جيئم
ڪيتم عشق ڪباب، حجت عقل دي نھين تان ھلدي
2 دست ماھي دا پڪڙ ڳڏوسي، دل وچ دلبر ڳول لڌو سي
ٽٽ ڳيا غير حجاب، لڳڙم تانگھہ ازل دي
3 وچ صورت بشري لامڪان آيا، ھر ھردي وچ آپ سمايا
روشن ٿيا مھتاب، سڏ نہ لڌوسي اصل نسل دي
4 بار برھہ دا سرتي آيا، سک آرام تي قرار وڃايا
نھين ڪوئي سوال جواب، حاجت "رڪيل" ھي اج نا ڪلھہ دي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجوڳ ڪافي 169

ٿل لڳڙم شوق شتاب، عشق اندر ۾ الانبو لايو

1 سمهڻ ويهڻ مانڪي وهه ٿي آيو، شوق تنهنجي منهنجو جسم جڳايو
تن جو لٿم حجاب، هر طرحين او نظر ۾ آيو

2 ڪيئن ڪيان مان ڪنهن ڪي ٻڌايان، آسرا چنيم پنهنجو پاڻ نه پايان
ڪهڙو اٿم ڏوهه ثواب، سڪ سچي نئين سانگ رلايو

3 جان چئي ڏاڍي ڏکن ڏکايو، دل ٿي چئي اهو مان منصب پايو
من ۾ ڏنم مهتاب، محبت پرين جي مچ ھي مچايو

4 گهي "رڪيل" تو مير سڏائين گهي خاڪ مٽي ۾ تو پاڻ رلائين
جهل نه حسن جو تاب، انگ الستي قلم وهايو

سرجوڳ ڪافي 170

ٿل عشق ڏنم احوال، دلبر جو لوڪ کون لڪايون
لوڪ کون لڪايون، سهي سمجهايون

1 ويم حجاب لٿم هي اولا، پل ويم نه پڳم سڀ پولا
هوت ڪيم هڪ خيال، مٺي دل ڪي ويو جانب جڳايون

2 ڳجهيون ڳالهيون دل جون دل سان، ڪين سليندس ٻئي نه ڪنهن سان
مشڪل سمجهه محال، پير پرينءَ جي پڙ منجهه پايون

3 پوش پرهيز ستر سو ناهيان، ڪين لڪڻ جون ڪاٿي مان لڪايان
هر جاءِ تنهنجو پال، هوڪو ڏيئي ٿا پاڻ هلايون

4 حال "رڪيل" نه حسن ڏس سارو، عشق ڏيکاريو نينهن نظارو
لٿم جيءَ تون جنجال، عشق ڏنو سي اٿين آزمايون

سرجوڳ — ڪافي 171

ٿل عشق اندر ۾ ڪيم اوطاقان، عقل امالڪ ويو ويو

1 عشق عقل جي جنگ جنگاهي، زخم جنهن کي اُهي ڏينلم گواهي،
تن هو ڪو ڏيئي حق ڇيو ڇيو

2 پنهنجي دورني ۾ پاتم جهاتي، نظر آيم شغل ذاتي،
پيچ پرين سان پيو پيو

3 ياد ڪري وچي يار لڏوسي، سخن سچو اهو ٻول ٻڌو سي،
قول پنهل سان مان ڪيو ڪيو

4 سر ”رکيل“ جي باهہ برهہ جي، واند نہ ڪائي اِها ڳالهہ پرينءَ جي
بار بارن جو اچي ڪنيو ڪنيو

سرجوڳ — ڪافي 172

ٿل لڳم ناتو ٿي نينهن نيايان، سور ڪهڙا ڪنهن سان سليان سليان

1 جانب جادو هنيم جوڙي، سڪ پرينءَ جي ويم نهوڙي
جيءَ پنهنجي سان ٿي جهليان جهليان

2 انگ ٻاروچل لکيم توسان،حال اندرجو ڪندس ٻي نہ ڪنهن سان
پاڻ پنهنجي کي ٿي پليان پليان

3 ٻاجهون تنهنجي نئم ٻي ڪا ٻولي، جانب پايان اومان پنهنجي جهولي
رمز سچي ۾ ٿي رليان رليان

4 سر ”رکيل“ جو صدقي سارو، ور اچي ڏنم وحدت وارو
خاڪ پيرن جي ٿي مليان مليان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجوڳ ڪافي173

تل دل منهنجيءَ سان لڳيون لڳيون، رمزان رانول واريون

1 دل اکيون ٻئي دوست اوهان سان، عشق تنهنجي منجهه اکيون اکيون
نيهن جي نشي منجهه وتن خماريون

2 بيڪس ڏاري مت ناماڻت، سياليون هجن سيئي سڳيون سڳيون
طعنه مئي کي ڪرن مياريون

3 محبت وارو ملڪ ماڻيائون، چٽيون اوهي جيڪي پڳيون پڳيون
ستيون سي جاڳن عشق اُتاريون

4 روز"رڪيل"کي پرينءَ جون پچاران، رڳان وحدت منجهه وڳيون وڳيون
وسري ور ڪين وساريون

سرجوڳ ڪافي 174

تل ناز پنهل جا اٿم نوان، داغيل دل کي دام وڏائون

1 کلن سدائين ڏسن اسانڏي، سورا چي ٿيم سنوان
رمزن سان سازي دلڙي رڏائون

2 قول مرشد جي تي قائم آهيان، پوءِ نه مون شل پوان
پنهي اکين سان يار بڌائون

3 اڄ نا ڪلهه ميان روزازل جي، عاشق اڳ هوا روان
شرح انهين ۾ شاهد لڏائون

4 روز"رڪيل" هي چه حقيقت، هو ڪوڏيئي حق چوان
ڪيئي پيا سڌڙيا ڪرن سڏائون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجوڳ   ڪافي 175

ٿل بولي ٻڌڻ نہ جهڙي، عشق وڏم نيئي پري پري
1 منزل سچ جي وسنو نہ ڪائي، آئي سر عاشقن اري اري
2 سامي سمجهن بي نان بولي، ذات بنان هڪ ذري ذري
3 عشق نيئي جاتي اکڙيون اڙايون، دل وئي نہ ٿي وري وري
4 وحدت ٻاجهون ناهي واند "رکيل" کي، ساعت هڪ ناسري سري

سرجوڳ   ڪافي176

ٿل عشق نہ جاڻن عام، سمجهڻ آهي مشڪل بازي
1 ڪرت ڪچن جي ڪوڙي بازي، حرص ڳالهائن خام
ڪرن وڏائي دور درازي
2 عشق شَرع جي نهي نہ صلابت، ڪاڏي ڪفر اسلام
يار ملي تہ ٿيان شل تازي
3 عشق وارا مشهور سدائين، هي تا هڻن هام
گهير انهيءَ ۾ گهرندا غازي
4 دل سچي سان ساڃ سڃاڻن، مستي واري اٿن مام
رهن رضا تي عاشق راضي
5 شوق شهاني شب روز"رکيل"کي، دوست وڏم آٿي دام
عشق اڳيون مان ڪيان ٿي آري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجوڳ ڪافي 177

ٿل دلبر ديدان لڳيان تي ديدار ڏنم
رخ ڪعبہ قوسين انوار ڏنم

1 چت چرکي دي تند چول ميان، ڪرياد دالستي ڪيو هي ٻول ميان
ين دئي والا اهو يول ميان، جانب جاءِ پہ جاءِ تي جنسار ڏنم

2 تلڪ لڳا جٽيوڳل وچ پاتم، سجدا صاف سچا سهي ٻت ڪيتم
سرڪي سوزوالي پيالا عين پيتم، لدني علم آيا تي اسرار ڏنم

3 مستي عشق آيا هستي ٽٽ ڳئي، ڪشتي موج بحروچ چٽ ڳئي
دلڙي دست ڪيتئي لتي لٽ ڳئي، ظهورا ذات والاتي رخسار ڏنم

4 "رڪيل" باب اهو جنهندي پيش آيا، تڏان شوردرد مچ آگ پايا
نسنگ نينهن ماهي دي رنگ ناز لايا، اول عبد ڪنون تي ستار ڏنم

سرجوڳ ڪافي 178

ٿل عجب چهرا رنگي سر تي تاج پايا
مرسل ماهي ميڏا منصب دار آيا

1 ملڪ فلڪ نہ ڪوئي لوح قلم، اول عشق هويا سهٽي دا قدم
صلي الله عليہ وسلم، احمد اولا ڪيتئي تي رنگ لايا

2 تولد ماهي هياتي ظلمات ڳئي، ظاهر ذات عجب اثبات ٿئي
ايريا روشن رخ تي پريات پئي، بدر منير ماهي تي مهتاب ڇايا

3 جاري فيض هويا دارين ڏونهين گوشہ جان جگر حسنين ڏونهين
ٿيا حاصل حج حرمين ڏونهين، عاشق سيرويکن تي سبحان سايا

4 واقف حال ايهو سچ سير ميان، ٿي مشتاق آکن شير ميان
حق پاڪ هڪونہ ڪوئي غير ميان، "رڪيل" عشق اصل چم آپ ڇايا

سرجوڳ ڪافي179

ٿل صلي علي عليہ وسلام، عربي ساڏي گهر آيا
آخر پيش امام، قريشي قرب وڏايا
1 صدق ڪران سر سدا سئو وارا، بنا سيد دي ليسي نہ چارا
شاهي جسڪا شان، صاحب بخت سوايا
2 ختم نبي دا نور حقيقي، فيض فقر دا راز رفيقي
عجب ڏنم اسلام، جتي ڪتي آپ سمايا
3 احد احمد سهي تہ سڃاتم، هڪ هي هڪ هي ڪوئي فرق نہ ڄاتم
فَنفَختُ فِيہ فرمان، جنهن سمجها هڪ سوئي سر پايا
4 مئخانہ وچ مام ڏتو ئي دلڙي ”رڪيل“ دي دست ڪتوئي
پر ڪر وحدت جام، سانول يار پلايا

سرجوڳ ڪافي180

ٿل شوق ماهي جي شتاب، ٻاري مچ هي مچايو
1 عشق اُلانبو اندر منجهہ آيو، رڳ رڳ ۾ رنگ رانول لايو
دست ٿيو مهتاب، دونهون درد دکايو
2 روشن خضر جو چميم مان ادب سان، اسم اعظم آيم دم قدم سان
خوب مليم هي خطاب، مرشد سارو سرهي سمجهايو
3 عشق امالڪ اچي مونسان ڪيڙيون، ڳجهيون اهي ڳالهيون سلڻ نہ جهڙيون
لاهي حرف حجاب، ٻولي ائين تنهن پاڻ ٻڌايو
4 چڙهي مان جبل تي ڪندس پُڪاران، روز ”رڪيل“ جون توڙ جون تواران
برهہ پڙهايم باب، نينهن لڳو حق نظر ۾ آيو

سرجوڳ ڪافي 181

ٿل ساڙيو آهي جسم جسي ڪي، تنهنجي عشق ڪيو آ ڪباب

1 هو هو حق جون پيم پچاران، اتم طلب توهان جي تنواران تاران
تنهنجو رڳ رڳ منجهه آ رباب

2 لڳم اندرم ٻاهر ٻاڦ نہ ٻڌايان، اڃن تا سورپرينءَ جان سڀ سيني لايان
سڪ ڪي ڏنم جواب

3 ويس پيڪن ڪون سهريجا سيباٽا، ورسان ويهي ڪندس روح جون رهاٽا
شوق لڳو آ شتاب

4 ڏز ديوس دشمن سڙندو، لافان هٽندڙ لڏي ويم لڙندو
هي سمجهو ڪين ثواب

5 حسن تنهنجي جون اڃن ٿيون فوجان، سرت، ”رکيل“ جي عشق جون اوجان
نينهن نيئي ڪيو نواب

سرجوڳ ڪافي 182

ٿل گهت ذاتي قلب ڪماوندي، سچي عاشق جسم جلاوندي

1 اندر ٻاهہ برهہ دي آڙاهہ ٻلي، تيڏا تاب حسن داڪونہ جهلي
ڳجهہ تيڏي ديان ڳالهين اٿان سلي،عاشق هو ڪاهر جاءِ چاهلاوندي

2 دستون پير يمغان دي مين جام پيا، خطري خوف والي سڙ غير ڳيا
آيا ماهي تي اثبات ٿيا، جا مان رنگي جلدي پاوندي

3 آيا سچ سيني ڳيا ڪوڙ نڪل، چپيا ظلمات والا شب تاب عقل
قطرا قلزم رليا مستي موج ڪاڪل، وچ ڪثرت آپ چپاوندي

4 آيا شوق ”رکيل“ تي ظهور ٿيا، وچ بحر تهين منظور پيا
جهليا چنڊ جهولي ڏونهين جڳ جيا، ماهي مشڪ عطر لالي لاوندي

سرجوڳ   ڪافي 183

ٿلهه تن کي فرق ٿيو في الحال هي، هڪ رمز ۾ وڙا رچي
هي حجاب جا پردا لٿا، پئي سالڪن کي سڏ سچي
1 جا لڳي جڙ جان ۾، پئي چٽنگ ويو پنيڙ ٻري
پر ٿوي تي هو پيا اچن، ڪو پتنگ هجي پوي پچي
2 ٿيو ڪشادو صحن دل جو، جڏهن غير عقلي سڀ ويو
ڪيم عشق سان انجام هي، چڏيم سنگت ڪوڙن جي ڪچي
3 جن جي چنڊ جهلي جهولي پيو،سي سهاڳ واريون سينگار ۾
اهو ظهورو ذات جو آ، ويم قلب ۾ روشن رچي
4 ”رکيل“ سر صدقو ڪري، پوءِ سڃاتم يار کي
هر رنگ ۾ تو هڪ وسي، ويا برهه وارا ڪئين ٻچي

سرجوڳ   ڪافي184

ٿلهه عشق سندو علاج، ڪنهن کون پڇان مونکي ڪونه ڏسي ٿو
1 مرض انهيءَ جو دوانه ڪو دارون، دل ڪري ٿي درد پڪارون
رات ڏينهان اٿم روئاج، پرين مونکي پاڻ پسي ٿو
2 حال پنهنجو هي مان ڪنهن کي ٻڌايان، جيڪي اندر ۾ سولو ڪونه لڪايان
ايهو نان رندن جو رواج، هر صورت ۾ يار وسي ٿو
3 ڪيف ڪلال کون پيتو هن دل، زهر جو پيالو پيئڻ مشڪل
حيرت جو هي حجاج، پنڌ پري وڃي روءِ رسي ٿو
4 پيچ شمسل کون ڏنئي کل ڪيئن لاهي، سوريءَ تي مصور چڙهيو ڪيئن ٿاهي
”رکيل“ کول اکيون ماڻ معراج، عشق اهوئي ڏسيون حال هسي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجوڳ ڪافي185

ٿل عشق هٿئون بازي ڪٿي، عقل محروم ٿيو افراد اجايو
1 جنگ عشق عقل جي آ سنجهه صباحين، عشق ڪٿي جنگ عقل ٿيو دانهين
شهبازڏنس اها جهٽي جهٽي، حيف تنهين ڪي جن هٿئون هارايو
2 پنهنجي اندر ۾ پاتم جهاتي، بنهين جڳن ۾ ڏٺم حياتي
ڦٽ فراق جي دل ڦٽي ڦٽي سهڻل سان منهنجو پنڌ ٿيو سجايو
3 نينهن پرينءَ سان لڳڙم ناتو، پل پڳم هي پوءِ مان يار سڃاتم
محبت مور نہ مٽي مٽي، سڪ پرينءَ جي شوق وڌايو
4 عشق جي وڍين ڪي ڪير چٽائي، نپ اندر ۾ تو"رڪيل" ڏڪائي
ڪمڙي بڌان تنهنڪي پٽي پٽي، سورپرينءَ جو سدا مون سهايو

سرجوڳ ڪافي186

ٿل اديون ڪا اهڙي اڪير، لڳي آهي منهنجي اندر ۾
منهنجي اندر ۾، برهہ جي بحر ۾
1 او فڪر فراق ڪئي دل فاني، درد تنهنجي ۾ ٿيس ديواني
ويم هوش عقل جي سڌير، عشق وڌم نيئي مڙهين مندر ۾
2 او ناز پرينءَ جانت ڏهاڙيون، باري اندر ۾ ڏنم عشق اماڙيون
ترڪش وارو تير، لڳڙم جوش جگر ۾
3 لون پرين جي لڳي تم لوري، ذات ظهورو ڪيڙم زوري
اچي پيش ڪندس تہ نظير، سيپئي سهڻل تنهنجي صدر ۾
4 پئو تہ "رڪيل" تون موج ۾ ڪاهي، سرجو سانگو بيشڪ لاهي
وٺ تہ سمنڊ جي سير، لوچي لڌم سائين برهہ جي بندر ۾

سرجوڳ ڪافي 187

ٿل پرين جا پون ٿا پور، مان جهڙي سان ڪڏهن ڪيئن ملندين
1 جهڙي ٿهڙي اوهان جي درجي آهيان، اوڻي پوڻي اها اميد نہ لاهيان
اچي ننگ پاليندين نور، اڱڻ منهنجي تي سدا شال ٽلندين
2 جي نہ ملان مان هجان تنهنجي سڪ ۾، ڏسان توکي چوري جهاتي پائي لڪ ۾
سرتيون ٿا ساڙن سور، حال هيڻي تي هادي هيئن هلندين
3 مين ڪيون پنهنجي مئين ۾ مران ٿي، ڪجهہ ڪين آهيان انهي ڏوهہ ۾ ڏران ٿي
جيئن جلائي ڪوهہ طور، عشق وارن سان اها سڌ نہ سليندين
4 ڦٽ فراق جا چاڪ چڪن ٿا، ”رڪيل“ اندر ۾ مچ ٻرن ٿا
گهائن ٿا ڪيون گهور، لاهہ گهنڊي مان سان ڪڏهن ڪيئن ڪلندين

سرجوڳ ڪافي 188

ٿل منهنجي سورن جي ڪا سنيار، اها ڪل وو ڪان لڌائون
1 لا غرضن جي پهہ مان پوان ٿي، لک شڪرانا ادائي ڪيان ٿي
مان چون خريدار، سڏڙين وانگي ڪيان ٿي سڏائون
2 سور پرينءَ جا سر تي سهان ٿي، قول سچو مان سرجو ڪيان ٿي
مڙڻ منيءَ کي ميار، رمز انهي سان روح رڌائون
3 عشق اصل کون آهي اٽانگو، لاهي طمع هي سر جو سانگو
ڏڙ تہ سسيءَ کون ڏار، تڏهن اچي ڏينديءِ ور تہ واڏايون
4 محبت وارا مرد مناسي، عشق جا نظارا عرش ڏناسي
ڪهڙي ڪاڻ ”رڪيل“ تي ميار سر ڏيئي اهو ٻول ٻڌائون

سرجوڳ ڪافي189

تل منهنجي اندر ۾ ڏک جو چاڪ
چئو تہ ھي پينر مان ڪنهن کون سبايان

1 وڏم ڦوڙائي ڦت کي ڦاڙي، ناهي سبڻ جو ڪولي ڏنم اگهاڙي
منهنجي دل کي ڪيو مشتاق، ٻي نہ ڪنهن ڪون مان تي توڏنهن پايان

2 ڪيان تي دانهان فرياد منهنجو هي، سٽي شال سائين ڪو داد منهنجو تي
تنهنجي ملڻ جو اٿم فراق، آءُ اڱڻ تي مان توکي ڳل لايان

3 رات ڏينهان اٿم واند نہ ڪائي، ڪوئي نہ اچي تيم پيبڻ پائي
مان نہ چون عشاق، ڳجھ جون ڳالهيون مان ڪنهن کي ٻڌايان

4 جان ڪدن جي جڙ تہ لڳي اٿم، تو هڪ جي حڪايت بيائي پڳي اٿم
پنهنجو پاڻ ڪيم نيئي پاڪ، يار سان "رکيل" اها وک تي وڏايان

سرجوڳ ڪافي190

تل مان سان پرچ پرين رس نہ يار، وارا ڪيون تنهنجا ويڻ وڌن تا

1 ڪهڙئين ڳالهين پرين اچي پرچين، ساهہ جا سر منهنجا سدا شال سرچين
حيلا ڪيان تي هزار، سڪ سيني ۾ سور ساڻدن تا

2 سور پرين جا سرتي سهايم، ظاهر باطن ڳچي منجھ پايم
ڪنيم لوڪ سڄي جي ميار، حيف تنهين کي جيڪي توڏانهن رنڊن تا

3 عمر فراق ۾ وڙم ساري، ڪڏهن تون ملنڌين تيندم بهاري
تو پرجي اٿم پچار، حال اهو پنهنجو ڪين ونڊن تا

4 آهيان پاند اوهان جي جاٽو نہ جاٽو، در تنهنجي تي "رکيل" وڪاٽو
اچي تہ عبدالستار، ڳجھ ۾ عجائب ڳالھ ڳنڍين تا

سرجوڳ ڪافي191

ٿل اومان گهوريان هن تہ ڀنڀورڪي، تنهنجي ڪيڙم عشق چري چري
1 سڪ ۾ شال سڙي وڃان، ٿيان ڪيري خاڪ ڀري ڀري
2 ويندس رهنديس ڪين ڪي، نہ تہ پوندم هيانءُ ڏري ڏري
3 منهنجو ڪوهيارل اٿم ڪيچ ڏي، مان سان ملندو شال وري وري
4 "رکيل" وقت اهو ٿي وصال جو نہ تہ ويندءِ ويل ٽري ٽري

سرجوڳ ڪافي192

ٿل ڏاڍي ڏکن جون ڪنهنجي نہ ٻڌڻ جون
مان سان عشق اڃي ڳالهيون ڪيون ڪيون
1 جوش انهي ۾ جلن ٿا جيرا، ٿيا سڪ وارن جا سور سهيرا
چس ٻڌائن چيون چيون
2 درد وارن سان ناهي دلاسو، ڪڏهن ڏيندم اچي پارس پاسو
ساڻ نيدم شال ڪيون ڪيون
3 خداءِ وارن جون خاصيون خبران، روشن تن جون جاڳن قبران
نينهن وارن جو نيون نيون
4 ڪجهہ نہ "رکيل" توڪين ڪمايو، محنت ٻاجهون ٻيوٽي پنڌ اجايو
پنهل ويم ڏک ڏيون ڏيون

سرجوڳ ڪافي193

ٿل مٺ مائٽ ڪڙم وسار، پنهنجي پرينءَ جو تڏهن تون ٿئين
1 خيش قريب شرڪاءِ ڪم نہ اُيندءِ اتي نادل ڪي ڏتار
لاوارث ٿي ناقص ائين
2 منجهہ دروني سوز سمائج، باهہ سيني منجهہ ٻار
ڪر نہ وسارو هرگز هيئين
3 حال فقر جو سمجهہ سهي ڪر، ڏاڍا هيئي ڏار
جنهن سان ٻئي جڳ جيئين
4 پير يمغان ”رڪيل“ هيئن فرمايو، عشق سان اندر اوجار
اوجي آب حيات جو پيالو پيئين

سرجوڳ ڪافي194

ٿل ٻہ ٽي ٽي سانوڻ ڏينهن، سک نہ سمجهاڻءِ ڏي اکين اوجاڳا
1 بسم الله پڙهي جوڙو جو تج، ٻج رلائي لاهہ ٻنهيءَ مون کوتج
دم سچا نباهج نينهن، غير دئي جاچني ڇڏ ڏاڍا
2 آب حيات جو پوڪ ڪي پيارج پاٽي، سڪ سهج سان ڏس تون دل ۾ يارسڃاڻي
ميلاپي جا اُنا ٽي مينهن سنگهيڙ ڪيون تسا پئيندئي ساڳا
3 تڪبر واري ڊاهہ ٽبي ڪي، هلڻ هيٺاهين ڇڏي ڏي خوديءَ ڦڏي ڪي
پوءِ غنياءَ سڏبين غني سر تين وچ ۾ سونهين تون سياڳا
4 مند ساوڻ جي عمر اها ٽي، ڪرتہ ”رڪيل“ تون محنت پنهنجي
جي شب خيزهجين تہ سچ ٿئين شينهن ننڊ ندوريءَ ڪيئي ڪيا نياڳا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجوڳ ڪافي195

ٿل ڳالهيون يار ٿي ڳايان، يار ٿي ڳايان مان لوڪ سٽايان
نينهن ڪيون مون سان نيون نيون

1 عشق اچي مون سان اچ لڳو آ، واءُ عقل جو برهه پڳو آ
چتر چوري مان چيون چيون

2 رنگ ماهي جو بيرنگ رنگي، زلف زورا ور زبر زنگي
وجي ٿي فوج حسن جي هنيون هنيون

3 سڪ سچي سچ ڏنم ساقي، مئخاني منجهه پاتم جهاتي
او وهم جون باتيون ويون ويون

4 شوق "رکيل" سان شور مچايو وٺج ڪري مان پلئي پايو
او پيش پرين جي وجي پيون پيون

سرجوڳ ڪافي196

ٿل تن ڪاڻ ويني ٿي اڏايان اهي ڪانگ، جانب مان جن جيآهيان

1 رات ڏينهان تنهنجي وسري نه وائي، پنڌ پربي اٿم وات اٽائي
نيلا بجهن تا نانگ، خبر وو ڪاڏن ڪون پچايان

2 هر ڪا سوالڻ سر جي سکن جي، مان تہ سڏيان ٿي ڏهاڙيون ڏکن کي
دم دم جا دل کي دام، سانول مان سک ٿي پايان

3 اميد ملڻ جي مان نتي پايان، سڪ تنهنجي ۾ پاڻ پچايان
هِت هُتي هڪ تانگهہ، دلبر مان دم نہ گهٽايان

4 پنهنجو پاڻ ڪري ڏس فاني، نينهن وارن جي "رکيل" اها ٿي نشاني
سک جا چڏي ڏي سانگ، تڏهن مان ورکي سهايان

سرجوڳ ڪافي197

تل مان تي ڪانگ اڏايان، ويڙهي منهنجي ور ايندو ايندو
1 سورن سنيهو آيو سڄڻ ڏانهن، ڏرت منهنجو ڏک نيندو نيندو
2 درد فراق وڏو آ وڇوڙو، ڪڏهن ڏاڻ ڏکي کي ڏيندو ڏيندو
3 اڱڻ پرين کي ڏسان مان اکين سان، اهو ڏينهن چڱو شل ٿيندو ٿيندو
4 قرب ڏيئي جان ڪيئن تہ "رکيل"کي هن چوري کي نہ ڇڏيندو ڇڏيندو

سرجوڳ ڪافي 198

تل اڙي جيڏيون مان پلايون ٿي پايان، مرشد منهنجو شاهہ ميران ميران
1 ويس وڳاہن سيج نان سهائي، لوئي ڪنديس هي ليران ليران
2 ابر باران وسي شهر ميرانپور، اوهينئڙي لڳيون منهنجي هيران هيران
3 حد لنگهي لاحد ۾ آيس، وحدت واريون ڏس ويران ويران
4 يار "رکيل" جي اڱڻ تي آيو، پيرن جو سر پيران پيران

سرجوڳ ڪافي199

ٿل گذري عمر تمام لڏڙم ناسڏ منزل دي
ناڪوئي جاءِ مڪان، خبر نہ پئڙم اصل نسل دي
1 ڏکدي جکدي ميئن بدچالي، نان ڪجهہ ڪيتم ڏونهين هٿ خالي
حيرت وچ حيران، جوش جگر وچ جند پئي جلدي
2 جنهن تن لڳڙي سيئي سچ جاڻن، عشق والي اهي موجان ماڻن
ڏٺڙم سوجملہ جهان،رورو هٿڙي ملدي
3 شاهي پاوڻ هي شوق شبانا، گهن بهہ گوشا يار يگانہ
نيڻن سو نند حرام، لڳڙم تانگهہ ازل دي
4 روز "رکيل" هي دل ديان دانهان عرش منور اهي تہ الاهان
هڪڙا دم نہ جدائي آرام، وچ وحدت دي رلمل رلدي

سرجوڳ ڪافي200

ٿل ميئن وومئين سئيان عشق اليندا، ڳئي تہ عقل دي تدبير
ڪفر ديان بوليان آپ بوليندا
1 برهہ اهو ول باب پڙهيندا، اناالحق دادم مريندا
تلڪ لڳايم اسير، ڳل جٽيان عشق آڻ جهليندا
2 مئي وچ مستي معلوم هوئي، سير صفاتي ذات سموئي
بي مثل تہ بي نظير، حق دا هوڪا آپ هليندا
3 دين ڪفر وچ بيرنگ آيم، بيخود هو يم جسم وڃايم
پچ لڳ هويم فقر دا فقير، چڙهيم چني بيا ڪونہ پليندا
4 احد تي بن احمد آيا، نام مجيد آپ سڏايا
آپ سميع بصير هر جاءِ هادي حڪم هليندا
5 رمز"رکيل" وواچ نان ڪلهہ دي، سهي ڪر جاڻي هي روزازل دي
دستون پيريمغان هويم پير، جام وحدت دا آپ پليندا،

سرجوڳ ڪافي201

تل لڳي آ عشق جي تن کي تنوار، فڪر فنا جي ڪيڙم فاني

1 جي فنا ڪن ٿيندين، عشق جي راهہ نہ لهندين، ڪلڻ خواري سرتي سهندين
اها هر هڪ مردن جي ميار، سک صبر اها ٿي نينهن جي نشاني

2 روشن دل کي ڪر نہ تون واندو، اورالف سان ويهہ نہ تون واندو
شوق تنهنجي جي پچار، آهي ملڪ سجي ۾ ڪونہ تنهنجو ثاني

3 جي سمنڊ سمائين پئوڪن ۾ ڪاهي، ينج تقوا کي اهي لاڳاپا لاهي
ٿي تون يڪي سان يار، ويهہ نہ وساري پنهنجو دل جاني

4 مست پيتوسي شوق شرابي، سمجهي ڏنوسي اهو مسلو ڪتابي
آيم بوءِ بهار، رمز "رکيل" سان سچ سبحاني

سرجوڳ ڪافي202

تل اها مام مشڪل ڪو سڃاڻي، دم زني منصور جي
عشق وارا ڪرن قصا تا، منجهہ معرفت منظور جي

1 سر مٿي سوري ڏيئي، تہ بہ نامڙي معبود ٿيو
وهہ وا عجب انصاف سان، ٿيس حاصلي تہ حضور جي

2 هو حلاج اناالحق چيو، تنهن محويت ۾ مست ٿيو
صاحب ولايت جو سچو، ڀڏو مرد جي مذڪور جي

3 سالڪن جي فوج ۾، عاشقن جو امام هو
منجهہ معرفت مقبول ٿيو، ڪلي نظر تنهنجي نور جي

4 منجهہ حقيقت بحر ۾، تنهن لهر ۾ جيڪو لڙهيو
شرع شريعت نا اُتي، هڪ ذات جي تہ ظهور جي

5 جيڪي خاص خاوند ڏانهن اُهي ڪهڙي خبر بي عام کي
ڇا نينهن کون نابين جاڻن، هن درد جي دستور جي

6 سر مٿي نيزي چڙهيو، سردار صوفين جو سچو
اهي ٿي عشق جون رمزان، "رکيل" پلپل پرينءَ جي پور جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجوڳ ڪافي203

ٿل سر عاشق جي ڏک سور، اچن پيا پلايون ٿي پايان
1 جتي اٽڪل ٻاري اٽي عشق نه اينلو، جن کي ڪاٽ هٿن ۾ پنهنجو پاڻ ڪپيندو
گھوريون سرڪن گهور، پير نه پوئتي قدم هٽايان
2 شاهه حسن کي زهر ڏواڻي، ميدان ڪربلا جي حسين تي ڪنان ڪوايئي
اهي ناز تنهنجا آهن نور، عشق اهو ئي جي پاند پسايان
3 عشق اناالحق پاڻ پڙهايئي، سوري اتي منصور چڙهايئي
اهڙو ذوق ضرور، نينهن تنهنجي جو هل ٿي هلايانُ
4 يوسف کي منجهه کوهه وجهايئي، پوءِ غلام ڪري تنهنجو ملهچڪايئي
تنهنجا هوڪا ظاهر ظهور، ڳلي ڳلي تي ٿي ڳالهيون ڳايان
5 لوح قلم لکيو پنهنجو پاڙيئي، صوفي جو سر نيزي چاڙهيئي
پون "رکيل" کي پور جوش انهي ۾ ٿي جان جلايان

سرجوڳ ڪافي204

ٿل سچو رندن جو حال آ، مدهوش مستي منجهه رهن
1 مدهوش مستي سالڪي، محبت مني مولا سندي
ظلمات کون ويا لنگهي، سور سختيون سي سهن
2 جيڪو بحر عميق منجهه وڃي پيو، تن کون دين ڪفر جو دفتر ويو
مرتبو تن حق تي ڇيو، لاهوت لوچي تا لهن
3 جامي جسوتن کي ڪرن، محراب مونا سجدو ڏرن
ورائي سلام تا ڪلمون پرن، وجود منجهه وحدت وهن
4 ٻاجهون درد جي عمر افراد آ، ناداد آ نڪو فرياد آ
جتي عشق آ سادل آباد آ، اهي هتي هُتي پيا نهندا نهن
5 نه سڻ "رکيل" ڪا ڳالهه ٻي اسرار تي سر پوش تي
سک اها رسم رندي، قرب وارا تا ڪهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجوڳ ڪافي205

تل جي عاشق هجين سر ڪر فدا، جند جان جيءَ ڪون ٿي جدا
1 ڪين جو مسلو پڙهي، وجي ڪين ۾ ڪاهي پيا
ڪين جاٽج پاڻ کي، هستيءَ سندا توڙي تڳا
2 ٿي ٻوڙو ڪنين ٻيو ڪجھ نہ ٻڌ، ڪنهن سان نہ ڪر ڪوڙا ڦصا
اورچ اندر ۾ يار سان، فائدا فڪر هي تن لڏا
3 شريعت طريقت جي چِنا، اصلون نہ تن کي آسرا
منجھ حقيقت معرفت، انهي ٻول جي ڀڳڙ ٻڏا
4 اهڙي درد جي سوز سان، ميدان تي سي مرڪندا
پاڻ نہ ياڻج پنهنجو، انهي سوز ۾ سالڪ سندا
5 سمجهي "رڪيل" تو ڪيئن سڄاتو، چوي چوائي ڪير آھ
اهو اندر ۾ الله تي، ڪر واءِ ويلا سر فدا

سرجوڳ ڪافي206

تل بيوسي اونا ڦصي، جند جان سورن منجھ سڙي
اميد نہ ڪوئي آسرو، ڏک سوز جي اوکي اڙي
1 جڏهن ساھ کي صدقو ڪرين، تڏهن پيچرو پر جو لهين
ڪيئن ڪيان ڪنهن کي چوان، روئندي لنگهيم راتيون رڙي
2 فنا فڪر فراق منجھ، پاڻ وڃايم پانهنجو
جهوري جهجڻ شب روز اتم، ڪا گهٽ نہ گهاريان هڪ گهڙي
3 جيڪا نالو ڳنهندي نينهن جو، سامان جيئن پوندي مامري
سمر سورن جو ڪٽي، ڏسي قلب ۾ جيڪا ڪڙهي
4 ذڪر ذاتي زهد سان، رڳ رڳ اندر آتش لڳي
نٿي اجهامڻ ۾ اچي، آٽي درد لاتم هي ڏڙي
5 هل "رڪيل" هڪ حال سان، ڪر غير کي پاسي پري
رک صفائي تہ ساڏ ٽئين، ڏس موج مستي جي چڙهي

سرجوڳ ڪافي 207

ٿلھ ويڙهيچن وٿاڻ، ويھي پاڻ وسايو
دلبر دمن ساڻ، جوڳن جيءُ جلايو

1 جوڳي اھي جيڪي جيءُ جلائن، ھڪ بنان ٻئي ڏي ڪين واجھائن
اھو جاٽي ڏناٿون جاڻ، محبت مچ مچايو

2 نصيب وارا سچ جاڳن راتيون، حوران قصوران پائن جھاتيون
اھو معشوق جو ماڻ، ستر ڪري تن برقعو پايو

3 حضرت عشق ولايت وارو، نينھن نسنگ ھنيو آھ نعرو
اوتون پنھنجو پاڻ سڃاڻ، تو منجھ سر سمايو

4 واھ ٻولينڊڙ جي ھي ٻولي، ناھين "رڪيل" اوھو آھي جھولي
اھو اولو ڪيائين اھڃاڻ، پل وجھي تو پاڻ پلايو

سرجوڳ ڪافي 208

ٿلھ وومان ويڙھيچانھ وساريان، مونکي مارن جي آھ اڪير

1 پٽ تي پڪا پنھوارن جا، وو ڏسي تيڙم ساھ سڏير

2 پٽ پھري ڪيئن پاڻ لڄايان، اٿم لوئي اباٽي لير

3 انم مينھن ملير تي، وو منھنجي ھينئڙي لڳي آھ ھير

4 "رڪيل" سختي سانگ وارن تون، وو قيرائن ٿا فقير

سرجوڳ   ڪافي209

ٿل بنان دلبر جي ديدار، او مان گهوريل ڪيئن ٿي گهاريان
1 پور پرين جا پلپل پئژم، سو سو حيلا ساجن ڪئژم
ايندم چگي ڪنهن وار، سهج ڪيون ٿي مان اگڻ ٻهاريان
2 لوڪ مياران لاٿم لاڳا، عشق اکين کي ڏنم اوجاڳا
دم نہ هجان هڪ ڏار، وحدت ويهي ڪيئن مان وساريان
3 غم فڪر تنهنجي سورن ساڙيو، درد ڏکي دل منهنجو اندر ڪاڙهيو
هڪ رڳ رڳ منجهہ تنوار، هو جي هل جون پيم پچاران
4 عشق جون ٻاتيون درد جا دونها سر تہ ”رکيل“ جي اچي ٿيم سونهان
لاٿم برهہ ٻهار، لهي ويون مونجهہ مياران

سرجوڳ   ڪافي210

ٿل جڏهين پاڻ کي فنا ڪرين، تڏهن پوءِ عشق سان اثبات ٿين
وڃائي چڏ وجود کي، اوجي اعليٰ شان شتاب ٿين
1 جاٽي سنجاٽي سي پيا، تنهن درد جي درياءَ ۾
هو ڪنهين ڪنڌي وچي ڪئن لڳا، ڪ خيال هڪ تہ خطاب ٿين
2 هن حد ۾ هر ڪو هجي، هو لاڏڪا لاحد ويا
پئو بي رنگي جي بحر ۾، اوجي اعليٰ اتم عقاب ٿين
3 ملان مولوي ارڪ ڪوڙيون، اکر عمر ساري پيا ڏسن
نہ ٿئي عشق ٻاجهون دل صفا، رک قلب ۾ تہ ڪتاب ٿين
4 ”رکيل“ نينهن لڳو تہ نروار ٿيو، ويو لڪڻ وارو لڪ پڃي
منجهون مراقبي معلوم ٿيو، ڏسي من اندر مهتاب ٿين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجوڳ ڪافي211

تل پئو موج ۾ چو تو ٻچين، سانگو رکين ٿو ساھ جو
لڏو عشق وارن انت هو، انهي دهشتي درياھ جو
1 ڪن اتي ڪڙڪا ڪرن، تنهن جوش ۾ جيرا جلن
تقوا طمع کي ترڪ ڪر تان تين رسيلو راھ جو
2 گم وڃي غوطو ڏيئي، پئو وڃي پاتار ۾
بيڙي نہ تر هو طلب ڪر، چڏ آسرو ملاح جو
3 قلزم ڪارون پار ۾، قطرو اتي رلجي ويو
واهڙ وهي جاڏي وڃي، اهو ٿيو مرتبو ارواح جو
4 سور سختيون سي سهن تن آسرو آه ڪو نہ ڪو
وڃي ڪين ۾ ڪاهي پيا، چڏ پروسو همراھ جو
5 ڪيو سالڪن هي سرفدا، قربان ڪيئي مشتاق ٿيا
سڻ "رکيل" تون چو نہ ٿئين، مشفق منور ماھ جو

سرجوڳ ڪافي212

تل وَنَفَخْتُ فِيهِ فرمان، سٹيا الست آوازتي دل پئي ڪو ڪيندي
1 ياد تڏاهن يار ڪيتوسي شوق شراب تي مست پيتوسي
تت ڳيا غير گمان، طلب تسا ڏي تانگھ چڪيندي
2 عجب عجائب امر منيوسي، وَفي اَنفسيڪُمْ جسم رليوسي
وسر ڳيوسي ڏونهين جهان، سڪ سهٹل دي درد دکيندي
3 حسن حڪايت هر جاءِ ڏکيندا، فثم وَجہُ الله وجھ تهيندا
سر سارا سبحان، طرحين طرحين ڳجهي الفت لڪيندي
4 بار"رکيل" دي سرتي آيا، بسم الله ڪر مين اکين تي چاپا
عشق دا اعليٰ شان، باھ برھ دي روز ڏکيندي

سرجوڳ   ڪافي213

ٽل ڏکيا بار برهه دا بحال آيا، سر عاشقين تي اهو حال آيا
1 ڏيک ناز پرين دي تي نينهن لاون.
ڏک سور اکين تي چمر چاون
اهي خاص خودي ڪون روز ڪاون.
پر جوش خاموش ڪمال آيا
2 روشن روح ٿيا سي منير بدر
دم عاشقين ڪون هي شب قدر
صوفي صفا ڪريندي سچا سفر.
سر مشتاقان تي محال آيا
3 ڏُئي غير ڳياتي ٽٽا ٽڳا....
آيا علم باطوني تي فراق لڳا
ٿيا اثبات عجب شاهي طبل وڳا
ظاهر ذات اهو هڪ خيال آيا
4 ”رڪيل“ رمزلڳي جند جان جکي، جاري زخم اندروچ پيا ڏکي
آيا عشق ازل دا پيم پکي، اهو نور ظهور تي نهال آيا

سرجوڳ   ڪافي214

ٽل حاضر ناظر دل گوش ڪر، هر جاءِ حق موجود آ
1 جي صوفي تين سر ڏي ائين، تان آب زم زم جو پيئين
دارين ۾ جي تون جيئين، او سمجهه دل هي سجود آ
2 نابين دل سجاڻ تون وجي ملڪ ذاتي ماڻ تون
ٻيو غير ڪوئي نه آڻ تون، ويران ڪرهي وجود آ
3 اجا قلندر خاموش هن، درياءُ وحدت نوش هن
اسرار تي سرپوش هن، سائين لاسندو لاجود آ
4 مرشد منور ماهه تي، رهبر ”رڪيل“ جو راهه تي
اثبات ڪر الله تي تي نفي نابود آ

سرجوڳ   ڪافي215

ٽل برهہ ٻاجهون او ڪجهہ مول نہ پاوين، عجب تماشا دم نال
1 دم دم سيتي وو الف جڳا وين، خاص رکين اهو هڪ خيال
2 غافل ٿي تان وو عمر وڃايئي، جيوڻ اجايا هئي جنجال
3 ول نہ تہ اوسين اتان سمجهہ بيگانا، ملڪ پرايا هئي مال
4 سر تہ ”رکيل“ دي وو يار برهہ دا، عجب آيا اهو اقبال

سرجوڳ   ڪافي216

ٽل پنهل ميڏا اوول ڪيچئون هت آيا رات لڌم تان هڪ خواب
1 رات سڄي تان وو رورو وڃايم، برهہ ڪيتم بيتاب
2 مئن تہ تتي دا وو بخت ستارا، رخ ماهي دا مهتاب
3 تانگهہ ازل دي وو سڪڙا وڃايم، شغل ٿيم شوق شتاب
4 اڱڻ ”رکيل“ دي وو قدم مبارڪ، دل جاڳي ڳيا حجاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجوڳ — ڪافي 217

تل درد مريندا سائين دم دم ڏڙيان
عشق نہ ڏيندا وو آرام

1 مئخاني تان وو پيريمغان ڏتم، وحدت دا پيتم جام

2 جان جگر تان وو جوش جلايا، غم ڪاڏي هڏ تمام

3 دنيا عقبيٰ وو بهشت نہ حوران، خواهش اها هئي وت خام

4 سر تہ "رڪيل" دي وو باهہ برهہ دي، نيٽين ننڊ حرام

سرجوڳ — ڪافي 218

تل اگڻ ايندم شل مرشد قدم مبارڪ پري
خطرا وهم ويم دوست ڏني دل تي نري

1 نرن اکيون سڀ عضوا، دل جي اندر مچ تو ٻري
ڪڏهن اجهامي نہ اديون، تڏهن اچان ڪنهن اري

2 ورتم وسيلو مرشد، اديون ڙي هيم پنڌ پري
دعا ڪيوڙي جيڏيون ور تہ ولهيءَ جو وري

3 حجت حاجت هت ناهي، ڪير ڏاڍن ساڻ ڪري
قدم قدم تو گهوريس، ريءَ سانول ناسري

4 راتيان ڏينهان هي، "رڪيل" توهہ تنمنجي تو تري
دل جو ملڪ ڏنم، زهد منجهون هڪڙي ذري

سرجوڳ ڪافي219

ٿل خط خاوند ڏنهن آيم خاصي خوشيءَ جي خبر
درد منهنجي جو دارون دلداري ڏي دلبر
1 جهوڪ شهر جون جايون، مشڪ عطر سان مايون
وڻ تہ چندن سي واسن، ساڻ مولا جي نظر
2 قربان قدمن تون وڃان، اها اٿم اميد اڃان
سولڱين سر صدقي، مان جيها ڪيئي نفر
3 هڪ لحظي لنو لڳم، تڏهن شڪ حجاب ويم
هر طرحين ٿي هڪ ڏسان، سان وسيلي انور
4 سڪ تہ ”رکيل“ رک سچي، پئو تہ پتنگ جان پچي
پنڌ ڪشالا سختيون، سورن جاهي سفر

سرجوڳ ڪافي220

ٿل پنهنجو جانب اٿم جند جان ۾، مان ڪون وسري ٿي نہ پري پري
1 ووڙي ورهين ۾ لڌم، اهي فائيقا قاف ڪري ڪري
2 اهڙي سڪ سچي اٿم ساهہ کي، اهو ذاتي ذوق ذري ذري
3 اهڙو عشق جو آڙاهہ اٿم، منهنجي اندر مچ ٿو ٻري ٻري
4 پنهنجو پرين سڃاتم پاڻ ۾، منهنجي ”رکيل“ دل ٿي ٺري ٺري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجوڳ   ڪافي 221

تل تنهن درد جي دستور سان، عشق نيئي اعليٰ ڪيو
جي ٿيا واصل باالله، جن ڏنو تن تي چيو

1 پيريمغان تي نصيحت ڪئي، مان ڇمي اکين سرتي ڪنئين
وسري ويم پوءِ جڳ ٿئي، تڏهن پر توو پرَ جو پيو

2 ڪعبي اندرتو ڪافر لڙي، ڪديم لعين کي ماري تڙي
مدعي مري دشمن سڙي، ڏس دل پنهنجي ۾ پائي ليو

3 حجاب تن جو پاسي ڪري، اناالحق چوان ذري ذري
جي نہ تو چوان مچ تو ٻري، دئي غير وهمن جو ويو

4 ڏنم درياءَ ۾ ٻيڙي پئي، تنهن سير ۾ ثابت وئي
هڪ ملاح ٻيو ”رکيل“ ٿئي تيو محو محبت ۾ ميو

سرجوڳ   ڪافي 222

تل ٻت آدم جي منجهہ ذات، پنهنجي پاڻ ڇپائي

1 امر ملائڪ فرمان نيائون سجدو ڪرڻ صفات
اهڙي وري ٻيل تہ ٻلائي

2 عذر داڻي جي بهشت مون تڙائي، حوا آدم هيهات
ڳجهہ جي خبر ڪنهن کي ڪين ٻڌائي

3 الانسان سري قول سچن سچاتو تن کي روشن تي ظلمات
هر صورت ۾ بازي بنائي

4 سڪ وارن کي واند نہ ڪائي ڏينهن هجي توڙي رات
عشق اندر ۾ آتش لائي

5 عاشق آدم کون اڳي هياسي لوح نہ هئي قلمات
رمز رکيل کي اڳي جاڳائي

سرجوڳ ڪافي 223

ٽل عقل هي ڪوڙي بات، عشق اناالحق عين الايا

1 فڪر وجودي مطلب تي مقصودي، عمل ڪماوڻ ڪشف قلوبي
لوح لکيا قلمات، جان جسم وچ جوت جڳايا

2 درد دروني وچ پيا دکدا، وڃ ڪتوسي زابر ڏک دا
جل ڳئي جسمات "رمز حقيقي غير وڃايا

3 اپنا نام نشان تي نفي ڪيتوسي، دستئون ساقي جام پيتوسي
ڪيتم ظهورا ذات، مئن نهين آن انهين آپ هلايا

4 عقل نابين تي نفس انڌارا عشق مريندا زابر نعرا
صورت وچ صفات اپنا تون آپ چپايا

5 باهه بره دي سرتي آهي، منهن نہ موڙين رکيل ڪڏاهين
لنگهہ پيوسي ظلمات، جنهين سمجها تنهين سرپايا

سرجوڳ ڪافي 224

ٽل هٿ ڪار ۾ دل يار ڏي بيهودي ڇڏ گفتار هي

1 رلي نفس جون چوهيون چڪيون، سختي ڏيئي گهتجن اديون
پوءِ صبر صابر سيئي سکيون، تن عشق جا انوار وي

2 تو حرص دنيا ۾ هئي، هي هي عمر ساري وئي
ڪرياد رب ڇڏي ٻئي، ڏس دوست جو ديدار وي

3 ٻيون ڳالهيون اجايون ڪوڙا قصا، هڪ جانب ٻنان جيڏيون جفا
هو قبلي وڃي روحي رسيا تن درد واري ڏار وي

4 ميران پور منجهون وڃي مون ڏنو، ظهورو ذاتي جو ظاهر چٽو
مليو رکيل سان مرشد منو، ازلي عبدالستار وي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجوڳ ڪافي 225

ٿل دلڙي ڪيو چڪ چور، مام ڏيئي سهڻا مست اسانجي
1 سهڻل ٻاجهون ساعت نہ سري ٿي، وئي ورهين ڪون ڪين وري ٿي
ورهہ ڪئي وهلور، وحدت ٻاجهون دم ناهي واندي
2 جوش ڏيئي سارو جيءُ جلايئي، زوران زوري ٻره ٻچايئي
عشق مچايم ڦهر ڪلور، راتيا ڏينهان تانگهہ توهانجي
3 ڪرن سڏائون سڏڙيا سهجئون درياهہ جهاڳڻ ترهي ٻاجهون
گهرن سي زاهد ضرور، مرداهي سهڻا مڙن نہ مانجهي
4 جاڏي ڪاڏي جلوو جاني، راز رکيل هي سمجهہ رباني
هر جاءِ ذات ظهور، هڪ دل جاڻڻ حق هيڪاندي

سرجوڳ ڪافي226

ٿل امر تنهنجي سان عاشق ويا ٻولن ۾ ٻجهي
قيد ڪيوهيءَ دلڙي سوز انهيءَ ۾ سجي
1 خطرا شرڪ ويا، هڪ هوتن جي هٽي
پڪي اڃي عشق پيم، نوبت نينهن جي وڳي
2 لذتان ڪائڻ خوشيون، ويم امالڪ پڄي
رات ڏينهان روح رڳن ڪائڻ تن ۾ تانگهہ لڳي
3 ڪڏهن ڳالهيون ڪيان ڳجهہ ۾ ڪڏهن ظاهر ٿي ڏسان
ڪڏهن وڇوري ماريس ڪڏهن سورن ۾ سجي
4 سک تہ رکيل ڪون ويو، ذڪڙو وو اڃي پيش پيو
جنهن ڪيو سر هي سکيو، لالن ڪون سي لڄي

سرجوڳ — ڪافي 227

ٿل ڏنم سهڻل جو سينگار اها صورت پرين جي رنگ گلابي

1 ابرو صنم جا جيئن سيف سقيلا، مجگان تير مانکي مارن ياﻻ
ڪيم دهن لبن جو ديدار، الانساني سر آسابڳي

2 تنهنجا زلف زورا ور مانکي پيچ وجهن تا
اندر ۾ عشق جا الانبا منهنجا جيرا رجهن تا
آيم سر تي بره جو بار ورهه تنهنجي مانکي ڪيو آ ويراڳي

3 هڪ سهڻو بيو سينگار ڪرين ٿو، مشتاقن تي هڻن نه ڏيان ڏرين ٿو
وٺ نه يايان وار، رخ تنهنجو آهي مثل مهتابي

4 باجهه پريون تنهنجو اکيون باجهاريون ريءَ ته ڪجل جي ڪجليون ڪاريون
ڏسي چڙهيو رکيل کي خمار، درد وندن سان تي نه دلابي

سرجوڳ — ڪافي228

ٿل ڪر لاالہ الاالله، ڪر الہ الاالله

1 جن الہ الله ووڙي لڌو، سورن ڪيو تن کان سنڌو
عاصن مٿي امداد ٿيو

2 سک تان سمهڻ ٻن سازتون، مدعي اندر جو مارتون
پنهنجو لکيو هي پاڙتون

3 ويلهو ويهي نه وسارتون اکئين مون ڏسي اختيار تون
ٻڏڪن ڏئي قبر جي ڪوڪارتون

4 سڪ يار جي جيءَ ۾ جڙي، ماڻهو مڙئي چنوندم چري
دشمن وجي سڪندو سڙي

5 سعيو ثمر هي ساڻ ڪر رڻ راهه تي اڳتون پڌر
هي دنيا چئي سارو سفر

6 جي تون پرين پنهنجو پسين، دشمن اندر دل جو دسين
پوءِ ته رکيل رب کي رسين

سرڪوهياري ڪافي229

ٽل بڏو سندرو سچن، سي ڪيئن ناڪيچ پڇن
جن کي سڪ سچي، سي حاضر هجن
1 رولا اڳيون گهٽا راهه ۾، وات وڪوڙيم حودي خطرن
2 قول ڪري ڪاهي ويا، مرداهي منڊون ڪين منجهن
3 سک هي چڏي پيا ڏک ۾، درد وارن کي پيا سور سجهن
4 "رکيل" سي تہ رسيا وڃي، پوءِ تہ سوين توٽي پيا خوف ٻجن

سرڪوهياري ڪافي230

ٽل اديون پير پنهل جو، لوچي لڌائون
1 سچاٽي تہ سون ۾، ڏورئون ڏناٿون
رند وني تہ رسيا وڃي، ڪشي ڪمر ٻڌائون
2 وات اٽائي ورالا، سو لانگها لنگهيائون
وڃي وسم کي رسيا، اها منزل ماٽائون
3 ٻاري ڪورو ڪنبپ جو، منجهه ذاتي رڏائون
ڏوئي دل سچائي کي، مهتي ميرا ڏوتائون
4 "رکيل" اهو راز آ، هي تا ٻولي ٻڌائون
ڪي سالڪ سمجهن ڳالهڙي، ڪن سڌڙ يا سڌائون

سرڪوهياري ڪافي231

تل اديون پيمر پهہ پنهل سان، هي جاٽي سجاٽي
1 ڏکي واٽ ڏونگر جي، متي مردن هي ماٽي
چڙهيا چاڙهيءَ ڪون وجي، منهنجي آزي اگهاٽي
2 سورن جي تہ سامان جو، پڌ تصو ڪهاٽي
پورهيو پلئي جي پويئي، نہ نہ وتين وڪاٽي
3 ڪٺاهو تہ قلوب ۾،ٻري آگ نہ اجهاٽي
محنت ڪر تہ مرد تين، تيءُ پورهيت پڄاٽي
4 دهشتي درياءَ جو، مٿئون ڦوتو جيئڻ پاٽي
”رکيل“ رلجي ويو، اها صورت سجاٽي

سرڪوهياري ڪافي232

تل هي هي درد ٻنان دانهان ڪير ڪري
جنهن کي لنو تہ لڳي آيو عشق جي اري
1 عشق وڌم آڙاهہ ۾، دل ۾ دلبر مچ تو ٻري
2 رمز لڳم رڳ رڳ ۾، ماريس تنهنجي مان ذوق ذري
3 دانهان درد فراق جون، ڏوهہ ڏسي منهنجو تو ڏيل ڏري
4 ”رکيل“ رت روئڻ جي، ائين تي اجايو ٻيو پنڌ پري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرکوهياري ڪافي233

ٿل سورن ۾ منهنجي دلڙي سڙي
ناهي واند فڪر کون هڪڙي گهڙي

1 سرتيون سک نہ سنيران، لڳت لڳيم اها درد ڏڙي
2 لوڪ سنوتہ ننڊان ڪري، روئيندي لنگهيم ساري رات رڙي
3 پلنگ چي سيج سورن جي، زهر پايان ڪاڏا ڪائڻ ٻڙي
4 ”رکيل“ سان يارملڻ جي، آءُ سڪان توڪان تون ڪرنہ اڙي

سرکوهياري ڪافي234

ٿل اديون آگ اندر ۾، اچي ٻاروچي ٻاري
1 دانڌان دمن جي اچي، هيٺ مٿي هيڪاري
پڙڪي ٻاهہ برهہ جي هي وس نہ ويچاري
2 جيئن سهاڳو سون ۾ گڏجي ذاتي ڪوٺاري
ذڪر ڪين زبان سان دل اوجاڳي اوجاري
3 جيڏيون انهي جوش ۾ ڪين اچي قراري
اڻ ترڻ اور اندر ۾ لڳي جبرو تي جاري
4 ”رکيل“ ڪيئن رکي تو، پاڻ ڏاڍي سان ياري
نينهن نيائڻ نياز سان، هاٿي مڙڻ مياري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪوهياري ڪافي235

ٿل مونکي سور پرين جا ساڙن ٿا
منجهہ قلب، جگر کي ڪاڙهن ٿا

1 سور نہ جاڳج اها سيج تي، لوح قلم لکيو پاڙن ٿا
2 سک عشق وارن جون عادتان، اهي ڳوڙها هنجون ڳل ڳارن ٿا
3 لنونءَ لنونءَ ڇي لولي يار جي، ور وڏيون مونکي واڙن ٿا
4 "رکيل" ڇي پور پرين جا، طبق طبق تي چاڙهن ٿا

سرڪوهياري ڪافي236

ٿل هنڙي حال نہ ڪنهن کي ٻڌائيندس
اهي سور سڄڻ سيني منجهہ پائيندس

1 جلن ٿا جيرا جوش ۾، پاڻ نہ پنهنجو پائيندس
2 اڇي وئي آ عشق جي اويڙ ۾، گام نہ پوئتي گهٽائيندس
3 جي سانپيان سورتہ سڙي وڃان، ڳليءَ ڳليءَ تي ڳالهيون ڳائيندس
4 صدقي سرهي "رکيل" جو گهور ڪيو پرين تون گهمائيندس

سرڪوهياري ڪافي237

ٿل پنهنجي اندر چرکو چور اديون، مانکي عشق وڌي اچي ڏور اديون
1 سک ناسمهان ڪيئن سيج تي، اٿي الف سان اور اديون
2 نہ تہ ڪوڙي ٿيندينءَ ڪانڌسين، اٿي سورن وارا سڳڙا سور اديون
3 ويندس مان رهندس ڪينڪي، درد لڳو اٿم زور اديون
4 صدقي سر تہ "رکيل" جو پنهنجي پرينءَ تون گهور اديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪوهياري ڪافي238

ٿل ڪيچ وڃڻ جو پنڌ آهي پري
اوڪا لڪ تہ جبل ڏني تو هانءُ ڏري

1 هيڪل ويندس هوت ڏي، ساعت هتي منهنجي ٿي ڪين سري
2 سورن جو سنڌرو ٻڌي، سڪ تہ وڃايم انهي سور ٻري
3 اندر ۾ آگ لڳم تہ عشق جي، ڏاڍو ڏک تہ ويو اٿم زوريري
4 ڏنم رولا رنڊارڻ راهہ ۾، قلم لکيو سو ڪين ٽري
5 لڌم تان پير پنهل جو، ”رکيل“ سڄاتم قلب ڪري

سرڪوهياري ڪافي239

ٿل اها آهي عقل جي ڪرت ڪچي، لنگهي عشق وارا بيٺا مرد مچي
1 ڇڏ عقل انڌي نابين ڪي، عقل وارا پيا غير ۾ گچي
2 محبت جي ميدان ۾، پر وانا پيا پتنگ پچي
3 مستي خدا جي خيال جي، رمز انهي ۾ پياسي رچي
4 لکيو لوح قلم ۾ ”رکيل“ جي اها ڳالهہ سچي

سرڪوهياري ڪافي240

ٿل مونسان ڪيچن پنهنجا قرب ڪيا
ڏسي ذات ٻاروچل جي هوت ويا

1 ٻاروچل ٻيا تہ گهٽا ٻڌم، هڪ تہ پنهل سان منهنجا پيچ پيا
2 آيم اوچاڳا تہ اکين کي، اچي سنگت منهنجا سور ٿيا
3 شل ڪوڙي ٿيان نہ ڪانڌسان، منهنجا الست ڏهاڙي جا انجام هيا
4 ”رکيل“ پرجهي ڏسجاڻ پاڻ ۾، محبت ۾ ٿي تون مست ميا

سرڪوهياري ڪافي241

تل اٿم رات ڏينهان تہ فراق اديون
ناهي وس منهنجو ڪو واڪ اديون

1 پنڌ سچوئي سڪ سان، مانکي گھرجي نہ ٻيو اولاڪ اديون
2 ستر صبر سان نہ ٿو اچي، درد اندر ۾ آ چاڪ اديون
3 هي هي ڪيان ٿي هوت ڪان، مان نہ سڏن عوشاق اديون
4 "رڪيل" محبت چڏ تون غير جي، پنهنجو پرين تہ سنجاڻج پاڪ اديون

سرڪوهياري ڪافي242

تل منهنجي ڪانہ لڏائون سنيار اديون، ڏيئي ڏيرويم غم جا بار اديون
1 سونهين ٿيان ڪيئن سات جي، ڪنهن ڪئون پچان پنهل جا پار اديون
2 سرتيون سوز فراق ۾، وهن اکين ڪئون نار اديون
3 لائيندس خاڪ لڳن ڪي، لوڙهہ لٽيا منهنجا وار اديون
4 "رڪيل" ڪي آسڪ تہ سجڻ جي، مني آ پنهل جي گفتار اديون

سرڪوهياري ڪافي243

تل نہ جاڻان ڪيئن ٿيندي ڪل ٿي ڪانہ پوي
منهنجي ڪانہ ڪيو نڪا باجهہ پيو

1 ڪشي ڪانہ ڪمان مون، ترڪش وارا تير هنيو
2 جوش ڏيئي جسمات کي، مونکي ڏيئي سور ويو
3 فَاذ ڪُرُونِي اَذڪُر ڪُم، پنهنجا سچا اهي قول ڪيو
4 "رڪيل" جو عرض اهو ٿي، پاڻ ڪھُيَنِ جا بار ڪنيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪوهياري ڪافي244

تل مان ڪيچ ويندس ڪيئن پنڌ ڪري
هنڙي ساعت منهنجي تي ڪين سري

1 اوکو پنڌ تہ جبل جو، ڏونگر ڏسي منهنجو ٿو ڏيل ڏري
2 سورن جو سندرو ٻڌم، ماريس تنهنجي مان سور ڀري
3 ڏيندس باھ ڀنڀور کي، چوڪنڊ ٻاري ڏيان ڏري
4 "رکيل" باھ برھ جي، منهنجي اندر ۾ ٿو مچ ٻري

سرڪوهياري ڪافي245

تل سجڻ ٻاجهون منهنجي ڪين سري
دل دلبر کي دم دم ياد ڪري

1 سک تہ سمهان ڪيئن سيج تي، ننڊ نيڻن کي ٿي زوريري
2 ڏکيو آ عشق عجيب جو، من ۾ اندر ٿو مچ ٻري
3 اعليٰ ڦٽ تہ فراق جا، ڏوھ ڏسي منهنجو ڏيل ڏري
4 اڱڻ "رکيل" جي اچي، ڪڏهن ايندو منهنجو هاڻ نري

سرڪوهياري ڪافي246

تل اٿي تہ ڏنم پنهل جا پير اديون
اهڙا ڏيئي تہ ويم ڏک ڏير اديون

1 جت تہ ڪري ويا، اصل هُينِ ڪي وير اديون
2 غافل ٿي تہ ستيس مان، پنهنجي ڪرمن جاهيم ڦيراديون
3 سنجهي ساٿ ڪٽي ويا، ڪري هن تتيءَ سان انڌير اديون
4 "رکيل" رھ تہ فراق ۾، ناهي تہ ڪنل هي ڪير اديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ڪوهياري ڪافي 247

ٿل هن چوريءَ ڪي هنڙي چپر چڙي، منهنجا ڏير وياهتون سات لڏي
1 سرتيون شهر پنهور ۾، نہ پوندس ڪنهنجي ڪين تڏي
2 پنهل ونئي ويم پاڻ سان، ڪرهل چاڙهي پيلهہ گڏي
3 لڏم پير پنهل جو، پنڌ پيس وجي جبل وڏي
4 ”رکيل“ آريءَ جام ڪي، نيڻ پريون تي سڏڙا سڏي

سر ڪوهياري ڪافي 248

ٿل ائين ڏونگر سان ڏک ڏوريندس
وجي لڪ تہ لنگهي سر پنهنجو گهوريندس
1 اعليٰ ڦٽ تہ فراق جا، چاڪ اندر ۾ چوريندس
2 هي هي ڪيان تي هوت ڪا، سورن وارا سڳڙا سوريندس
3 ڏيندس باهہ پنهور کي، ڦوڪي ڦوڪي مان باريندس
4 ”رکيل“ سچو پنڌ تي سبحان جو، ويهي عشق عقل کي توريندس

سر ڪوهياري ڪافي 249

ٿل الست ازل کون آيم امانت
دستون پيريمغان جي ٿيم هدايت
1 نٿم چہ واند وجود کي، ونگ تہ وڌ اٿم سچي وحدت
2 مئخانو ڪعبو ڏنم، دل تہ وئي اٿم انهي ولايت
3 دم دم دلبر ياد اٿم، نٿم وسارو ڪا ساعت
4 ”رکيل“ رمز پريڻءَ جي، روز وسي تي سچي رحمت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪوهياري ڪافي250

ٿل لڳي محبت ڪيو مستان مونکي
تنهنجي نينهن نسنگ نيشان مونکي

1 لڪڻ ڇپڻ لنگهجي ويو، برهه ڪيو بدنام مونکي
2 الف منجهون اظهار ٿيو، سارو سيني ۾ فرقان مونکي
3 لطيفا لدني علم جا، ڪيو باطن ۾ ته بيان مونکي
4 ”رکيل“ رخ ته پرينءَ جو، عشق ڪيو اعليٰ شان مونکي

سرڪوهياري ڪافي251

ٿل آيو آ عشق اندر لڳي آ درد ڏڙي
ظهورو ذات ڪيو مٿي ويو خيال چڙهي

1 پنڌ پرينءَ جو ويجهڙو، دل ۾ لڏم بڏي ڪاہڙي
2 اٿم ڇه اور عجيب سان، روئندي ويم ساري رات رڙي
3 لڳم ڇه ٻاڻ ٻروچ جو، شل ته وڃان تنهنجي سڪ ۾ سڙي
4 ”رکيل“ رهبر سان رلجي ويو، ڪيئن ته گهاريا مان هڪڙي گهڙي

سرڪوهياري ڪافي 252

ٿل ڏسي چشم تنهنجا ٿيس مان چور چري
ويم هوش عقل انهي وقت وري

1 ڏاج مليم ته ڏکن جو، اندر منهنجي ۾ ٻاهه ٻري
2 ڦٽيل دل ته فراق جي، شل نه ملان ٿئي سڪ نه ڀري
3 ڏنم ظهورو ذات جو، دل جاڳي پيم نيڻ نري
4 ”رکيل“ هادي هر رنگ ۾، يار ڏنم ٻڌو خبر ڪري

سرڪوهياري ڪافي253

ٿل ڍڪيان ڪيئن قابو ڪري وجي پڌر پيون
مانسان اچي عشق عجيب جون ڳالهيون ڪيون
1 وحدت جام وصال جو، ساقي ويم اهيو ڏاڻ ڏيون
2 هوڪو ڏيئي حق تو چوان، وجي ٿو امالڪ عشق ڪيون
3 ڪتڻ ڇڏيم تہ ڪڏهن جو، آتڻ اُجاريم چرخو ڇيون
4 ”رکيل“ صوفي صاف ٿيو، ڳالهيون وهم جون سيئي ويون

سرڪوهياري ڪافي254

ٿل ويڙهي منهن مُئن جان، هي تون ستين سنجهي ٿي
1 پنهنجو ڏوهہ نہ پاڻ ڏي، هي تون ڏنئي نہ ڏيئي
وجي بين جي پچر ۾ پئين، هتون ڪنبندا ويا ڪيئي
2 اتي آڏيءَ رات ڪي، من ڪو حيلو هليئي
غافل غفلت ۾ ويئي، اها عمر اتيئي
3 جن ڪي عشق عجيب جو، هي ڇڏيائون بيئي
هاديءَ سان وجي هڪ ٿيا اهي مرڪن مٿيئي
4 ”رکيل“ دلبر دل ۾ آيو پرين هي پيهي
سنگت سمجهي سولهو ٿيندو سر ها سيئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪوهياري ڪافي255

تل پينر شهر پنيور ۾، مونکي اوجاڳو آيو
ڪيئن سرتيون سمهان سيج تي، ڏاڍي ڏکن ڏکايو
1 هي هي ڪندس هوت ڪان، مونکي جتن جاڳايو
لڳم نينهن نصيب تي، ڪجھ نہ ڪرمن ڪمايو
2 پني جام پنهل جي، نيئي روهن رُلايو
ڪيئن لهندس پير پنهل جو، هت چڪن چپايو
3 لتي دل لڪن ۾، انهن رولن رنڊايو
4 "رڪيل" سمجهي سو لهين، ائين تي نہ اجايو
پنڌ پرينءَ جي پار ڏي، تيندءِ سهجون سجايو

سرڪوهياري ڪافي256

تل اديون مارن جي ماڳ تي، اوتم طرحين تنواران
1 ڪيئن آهہ ڏسيندس عام ڪي، اتم اندر اوراڻو
هتي هتي تي هڪ ڏسان، ڪندس پرين پچاران
2 مني ٻولي مارن جي، هت هنجون تي هاريان
درد پري هي دل ويچاري، تي سهجون سنياريان
3 ڳات پريون ڳوڙها ڳاڙيان، منهنجو هانءُ تيو ڦاران
اُنم ملڪ ملير جو، ٻڌيون ڪونجن قطاران
4 "رڪيل" انهي راه سان، هي تيون هلن هزاران
وڃي ماٽيندين ملير کي، جتي بارش آهي باران

سرڪوهياري ڪافي257

ٿل منهنجا مارو ملڪ ملير ۾ اوتم اديون اباڻان
1 ڪين ٿڪندس ڪوٽن ۾ هت ماڙين جا ماڻان
هت پڪا پنهوارن جا، اهي ساهون سيباڻان
2 عمر جي ايذاءَ جا، هت پلنگ وهاڻان
ڪيئن سکي سمهان سيج تي، اهي سورن وڇاڻان
3 جهلو جهوڪ ڏٺين جو اتم اجهو اڏاڻان
ڇپر چوري ڪيئن ڇڏيندا، منهنجي پرين پنجاڻان
4 ”رکيل“ رمزان روءِ بروءِ، سچ اکين سان ڄاڻان
نينهن نوان ڪيا عشق اَجاري، اهي پلو پراڻان

سرڪوهياري ڪافي258

ٿل ور ويهي ڪيئن وساريان، منهنجي ٻاروچل سان ٻولي
1 سمهڻ ڪين سبائي، نڪا خوشي دل کي آهي
تنهنجو غم هڏن کي ٿو کائي، اها لون لون ۾ اتم لولي
2 جيئن سِپ سمنڊ ۾ پياسي، ائين آهيان توڪان اداسي
مني دلڙي ويڙهم قاسي، هي روهن ۾ تو رولي
3 پنهنجي ڪرمن کون ٿي پايان، مان ته ڪنهن کي ڪين ٻڌايان
جند هر مل جان ڏکايان، اها گهوري ٿيندس گولي
4 رکُ ”رکيل شاهه“ جورايو، تون ته روزون روز سوايو
منهنجو مرشد مان وٽ آيو، مان ته جانب پانيان جهولي

سرڪوهياري ڪافي259

ٿل اٿين گهوريو جيئڻ جڳ ۾، پنهنجو سڳ نہ سڄاڻان
1 اٿي اور الف سان، چڏ سيج وهاڻا
چرخو چورج جت چڱي سان، ڏج اندر اوراڻا
2 لايون نينهن نندان ڪرين، هينئون وڏءِ وڃاڻا
اٿين ڪوڙي تيندينءَ ڪانڌ کي، پوءِ ٿيندءِ پڇاڻا
3 تنهنجو آ ماڳ متي ۾، ڪيڏا ڪرين هٿ ماڻا
هيٺي تي تان هنڌ لهين، اتي عاجز اگهاڻا
4 "رڪيل" روئيندي راتڙي، اٿين جاڳيون تي جاڻا
دلبر لڌم دل ۾، ڪيم عشقون الاڻا

سرڪوهياري ڪافي260

ٿل اديون آريءَ جام سان، منهنجو لڳئي جون لائون
1 سهاڳ واريون سيج تي، ڪيئن سمهن اجايون
جن جي اور عجيب سان،وڃي لوچي لڏائون
2 انگ لکيم تہ ازل جو، ويم قلم وهايون
چونہ پاڙيندس پنهنجو، ويم جانب جڳايون
3 ووڙي ور لڌم تان، ڪري قلبون ڪمايون
دلبر سا ن دمن جي، اکيون او جاڳي آيون
4 "رڪيل" انهيءَ رمز ۾، پنهنجو پاڻ ٿا پڇايون
سڙان سجڻ جي سوز ۾، دل دردون دکايون

سرڪوهياري ڪافي261

ٿل مونکي پنهل نہ نيو پنهنجي ساڻ اديون
اڄي وري تان وسائيندو ياڻ اديون
1 هن تہ شهر ڀنڀور ۾، ڪنهن سان ڪيان ڪا رهاڻ اديون
2 سورن جو سندرو ٻڌي، لڪ تہ لنگهيس هاٺي ڇاڻ اديون
3 وڃي ويجهي ٿيس تہ وسم ڪي، ڏٺم پنهل جو وٿاڻ اديون
4 "رڪيل" پرين تہ سنجاتم پاڻ ۾، محبت وارا ماڻ اديون

سرڪوهياري ڪافي262

ٿل ڀينر شهر ڀنڀور ۾، ٿيم ڏوهڻ سان ڏاڙو
1 ننڊ ندوري ڪيئن ڪيئي، ڪانڌ ويئي ڪڄاڙو
ڏيئي ويم ڏير ڏکن جو، اهو سورن جو ساڙو
2 پنڌ پري اٿم وات اٽائي، ڪيئن ڪندس لڪن ڪون لاڙو
سڪ وڃايم ستر سارو، منهنجو پنهل سا ن پاڙو
3 آيم پنڌ جبل جو، ڪندس روهن ۾ راڙو
شل ڏيندم پاند پناهہ جو، نہ ڪندم اگهاڙو
4 "رڪيل" وڃي ڪيئن رسندين، هي تہ ڪاڏي ٿيو هاڙو
وهہ واہ وسيلو ويجهو ڪندم، تنهن چاڙهيءَ مون چاڙهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪوهياري ڪافي263

تل مونکي ڪيچ وڃڻ جي ڪل ڪانہ پيم ڏيئي ڏيرڏکن جوهي ڏاج ويم
1 اُتي اسر ويل ڪي، او هئي هئي ڪيو اهي هتڙا هنيم
2 سرتيون شهر ڀنڀور ۾، اوجَائي ڪئي مون سان جاڙ جتن
3 هي ناسونهين ساٿ جي، او سنج ۾ اديون اها رات پيم
4 ”رکيل“ آري ڄام جي، او شل تہ پوان وڃي مون قدمن

سرڪوهياري ڪافي264

تل جيئن مهميرو اڪسير ٻڌم، هڪ يار پنهنجو بينظير لڌم
1 ڪيميان ڪم آهہ ڪچن جو، عشق بنان سارو سور سندم
2 وسري ڪين وجود کون، ٻهڳڻ مون سان اديون ٻول ٻڌم
3 جي جسم جند جان هي ”عشق جي ڪٽاهي منجهہ رڌم
4 ”رکيل“ پاڻ پڪو ٿي، جوش جلائي ڪوهہ طور ڪندم

سرڪوهياري ڪافي265

تل اهو عشق آدم کون اڳ جو هيو، تڏهن محب اڇي معراج ڪيو
1 سارو سر آهہ صفات ۾، فن فخت فيه مِن روحي تو پاڻ چيو
2 الست ازل لوحون قلم، تنهن کون اڳيآواز عشق جو پيو
3 احد چئي احمد هيڪڙو، فرق دئي جو مونکون وهم ويو
4 وحدت جي بحر عميق ۾، ”رکيل“ وڃي گم غوطو هنيو

سرڪوهياري ڪافي266

ٿل ناهي وري ادبون ڪواج ڪاهہ جو، منهنجو ڏينهن ازل جي نينهن لڳو
1 ڪچو ڪم ڪوڙو چاهلي"پلو يار" اصل نقل جو ڏنم سنڌو
2 اوهي دل تي هڪ يارسان، چا تہ ڪنديس بين کي توڙي ڪوسيال سڄو
3 اوساءَ چڪيم هڪ سور جو "اويوتو عقل جو برهہ پڳو
4 او "رکيل" رهيو آ رمز سچي ۾، عشق جو اندر ۾ طبل وڳو

سرڪوهياري ڪافي267

ٿل سرتيون سندرو سُورن جو ويو پنهل بڏايون، ويو ڀڄڻ بڏايون
1 ڏکي واٽ ڏونگر جي اڳيون چيتا بلايون
سڪ سچي جي اڳتون نڪو ڊپ نہ ڊجائون
2 آسرو تہ پنيور جو مان چڏيو هي لاهيون
بڏم ڪم ڪيچ ڏي اها سورن جي ساهيون
3 لانگها لڪ لنگهي متي ڏنم ڏاڪا ڏکايون
وجي پونديون پنهل جي ڪن هن درد جون دانهون
4 سنگہ متي تہ پنهل سان ڪيئن سينو هي ساهيون
شل پوندي پاجهہ پروچ کي منهنجي چني ڳنديائون
5 "رکيل" انهي راهہ تي نتي وسم ويجهايون
سهڻل لڏم سنج ۾ ڪندو پلو پلايون

سرڪوهياري ڪافي268

ٿل مون سان جاڙڪئي آهہ جيڏيون جتن، منهنجو پنهل وني ويا پنهنجي وطن
1 غفلت ڪيف تتيءَ کي ڪين ڪيو آهي منهنجي ڪرمن
2 لائيندس خاڪ لڱن کي چائي تہ وجهي ويا چوريءَ جي چتن
3 پيرين پنڌنا اجهي پلو يار، ڪيئن تہ ڪيان هي حاج هٿن
4 "رکيل" جو هوت بلوچ سان لوهہ محفوظ تي انگ تا لکن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪوهياري ڪافي269

تل جڏهن پنهل ويو تڏهن فراق لڳم، سچو عشق پرين جو پاڪ لڳم
1 وڇوڙو هوت پنهل جو، ڏک تہ اندر ۾ چاڪ لڳم
2 گهوريا گهر تہ پنيور جا،سهڻا سڪ تنهنجي جو اشتياق لڳم
3 او ساجن سان سودو ڪيم، سِرُ تہ ڏيڻ جو واڪ لڳم
4 رکيل هر رنگ ۾ هڪ تِوڙِ سان، تڏهن مثل عشاق سڏيم

سرڪوهياري ڪافي270

تل منڙي بلوچن جي ذات هيا، رهي رات اديون مونکئون ڏيرويا
1 وجهي ويا درد فراق ۾، جلن تا جيرا جوش پيا
2 چوان ڪرمن پنهنجي نصيب کي، پنهل مون سان قول ڪيا
3 آيم پنڌ جبل جو، سنگتي ڪري پنهنجا مان سور ڪنيا
4 عاشق سڏن آفات کي "رکيل" اهي آهن مرد ميا

سرڪوهياري ڪافي271

تل ورووڙي پنهنجو پاڻ ۾ لڏمر، اچي پاجهہ پاروچل قرب ڪيم
1 دلبر ساڻ دمن جي "پلو يار"، وحدت وارو ويساهہ ٻڌمر
2 محبت جي ميدان ۾، پلو يار ذاتي اسمر پنهنجي دل ۾ رڏمر
3 اتمر لون لون لولي يار جي "پلو يار" رڳ رڳ ۾ اهو ساز سندمر
4 "رڪيل" وسار نہ هوت کي "پلو يار" او ائين چڱو مرشد چيمر

سرپيروي ڪافي272

تل هي جهان سڄو ٿي سينگار عجب، واهہ دلبر جو ديدار عجب
1 حسن تنهنجي هيءَ صورت ساري، هميشہ تازي اتمر بهاري
عاشقن کي اها ڏنئي ڏيکاري، باطن وارو اسرار عجب
2 هر طرحين جلوو نور ڏٺمر، تنهنجي ذات صفات ظهور ڏٺمر
الانساني سر مذڪور ڏٺمر، ناهي بيرنگ جو ڪو شمار عجب
3 ڪل شيءِ قدير آن، بي مثل بي نظير آن
هر صورت سميع بصير آن آڻي عشق ٻڌمر اعتبار عجب
4 ڏٺمر دروني جهاتي پائي، درد ذکن سان دل جڳائي
درياءَ حقيقي تو منجهہ سمائي، تنهنجي نينهن ڪيمر نروار عجب
5 جهوليءَ ۾ اچي عشق جهليو، تڏهن "رڪيل" جو اوراڪ کليو
جهوڪ شهر ۾ محب مليو، صاحب عبدالستار عجب

سرپيروي   ڪافي273

تل اپڻي ظاهر ذات ظهور ڪيتئي، سر آدم دا مشهور ڪيتئي
1 بوتا خاڪي عجب انسان نمايئي، عشق لڳئي تي آدم بنايئي
وچ تهين دي روح رلايئي، ڪنهن دانش تي دستور ڪيتئي
2 جڏان عشق نہ هاتي هيئن ڪُسي اڪيلا، نا ظاهر ڪوئي تابش تجلا
روز ميثاق دا ڪيتئي مثلا، ڳجھ عاشقين ڪون مخمور ڪيتئي
3 عشق تيڏي وچ عاشق هوون، دم دم نال جواهر پوون
درد فراق رت پئي روون، وچ وحدت دي وهلور ڪيتئي
4 احد تي بن احمد آيا، عبديت دابر قعہ پايا
وچ عرب دي فيض هلايا، اهو نور، اعليٰ نور ڪيتئي
5 سمجهہ "رڪيل" تان ثابت تيوين، شوق شراب دا پيالا پيوين
موتو قبلل مرتي جيوين، برهہ لڳاتي پرپور ڪيتئي

سرپيروي   ڪافي274

تل اول آدم سان اقرار ڪيئہ پوءِ عذر داٽي جي ڪٽي ڏار ڪيئہ
1 بهشت سڪونت جاءِ پاڪائي، حوا آدم کي خبر نہ ڪائي
فراق وڇوڙو تيڻ جدائي، مشرق مغرب تي فرار ڪيئہ
2 ارواح روح الست ڏهاڙي، اسرار تنهنجي کي ڀيو ڪير اگهاڙي
جيڪا قلم وڙهي ساهر ڪوئي پاڙي، سر عاشق جي مدار ڪيئہ
3 ڪُن چئي فيڪون بنايئي، هر صورت ۾ پاڻ سمايئي
انسان عجب پنهنجو قرب ڇپايئي، لک نالا شهر شمار ڪيئہ
4 بادي ناري آبي خاڪي، چڏ عناصر تي بقا ۾ باقي
نصيب وارن جو تي تون ساقي، اهي وحدت جا ويچار ڪيئہ
5 دئي تني هيءَ وئي بناوت، جان جسم هي دل ولايت
حق سنجاتم عين هدايت، عشق "رڪيل" تي طومار ڪيئہ

سرپيروي ڪافي 275

تل ڪر حملا حسن حضور آيا تي ظاهر عشق ظهور آيا
1 حسن تيڏي ديان فوجان چڙهيان، چو طرفين ڪر حلقي ڪڙيان
نال جسم دي لاشڪ لڙيان، وچ محبت دي مخمور آيا
2 اپڻا نينهن نروار ڪيتئي، سر عاشقين دي اظهار ڪيتئي
الست والا اقرار ڪيتئي، اهو سچا قول ضرور آيا
3 عشق بنان هي اجايا جيوڻ، شوق شراب پيالا پيوڻ
سر سنجا پڻ سالڪ ٿيوڻ، برهه لڳاتي پرپور آيا
4 وچ دروني جهاتي پاوڻ، خوش خوراڪ خودي ڪون کاوڻ
دم دم نال اسم جڳاوڻ، ايهو نورون اعليٰ نور آيا
5 سر "رکيل" دي باهه برهه دي، بيشڪ بلدي ناوت لهندي
غير اندر دا ڪڍ صاف سڙيندي، سمجهه تي اهو سور آيا

سرپيروي ڪافي 276

تل ڪعبو منهنجي من ۾ مڪو آ، دل ۾ ڏنم ڏيان ڏري نئم پري
1 فاذڪروني اذڪر ڪم، قول ٻڌم دل تي نري واڳ وري
2 ووڙي ورهن ۾ لڌم، ڏڪ ڏاڍا زهد ڪري، هي نفس مري
3 هر دم حج هميشان اٿم، ياد پرين ذري ذري، هڪ دم نه سري
4 "رکيل" اندر ۾ اچي، مچ محبت جو ٻري، هي ڏونگر ڏري

سرپيروي ڪافي 277

تل تنهنجي حسن صورت جو ڪو سير ڪري
ائين جيئڻ جڳ ۾ اڳي چو نہ مري

1 ڪسي پيريمغان جي دستون ڪاتي، حال چڏي پوءِ هيءَ حياتي
جان جسم ۾ پائي جهاتي، پوءِ ونحن اقرب نانهہ پري

2 ويهي وحدت ۾ اهي غرق ٿيا، اهي مونا تن محراب ڪيا
سر سجدي ۾ اهي مرد ميا،پوءِ جوش انهي ۾ پيو جيءُ ڳري

3 جنهن جو روز ازل ڪون نصيب هجي، پوءِ عشق وارن جي تلقين ٻڌي
زڪر قلبي ڪمائي وجي ذات پجي اها سمجهہ رکي اهڙو ڏيان ڌري

4 اول پنهنجو پاڻ پسي، پوءِ باطن وارو ڏيهہ ڏسي
هر مظهر ۾ تو يار وسي، لکيو لوح قلم سوڪين ٽري

5 اهڙي لڳت لڳم ڪيئن آرام ڪيان، هڪ دم دم ۾ تنهنجا نازنوان
ڏکيو حال ”رکيل“ هي ڪنهن کي چوان، اهڙو درد لڳم اندر مچ ٻري

سرپيروي ڪافي 278

تل هن ساهہ کي سزا ڏيئي، سچ زهر جي پيئڻ وٽي
ڪن لڙائي جسم سان هي جنگ اڪبر جن ڪٽي

1 زخم جاري ٿيو اندر ۾، عاشقن جي دل ڦٽي
دوا دارون نالڳي، ڪهڙي ٻڌن تنهنکي پٽي

2 مرد هن ميدان ۾، سوپ ڪن سورهہ سچي
ماري نفس نجس نادان کي، ڳجهہ ۾ وجهن تنهن کي ڳٽي

3 صاف ٿيا صوفي سچا، غير ڪون پاسي پچي
اچي عشق ماريو آ عقل کي، بحري باز وانگي ڏيئي جهٽي

4 عجب ڏٺم انسان ۾، رمز مولا جي رتي
الانسان سري وانا سرهہ، محبت تنهن ڪون نا متي

5 سڻ ”رکيل“ هي سمجهہ تون، عاشقن سختي سٺي
درياءَ وحدت نوش ٿيا، صدقي ڪيون سرهي سٽي

سرپيروي ڪافي279

تل ساڙيو سوز سڄڻ جي هي ڏيل ڏکن
دونهان درد وندن جا روز دکن

1 آنگاس وڃي دونهين لاٽ ڪئي، متي عرش عظيم تي آهہ وئي
رليا حق سان جڏي هي جهان ڀئي، اهي جان جسم سان جيءَ جکن

2 اهڙي باہ برهہ جي منجهہ پئي، گهڙي مچ ۾ مانجهي تان مرد ٿئي
تڏهن وحدت وارو جام پئي، اهڙي فائقن ۾ اچي بار بکن

3 عشق جا جهولا ڪير جهلي، لائي ڏوڙ لڱن کي خاڪ ملي
تڏهن رمز انهي ۾ ڪو رند رلي، گهلي واءُ تکي ڏني لحظ لکن

4 اوجاڀن آرام وڃايو، بار ”رڪيل“ جي سر تي آيو
ڪجهہ نہ ڪيم مان ڪين ڪمايو، جڏي نيٽين ننڊ هي ساءُ سکن

سرپيروي ڪافي280

تل خودي کي هٽياڻون، اهو ماڳ نامٽياڻون
ڪري حال هيٺو هتون بازي ڪٽياڻون

1 نہ ڪر هوڏ هستي سدا رهہ صبر ۾
ڪري ويهہ گوشو ذڪر ۽ فڪر ۾
اي سمجهي سنڃاڻي سڀ سانگا سٽياڻون

2 ٿبو ڏاهہ تڪبر تي فاني فنا ۾
ڏس نور تجلو بقاءِ ۽ بلا ۾
تيا نيشان نڪري غير کي لٽياڻون

3 مڻن ڪنهن نہ ماري تنهن جڳ کي پلايو
ڏوتي چہ دنيا تنهن رهزن رلايو
ڪيئي خان صوباتن جو منهڙو چٽياڻون

4 ”رڪيل“ پير پائي وڃ وک کي وڏائي
اهو ميدان منزل ڏس دل کي جڳائي
آهي مرڪ مردن عجب وهہ واوتياڻون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي   ڪافي281

ٿل   ڪر ترڪ طمع خود خوف رجا، ٿي راضي اتي تقدير رضا

1   اول آدم کي ڏنئي شان شجاع، تابع ملڪ فلڪ فرمان ٻڌا
پوءِ عذر داٽي جي ڪيئي جدا، ڪيڏي بهشت منجهون ڏنئي فراق سزا

2   هي مڪان متي ٿي سمجهه سڃاڻ، حرص حوس ڇڏ پنهنجو پاڻ
جي جاڻ پوئي تہ ائين جاڻ، نہ تہ لوڙيندين پوءِ جزا

3   الانسان سري عاشقن تي آوازپيا، وانا سرهہ نينهن تنهنجي نروار ڪيا
اهي غرق وحدت ۾ وهلورويا، ماڻن مولاجي محبت جا مرد مزا

4   عقل وڃائي عشق جاڳاءِ، منجهہ دروني جهاتي پاءِ
سمجهہ ”رڪيل“ پنهنجو پاڻ وڃاءِ اڪبر حج تڏهن ٿئي عشق غزا

سرپيروي   ڪافي282

ٿل   وهہ واهندو ڪن سنان، ڏوئن ڏرم رکن ڏيان
ملان قاضي وضو سارن، ڪوناڻن مسلمان۔ او مئومن مسلمان

1   برهمڻ واچن پوٿي ويهي، ڪٿاڪن عجائب جيهي
مشڪل سمجهن اندر پيهي، ڪيئن لهين شڪ گمان

2   ملان مولوي ڪرن واعظ، مصلي متئون نبي جا نائب
ڪڏهن ٿيندا توبهہ تائب، فضل جي فرقان

3   عاشق پنهنجو اندر ڏوئن ماڻڪ موتي مالا پوئن
دمن سان ٿارام ريجهائن، اهي لنگهي لامڪان

4   ”رڪيل“ ويهج پاڻ وڃائي، ٻي تہ ڪهين سان تنهنجو ڇاهي
الف اورج دل جڳائي، پوءِ محب تہ ڏينديءِ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي283

تل آهيان فقر جو فقير، ڪيئن پاڻ ڪوناڀان پير
ڪيري ڪلر ڪين آهيان، هن خاڪ سندو هان خمير

1 پنهنجو پاڻ ائين ناپايان، ڪين تو ڄاڻان الائي چاهيان
هستي وارو ليکو لاهيان، ائين سمجهي تيم سڌير

2 نينهن لڳئي تان نفي ٿيءُ، شوق شراب جو پيالو پيءُ
مُوتُو قَبل مري جيءُ، انهي درد ڪيو دلگير

3 لڱم جائي جيءَ سان جهيڙو، واندڻ ساعت درد اکيڙو
ڪنهن تہ هنيم ڪان ڪهڙو، اهو ترڪش وارو تير

4 ”رکيل“ رمزان جانب لاتيون، سڪ انهي ۾ ڪيئي ڦاٿيون
سوين ڏسن پائي جهاتيون، اهو پين زوق زنجير

سرپيروي ڪافي284

تل نفس عقل جون چنيم تنابان، ويم ورائي پاڻ ڏي واڳان
عشق جي اها سچي گفتار

1 ڳجهہ جون ڳالهيون نينهن جون نراليون، سالڪ سمجهن سيني منجهہ پاليون
طرحين طرحين اتم تن جي تنوار

2 راهہ مسافر هي تي ڪوڙ تڪاڻو، هي مڪان فنا جو ڪرڻ تون ماڻو
هتون هليا ويا ڪيئي حاتم هزار

3 ڄاڻي سنڄاڻي تن پاڻ وڃايو، رنج محنت ۾ ڪنن قلب ڪمايو
قبول پيو سِر ڪُنن جو وارون وار

4 سمجهہ ”رکيل“ هي پاڻ سنڄاڻي، ڇڏ ڪرت ڪچي بي ڪوڙڪهاڻي
هڪ سان هڪ تي هڪڙو دم نا ڏار

سرپيروي ڪافي285

تل ڪڏي غير اندر جو ساڙيان، رکان وير نہ ڪنهن سان پاڙيان

1 هيٺون ٿيندين تہ لتاڙيندءِ منڪر، تنکي جهڙپ ڏيندس مان هڪڙي هيڪر
ڪن ڪي ڪيريان ڪن ڪي چاڙهيان

2 درد دکايم دل منجهہ دونهون، سير انهي جو ٿيڙم سونهون
سچو عشق ڪمائي دل ڪاڙهيان

3 دل جو حجرو پاڪ هيو، اتي مولا اچي اثبات ٿيو
وٺي لام طوبا جي لاڙيان

4 ڪوڙ منجهون سچ ٿيڙم جائي، ڏسان هر رنگ ۾ ”رکيل“ روشنائي
لڳم تانگهہ اها ٿي پاڙيان

سرپيروي ڪافي286

تل سچا سور پچو اچي ساڻن کون
اهي عشق ڪاريهر ڪاڻن کون

1 وهہ جي خبر جنهن کي آهي، ماس هڏاهي تن تپائي
درد ڏکن جي واڻن کون

2 پنڌ پيرن سان بار متي تي، مان هٿ کڻندس هوت پنهنجي ڏي
اهو پهہ پچيم پيرين پيادن کون

3 رڳ رڳ پئي تن جي پڪاري، ياد پرين کي دم نہ وساري
هي دل رڏم چئي راڻن کون

4 ”رکيل“ ڏس تون نينهن نظارو، حسن حسين شهادت وارو
شان پرئي شاهزادن کون

سر پيروي ڪافي 287

تل اُتي جاڳڻ سان ڪرجار جي وڻندن تان وڙڪندا نه ته انهن جو اختيار

1 ٻيا تي ڪوڙا ڪم اجايا، لک پٽن هي لک لٽايا
عشق ٻنان تي ڪين سجايا، وٽ پرينءَ سندو پار

2 ڪوڙي متي ڪوڙ قرابت، ڪوچ نغارو وجي نوبت
توبه تقوا زهد عبادت، حجت وارو ورق وسار

3 سُتينءَ سنجهيئي وَزساري، عشق ٻنان توکي ڪير اتاري
نفس رلئي جي لڳينءَ لاري، توکي حرص ڪيو آ خوار

4 وکر کهڙو وٽج وهايئي، مولا جي محبت مِ پير نه پايئي
عمر ساري ڪوڙ ڪمايئي، هت رهندين نه لاچار

5 خان اڪابر وڏا عالي، هتون وڃڻا هتين خالي
مال خزانا دنيا مالي، ڇڏي ويا هي واپار

6 درد وندي جون دم دم دانهان، "رکيل" جون هي روز الاهان
ٻڌي کي شل ڏيندم ٻانهان، تنهنجو لڏم انت شمار

سر پيروي ڪافي 288

تل ڪتي جائڻ منهنجو جم ڇڏيم ڏرم
ايندو پنهنجو ننگ تان سجاڻي

1 دين ايمان پنهل اٿم، نٿو وسري هڪڙو دم، ويم فهم
ڪيو مونکي سورن سياڻي

2 آجو ڪندم عيبدارکي، اچي رکندو لڄ هي شرم ڪندم ڪرم
ڪئي مونسان پرين پڇاڻي

3 اٿم اچڻ آريءَ جام جو، اچي اڳڻ منهنجي ڏيندو قدم، لهندو غم
آهيان مون ته عيبن هاڻي

4 "رکيل" هڪ سان هڪ تي، ڇڏ ته دئي جو ڏرم، هڪ تي صنم
بي تي ڪوڙ جي ڪماڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي   ڪافي289

ٿل وٺي گذري جي ڪجھ ڪلھ، اڄ ٿي مھل
بيوس بندي مان ڪجھ نہ ڪمايو

1 ننڊ ننڍيءَ کي نياڳ جي، غفلت ڪئي ھي غافل، نت ڪمزي مونکي ڪل
ستي پنھنجو ساٿ وڃايو

2 ٻتم سورن سندرو، ھڪ ھڪ ٿي ڪندس ھڪل، جوش ڪون جبل
ڏکن ڏکي کي اڳي تہ ڏکايو

3 سڪ سِمر اِتم ڪيچ ڏي، ٻڌ اھائي توڪل، ملنديس شل
پنڌ مان اھوئي سرتي سمايو

4 ”رڪيل“ شھر پنيور ۾، عشق سان ھلي نا اٽڪل، لکيم ازل
ھل تنھنجي حسن ھلايو

سرپيروي   ڪافي290

ٿل   ڪيئن اچي ڪاڏھن لڳي، مستي حسن جي تاب جي

1   اھي اوچتيون اکيون اڙيون، ڪمند زلف جي قابو ڪڙيون
سرعشق جون فوجان چڙھيون، ناھي حاجت عقل حساب جي

2   ڪُنْ فَيَڪُونُ تون چاڙ آن، پنھنجو سڃاڻي پاڙ آن
ھر ڪار ۾ تون ساڙ آن، بشري پوشاڪ ٿي اسباب جي

3   جڏھن الست جو آواز ھو، قَالُوْ اَبليٰ مون پئي چيو
ھڪ ھت ھتي مون سجدو ڪيو،ٻڳي دعوا ڏوھ ثواب جي

4   آھين ”رڪيل“ ھر جاءِ تي، ناھي فرق ڪوئي ھت ھتي
برقعو ڪيون چو تو لڪين، رکيئي اولو ڳالھ حجاب جي

سرپيروي ڪافي 291

ٿل بي مثل بيچون جي، صورت ڏٺم سبحان آ

1 الانسان سري سچي صحي، ساجن سنڃاتم سولهي
ناهي هٿي نا هو رِهي، آيو عشق اعليٰ شان آ

2 عاشق تون معشوق تون، طالب تي مطلوب تون
خالق آن مخلوق تون، جتي ڪٿي لامڪان آ

3 سچ دلبر شڪل جهان ڏٺم، هر صورت ۾ عيان ڏٺم
چه گوناگون بيان ڏٺم، آيو شاهد ٿي فرقان آ

4 ٻجهو ”رڪيل“ اسرار آ، ناهي ڏسڻ لاچار آ
جي منصور ٿئين تو اختيار آ، اناالحق هڪ چئو حقان آ

سرپيروي ڪافي 292

ٿل سهڻي جي صورت جو، ڇا بيان ڪنديس

1 لون ڪوهيارل مونسان لاتي، عشق تنهنجي ۾ پاتم جهاتي
آيم هر جاءِ ڏسڻ منجهه ذاتي، تو سائين سان ڪهڙو طعانه ڪنديس

2 جتي ڪٿي تو جلوو جاني، عجب رنگ ڏسڻ سبحاني
پائي برقعو سر انساني، ڏسي عشق عجب، تي عيان ڪنديس

3 پوش ڏيئي ڪيئن پاڻ ڇپايان، تنهنجون ڳلي ڳلي ۾ ڳالهيون ڳايان
ڏيئي هوڪو يار هلايان، ڪهڙو شاهن سان وري شان ڪنديس

4 مٺي دل کي اصل اوجاري، عشق ”رڪيل“ منهنجي آيم واري
وٺم پيچ پرين تو پياري، تنهنجي محبت ۾ شل مان ڪنديس

سرپيروي ڪافي293

تل شب تاب عقل ڇپيا ڪوڙ ڪسب
اظهار ٿيا عشق عين عجب

1 ڪتي رهبر راهنمائي، هر رڳ رڳ رمز رلائي
وهوا لائق لذت چکائي، ٿيا هر دوجهان نصيب نصب

2 سنگ خوف رکين دل دردون، ٿيا ضعف بدن زي زردون
پڙهہ سنت اداءَ تي فرضون، آيا ماهہ مثل شعبان رجب

3 اها بات ڏسڻ تہ ضرور نهين، جنهن ڏسياسو منظور نهين
ائين عارفين دا دستور نهين، بنيا آپ قلندر شاهہ نجب

4 فَنَفَخْتُ فِيهِ مِنْ رُوحِيْ بولي، کڙا آک ايوين تي اولي
چن "شاهہ رکيل" دي پولي، اعليٰ عبد ٿيا ڳيا حجاب سبب

سرپيروي ڪافي294

تل ناهي حاجت هوش عقل جي دلبر، تنهنجي عشق ڪيم نادان چري

1 ڏرم ڇڏي مان ٿيس وچي ڏاري، جر مون نڪتي وس نہ ويچاري
مڙڻ مني ڪان پوءِ مياري، هي ڪوتي تنهنجي يار ڪري

2 عشق تنهنجي جو عيب لڳم، سو طعنيٰ تنهنجا ڏاج سندم
پوءِ غير وڃائي پول پڳم، اڇي ظاهر ٿيم ڪا ذوق ذري

3 ڳجهہ ڏسي هي ڳجهہ ۾ ڳايان، لڳم ناتو ڪيئن مان لڪايان
جتي ڪتي مان يار تي پايان، آيس دوست سندي ديوان دري

4 چشمن سان چڪ چور ڪيئي، اڇي ظاهر عشق ظهور ڪيئي
"رکيل"کي محبت ۾ مخمور ڪيئي، منجهہ وحدت جي وهلوروري

سرپيروي ڪافي295

ٿل تنهنجي درد جو دارون دوا، ڪنهن کون پڇان ڪنهن کي چوان
ڳجهه ۾ ڳران جيئري مران، نت ناز پرينءَ جا نوان

1 پنهنجي ڏيل ۾ ڏک مان ڏنو، آرام اکڙين کون ڦٽو
هڪ نام مولا جو منو، درياءَ وحدت ۾ پوان

2 خاموش ائين پر جوش ۾، ساهه کي صدقو ڪيان
ڪل پرين ڪندم پنهنجو، ٿيا سير ۾ سورهه سوان

3 بي سري انهي بحر ۾، تنهن لهر ۾ عاشق لڙهيا
ڪنڌي ڪنارو ڪين ڏسن، هڪ رمز ۾ ٿيڙا روان

4 سچ چئو ”رکيل“ ڪنهن کون سگئين، پيريمغان فياض کون
شوق جو شراب مئي، دم دم سان پيالو پيوان

سرپيروي ڪافي296

ٿل داغ قبرتائين نيينديس، ڪل ملنديس، حيلو منهنجو ڪونه هلي ٿو

1 ولهيءَ ساڻ وصال ٿي، سور هتي ئي سهنديس، صدق ويندس
چيو منهنجو ڪين چلي ٿو

2 قدم قريشي جام جا- چشمن سان مون چمنديس- ڪل ڏسنديس
ٻين سان روح نارلي ٿو

3 سکيو ڏنم ناڏينهن ڪو- غم عربي جي منيس- ائين ته رليس
جيڏيون منهنجو جيءُ ته جلي ٿو

4 پرين پرتم پنهنجو- ساڻ خوشي جي کلنديس- ائين چونديس
”رکيل“ سان محب ملي ٿو

سرپيروي كافي 297

ٿل وڃي ٻيھر ٻاروچل سان جانب، ھيٺي ٿي ھت حال ڪنديس
1 ساعت سڪ جي ڪين سھائي، لنئون ٻاروچل وئڙم لائي
سورسنجھي وينس جھولي پائي، شل وحدت ساڻ وصال ڪنديس
2 صدقي سرھي پيرن توئين سارو، تون ياد ھميشہ دم نہ وسارو
شال ولھي ڪي ورڏي وارو، صدقي ٿي مان سوال ڪنديس
3 سنگہ چني ھي ذات متايم، ڦتيل دل ھي ڪيئن ڦتايم
توڏھن سڪ سچي ڪين گھٽايم، صدقي سرھي مال ڪنديس
4 روز"رڪيل"ڪي ھن نت نوان، تو چاڪ پرينءَ جا سورسنوان
شل رھبر ٿيندم راھہ روان، حق ڏسي ھڪ خيال ڪنديس

سرپيروي كافي 298

ٿل انگ منھنجو قلم لکيو ھو، دل ڦاٿي ڪڏھن ڇٽي ويم لٿي
1 ڪن ڳالھن سان سجڻ وئي دلڙي ناوري،
ٻاڻ ھٽي وڏو ٻُتي، ويم لٿِي
2 وحدت ٻاجھون سجڻ واند نہ ڪائي
محبت ڏنھن منھن نہ مٺي ويم لٿي
3 ڳالھيون ڳجھہ جون سجڻ دل جون دل ۾ رھيون
سور ٻڌايان ٻٽي، ويم لٿي
4 روز "رڪيل" جون سجڻ پڄن رسيدان
ڦتيل وڏو دلڙي ڦٽي ويم لٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي299

ٿل سر بنا ناهين سودو۔ ٻڌو سندرو سڪ جو سچن۔ پتنگ پچن
1 شعاع شمع جو ڏسي پروانا منجهہ پون، گهوريون سرسي اچن پتنگ پچن
2 درد دکايم مچ محبت جو، مارگ ۾ مرد مچن پتنگ پچن
3 حيف تنهن کي پرهوءِ جي وطن وساريون وتن، ڪوڙ ڪمايو ڪچن پتنگ پچن
4 عشق الانبو باهہ برهہ جي، ”رکيل“ اهيئي رچن، پتنگ پچن

سرپيروي ڪافي300

ٿل ڪيئن هي ڪيچ ڪيچ ماٽيندي الا
منيس ماٽهن جي مٽن، گهت تا چون
1 ستيس سنجهيئي اديون، ننڊ تہ نهوڙي ويم
ڏيئي ٻانهن سيراندي مٿن، حيف اٿن
2 شهر ڀنڀور منجهون ور تہ ولهيءَ جو ويو
ڏاڍ ڪيو آ ڏيرن، جاڙ جتن
3 پنڌ جبل جو اديون واٽ اٿائي
هڪل ڪنديس مان هوتن، چڙهي تہ لڪن
4 سڪ سچوئي اديون ستر وڃايم
ٻن وجهان سيج سکن ڏسان ڏکن
5 سر تہ ”رکيل“ جي اديون باهہ برهہ جي
اندر الانبا اچن، مچ تا مچن

سرپيروي ڪافي301

ٿل ٽيندو منهنجو پنڌ تان سجايو، ڏيھ انهيءَ تي ويندس ڏس پڇندس
1 لڪ ڏکيا تہ ڏونگر جا، اڻ سونهين اڳيون
سڪ پنهنجي مان ساڻ ڪنديس، ڏس پڇنديس
2 درد بنان چي اديون ڪير ڪشالا ڪري
هيڪل تي مان هلنديس ڏس پڇنديس
3 پير پنهل جو اديون، وات وندر جي
رند ونڃي وڃي رسنديس، ڏس پڇندس
4 ”شاھ رڪيل“ سان اديون محب ميلاپو ڪندو
دل جي اکين سان ڏسنديس ڏس پڇنديس

سرپيروي ڪافي302

ٿل وڃن واريون توڙي هجن ڏاريون
ورسان ويهي ويل ڪنديون سدا سڪن ساريون
1 ٽيون جي خريد تنهن جا نصيب
دم دم اٿن عيد، ڪڙهيل دل ڪي ناريون
2 جنهن ڏنو، ماڪي مصريءَ ڪئون منو
چون چٿو، اهي هنجون هاريون
3 لڄ شرم باحيا، تن خاڪي ويس ڪيا
لٿن ليا، اهي خلل خواريون
4 ”رڪيل“ سدا، ڪر تون گدا
پوندءِ پچا، ڪر تون زاريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي   ڪافي303

تل   هٿ مان کي ڇاڪان يار ڇڏيائون
ڏير ڪري ويم ڏمر ڏيئي خمر

1   وسم شهر پنيور جو پنهل ٻاجهون اٿم پڏرِ سچو هي ٻرُ
2   پنهل وٺي ويم پاڻ سان سڪ منهنجي جو سمر ولهي پنهل جو ورُ
3   ٻڏي سورن سندرو ڏوريندي ڏونگر جبل ٽڪر
4   "رکيل" منجهہ فراق جي دوست ڏسان وجي دلبر اديون انور

سرپيروي   ڪافي304

تل   اٿم دئور منهنجو ورڪئين وساريان
ڪيان ياد دم دم گهڙي ڪين گهاريان

1   ڏکڙا ڏولاوا ڏٺم عشق جي سفرجا ڪم ڪين اينلم اهي ڪانڌي قبرجا
منهنجا هڏڙا قبر ۾ ڪندا پرين جون پچاران
2   سُهاڳ جي سهاڳڻ ڪيئن ولهي تي ويچاري ڪتيو ڪانڌ ڪن جن عمر جاڳي گذاري
ولهو تنهين جون لهندم سنياران
3   ڪر ياد هڪ کي ٻئي جڳ وساري سينو صفا ڪر تون ڪڍ غيرکي اتاري
پوءِ اٿي راز رب جو برهہ جون بهاران
4   لڳم نينهن توسان اڄ ناڪلهہ جو لکيو چونہ پاڙيان الست ازل جو
شل قبول پوندم "رکيل" جون تنواران

سرپيروي ڪافي 305

تل سدا يار منهنجو اچي وسندو ولهيءَ تي
ايندم پير پائي محب منهنجي ڳليءَ تي

1 سڪ ۾ سڙان تي ڪندس هوت حيلا، نه اٿم مدد ڪنهنجي اتي ڪڙم نا قبيلا
ڏس نظر سان نهاري هن نماڻي نليءَ تي

2 ڏنم عشق تنهنجي اکڙين اوجاڳا، تنهنجي فقر جا پاتم حال ڏاڳا
تنهنجو واعدو سچو آ منهنجي گودڙي رلهي تي

3 سڏڙا ڪيان ٿي طرحين تنواران، لڳم درد دل کي ٿيم هاڻ ڦاران
اچي رهبر رساڻو هن تڪي ۽ ڏليءَ تي

4 "رکيل" ڪين ڄاڻج هُجت ڪمائي، ڪرنا وسارو ٻن پئي جدائي
اهو مالڪ دلن جو اٿي دلبر دليءَ تي

سرپيروي ڪافي 306

تل آيم پنهل لڳم ڀاڳ، اچي محب وسايو ماڳ

1 دل منهنجي کي عشق جڳايو، تڏهن ور منهنجو مون وٽ آيو
اهو سندم عشق سهاڳ

2 منجهه دروني پاتم جهاتي، نظر آيم شغل ذاتي
اٿي جانب ڪارڻ جاڳ

3 حق حقيقت ڄاڻ سان ڄاتم، باطن وارو باب سڃاتم
لکيو لوح قلم کون لاڳ

4 "رکيل" مٿئون راز الاهي، عام تا ڄاڻن ڪوڙ اجائي
ڪتيو سڪ وارن ثواب

سرپيروي كافي307

تل سهڻا منهنجو ساهہ ناسري ٿو
دم نہ ٿيندس جانب جدا سرڪندس فدا

1 سختيون سنم سرتي، او سور آيم پي سڌا، ڪيم وڏا
2 اٿم اور عجيب سان، اوسر تہ ڪيم هي فدا، غمر سدا
3 پنهل لڏو اٿم پاڻ ۾، اودَر دَر ڪري هي گدا، ٻول تو ٻڌا
4 "رکيل" درد فراق ۾، او عاشق ڏسن تا ڏجها، ونگ تو وڏا

سرپيروي كافي308

تل ملي جيڏيون ڏيندم وڌايون، تنهنجون لالڻ لکين پلايون
1 اڱڻ منهنجي تي پير گھمايئي، سون ورهن جا ڏکڙا الهايئي
منهنجون ميٺيئي سيئي منڊايون
2 لک شڪرانا ڪيم مهڙ پرينءَ ڏي، تانگھہ لڳيم سچي پاڪ پرين ڏي
تنهنجي برهہ بچايم باهيون
3 نصيب الستي قلم وهايم، وڃي شهر ميرانپور هدايت پايم
ٻئا لاڳاپا سڀ لاهيون
4 فيض فياض فقير فقر جو، دربان "رکيل" آ دلبر در جو
آيو پاند ڳچي ڳل پايون

سرپيروي ڪافي309

تل ودي عشق ڪيم دل ڦاران
هر رڳ رڳ سوز تنواران

1 عيش عالم جا ٻن هي گهوريان، چاڪ چڪن تا دم دم چوريان
هت ويهي ڪيئن مان وساريان

2 بهشت حورن سان منهنجو چاهي، لنون ٻاروچل ويو اٿم لائي
ٻاجهون تنهنجي ڪيئن تي گذاريان

3 درد فراق سورن ۾ سمايس، عشق اويڙ اري منجهه آيس
اهي هڏ هتي هتي ٻاريان

4 حب وطن جي غالب هوئي، تنهنجي راهه نهاريان رانول روئي
تون موڙ ”رڪيل“ ڏي مُهاران

سرپيروي ڪافي310

تل درد اندر دانه ڪوئي درمل دارون، يار پيارا ڪران مئين پڪارون
تئن ٻاجهون ميڏا ڪو ئي نهين حال

1 عشق اويڙا پاتم جهولي، سوز فراق دي ڏتڙم لولي
ڏيسان ٻانهن سيراندي، اوجي ڪرين تون وصال

2 جان جگر وچ رت ديان ويخان، محبت واليان لگڙم ميخان
ٻيا ڪون اکيڙي اهي ، چنڻ محال

3 راتيان ڏينهان دل ڪون جڳايم، رڳ رڳ دي وچ ذڪر سمايم
نهين ته وسارا سائين وچ تيم ڪمال

4 عشق جٽيا ڪر گل وچ پاتم، هر رنگ دي وچ يار سنڃاتم
شوق ”رڪيل“ داتيم بحال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي311

تل آيم لالڻ ليڙو پائڻ ڪاڻ، منهنجي اندر سور جاڳائڻ ڪاڻ

1 درد مچايم دل ۾ دونهان، سور اچي ٿيم سر تيون سونهان
هن ذڪي جي تہ ذڪائڻ ڪاڻ

2 عشق تنهنجي جون اوڪيون چاڙهيون، چاڪ فراق وڇڻ تا ساڙيون
مونکي محبت مچ مچائڻ ڪاڻ

3 نينهن تنهنجي جا ناز نرالا، سر تي آيم سخت ڪشالا
هتي عاشق جي آزمائڻ ڪاڻ

4 ماءُ ذڪن جي ڏني هم لولي،سور سيئي سر پاتم جهولي
هي هي ”رڪيل“ تنهنجي جائڻ ڪاڻ

سرپيروي ڪافي312

تل سمهي غفلت ساڻ گذارڻ چا، سڪ رمز وجود وسارڻ چا

1 اوجاڳا بہ اکين کي ڏيئي، دنيا عقبيٰ ڇڏي ڏي ٻيئي
ڏيئي جوش قلب کي ٺارڻ چا

2 سچ جو سندرو ٻڌائون ساهي، ڪيچ ويندين اهي دل سان ڪاهي
پنڌ اڳتي پوءِ نهارڻ چا

3 رات اکيون جي پرين ڪان روئن، جهامر ڏيون بينيون جهڙجان جهوئن
اهڙي عاشق جو آزارڻ چا

4 عشق جو غلبو، ”رڪيل“ سر آيو، درد اندر ۾ آنبھ لايو
اهو ڳجهو راز ڏيکارڻ چا

سرپيروي ڪافي313

تل تنهنجا سور وچن تا ساڙيون، مونکي پور پون تا ڏهاڙيون
1 جادو جانب لايو جوڙي، واهان سيئي ويم وڪوڙي
اندر ٻاري ڏنو اماڙيون
2 سوال فرياد ڪيان سو دانهان، نصيب ٻنان مان هرگز ناهيان
اهي روز ڪيان تي راڙيون
3 ڪاري چڙهدي آيم لوڏو، ترڪيم پير ڪوڙيم گوڏو
ٻن شهر پنيور جون ماڙيون
4 پني پنهل جي مون ويندس ڪاهي، روهه "رکيل" منهنجي اڳتون چا
مونسان جت ڪري ويم جاڙيون

سرپيروي ڪافي314

تل مشڪل پوڻ چڪي ۾ عشق مچايو اوبر باهه ٻيڙ
1 ننگ ناموس وڃاءِ تون، اومن ۾ پورج هي مڙهه
2 مري جيءُ تان ماٽئين ترڪ ڪري ڏس هي تڙ
3 لذت چڏتون لوڪجي، وجي عشق چاڙهي تي پوءِ چڙهه
4 "رکيل" پتنگ تا پون، وجي سوز پرينءَ جي ۾ سڙ

سرپيروي ڪافي315

تل متان مونکي رڻ ۾ رلايوهي هي ڪيون مان هلندس،ڪيئن مان ڪندس
1 اميد نه اتم ڪو آسرو، خاڪ لڳن کي لائيندس
2 دونهان دردوندن جا، ڏورون پري کون ڏسندس
3 ڪوڙين ڪرم تنيءَ تي، وجي سور سڄڻ جا سهندس
4 "رکيل" پاند ڳچيءَ ۾ وجي پيش پرين جي پوندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي كافي316

ٿل سائين تنهنجو عجب نمونو
ڪڏهن غصي، ڪڏهن رسي، ڪليو ٿو هسي

1 ڪڏهن جنگي ڪڏهن رنگي، پنهنجو پاڻ ٿو پسي
ڪڏهن امن امان ۾، ويرِ ڏيون ٿو وسي

2 ڪاٿي اوجان ڪاٿي فوجان، ڪاٿي بيڪس ناقصي
ڪاٿي جنگ جدال ۾ طرف ڪيون ٿو وسي

3 ڪاٿي عابد ڪاٿي زاهد، ڪاٿي پنهنجو ڳجهه ٿو ڏسي
ڪاٿي فڪر ۽ فرمان ۾، ڏيئي ڏيکاريو ڪسي

4 ڪاٿي مڙهيون ڪاٿي مسجد، ڪاٿي هي ”رڪيل“ ٿو رسي
هر رنگ ۾ رنگ يار جو پارس تي لوهه سان گسي

سرپيروي كافي317

ٿل تنهنجي باطن جو چا بيان ڪيان
توکي عاشق تي معشوق چوان

1 تنهنجي هيڪڙائي جو هل ڏنم، صفات ساري ۾ پل ڏنم
جتي رمز تنهنجي سوامل ڏنم، اهي رهبر ٿيا وجي راهه روان

2 غفور رحيم راحم تون، جبار قهار واحد تون
شوق وارن جو شاهد تون، هڪ پلپل ۾ تو پيش پوان

3 تنهنجي راز ڳجهي جون ڳالهيون ڳايان، ظهورو تنهنجو ڪيئن لڪايان
باجهون تنهنجي بيو ڪونه تي پايان، هڪ دم دم ۾ تنهنجا نازنوان

4 ساز ”رڪيل“ سامان ڪيم، رڳ رڳ ۾ آواز پيم
هو سندا هبڪار تيم، اهي سچا تيڙم ساز سوان

سرپيروي   ڪافي 318

ٿل   ڪيچن قول ڪيا ها۔ پاڙيندا هي پارت۔ جيڏيون مونسان جت
1   اونن اٺ پلاٽيا، هوتن ڪئي هيءَ همت، جيڏيون مونسان جت
2   ڪاهي رسيا وجي ڪيچ کي، سچي آهي تنهن جي صحبت
3   اديون آريءَ جام سان خاص ڪندس هي خلوت
4   اتم اور عجيب سان، مني تن جي محبت، جيڏيون مونسان جت
"رکيل" سچي راهہ سان، ٻڌويسهہ ڪر وحدت

سرپيروي   ڪافي 319

ٿل   اجان منهنجي دل تي ڏتاري، ڇڪي چڏايم ور چل
1   طالب دنيا جا تڙيا، هٿ مليندا تنهن مهل
2   ٻتيءَ سان جيڪي ٻڌا، خوف تنهين کي خلل
3   ڏوتي ڏک سون کي، ڪيريون وجهي تي ڪرگل
4   "رکيل" عشق عجيب جو، هاڪ ٻجهي تي هڪل

سرپيروي   ڪافي 320

ٿل   اج منهنجا روئن نيڻ نماڻا، آيم ازلي سور پراڻا
1   روز ميثاق جي قلم لکيو هو، تانگهہ لڳيم مونکي تڏهن ڇڪيو هو
اهو انگ لکيو تي سڄاڻا
2   ڪُنْ ڪَمَا فَيڪُوْنُ ڪهايئي، حوا آدم کون اڳي عشق سمايئي
اتي درج ٿيا کي داڻا
3   واقف حال ثابت سارو، دلبر دل ۾ نينهن نظارو
سچ يار يقين ۾ آڻا
4   پاڻ ڇپايئي پنهنجو لڪ آ، هڪ آ هڪ آهر دم هڪ آ
تهڪئون بيو نہ "رکيل" تي جاڻا

سرپيروي ڪافي321

ٽل ڪيچن سان قول ڪيم، ايئن چيم
پرين تنهنجو در نا ڇڏيندس

1 دستون ساقي جي مليو، شوق شراب پيم، حسن هنيم
سچو تو سان حال ونڊيندس

2 هجان شال فراق ۾، شل نہ ملان پور پيم، سڪ ڪنيم
سهٽل ڪي مان روز سڏيندس

3 خاڪ رلي وڃي خاڪ سان، مٿي روحي خيال ويم، ناهہ نهيم
دل دلبر سان نئين گڏيندس

4 "رکيل" عشق عجيب جو، الست ڏهاڙي ڊهيم، رمز رهيم
عجب اندر ۾ تہ اڏيندس

سرپيروي ڪافي322

ٽل برو چيو بلوچن، ناڻ نہ نين، سدا منهنجو ساهہ جو سمر آ

1 نند ۾ فاذابيان، چيپيا گشان ٽانگ روان
ٻن مان وڃهان سيج سکن،ڏسان ڏکن، اهو مان تي ازلي امرآ

2 دوشي مروشي گندان، حال ٽئي واقف ٻيبيان
قول ڪيو مانسان ڪيچن، سچوسچن، نہ تہ مان تي ڏيهہ جو ڏمر آ

3 وٺي جند جانا گندان، تو ي مني اي دلبند
ٻچ تا اندر ۾ ٻرن، مچ تا مچن، نشو مانکي نينهن جو خمر آ

4 گشي "رکيل" دئي حالا، وٺي صدقہ ڪنئي خيالا
عشق آنبهہ اچن، روحي رچن، منهنجو منير بدر آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي   ڪافي323

تل   مَنا دمي واھ نئي وسيلو، ڇيا ڪنا ٽانگ روان، تئين ڍرڪفان

1   وٺي ناما نظر ڪنئي، عشق تئيان م ”ششان، ھاخ مُشان

2   قسمت قيد نصيبان ني، نفس قاھي ڪذي سنداُن ٽرا گندان

3   بيقراري بيشمار ماـ سر صدق گھوري ڪنا اَشت بنان

4   ”رڪيل“ مست شراب مئي دستون ساقي جام وران، صنم سدان

سرپيروي   ڪافي324

تل   عشق اچي مونسان ڪيون، نينھن جون نيون
ڳالھيون پنھنجي يار سان ڳنڍڻ جون

1   ملڻ جي اميد نہ اٿم، شل منھنجي سڪ نہ گھٽجي
عرض ڪيان ٿي ڇيون ھنٽرا ڪنيون دانھان منھنجي حال ونڊڻ جون

2   جان جيئندس تان دلبر، در نہ ڇڏيندس تنھنجو
سڏيون ڇوان ٿي سنيون وھم ويون نہ تہ منھنجي روح جي رنڊڻ جون

3   ويس وسڻ جا وڏا ڪڪر ڪوھيارل ڪيم
پيچ پنيون بوندان پيون، اچن ڪنيون، ڇنيون ڏاڍي ڇوھ ڪون ڇنڊڻ جون

4   پر توو پرينءَ جو پيو، سر تہ ”رڪيل“ جي اچي
حسن ويم ھيئن ھيون ماڻ سان ميون، ڪل نہ ڪنھن کي برھ پنڊڻ جون

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي325

تل مان جهڙي آهي ڪانـ ڏکي هن جڳ ۾ بکي
مانکي عشق آريءَ جي آزاريو ڙي اديون

1 حيلا ڪندس هوت سان، سڪ ۾ مران يارسڪي، هجان جهڪي
ڪيئن مانکي ور تـ وساريو ڙي اديون

2 اٿم لون لون لولي يار جي رڳ رڳ منجهہ تکي، درد دکي
مچ مانکي باروچل باريون، ڙي اديون

3 آيا اوجاڳا اکين کي، او ننڊ وڃايم سکي، جيءَ ۾ جکي
اٿين مانکي سورن سيکاريو ڙي اديون

4 "رکيل" روز ميثاق جي، انگ قلم ويم لکي، مس هي ڦڪي
نـ تـ منهنجو اندر اوجاريو ڙي اديون

سرپيروي ڪافي326

تل ملڪ مارن جو ٿم مليرپري، ڏسان سانگن کي منهنجو هيانءُ ٺري

1 ڏکيا ڏولائي جا ڏينهن پيم، منهنجا مارن سان انجام هيم
افراد عمرسا ڪيئن ويم، منهنجي ساعت تن کون ڪين سري

2 سانگن پنهنجا سانگ ڪيا، پنهوار پٽن تي تن مال کيا
اهي وس چري سي ڪيئن ويا، اهڙي حيرت ۾ ٿو حال ڳري

3 پکا پرديسي وينا ڪيئن اڏي، ويندا ماڙيون هيٺڙئون محل ڇڏي
قلعا ڪوٽ ڪنڪ هليا لوءِ لڏي، نـ ڪو توشو سمرساڻ ڪري

4 جتي محبت وارا مينهن وٺا، تتي عاشقن جا آرام ڦٺا
هن فاني جڳ ۾ اهي مرد مٺا، ويندا وحدت سان اٿين گذر ڪري

5 اي مسافر جيئڙا سمجهہ سهي، ڪرياد "رکيل" اها رمز رهي
نصيب واري ويم قلم وهي، منهنجي اندر ۾ تي باهہ ٻري

سرپيروي ڪافي327

ٿل سچي صوفي جي درگاهہ تي، پٽين ماريو فقير ملنگ

1 بچل شاهہ تو سيد سڏائي، درويشن ڪون تو پاڙ پٽائي
پوڪ نہ پڪس سنگ

2 براهم ڏگر قاتل آندا، ٽيس ياٿر ياٽيا هاوي هيڪاندا
ٽيو انڌو ڪور دلنگ

3 شهر فتحپور پيرن پاڙو، شاهہ عبدالنبي ڪينُ پردو اگهاڙو
اهو واسينگ هنيو تن ڏنگ

4 ”شاهہ رکيل“ تون صدق سچو ڪر، اندر اوجاري عشق اچو ڪر
ڏينهون ڏينهن لڳو تي رنگ

سرپيروي ڪافي328

ٿل وهہ وا علي جي اولاد جا، وڇايا حورن آٽي هنڌ

1 سچي بيبي سورهہ جايا، ڪربلا ۾ اوڏنهن آيا، اهي عربي جا دلبند

2 ڪئي ڪربلا ۾ شهيدن شادي، قيامت توٽي عشق آبادي، اهي روئي نهاريم رند

3 شمس قمر نان تن جو ثاني، صورت سهٽي ڪشادي پيشاني، اهي داٽا اناري ڏند

4 ”رکيل“ سرتي سختي سهائين حسن مير حسين جو آهين، اهي سچا سامن پنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي329

ٿل هي هي راهہ مسافر ماريا، اهو لکيو لوح قلم

1 ڪوفن پنهنجو قرب وڃايو، شاهزادن شاهي شان وڃايو
اهي هل ٿيا ها غم

2 امر مڃي ميدان ملهائن، شير بهادر شهادت پائن
ٿيو عالم ۾ ماتم

3 رضا مڃائون رب سچي جي، سيني لاتن عربي ڄام اچي جي
جاري درد لڳو دم دم

4 جانب ويو اٿم جوش جڳائي "رکيل" زخم اندر ۾ آهي
رکج محبت واري ملم

سرپيروي ڪافي330

ٿل وئي مونکي نند تان وڪوڙي، سات سنجهي ڪٺي ويم، جڏين جاڳ ٿيم

1 ڏوبڻ سان ڏاڙو ڪري، جاڙ ڪيم جيءَ جتن، هت نہ هجن

2 سڃي شهر پنيور ۾ ڪوڪان ڪنديس ڪنن، شال ٻجهن

3 ٻڌي سورن جو سندرو چوٽ چڙهيس وڃي لڪن ڏنم اکين

4 "رکيل" رهندس ڪينڪي، پنهل لٽم ڏسي ڏکڙن، ساڳي سرسندن

سرپيروي ڪافي331

تل تنهنجي صورت جو چا بيان ڪيان تنهنجا هر مظهر منجهہ نازنوان
1 تنهنجي تاب حسن جي باري آ، اها هل چل بازر تازي آ
ڪٿي ماتم آ ڪٿي شادي آ، توکي سارو سر سبحان چوان
2 وَنحنُ اقربُ ناهين پري، آيو ذات صفات ۾ ويس ڪري
ڏسن فڪر وارا توکي ڏيان ڏري، اهي رهبر ٿيا وڃي راهہ روان
3 ڪنهن کي لاهوت لامڪان ڏسين، اوتون هر طرحين ٿو پاڻ وسين
ڪٿي پارس ٿي خوشبوءِ گسين، توکي عاشق تي معشوق چوان
4 آيو باريره سر باري آ، عشق آگ اندر منجهہ باري آ
”رکيل“ سڪندي عمر گذاري آ اچي سهجون ٿيڙم سور سنوان

سرپيروي ڪافي332

تل پنهنجو قرب اچي تو ڪمال ڪيو، سر عاشقن تي اهو حال پيو
1 پنهنجو جاڻ ڏنئي تا عاشق جاڻن، توکي هر مظهر ۾ سچ سنجاڻن
لامڪان واري منزل ماڻن، تن کي ذات صفات جو جاڻ هيو
2 تنهنجي طلب وني اهڙي بول بڏا، جن جان ڪيائون سر فدا
درد وارا نہ آهن دم جدا، تن کئون غفلت غير حجاب ويو
3 فڪر فنا منجهہ نيت بڌائون، بحر بقا جو عيش لڌائون
روزون روزوجن تا قدم وڌايون انهي چوڙ واري تي هٿڻ ٽيو
4 نانهہ ”رکيل“ تي ناهن ڪئون، سک ريت اها بي واهن ڪئون
ڪر پاسو تن گمراهن ڪئون، تو باري وارو بار ڪنيو

سرپيروي   ڪافي333

ٿل عاشق وڃن ٿا پري، قدم پري، لڪ ته لنگهي پار پيا

1 وات اٽائي اديون پنڌ جبل جوالا، اوجي آهه ڪيڏان اندر بري، ڏونگر ڏري
سوڙهه تنگي وات ويا

2 پنڌ اوجهڙ جو چڏي وات سماءِ جي هلن، اوذات ڏسن ڏري ڏري دم نه سري
لڳن رمز رنگي امر ڪيا

3 عشق ماهي جو اديون آهه اٽانگو الا، او قلم لکيم ڪيئن ٽري، وٺي نه وري
دل عشق ونگي شرم حيا

4 سرته "رڪيل" جي اديون باه بره جي الا، او ڏنم اهو ڏيان ڏري، سور بري
ڏج نه سنگن مرد ميا

سرپيروي   ڪافي334

ٿل ڏکڙا ڏسيو تي ڏکي- پيم پکي، ٿيو منهنجو پنڌ تان سڄايو

1 ڏکيون چاڙهيون ڏونگر لهي، لڪن ۾ لڌم، درد اندر ۾ دکي مچ آمونکي
اديون مان ته ڪجهه نه ڪمايو

2 ٻول ٻاروچل سان ٻڌم، روز ازل جي الا
تانگهه لڳيم پئي چڪي، ساهه ٿو سڪي
پرين مان ته پاڻ ۾ پچايو

3 ٻڌي سنڌرو سچ جو، لڌم پنهل پاڻ ۾
لون لون پئي تي لڳي، ڪنهن سان نه ڪچي
سدا منهنجي دل ۾ سمايو

4 روز "رڪيل" کي شوق جڳايو
جيڙو پيو ٿو جکي سور نه سڪئي
عشق مان کي مچ تان مچايو

سرپيروي ڪافي335

تل عجب ڏنم اسرار، دستون چڙي دي باز ڪهيندا
ڪتي وسدا بارون بار ارم دا باغ نهيندا
1 عشق دا تماشا عاشق جاڻن، هوون فنا وچ بقا وچ ماڻن
نهين ڪوئي انت شمار، سر تي آپ سهيندا
2 عشق انا الحق آپ ڪهايئي، سوري اُتي منصور چڙهايئي
مستي ڪيف خمار، جوئي چڙهيا پيا ڪونہ لهيندا
3 موسيٰ تي فرعون لڙايئي، نيل بحر وچ ڪيوين چاہڙايئي
ڪهڙا رکڻ اعتبار، آپ نهيندا آپ ڊهيندا
4 يوسف ڪون وچ کوهي پايئي، عشق زليخان ملهہ چڪايئي
بردا وچ بازار، ڪهڙي قلم وهيندا
5 عشق دا ”رکيل“ تون ڏيک نظارا ول نہ تہ اوسين ڪرگهن وارا
محبت منصب دار، سهڻا ساجن سچ پيا سهيندا

سرپيروي ڪافي336

تل چٹ ڳيا تير ڪمان لڳڙم تيز جگر وچ
1 بانڪي نين بچيندا بحري ابرو سيف تي مجگان قهري
رخ دا اعليٰ شان، جيوين شاهي شمس قمروچ
2 زخم جگر دا ملم نہ ڪائي، دم دم سور ڏيون نہ ساهي
باري هي ضَعفُ تمام، مئخانا جوش لهر وچ
3 چنڪي تير الغرضي، عاشق ڪڙدي هڪ وال نہ مڙدي
ڪيتم سر نيشان، جڏان آيم نينهن نظر وچ
4 عشق ”رکيل“ اي مريندا نعرا، آيا سبحان هيا سر سارا
تيڙم مست مدام رنگپور بحر شهر وچ

سرپيروي ڪافي 337

تل تيڏي عشق ڪتيم بدنام، هوش عقل ديان ڳالهين سڀ ڳئيان
1 هڏ پئي بلدي مين ڏيسان لولي، عشق اويڙا پاتم جهولي
صدقي سر سامان، پکي ازل دي تيڏي ول پئيان
2 قلم نہ ڪاغذ ٿک نہ لکيجي، پاجهون تيڏي بيا ڪجهہ نہ ڏکيجي
حد نہ ڪا درد بيان، هوش ڪنون مدهوش مين ٿئيان
3 ڪياوت هو سان ڪياوت وت تيسان، پاجهون تيڏي ڪيوين مين جيسان
ڪياوت هوسم شان، مک موڙان تي مين لوڪون لئيان
4 آپ مين جاٽا لوڪ بيگانا، حال "رکيل" دا مست ديوانا
لڏڙم ملڪ مڪان، سهج ڪريندين سينگيان سئيان

سرپيروي ڪافي 338

تل هت مليندي ٿئي آن حيران، ڏنڙم ووڪوڙ زمانا
1 ڪوڙ ڪرورتي وٹج وهايم، اپٹي ذڪڙي روان پئي ڪجهہ نہ پايم
گذر ڳيا گذران، ڪيها تيسم وو عذر بهانا
2 خاڪي بوتا هي ڪوڙ تڪاٹا، ڪجهہ نہ ڪيتم مين آپ سڃاٹا
اوين اولا شڪ گمان، تڏان تيس وو راهہ روانا
3 آيم بار غمان داسرتي رووان، چڪڙ پيري پلڻو مين ڪيوين ڏووان
او ڪهڙا بي ماني دا مان، سنم نان سرتي وو تيڏا طعنا
4 تير جگر وچ لڳڙم جاري، لادوا ڦت ڏک ڌيا ياري
او تيڏي نينهن ڪيتم نادان يار "رکيل" داشوق شهانا

سرپيروي 　　 ڪافي339

تل مالڪ الملڪ مڪان ـ عاشقين ٻاجھون ٻيا ڪونہ سڃاڻي

1 هستي خودي عقل ڳيوسي، وحدت وجودي پلئي پيوسي
محبت مست مدام، آيا سانول دي ٽڪاڻي

2 حق حسن لامڪان تي آيا، هر صورت وچ آپ سمايا
اسرار عجب انسان، ظاهر باطن آپ تہ جاڻي

3 شوق ماهي دي ڪيتم يگانا، مدهوش مست ٿيم ديوانا
حيرت وچ حيران، پاڪ ٿئي اهي پلو پراڻي

4 موج "رڪيل" تي اوهين وچ آوين، سي سي غوطي لک لک کاوين
اهو عاشقين دا اعليٰ شان منصوري دا منصب ماڻي

سرپيروي 　　 ڪافي340

تل عشق دانہ انت بيان اوکي عمر نڀايم
نہ ڪوئي جاءِ مڪان، سک دي سڌ نہ پايم

1 وچ فنا دي آپ سڃاڻي، دوستي اتي اعتبار نہ آڻي
اهو ڇوڙين شڪ گمان، ڪوئي دلاسا تي ولدي نہ آيم

2 ذڪدي جکدي جوش جليسان، داغ پنهل دا قبر تائين نيسان
انهي حيرت وچ حيران، جان ڪدن دي تلخي چکايم

3 وچ دروني پاتم جهاتي، مين تہ مني دانہ ڪو سنگت ساٿي
لوڪين وچ بدنام، خواري چا خلق هلايم

4 مرجان "رڪيل" تي اهانت هووي، غير اندر دادل ڪون ڌووي
لڳڙم جان جگر وچ ڪان ساقي چا سرڪ پلايم

سرپيروي ڪافي 341

تل وسري دم نہ ٿيوي هڪڙا يار جدا
دلڙي درد ڪيتم چا فراق فدا

1 هار سينگار ڪران مين ويس نوان دلبر دي دراتي شل قبول پوان
سڪ سوز ڪيتم جگ وچ سهج سوان ڏکدي ڏونهين تہ جهان ڪتم چا فرض ادا

2 جي ثواب چڱا تہ قران پڙهان، جي مين ذات ڏيکان اسم وچ قلب دي ڪڙهان
جي مين عاشق هووان وچ سوز دي سڙان، جيوين پتنگ شمع تي قربان فدا

3 رات ڏينهان هڪدي تانگهہ لڳم، تت ڳيا دام ڏئي دا تي حجاب پڳم
دل وچ درد پرين داشاهي طبل وڳم، وحدت دي نال وصال ٿيڙم شوق سدا

4 جتان عشق نهين سو حيوان هووي، تنهن ڪون ذات صفات دي ڪيهي ڪل پووي
سڏ سالڪ دي سوئي سالڪ لهي اها ”رکيل“ مشڪل ڪرڻ گدا

سرپيروي ڪافي 342

تل ڪنهن لذت اُتي اعتبار نهين، سک صبر قرار آرام نهين

1 لذم خواب ڏنم دل جاني، رخ ماهتاب شڪل شماني
بن يوسف آيا ڪنعاني، تعبير ڪران اختيار نهين

2 هر دوجهان ڪنون هٿ ڌووان، تتي ڪرم بيني رت رووان
ملي يار تہ مين خوش هووان، ڪرڻ سيتي گفتار نهين

3 هر صورت وچ سبحان آيا ايس طٰه ذي شان آيا
مقتول رسول امام آيا هڪ دوست بنان ديدار نهين

4 واهہ مجلس تي مئخانا شل پوي قبول دوگانا
هي تہ لوڪ سارا بيگانا، اها برهہ بنان بازار نهين
ڪوئي ملت ”رکيل“ دي آوي، مُئي دل نون ذڪر جيواوي
اهو طالب نہ غم کاوي، ڪرڻ ڪوڙا اصل اقرار نهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي343

تل رخ ماهي دا مهتاب ڏنم، جلوا حسن صورت اقطاب ڏنم

1 مجگان تير تفنگ ابروسيف تکي، بيني لعل لبان عجب ڏند چٽي
وهه وا زيب زنخ دل دا ملڪ لٽي، جيوين پتنگ شمع تي شتاب ڏنم

2 سرتي چيلا پيلا گيڙو ويس سونهين، پاون ڪجل صنم دي نين ڏونهين
دکن درد ونديان دي روز دونهين، ڪالي نانگ زلف بي حجاب ڏنم

3 صفت ثنا ڪيا بيان ڪران، جامان رنگ پريا ڏيک لباس ڏران
قيصر پاند پني ڏني آپ نران لڱم نينهن صنم تي نقاب ڏنم

4 نہ ڪو منڪر تي نڪير ڏنم نہ ڪوئي سوال جواب ڪبير صغير ڏنم
هڪ ميرانپور وچ مرد فقير ڏنم، رهبر راز "رکيل" دا اوئي باب ڏنم

سرپيروي ڪافي344

تل تنهنجا زلف ڪاريهر، پنا منجهہ حوض ڪوثر
عشق ڏيکاريا مونکي، جيئن لعل جواهر

1 وروڏائون ڪري پيچ جائي، منهنجي دل کي لٽيائون خبر نہ پيم ڪائي
اوچتي اڙي وچي توسان زوري زابر

2 ابرو پرين تنهنجا سيف سقيلا، مجگان اکيون مارن مانکي تير اڪيلا
مان سيني ۾ جهليندس منهنجا ازلي انور

3 رخ نوراني تنهنجي پاڪ پيشاني، شمس قمر تنهنجو ناهي مٽ ثاني
سهڻو سڀ کان چوان ائين چئي دل منهنجي دلبر

4 ڪُنو "رکيل" کي اڏي تي آٽي، پاتو برقعو بشري متان ڪو سنجاڻي
مان وڃائي وري ڪيئن ڪيان مان، منهنجا ڀڳڙ ڀيهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي كافي345

ٽل وجهي ٿيڊ زلف جي نيشان ڪيئي، پنهنجي محبت ۾ مستان ڪيئي
1 سختي بار سهائين ٿو، سر عاشقن جو آزمائين ٿو
پنهنجا منڪر پاڻ بچائين ٿو، اهي حاسد سڀ حيران ڪيئي
2 حال فقر جو واحد تون، هر دوجهان ۾ شاهد تون
خاص دلن جو صاحب تون، پنهنجو برهه بچائي بدنام ڪيئي
3 ڪشف ڪرامت عقلي معنيٰ عشق بنان ٻيا ڪوڙ بهانا
تنهنجا اهل القبور ۾ خلوت خانا، اتي باغيچو بوستان ڪيئي
4 توريت انجيل زبور لٿو، احمد تي فرقان سچو
تنهنجي بحر عميق جو انت نه ڪو، اهڙو احمد سان احسان ڪيئي
5 سمجهه "رکيل" سر ثابت سارو، اناالحق جوهڻ تون نعرو
يار ڏنو تي وحدت وارو، پنهنجي دفتر جو ديوان ڪيئي

سرپيروي كافي346

ٽل بيرنگ آيا تہ بحال، هر رنگ دي وچ ڏنم نظارا
1 فاينما تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ الله، حسن تيڏي داجت ڪت جلوا
ڪشف قلوب ڪمال، هر صورت وچ سر هي سارا
2 باغ ارم وچ پاتم جهاتي، مدهوش ٿيم سر صفاتي
ڪهہ ڪهہ ڏنم ديوال، عقل ٿيا وچ اٿان ويچارا
3 غير حجاب وجود وڃايم، جان جسم وچ جهاتي پايم
وحدت عين وصال، نينهن مريندا هر دم نعارا
4 جن انسان مطيع ملائڪ سڄ تون صاحب خلق دا خالق
اهو عشق ڏنم احوال، مشڪل سمجهن هي پسڻ پسارا
5 عشق "رکيل" ڪون اعليٰ شاني، منع ڪريندي ملان ملواني
بي سڀ تال پخال، رهبر ٻاجهون هي اصل انڌارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي 347

تل تت ڳيا غير گمان، اهو الستي مطلوب مليوسي
عشق دانام نيشان، تڏاهين بخت ڪليوسي

1 ظاهر باطن يار يگانا، گوشي ٻهه سنجاتم خلوت خانا
نہ ڪوئي بات بيان، حق دا هوڪا هليوسي

2 جڏان سهڻل چا رمز رلائي، رات ڏينهان نيٽين نندبہ ڪائي
ڪيتم ڪاوڙ پيوڙ حرام، اپٽا آپ پليوسي

3 ڪر مطالع دل وچ ڳوليم، رڪ صفائي سچ اهو ٻوليم
شوق دا اعليٰ شان، وچ ذاتي نال رليوسي

4 اسرار اهو "رڪيل" ڪر نہ ظاهر، وچ مستي دي ٿيوين ماهر
آيا ازلي نينهن مدام، سر تي آڻ جهليوسي

سرپيروي ڪافي 348

تل پير يمغان دي نال محبت محو ٿيوسي
ٿيئڙم عشق دلال مستي حال پيوسي

1 حد لاحد دا حال سڃاتم، بيخود هويم تي خرقا پاتم
خاص ٿيم هڪ خيال، باطن حق داراز رليوسي

2 طالب ٿي مطلوب بنيوسي عاشق خود معشوق رليوسي
وحدت عين وصال، حسن حقيقي فيض جهليو سي

3 فنافي الشيخ تي رمز درازي، وجود وڃا وڻ ڏک شبخيزي
تت ڳيا ڪوڙ جنجال، غير ڪنون لنگهہ پار پيوسي

4 ڪيئي پئي چتدي ڪيئي پئي مسدي، انهي اڏي تي سوين پئي ڪسدي
سچ هي "رڪيل" دا حال، مُوتُو مرتي جيئوسي

سر پيروي ڪافي 349

ٿلھ جيءَ ۾ جھليندس ڪنھن سان نہ سليندس
اٿم سڄڻ منھنجو اڏيون اوجار

1 عرب عجم ۾ تنھنجو ظھور و ذاتي، پوش پھري آيو ذات صفاتي
احد احمد ھڪ آ رحيم غفار

2 نينھن پرين سان مان نئون ڪري لاتو، ھر صورت ۾ مان سھڻل سڃاتو
دل جو دلبر اھو ھڪ اٿم يار

3 عجب عجائب جون ڳالھيون، نيڻ ڪنيون مان ڏسان ٿي پاليون
ڳجھہ سارو تنھنجو عجب اسرار

4 سر "رڪيل" توکي ڪنھن سمجھايو، اڱڻ منھنجي تي اچي پرين پير پايو
الست ازل کو اٿم عبدالستار

سر پيروي ڪافي 350

ٿلھ حال جو واقف ھڪ اٿم جانب جائي، ٻيو ڪونہ ڏسان ٿي ڪو سورن پائي
ڪنھن سان ڪيان پنھنجو مان بات بيان

1 پاند ڳچي ۾ اٿم ڳل منجھہ ڳاري، ڏاڍي ڏکن سان مان عمر گذاري
ٿيم صفائي پڳم شڪ گمان

2 ور تہ سڃاتم ھڪ باروچل، نہ اٿم وسارو اٿم روح جو رانول
لوچي لڌو اٿم لاھوت لامڪان

3 عشق اندر ۾ اٿم اوراتو، رنج محنت پاڄھون ڪنھن نہ سڃاتو
مشڪل بار برھہ جو اٿم اعليٰ شان

4 ڏنم دروني ۾ جھاتي پائي، ڪير "رڪيل" توکي چوي ٿو چوائي
اھو سر آ ساڳي ھوت حقان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي   ڪافي351

ٽل اڄ تہ پنهل ڏنهون آيم سنيهو، لڳم ڀاري راحت ريهو
صدق ٿيان مان وارون وار

1 ڪين سلينديس مان تنهنجون ڳالهيون
مان سانپيان اندر ۾ تنهنجي نينهن جون نراليون
ڪرنہ جدائي مان سان هڪڙو دم ناڌار

2 اڳڻ منهنجي تي هُج تون هميشان
ٺرن اکيون منهنجون تنهنجي قدمن سان
خاڪ مليندس مان سدائين پئيزار

3 نينهن نياهڻ مشڪل ناتو،
ڏکن سورن سان مان يار سڃاتو
رڳ رڳ ۾ اٿم تنهنجي گفتار

4 مني محبت تنهنجي دل کي جڳايان،
هڪ باروچل بيو نٿي پايان
آيو تہ "رکيل" تي ڪري طومار

سرپيروي   ڪافي352

ٽل تڏهن ازل جو اڄ ناڪلهہ جو
يار پنهنجي کي مان ڪين ڇڏيندس

1 سنمر سرتي اهي ڏکن جون تاديون، مرجان ڪن مان سان مرد ۽ ماديون
صدقي سڄڻ تون هي سڄو ساٿ لڏيندس

2 درد بنا بيا ڏاڍا ڪيها ڏاريان، دم دم سان مان توکي ٿي سنڀاريان
هي جسم اسم سان گڏ تہ گڏيندس

3 آدم حوا کون عشق اڳي هو، تڏهن سڃاتم يار جو سنيهو
تن جون تنواران اهي، سچي سڪ سان سڏيندس

4 هت هتي اٿم دل جو جاني، شوق "رکيل" کي اٿم مدامي
سچو تہ ارادو اهو آٿي عشق سان ڏيندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي   ڪافي353

ٿل ڪيون اچي گهور، اهي ڪنيو مانڌي سور
پلڪ پلڪ پرين جا پون ٿا پور، عشق آٽي ٻڌا هاٽي هيئن پور
1 ماريس فراق، پون ٿا چاڪ ائين سهن عشاق، اهڙا ڪر نہ ڪلور
2 جيئن پئي جلان، ڪنهن سان نہ سليان، خاڪ مليان، تنهنجي ذوق ۾ ضرور
3 سڪ جا سامان، ڪيان ڇا بيان اهي نينهن جا نشان منهنجا انور نور
4 ساري هي صفات، هي تنهنجي ذات ”رڪيل“ وئي ظلمات، ڏٺم ظاهر ظهور

سرپيروي   ڪافي354

ٿل تنهنجي عشق سڄڻ وجود ويران ڪيم، دل ۾ حول سدائين خفقان ٿيم
1 ڳجهو مرض لڳم ڪهڙا طبيب پڇان، اندر ۾ چاڪ چڪن ٻي ڪنهن سان ڪين ڪڇان
اهڙي ڪالون تہ لڳم لون لون ۾ لڇان هميشہ، حيرت ۾ اهڙي حول هيم
2 ديوانو مست هجان مرجان لوڪ ڏسي، وهوا وحدت م پرين تو پاڻ پسي
ٻي ڪي ڪجھ چوان متان يار رُسي ڳجهي، رمز لڳم تڏهن هي حال چيم
3 الست ڏهاڙي ويم قلم وهي، توسان نينهن لڳم سچ ڪيم سهي
جيڪا گذري وئي اها ڪهي سارهي منهنجي پکي پلئہ اچي عشق پيم
4 توکي طالب چوان مطلوب چوان، توکي عاشق چوان معشوق چوان
توکي ظاهر چوان باطون چوان برھ جو بار ”رڪيل“ چمي سرتي کنيم

سرپيروي ڪافي355

تل آزاريل عشق عجيب جي مان جهڙي آ ڪان ذڪي
1 تسي آهيان توڙڪون مان تند دلبر جي درد دڪي
2 سڪ آئون سمهڻ چا لڳي، ڪيڙم مان ننڊ سڪي
3 ڪندم ميلاپو مون سان پرين، باري هان برهه بڪي
4 "رڪيل" ٻاجهون يار جي، آهيان مان روز رکي

سرپيروي ڪافي356

تل مان تہ مني سان ڪيم پرين پڇاڻيون
عشق آريءَ جي وڏم اندر منجھ گھور
1 درد دکايم دل منجھہ دونهان سور تتئي کي اچي ٽيم سونهان
چڪن چاتي کي پيچي ڪيم پور
2 هيئن نتي چاڻان ڪندم ميلاپو، نينهن لڳم توسان نئون منهنجو ناتو
لڳي اٿم لوري اندر ۾ عشق تڪور
3 شل ٽيندم ڏينهن سدورو اچي تہ ڪندم مان سان پرين لکن جو ٽورو
اڱڻ ايندو منهنجي اچي ٽلندم ٽور
4 ڪيئن تہ "رڪيل" ويني ٽي ڪانگ اڏايان
سڪ ڪندم سازي ذڪي دل کي ذکايان
پاڻ پڇايان پنهنجو جيئن چنڊ تي چڪور

سرپيروي ڪافي357

تل داغ جدائي دالڳم سيني وچ جاري
فرياد ڪريندي او دانهان ڪريندي ميڏي دلڙي آزاري

1 ايمان عقل سڀ هوش ڳيوسي، عشق ماهي داپلئي پيوسي
باهہ برهہ دي لڳيم بيحد بي قراري

2 انگ ازل دا اها مس ڪيوين ميسان وچ نال پنهل دي شل مين جيسان
ڪيچ وڃڻ دي ڪيتم تياري

3 ناز غماز دل ڪون سوز سڙيندا، جان جسم سارا قلب ڪڙهيندا
نينهن لڳم تيڏا بي اختياري

4 ڪاري چڙهندي آيم موڙا بن تہ جدائي داپيم وچوڙا
”رڪيل“ سڪندي ساري عمر گذاري

سرپيروي ڪافي358

تل ڪوئي ناڪيتئي انجام، واعدا اج ناڪلهدا
مين منڙي آن حيران ميڏا ماهي ڪڏان وت ولدا

1 چوڙ ڳياتي پيم وچوڙا، پنڌ پتردا تيڙم ڏوڙا
سات نہ ڪوئي سامان اوکا پنڌ جبل دا

2 سندرا بڏمين تيسان راهي، اڳون منڪر نڪير تي ڏيسم گواهي
ڪيا آندو حڪم حڪان ڪڏان ماهي ميڏي نال ملدا

3 اڱڻ ميڏي تي شل قدم گهميسين، ويسن ڏکڙي تي حال ونڊيسين
تيڏي عشق ڪيتم بدنام، چوڙيم ڪم عقلدا

4 لوڪ ڪريسن سڌڙ ئي ريسان، ور سهاڳ سدا شل سڏيان
ڪيتم نيڻين ننڊ حرام، جگر جوش نہ جهلدا

5 پيچ ”رڪيل“ تہ گهتئي جڙجائي، هڪ نال هڪ نهين ڪا جدائي
خطري تت ڳئي خام لڳڙم نينهن ازل دا

سرپيروي   ڪافي 359

تل   توڙي چڪن پيا چاڪ، محب مني جو در نہ ڇڏيندس

1   ڳڻ تنهنجا مان ويني تي ڳايان، لڪ پلايون پنهل جون پايان
تنهنجي حسن جي هاڪ توکون سوا ٻيو ڪنهن سان نہ سلينديس

2   سور ٻرا ٿڪ سک تي ساريان، راضي رضا تي شڪر گذريان
عشق منهنجي آ خوراڪ، پنهنجي اندر ۾ آٽي تہ اڏيندس

3   شل نہ سڪون مان ٽيندس واندي ڏيندس پنهل کي ٻانهن سيراندي
منيس تنهنجي فراق دل پرين سان نيئي تہ ڳنڍيندس

4   ڳڻ "رڪيل" جي ڳچي منجهہ ڳانا آيم سرتي شغل شهانا
هادي مُنهنجو حق پاڪ حال پنهنجو مان تهن سان نہ ويڌيندس

سرپيروي   ڪافي 360

تل   ڪنهن سان ڪيان مان صحبت صلاحان، دل آزاريل درد جون دانهان
سڪ تنهنجي ۾ گذاريم سال

1 اصل ملامت تنهنجو عشق مياري، لوڪ جا طعنہ گلا خلق جي خواري
سنم سيئي سرتي پايان ٽي پلايون پال

2 جڳ سڄي ۾ سڏجان ڏهاڳڻ، ورپنهنجي سان سڄي هان سهاڳڻ
نام تنهنجي آهيان ننگي ننگ پال

3 پاڇهون تنهنجي ٻيو ڪنهن کي ٻڌايان، الست ڏهاڙي لڏڙم لاوان
در نہ ڇڏيندس ما ن تنهنجو شال

4 چئو تہ "رڪيل" سچ سانگو لاهي بهشت دوزخ سان منهنجو چاهي
طلب تنهنجي ۾ آهيان هڪڙي خيال

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي 361

ٿل عشق پرين جي ڏنم اوجاڳا، ڪيئن ته وهايم اهي سور سياڳا
پون پنهل جا مانڪي پلپل پور

1 سڪ ته سجڻ جي وٺم سينو ساڙي، ٻڌايل ڪنهن کي اندر اگهاڙي
ماٺ ڪيون ته مُجهان ٿي تنهنجون ٻڌي ڳالهيون مذڪور

2 لڪ پلابون تنهنجون ٿي پايان، روز ويٺي مان ڪانگ اڏايان
اڱڻ ايندو منهنجي گهوٽ ڪري گهور

3 شوق اندر ۾ شور مچايو، جنهن سر آيو ڪنهن نه لڪايو
روز ڪري ٿي زوري تنهنجي ذات ظهور

4 باهه برهه جي تيزتکي آ، آئي ته "رکيل" ٿي هڪڙي جهٽ نه جهڪي آ
نينهن لڳم توسان منهنجا اعليٰ نور

سرپيروي ڪافي 362

ٿل سنجهي پئي ساٿ لڏيائون، مونکي ڇاڪون ڇڏيائون
نه ته مان ڪيچ وڃان ها هٿ آتتي کي ميار

1 اڳ نه پنهل کون پنڌ پڇاهم جائي، لڪ ته جبل جا ڏکي وات اٿائي
سڪ ته اندر ۾ آهي ٻڌا طومار

2 اڳيون شينهن چيتا باندرپولا، ڪن ٿا رڇ راڙيون بگهڙ ۽ تولا
ڏکي ته ڏونگر جا ٻجهن پري پنهوار

3 لڳم جان ڪڏن جي ڪنهن کي سمايان، حجُ حجاوت ڪنهن سان اميد نه پايان
پنهل ٻاجهون ڪير لهندم سنڀار

4 ڪين ڪمايم جاٽي سنجاٽي سمر نه توشو اڳتون ان نه پاٽي
سڪ ته سمر ٿيم تنهنجي مٺي گفتار

5 حال رکيل جو دلبر توسان ڳجهه جون ڳالهيون ٻي نه ڪهينسان
دم نه هُجان شل توکئون هڪڙو وار

سرپيروي ڪافي363

ٿل ذات بلوچن ڏيرن ڏکايو ڏيئي ڪيف تتيءَ کي ڪنهن نہ جڳايو
پنهل وٺي ويا مان کي ڪري ويران

1 ڏيرن جتن مونسان ڪئي تہ پلائي آيم پنڌ ڏکن جانت هم عمرا جائي
سڪ تہ اندر ۾ آٽي ہڏا سامان

2 گهوريان پنيور کي هيڪل ويندس
نہ ڪو سنگت ساٿي ڪنهن کي نہ چوندس
شرڪ نہ پايان نڪو شڪ گمان

3 پنڌ جبل جان چيرجون چاڻان، رات انڌاري ڪن ٿيون اماڙيون لاتان
گهور پنهل تون هي سر قربان

4 روهہ رلايو عشق مجازي، هلڻ حقيقت سرجي بازي
سالڪ سهي ڪر اها بابت بيان

5 عشق ”رڪيل“ کي ويم وڪوڙي دام دئي جو ڇڏيائين توڙي
لاحد وارو وڃي ڏنم مڪان

سرپيروي ڪافي364

ٿل ڪاڪيون ڪيچ ڏٺن ڏي، هوتن ڏي ڪا هلندي

1 ڏاڍو پنڌ ڏکن جو سور نہ ڪنهن سان سلندي

2 آڙهہ ٻاري عشق جو ڪا جوش تنهن سان جلندي

3 سرتيون ذات صفات ۾ ڪار نہ ڪنهن سان رلندي

4 ”رڪيل“ مست شراب مئي جنهن پيتو سا پلندي

سرپيروي ڪافي365

تل اتي جاڳ تہ جانب سان ملين سورن جو تي سمھڻ يار
1 ھيءَ عمر افراد ويئي ڪرتون ياد جمڻ يار
2 بناچي عشق عجيب جي ھيو ڪوڙ تي ڪائڻ گھمڻ يار
3 لنگھنديں پھرين پور سان جي ھونديءِ ساڻ پتڻ يار
4 ”رڪيل“ سڪندين سال ٿيا، ڏينديءِ پاند پنھڻ يار

سرپيروي ڪافي366

تل ڪنھن سان نہ سلينديس، پنھنجو پاڻ ڪي پلينديس
ناز پرين جا نت تہ ڏھاڙيون
1 جيڪا ڪلھہ سان گذري اھا اڄ ڳالھہ ناھين
يار سان سچو تي ڪوڙا ناھہ چوتو ناھين
2 شوق حقيقي رک تون اھي چڙھي چاڙھيون
اھي نينھن جون نراليون تنھنجي ڳجھہ جون ڳالھيون
مان سايپان اندر ۾ شل ٻڏن نہ سياليون
ور سھاڳڻ ٿينديءِ، تنھنجون محل پوءِ ماڙيون
3 جيڪا متي تي گذري سچي عشق ڏانھن جاٽج
امر لکيو ھو پنھنجي يقين ۾ آٽج
4 پناھہ پرين جي ڏيکيندو اگھاڙيون
سرتہ ”رڪيل“ جي آيو امالڪ عشق حقيقي ڪري جلوو لاتڪ
قول سچو اھو ويندس، پرين سان پاڙيون

سر پيروي   ڪافي 367

ٽل پينر شهر پنيور ۾، ڪيچ ڏٺي اڄ آيو
1 سدا چي آيم سهٽو مونکي جانب جڳايو
2 ٻڌم ٻول ٻروچ سان رڳ رڳ ۾ سامايو
3 لوچي لڌم تہ لڙاڻ ۾ سوز ڪيم سعيو
4 اڱڻ شال "رڪيل" جي پرين پير اچي پايو

سر پيروي   ڪافي 368

ٽل اديون منهنجو سنگ سوپرين سان، ڪالهہ وڃي چي ڪيائون
1 گهوران گهوريندس سئو ڦيري سهڻل تون روزازل جي اتاهون
2 ڪڏهن چہ ملندين مٺل وتم وڇوڙي وڌي، ٻُڌي ورندي نہ چيائون
3 خون جگر جو پيتم سڪ وڌو اٿم ساڙي تير اندر ۾ هينائون
4 روز "رڪيل" جي ننڊ نہ نيڻن کي ماڻ انهي سان ميائون

سر پيروي   ڪافي 369

ٽل پينر شهر پنيور ۾ مان هتي نا رهنديس
1 انگ لکيم تہ ازل جو ڪيچ وڃي نهنديس
2 ٻولي ڦولي يار کي، لڪ تہ لنگهي وڃي لهنديس
3 حال تہ منهنجو هوت سان ڪجهہ نہ ڪنهن کي چونديس
4 "رڪيل" راز پنهل جو ٻجهہ ۾ پئي سهنديس

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سرپيروي   ڪافي 370

ٽل ڪاڏهن قلم لکيو هيم، اصل ازل جو انگ ووبار
1 مني پئي وجي مامري اٿم زور اور جو زنگ ووبار
2 وڪوڙي ويم وجود کي عشق چڪايم ڏنگ وو يار
3 لگم ڇ پاڻ پروچ جو وجهي ويو وحدت ونگ وو يار
4 ”رکيل“ پنهنجو راز تي روز ڏهاڙيون رنگ وو يار

سرپيروي   ڪافي 371

ٽل منهنجي ڪرمن ۾ ڪين لکيو هيم ورسان ڪيڙم وس ووبار
1 ستيس ڇ غفلت غير ۾ ڏيئي ويم سور سرس وو يار
2 ڏير ڇڏي ويم ڏک ۾ اديون ڇ هُين ڪو عڪس وو يار
3 اديون ڇئي آريءَ جام جو ڏور ٻُڌان تي ڏس وو يار
4 ڪڪر ڪوهيارا ڪري اچي ت رُلي تي رس وو يار
5 ”رکيل“ ڇئي رهبر راه ۾ شل پونديءِ پاجه ترس ووبار

سرپيروي   ڪافي 372

ٽل رکي رمز فتح پور رايو اچي ويڙهي يار سمايو
1 نصيب وارا ڏسي عيد ڪندا ويساه سچو پوءِ خريد ڪندا
تن تون دوزخ عشق اُجهايو
2 ناقص هنڌ تي ڪيئي ظهور، تيليءَ مئون جوڙيئي ٽنيو پورو
هٿون بار برهه جو آيو
3 فيض وارن ڪون فائدو ڏسجي ڪري دل سچي پوءِ پارس پسجي
ٻڌو نيعت تان ڦل پايو
4 شهر ميران پور جا نار آيا، هت شهد شڪر جا بار آيا
تو ت ”رکيل“ سان رنگ لايو

سرپيروي   ڪافي373

تل آيم عشق عجب سامان ڪٽي، ڏک درد فراق جي هام هٽي

1 رڳ رڳ ۾ اهڙو جوش جڳايو، باهہ برھہ جي پڙڪو لايو

ڪمر ٻڌي ڪيم سورن سعيو اچي باب منهنجي اها بات ٻٽي

2 هڏ ماس منهنجو ڳجهي ڳٽتي ڳاريو، زيب زينت هي مان عقل وساريو

يار ڪڏهن اچي ڏيندم وارو تڏهن ٿيندم پوءِ اتم اٽي

3 ڏک لڳم ڪيان درد جون دانهان، پون قبول شل اتي الاهان

عشق وڪوڙيم ٻيون سپ واهان، پوءِ هيڪل ويندس هڪ جٽي

4 حال ”رڪيل“ جو هرگز هي ٿي، ڪونہ ٿيندم ڪو سنگت ساٿي

منجهہ دروني پاتم جهاتي نہ اٿم اجهو ٻيو ڪونہ ڏٽي

سرپيروي   ڪافي374

تل آيم عشق اديون هو هٽيار ڪٽي، وهوا وڍڻ تڪڙ جا منهنجي باب ٻٽي

1 ٻڙچيون ڪات تکا عاشق روز ڪسن، سختيون سورسندن پرين جا نازپسن

لنگهائي لڪ تہ لڪندم نئين توڙتسن، ڪولي ڏس تون اکيون عشق جي اتم اٽي

2 هجان تہ هميشه هڪڙو دم نہ پري دلبر ٻاجهون اديون منهنجو ساهہ نہ سري

ورکي ڪيئن وساريان توڙي ڪو قتل ڪري، اچي ضيب منهنجي اها ڳالهہ ڳٽي

3 آڙاهہ سيني ۾ برھہ جو روز اسان، اندر ۾ چاڪ چڪن ڪنهن کي آهہ ڏسان

ننڊ نيٽڻ ڪون هي آرام ڪسان. تنهنجي سڪ ۾ سڙان وئي اتم واهہ وٽي

4 تنهنجي لاحد جو ڇا بيان ڪيان، توکي عرش زمين آسمان چوان

توکي عشق چوان عين عيان چوان، سارو سرتہ ”رڪيل“ بي بيان ڏٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي   ڪافي375

تل عشق سڙيندا غير پليتي تن ڪون لڳڙم رمز حقيقي
جان جسم سار اڪيتم ڪباب

1 آبي خاڪي بادي ناري چارئي عناصر تت ٿئي فراري
موج بحر دا تيم حباب

2 جوش نہ ڏيندا ڪائي ساعت وارا، سوز فراق تيڏا يار پيارا
ڪيوين تہ ڪران اهو سوال جواب

3 ڏينهن ڏکئي اوکي عمر نياوان نال پنهل دي لڏڙم لاوان
حال ونديسان اهو ڏوهہ ثواب

4 دستون ساقي جام پليندا، مئخاني وچ پر پر ڏيندا
پير يمغان ”رکيل“ ڪون ڏتا شوق شراب

سرپيروي   ڪافي376

تل اهو لدني علم ضرور باطن والا باب پڙهيوسي
معلوم ٿيا مذڪور جڏان اندر وچ الف اڙيوسي

1 محنت باجهون نهين فقيري شيخي مشائخي دم مارڻ پيري
ايوين ٿيسين نا منظور اسم ذاتي قلب نہ ڪڙهيوسي

2 ويس بڏڻ تي خرقہ پاوڻ لوڪ نڳي ڪيتي ساڌ سڏاوڻ
اندروچ جاڳيا نهين سورعشق دي چاڙهي تي نہ چڙهيوسي

3 ملئي وانگي واعظ، سڻاون اندر ڪالا باهر لوڪ مناون
درد سڪيئي نا دستور دل دا دشمن دز نہ تڙيوسي

4 ڪرياد ”رکيل“ هڪدم نہ وسارا نينهن مريندا هر دم نعره
تي محبت وچ مخمور جند جانب نال جڙيوسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي 377

تل جان جگروچ تير، جائي چاجوڙ مريوني
اکين رو- رو وهنديان نير، دلڙي تني دي ڪيوين چاڦريوني

1 زخم اندر وچ جاري جکدا، واند نہ ڪائي دم دم ڏکدا
وچ سيني دي چير، قاتل چا زهر پريوني

2 تڪ تڪ ساري رات نيايم، واعدي اتي ميڏا يار نہ آيم
اهو ڪنهن نون سڏاوان نذير، آوڻ ڪيتي وقت تريوني

3 وچ وحدت دي ڏيکڻ خلاسا، نال پارس دي لڳڙم پاسا
عشق عجب اڪثير روشن چا قلب ڪريوني

4 شهر فتح پورتي ڪيتم سعيا اڳڻ "رکيل" دي رهبر آيا
تي عبدالستار فقير آوڻ سيتي قدم ڏريوني

سرپيروي ڪافي 378

تل عمر گيم افراد، ڪوئي دلاسا يار نہ ڏيندا
تيڏي برهہ ڪيتم بيتاب ڏهاڙي ڏک پيا ڏيندا

1 تيل قليل تي سينڌ چتا وان، ڪرهارسينگارتي ورڪون پاوان
خوب لذم اهو خواب جهولي چنڊ جهليندا

2 وحدت باجهون واند نہ ڪائي، لڳم صابڻ دل ڪون تيم صفائي
مت گيا غير حجاب مشڪ عطرخوشبوءِ مليندا

3 عشق اندر وچ باليم کورا ظاهر باطن ذات ظهورا
روشن ٿيا مهتاب، اها بولي آپ بوليندا

4 حال "رکيل" ايوين تان ٿيوين، مام موتو دي مرتي جيوين
ناوت ڏوهہ ثواب شوق دا شراب تي آپ پليندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي   ڪافي379

تل   تينون دلبر ايوين ناجڳاوي، ڪهڙا ڏوهه ثواب
1   برقعا کول تہ مين جهاتي پاوان
عمر ساري دي مين ڏکڙي سٺاوان
ڏيوڻ   حلف   حساب
2   عشق اصل هي خلق دي خواري
منهن موڙان تہ مئين تيوان مياري
لڳڙم   نينهن   نواب
3   ڏک عذاب سدا سک پاوان
دلديان ڳالهايان مين ڪنهننون سٺاوان
اوندا   شرم   حجاب
4   جلوا جمال سڄڻ سرسو نهين
شمس قمر مشتاق بہ ڏونهين
ايريا "رکيل" شب مهتاب

سرپيروي   ڪافي380

تل   ڪڏڻ اوسين ساڏي ڪولهہ، ور سهاڳڻ سدا مين سڏيسان
1   هار سينگار سيئي ڳهہ پاوان، مشڪ عطر مين لڳين ڪون لاوان
تيسان صدقي گهول، عشق تيڏي وچ شال اڏيسان
2   جيڏيان سرتيان ڏيون واڌيئي سهج پنهل دا تيم سدائي
پنيم سارا پول شهد شڪر وچ آپ گڏيسان
3   ونحن اقرب پاتم جهاتي نور ظهور آيا سر ذاتي
سچا هي قول پرين دا ٻول، هڪ دم دم نال رليسان
4   جام شراب مين وحدت پيتا مست "رکيل" ڪون محبت ڪيتا
رمز حقيقي رتول، نال چڪڙ دي ڪيوين چڏيسان

سرپيروي ڪافي381

تل ناهي مرد اهو آهي مادي، هٽي دنيا تي لافان بادي
1 حديث سڳوري تي هيئن فرمائي، طالب دنيا جو ڪدڙو آهي
ڪوڙ فريب فسادي
2 قرب تنهنجو ڪهڙو آهي، پٽ جو پيءُ سان تي وير وجهائي
ڏس تالر تي ڪري تادي
3 جڳ ساري کي ڪيئن پلائيي نفس ڏيئي هي حرص بچايئي
ڪيئي فعل مختيار سوادي
4 ڪن کي غوطن منجهہ گمراهہ ڪيئي، ڪن کي شوق پنهنجي ۾ شاه ڪيئي
تون هوت حمايت هادي
4 رمز ”رکيل“ هيءَ جن سڃاتي، پنهنجو پاڻ ڏناءُون پائي جهاتي
آيو عشق اڳڻ تي آبادي

سرپيروي ڪافي382

تل ڦتو چيٽ لڳيون هي بهاران. ٻڌيون ڪونجن ڪالهہ قطاران
1 ولر ڪري هيئن وس تي آيون، اڃي سانگ چڙهيون اهو ماڳ نہ متايون
تنکي واءُ وطن جون پچاران
2 فراق ڦوڙائو ڪجهہ نہ گهٽائي سڪ وطن جي نصيب موتائي
تون موڙج محب مهاران
3 قسمت قيد مسافر آيون، متان دشمن ويري ڪنهين نہ ورايون
اهي ڪنديس درد پڪاران
4 درد ڏکن جون دم دم دانهان، وڃي اگهيون اتي عرش الاهان
اهي ”رکيل“ جون اچنگاران

سرپيروي ڪافي383

ٿل ھڪڙو دم نہ خوشي جو مھجور ڏٺم
ھي فاني جھان سارو سور ڏٺم

1 ڪاٺ ڪاج خوشيون ڪاڏي ويڙيون اسان
ھي ھنڌ پلنگ سڀ زھر ڏسان
ھڪڙي ياربنان سرتيون ڪيئن مان وسان
جاري زخم جگر جو ناسور ڏٺم

2 اجھامي ڪين اديون ھي ٿو مچ مچي
ناھي صبر ستيا نڪو موت اچي
ڏسي شمع شعاع جيئن پتنگ پچي
دفتر درد سندو دستور ڏٺم

3 تنھنجا تيرتکا آھن نازنوان ساھيون سيني اچن ٿا سورسنوان
جن کي نوڪ لڳي سي ٿيا رندروان، سو تہ سولي اتي منصورڏٺم

4 تنھنجي روز "رکيل" کي تانگھہ لڳي
آيو عشق ائين ويو عقل ھجي
ھر جاءِ حسن ڏسان دئي پول پڳي
جليو آھہ جبل جيئن ڪوھہ طور ڏٺم

سرپيروي ڪافي384

ٿل شل پوندم باجھہ باروچل کي نٿي اميد پايان
1 مان جھڙيون تان منيون ڪيئي سڪنديون وتن سدا
ڪانگ وينئي ٿي اڏايان
2 ھي ھي ھوت ويم سرتيون سک نہ ڏسان
جند ھرمل جان دکايان
3 سونھين ٿيندس، مان ساٿ جي
پنڌ نہ بين کون پڇايان
4 جبل ڏونگر ۾ اديون رات نہ رھنديس
رات ڏينھن ڪيون ٿي ڪاھيان
5 لڪ لڪيون تہ لنگھي وڻ ڪيچن جا ڏٺم
اھا رمز "رکيل" ڪيئن ڇپايان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي385

ٿل سورن ۾ منهنجو ساهہ، مان تہ ڏکن ڪاڻ هت ڪيئن جايس
مان تہ سورن ڪاڻ ناحق نپايس

1 سک قرار آرام وڃايم، عشق اندر ۾ آڙاهہ لايم
ڏکيو آرباني راهہ سهج پرين جي ڪيئن سمجهايس

2 اور اندر ۾ اٿم اماڙيون ڪڍيم غير وجودون ساڙيون
ڏنم دهشتي درياءُ عشق اويڙو انهي منجهہ آيس

3 نينهن پرين سانڪيئن وجي لاتم، الست ڏهاڙي تڏهن سڃاتم
اهو تہ نهيو اٿم ناهہ، درد جي سڄڻ جي ڏکن ڏکايس

4 سرتہ "رڪيل" جي باهہ برهہ جي، ناهي حاجت بات ڪنهنجي
ڪونہ ٿيم همراهہ ڪين ڪمائي ڪين سمايس

سرپيروي ڪافي386

ٿل ريهہ ڪجل دي پاون، دم دم ڏينديان جهلڪي
اکيان سڄڻ ديان متواليان

1 لڪ لڪ چوري پاتم جهاتي، ٿيا تجلي دا چمڪا وچون ظلماتي
نوڪ مرينديان اهي نراليان

2 ڪجليان ٿهري مينون ساڙگيان، جان جگردي وچون لنگهہ پار پيان
ديدان تيڏيان دوناليان

3 اَبرو سيف سٽن مجگان تيرپالي نازپرين دي رخ تي زلف سياهہ ڪالي
پاون ڪنڊين تي واليان

4 نال "رڪيل" دي ازل ڪنون جو اڙيان نين سڄڻ دي مينون درد مريندا ڏڙيان
سڪيم اڳي اٿا ڪنهن نہ سڪاليان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي 387

ٽل آٽي قسمت ڪيم قيد نہ مان سيد نہ مان سيد
منهنجا ڪچا ٿي ڪردار ڪنيم لوڪ جي ميار

1 ڪوڙ ٽا ڄاڻن لوڪ بيگانا، سهٽل سنم تنهنجا طعنا
پاڻ وڃائي منصب پائي، اڄي عشق ڏنا اظهار

2 امر لکئي هي قلم وهائي، منهنجو نينهن لڳو آ توسان جائي
ڪندس ريهان راتيان ڏينهان، اتم پرين جي پچار

3 مان ڪون پلي چلهہ چڱيري، جنهن ڪون چڪي ڪڏين ڪيري
نہ مان ٿوبي نہ مان ڪني، جنهن ۾ رجهن طعام تيار

4 نہ مان پير نا امير، تنهنجي فقر جو فقير
نہ اتم حجت نہ ڪا حاجت، منهنجا اهڙا ٿي اطوار

5 ”رڪيل“ آيم عشق آويڙو، جيءَ سان لڳم جائي جهيڙو
منجهہ فراق پون چاڪ، پڌم طرحين هي تنوار

سرپيروي ڪافي 388

ٽل جانب جدائي ڪرنہ وڃڻ جي وائي
هج تون هميشہ جانب منهنجي جهولي جهولي

1 ويهي نہ وساريندس مان پرين تنهنجون ڳالهيون
مر جان پڌن منهنجو سهيليون تہ سياليون
پهہ تہ لڳيءَ جو لکي آٽي رولي رولي

2 ڦنيل چہ دل کي ڦوڙائو ٿو ڦاڙي
سڪ سڄڻ جي سينو وڌم ساڙي
پرين شال پاڙيندس باروچل ٻولي ٻولي

3 سخن سچي جي ڪل مونکي ڪيهي
ٻول ٻڌاهم ور ساڻ ويهي
ڳالهيون ڳڻ ڳائيندس لڳم لون پرين لولي لولي

4 درد فراق جون دلبر دانهان سرتہ ”رڪيل“ جي آيون هي صلاحان
سيج سورن جي ڏک منهنجي ڏولي ڏولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي389

تل سک ڪين سارينديس، مان ويهي نہ وسارينديس
جانب ڏيئي ويم، جيءَ ۾ جهوري جهوري

1 تير جگر ۾ جيڏيون اتم جائي، ڦٽ نہ ڇٽڻ جو ڪئي هان درد توائي
منيس قيد ازل جي زور مونسان زوري زوري

2 حال جو واقف محرم جاني، ڪو سورپچي مان کون حرف حقاني
آگ اندر ۾ باهہ اندر ۾، لڳي اتم لوري لوري

3 دنيا عقبيٰ مان وينيس وڃائي، بهشت جون حوران منهنجو تن سان چاهي
يار ڏسان پنهنجو جهاتي پائي چوري چوري

4 حال "رکيل" هي مان ڪنهن سان ونڊايان
دل جون ڳالهيون مان دل کي ٻڌايان
صدق ڪيم سر گهور پرين گهوري گهوري

سرپيروي ڪافي390

تل ڳجهي راز ڇپيل کي تتي دل قتيل تي
پوش ڏيئي قابو ائين نان اگهاڙيان

1 درد جون دونالیون، دل جون ڳالهيون
ماٺ ڪيون من ۾، اندر ۾ اماڙيان

2 سنگ ناساهينديس ڪيچ ڏي ڪاهينديس
ماڙيون پنيور جون ڦوڪ ڏيئي ساڙيان

3 ڪشف ڪرامت عشق امامت
اهو قول ازل جو پرين ساڻ پاڙيان

4 تنهنجي نينهن جو ناتو "رکيل" سچاتو
پنهنجي جانب جيءَ کي، نيئي ڪٽاهي ۾ ڪاڙهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي 391

تل تيڏي عشق مچايا آڙاهہ، بي سر سورهہ ڪڙدي
ڪهڙا ڏوهہ گناهہ جوش ڪڙاهي وچ ڪڙهدي

1 ويک شمع تي پتنگ سر ڏيندي، سورهہ ڪڙدي ناقدم هٽيندي
عشق تيا همراهہ عجب لڙائي وچ لڙدي

2 پچدي پچدي بيشڪ رچدي، صاف ٿئي وچ سالڪ سچدي
گم ٿئي وچ راهہ، حرف حقيقي هڪ پڙهدي

3 لڪ لڪ چوري پاتم جهاتي، صفاتي ٿئم اثباتي
دهشتي درياهہ موج لهر وچ لڙهدي

4 پوڻ چکي وچ هي مشڪل بازي روز "رکيل" سي گهردي غازي
صدقي ڪريندي ساهہ سچ ٿيون جڏان سڙدي

سرپيروي ڪافي 392

تل حال جي حقيقت ڪنهن سان ويهي اوريان
پنهل بنان مان سليان ڪيها سور

1 بعضي پنهل ڪاڻ پوربہ پون تا ماڻهون تتيءَ کي چريو بہ چون تا
شال ڪندا محب منظور
شال ووڙينديس، پنهنجي پنهل سان لکيو شال پاڙينديس
ڏونگر ڏورينديس

2 ڏونگر ڏورينديس شال ووڙينديس، پنهنجي پنهل سان لکيو شال پاڙينديس
هونديس هميشہ هوت جي حضور

3 هن تہ عمر ۾ ڪين بي ڪمايم، امڙ ادي سان حال نہ ونڊايم
لنگهي تہ لڪڻ کون ٿيس ظاهر ظهور

4 نانهہ تہ نفي ۾ چڏ وجود وڃائي، اسم "رکيل" هي اثبات ڪمائي
آيو تہ اسان ڪاڻ نرمل نور

سرپيروي ڪافي393

تل سٽي ڪو حال منهنجو تہ بيان ڪيان
جي ٿي سور سليان پون چاڪ نوان

1 ڪڏهن ڏسن ڪري خيال خوشي، ڪڏهن ويهڻ محبوب رسي
منهنجو جانجسو ڪنبي ساهہ سسي، دل سان فڪر ڪري تہ دردِ چوان

2 گهرجي ننڊ نہ گهٽي ڏاڍو خوف اٿو لهريون لوڏا سوين بسيار تہ پو
جن جي سڪ سچي تن ڪان ويجهي وسو، جيڏيون جوڙ پڙهي تيس راهہ روان

3 بعضي ڏسي تہ خوشي ۾ الحمد ڪهان، بعضي ڪرن غصو انتظار رهڻ
سهمان ساٿن جا اديون شال سهان توٽي ويڙ وڏا اٿم سائين سوان

4 انهي حال منهنجي جو جواب ڏيئي، سهٽي ٻاجهون اديون ڪندم ڪونہ سهي
سائين ”رڪيل شاهہ“ ٻڌي هٿ ٻئي، ڪيا ها اچڻ جا ڪي انجام اوهان

سرپيروي ڪافي394

تل آهي ميڏي ڪاروز ازل دي، نال پنهل دي ٻولي ٻولي

1 ازل ڪنون تہ نڪاح پڙهيايئي، پڇي گهت سمنڊ صندوق لڙهايئي
نال ڏوبي دي آڻ ڪڙايئي، ڪنجي تہ اندر دي ڪولي ڪولي

2 قدرت سيتي آپ نپايئي، ساڳي سهٽل آن ملايئي
پڇي وت سارا شهر ڪلايئي، پاتم ڏکين دي چولي چولي

3 جيڏيان سرتيان ڪجهہ نہ سباون سي سي پڙيان گهوٺ پلاون
درد قتي ڪون پيت نہ پاون لک لک ڏيون توڙي لولي لولي

4 ”شاهہ رڪيل“ نون آڻ مليسي، درد اندوهہ اندر داويسي
دستين ميندي سهٽل ليسي، صدق وچان مين گهولي گهولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي   ڪافي395

تل ڏونگر ڏوريندس سرمان گھوريندس
باري عشق مچايو اندر آڙاھہ

1 ڇپر ڇوليندس پنھل ڳوليندس روھہ ڏکي ۾ نفس کي روليندس
ڪونہ تيم ڪو ساٿي ھمراھہ

2 پنڌ جبل جو ڏکيون چاڙھيون لڪ لنگھي مان ڪنديس راڙيون
ھتي رھڻ اٿم سخت گناھہ

3 ھن پنيورسان منھنجو چاھي، ڪيچ ويندس مان ڪاڪيون ڪاھي
ھتي رھڻ اٿم سخت گناھہ

4 ڇني ڇڏيم بيا سيئي سانگا سر تہ "رکيل" جي عشق جا الانبا
باھہ بره جي اٿم سنجھہ صباح

سرپيروي   ڪافي396

تل دین میرا عشق ہے، کفرے مسلمانی کجا
۱ میرے اندر میں کربلا، فکر ہے فنا فے اللہ
درد ایسا زلزلا، دور گیا خوف رجا
۲ مست ہوں مخمور ہوں سر وحدت بھرپور ہوں
خود معرفت منظور ہوں میرا قلب ہے روشن شجا
۳ عشق اعلیٰ شان ہے خود صوفیان کا بیان ہے
جتھ ذات حق او سلطان ہے ایسا شعاع ہے شمس ضیا
۴ احدیت آمد 'رکھیل' ٹٹ گیا کوڑا عمل
اتھ چلدا نہیں دئی کارمل جتھ قرب ہے کشف دجا

سرپيروي ڪافي397

تل يک دم نہ مجھون آرام ہے کراں یاد دل سے دم بدم
۱ توں محبوب میرا میں مشتاق ہوں بیقراری جان من
عشق صحبت ہے میرا دن رین تیری ایسے صنم
۲ درد میرے کے دوا رحمائی ہے شما
صد بار قربانی شدم، بیزار عاجز اے صنم
۳ احد اعلیٰ نور حق، جسم میرا ہے بدن
عبدیت ہے روءِ پوش اسرار خوبی ہے ختم
۴ شاہے 'رکھیل' اس بحر میں عشق مستی ہے کمال
یار میں گوید بگو نعرا ناالحق میں زنم

سرپيروي ڪافي398

تل دلبر درد وندن وٽ هوت هتون هلي آءُ
1 ماري اڳي تہ فراق جي ڏکي دلڙي نہ ڏکاءُ
2 اديون چي آيم عرب ۾ شان وڏي سان شجاع
3 چپ تي سوال جواب ويو پوي تو ڪونہ سماءَ
4 "رکيل" نہ راحت روح کي بيو سيبائي نہ ساءَ

سرپيروي　　　ڪافي399

تل　ڪڏهن ملندو مان سان پرين سرتيون ڪا ڏيوم صلاح
سرتيون ڏيوم صلاح ڪا، ڏس ڪو پنهل جو ڏاهه
1　هيٺي تي تہ هنڌلهين اتي ريجاٽي مون راهه
2　تنهنجي اچڻ سان عيدان ڪيان ساري خلق ڪري وهہ واهه
3　فذ ڪروني اذڪرڪم اتم وحدت وارو ويساهه
4　"رڪيل" سي تہ رسيا وجي، ڪري رات ڏينهان تڪي ڪاهه

سرپيروي　　　ڪافي400

تل　ڪلئي ظاهر باطن چشم ڏونهين، ٿيا ذات صفات تي سير ڏونهين
1　دل وچ دلبر جبتڪ آيا، روشن زمين آسمان ڏونهين
عجب تماشا عشق دکايا، ٿيا حاصل هر دوجهان ڏونهين
2　باغ سيني ٿيا بلبل بولي، علم عقل منظور ڏونهين
ظلمات گئي ٿئي پردي پاسي، هويا عاشق خود معشوق ڏونهين
3　معراج منگائي سر سمجهائي خلوت تي خود خاص ڏونهين
احد احمد فرق نہ ڪوئي، وحدت ڪثرت سمجهہ ڏونهين
4　رحمت راز "رڪيل" تون جاٽج حسن حسين شهيد ڏونهين
بيشڪ بالا منصب اعلي ٿئي شمس قمر حيران ڏونهين

سرپيروي   ڪافي401

ٿل عشق امانت عين حضور، سهڻي مڪي آسوغات اسان ڪان
1 تنهنجو حسن ناپيد نظارو، صورت بشري سر آهين سارو
ظاهر ذات ظهور،هر مظهر ۾ تنهنجون تہ اوطاقان
2 عشق عجائب چيز چگيري سالڪ سنجاڻي سِرڪِن گهوري
محب اڳيون منظور پرت وارن جون پاڪ پوشاڪان
3 جوش انهي ۾ جيءُ جلائن، پنڌ پرينءَ جو پار پڇائن
ڪيئن جليو ڪوهہ طور، تاب تہ تجلي آيو عشاقان
4 ٿي "رڪيل" تون فنا منجهہ فاني، پاڻ نہ ڀانئج نام نيشاني
اهڙو ذوق ضرور مام محبت جي چڙيان ڪيئن چاڪان

سرپيروي   ڪافي402

ٿل پڙهہ برهہ جو باب، عشق اناالحق جو هڻ نعرو
1 رهبر ٻاجهون نا علم عنايت، پڙهن عالم ڪرن هدايت
برهہ بنان برباد، سالڪ سمجهن اهو اشارو
2 باب برهہ جو پڙهن بيراڳي، هر جاءِ هوت ڏسن تا ساڳي
پاڻ ڪري تہ ڪباب، سورهہ ڪن تا ائين سڏارو
3 گلستان بوستان پڙهن جائز، منطق معنيٰ ابجد واعظ
هردو حج ثواب، لدني علم عوشاقن وارو
4 رندي رمز لڳي اچي تازي، سمجهہ "رڪيل" هيءَ سر جي بازي
تسبيحہ ٽوڙ حساب، سائن سان سائين ليکو نڪو چارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي403

تل واهه چهرا يار وکيندي ني، عشق عجب رنگ لئيندي ني
1 گل گلشن تي هر دم جان جسم چاڪيتم روشن
ناز پرين دي جهلدي خم خم، عُروج نزول سکيندي ني
2 بحر حقيقي غلبا لايا، سک قرار آرام وڃايا
رڳ رڳ دي وچ يار سمايا، محبت مچ مچيندي ني
3 ذات ڪماوڻ مطلب مقصودي اعليٰ ٿيوڻ عبد عبودي
خلوت خانا شوق وجودي مشڪ عطر مکيندي ني
4 رمز لڳي تہ اي رنگ لايا، نام فتح پور آپ هلايا
جام ”رکيل“ ڪون پرُ پلايا، شربت شوق چکيندي ني

سرپيروي ڪافي404

تل اندر آنبهه عشق مچايا، آٽي درد فراق دماما لايا
1 وجود دليلان اجايون چاليون، اندر ڳُٽيون اندر ڳالهيون
خوف خطرا عشق وڃايا
2 ٿيم شڪرانا شب روز شادي، ڪيم پير يمغان هدايت هادي
دل نور لطيفا ڪمايا
3 سور چکيو دل وحدت وارو، وڃي ڪين پيو منجهه سمنڊ سارو
پل اولا برهه پڃايا
4 رمز ”رکيل“ هي محبت واري ٿيو سير سڃي جو عشق پساري
دل لوچي لڪ لنگهايا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي405

ٽل درد انهي دا درمان نهين، سچ عشق بنان آرام نهين
1 حڪيم طبيب ڪيا وت جاڻن، مرض انهي ڪون سالڪ سنجاڻن
خون جگر دا پيون ڪاڙهن، ڳئي خطري ڪوڙي خام نهين
2 دم دم دي وچ طبقي آون، عاشق موج بحر وچ غوطي کاون
فنافي الله تي آپ نہ پاون، بيرنگ ذاتہ بيان نهين
3 ڪياوت جاڻن ڪشف ڪرامت، هردم هوون حال حڪايت
جان جسم هي دل ولايت غفلت غير گمان نهين
4 بار برهہ دا سرتي سهندي، سر ڏيوڻ باجهون مول نہ رهندي
عاشق هوڪا دل دا ڪهندي، ين اولا ڪوئي عنوان نهين
5 عشق عقل دا جهڳڙا جهيڙا، عشق ڪتيا عقل دا تٽ ڳيا ٻيڙا
وهوا "رکيل" دا وسدا ويڙها عجب ايهو ارمان نهين

سرپيروي ڪافي406

ٽل ڏکڙا اندر دا ڪنهن ڪون ناسٽيسان
جو دم حياتي رو رو نپيسان
1 ڏيوان دل ڪون دلاسي لهندي نہ لوري
آيم بار غم دا ڏينهن رات جهوري
مردي نہ جيندي لڳم درد زوري
تيڏي خاڪ قدمين دي منهن ڪون مليسان
2 لڳم داغ سيني من ڪون مونجهارا
هي هي ڪران مين چلدانہ چارا
ڪڏڻ يار اوسي ڏيسم بخت وارا
سو بار صدقي قربان تيسان
3 ناقص نماڻي نہ اميد رکدي
وس نهين چلدا ساعت نہ سک دي
ڳجها مرض لڳڙا نهين خبر ذکدي
جزا نيت دي اپٽي لڙيسان
4 لڳم تانگهہ دل ڪون حق دي حقائي
هڪ هي هميشان سهڻل سدائي
نهين تہ "رکيل" ڪون ڏوجهي واهہ ڪائي
ٻانهان ٻڌيسان هٽڙي جڙيسان

سرپيروي   ڪافي407

ٽل   وس نهين چلدا حجت نہ هلندي
رت رووان هٿ ڏووان جند پئي جلدي

1   ڦوڪ بالڻ تي اٽالڻ اڄ نهين ڪلهدا
ڪران زاري سئو واري عشق نهين ٽلدا
ڪران ڪيوين وچان ڪيڏي پنڌ باري ٽلدا
مئين عذابي پيرين پيادي اکين روو ملدي

2   نينهن لاوڻ پير پاوڻ دل ڏاڍي دردي
رات ساري هي انڌاري مين تہ ڏني ڏر دي
هي وچوڙا پنڌ ڏوڙا ساعت نہ سردي
هڪ واري دلداري سهڻا ڏيوين ولدي

3   ڪران دانهان تي الاهان ڏک نهين تندا
نہ ڪوئي داروں تسان پارون ڦٽ نهين چندا
نہ ڪوئي جاٽان نہ سنجاٽان پرين تيڏي متدا
جڏان آوين ليا پاوين مين تہ رلي رلدي

4   جڏان پالين چا سنيالين خوش ڪران خبران
نت شادي هي آبادي سک اهو سنيران
سچ جاٽان تي سنجاٽان درد واليان قبران
"رکيل" جائي آشنائي اڄ نهين ڪلهدي

سرپيروي   ڪافي408

ٽل   مانسان ويهي ڪيئي وصال، ڏنو هيٺون منهنجو حال
مرشد مير منهنجا پير تون نٿگي آن ننگ پال

1   مرشد منهنجو فيض صفاتي، دين ايمان ظهورو ذاتي
اندر چولي لڏم ڳولي تنهنجو ايڏو قرب ڪمال

2   شهر ميرانپور جهوڪ سونهاري، جنهنجا مٺڙا ماٺهون گل ٻهاري
دائم قائم تنهنجي گادي، تنهنجو وسي خوش عيال

3   بخت بلند ٿن نيڪ الاهي، شرم پريا شهزادا شاهي
اوهي مائٽ منهنجا سدا سهنجا، تن ايڏو آ اقبال

4   عمل عضوا دل جي گواهي، سڪ منهنجي ۾ ناهي ڪوتاهي
سچ جاتم حق سنجايم ايهو خانوند تنهنجو خيال

5   درد وندي جون لک دعائون، منهنجي مرشد جي اولاد پلايون
"رکيل" جائي وحدت وائي، مد محبت جو مثال

سرپيروي ڪافي409

ٿل سالڪ پاڄهون سمجهڻ مشڪل
ناهي عقل جو ضرور، عجب عشق جو مذڪور
1 عشق عقل کي عارف تورن، نفس قيد ڪري ڏک سان ڏورن
سر پرين تون سارو گهورن، منجهہ محبت جي مخمور
2 عشق جي معنيٰ عاشق ڄاڻن هر طرحين ٿا حق سڃاڻن
وجود صفائي غير کي ساڙن تن کي حاصل حق حضور
3 مرد پنهنجو ٿامن ڪمائن، منجهہ دروني جهاتي پائن
خوف رجاجا خطرا ڪائن، ڪيون ظاهر ذات ظهور
4 ”رکيل“ ٿي تون شرم شتاب، کولي اکيون لاهہ حجاب
مليئي فيض حقيقي لڳئي پاڳ اهو پير يمغان جو پور

سرپيروي ڪافي 410

ٿل نڪوئي داد نا فرياد، اول ڏوهہ پوءِ ثواب
ڪٿي ملڪ ڪٿي مال، ڪٿي سوال هي جواب
1 ڪڏهن پور ڪڏهن سور، ڪڏهن ماڻهن جو مزور
ڪڏهن خاڪ ڪڏهن ذات ڪڏهن خودي ۾ خراب
2 نہ مان پير نہ امير، آهيان فقر جو فقير
نہ مان سيد نہ مان سعيد، آهيان آب جو حباب
3 نہ مان عابد نہ مان زاهد آيم عشق بنائي شاهد
نہ مان پاڪ ناپليت هتي هلي نا حساب
4 ڏنم يار عبدالستار تڏهن وسريم هي سنسار
”رکيل“ ٻول اکيون کول ڪونهين عشق ۾ حجاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي411

ٿل ڪر عشق کي امام، ملڻ ٻاجهون يار جي، ڇا ڪفر ڇا اسلام

1 هر نام هڪورام جنهن حق سنڃاتو
جهڙو ڏرم سو ايمان، سڄڻ وعليڪم سلام

2 عمل ڏسي عشق جو ڪر صورت سر نشان
زاهد پنهنجي زهد ۾، ڏس ڪامل جو ڪلام

3 جي عاشق ٿين معشوق تي، ٿي گولن جو غلام
ٻيائي جي ٻولي ڇڏي، ڪر خودي کي تمام

4 "رکيل شاهه" تون آرڪوع تي سجدو ڪر سلام
اندر مڪو اندر ڪعبو، لنگهي قاف پڙهج لام

سرپيروي ڪافي412

ٿل آب حيات عشق ڏنائون، اهي قائم آهن ڪير
فڪر فاقئي منجهه فقير

1 قبران تن جون مشرف معنيٰ، نور الاهي خلوت خانا
اهي اصيلن جا افسانا، هئا بيشڪ بينظير

2 برهه پڙهاين اهو باب ڪري ڏنائون تن تراب
ڪهڙو تن تي ڏوهه ثواب ائين سمجهي ٿيا سڌير

3 روشن تن جو روح رباني تن موليٰ سندي ذات ڪمائي
بهشت دوزخ جي ڪاڻ نه ڪائي اها سچ لنگهيا سي سير

4 نظر جنهين جي ڪيميان پارس، عقل هوش وڃائي حرص هوس
"شاهه رکيل" جو اهو ڏس، هيو پيرن مٿي پير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي413

ٿل ڪري تتيءَ ساڻ انڌير وٺي پنهل ويم ڏير

1 ستيس سنجهي ڪيم ڪونہ اوجاڳو، منهنجا عمل ڪوتا چونڊم ڪير سياڳو
نہ تہ هيءَ ڪميني ڪير

2 چتن چائي متو اگهاڙو، ڏوہڻ سان ڪيو جتن ڏاڙو
آيم وڏ رکيون هي وير

3 هن پنيور ۾ ڪين مان رهندس، لڪ چڙهي وڃي لعلڻ لهندس
اتي پرين جا اٿم پير

4 واءُ ڪري ٿي ”رکيل“ واڪا اتي ڏونگر جا ٿي ڏکيا ڏاڪا
اهي سرها پايم سير

سرپيروي ڪافي414

ٿل هن درد جو دارون دوا، سچ دوست جو ديدار آ
ناهي وسيلو ڪو ولهيءَ ڪي هن مريض جو توکئون سوا

1 ڪي ڪهين جا پرجهلو ڪي لهن ڪنهن جو سماءُ
مونکي اجهو نہ آسرو تون پاند پنهنجي منجهہ لڪاءِ

2 فنا جاٽج پاڻ ڪي بي فڪر هيئن نہ جڳاءَ
ڪجهہ نہ جاٽج ڪين ڪي ڪوڙي اتي هي هو هوا

3 جوش ڏئي جسمات ڪي درد جو دونهون دکاءِ
جن لڳي لوري اندر ۾ سي ڪندا ٿي هاءِ هاءِ

4 پيريمغان جي دست ڪون، شوق جو پيتم شراب
ميخاني ۾ محبت ڏنم روحي رکيل تي تي روا

سرپيروي ڪافي415

ٿل ننڊ نيڻن کون وئي حرام پڳي، مونکي واءُ وطن جي اڪير لڳي

1 سهاڳ واريون سک ڪين سمهن اکيون عشق بنا آرام نه ڪن
هڪ تانگهه لڳيم وڃهان پيائي پن، سر صدقي سارو مال مڏي

2 جڏهن عشق آيو تڏهن عقل ڀڳو، منهنجو نازپرئي سان نينهن لڳو
غفلت غير ويو شاهي طبل وڳو، منهنجي رڳ رڳ وحدت ساڻ وڳي

3 تنهنجي درد فراق سورن ساڙيو، جان جسم منهنجو اندر ڪاڙهيو
مان ته پرين سان پلو پاڙيو، صاف ٿيم سينو ترت تڏي

4 ائين چاڻ رکيل ارمان نه ڪر، اٿي بار برهه جو زور زبر
اهي سڪ واريون ڪنديون ڪين صبر، اها آسن کي ته اميد وڏي

سرپيروي ڪافي416

ٿل حاسد منهنجا پيا کهن نٿا سهن
ور پنهنجو مان ڪين ڇڏيندس ڙي اديون

1 ڏير حاسد نه هجن ته سچي ڪيئن سڏجان، اوچاڪ فراق پون نيڻ وهن
دل دلبر سان گڏيندس ڙي اديون

2 انگ ٻاروچل سان لکيم ازل جو اديون، او نازپرين جا نهن روز لهن
چمي مان ته سرتي جهليندس ڙي اديون

3 دور دنيا جا باغ بهشتن جا اديون، پنهل ٻاجهون ٻن پون ڏکڙا ڪنيم
پرين مان ته پاند ۾ پائيندس ڙي اديون

4 قدم مبارڪ وو اڱڻ رکيل جي اچي او قول اهو شل ڪهن رات رهن
ويهي مان ته حال ونڊيندس ڙي اديون

سرپيروي كافي417

تل هي ڪيئن ناڪميني قربان ٿي، سو تہ لڳين صدقي الله
1 ميران پور جي ماڳ تي گھوري هيءَ گھرجي الله
2 سڄڻ چي لوري هڪ جي سک نا اهو سلجي الله
3 سون ڪوهن سو پرين اتي دل تہ نيئي گڏجي الله
4 اصل عبدالستار جو "رکيل" سگ سندس سڏجي الله

سرپيروي كافي418

تل منهنجا مارو ملڪ ملير ۾ سک سي وسن سهنجا الله
1 ڪڏهن چئي ملنديس ڪڙم سان مٽ تہ اٿم پنهنجا الله
2 سنگت مئي سان سور ٿيا لوچيم نالهندا الله
3 ناڪس کي تہ نصيب ٿئي رات اچي رهندا الله
4 "رکيل" اعليٰ عشق آهہ بيا پنڌ پڇين ڪنهنجا الله

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي   ڪافي419

تل   خبر خاصي هيءَ تنهن ڪون عاشقن ڪون ڪو پڇي
جهوري جهجهڻ تنهن جوش ۾ لونءَ لونءَ اندر چاتي لڇي

1   اهڙي عشق جي آويڙ ۾ ڪو سر ڏئي سورهه اچي
پيريمغان جي پيش تي آٽي اڏي تي سرڪسي

2   هن جسم کي ڪوڙو ڪري پاڻ پنهنجي ۾ پچي
مام موتو جي پڙهي موت جو ذائقو چکي

3   وهم خطرا سڀ ڇني پنهنجي حال هيٺي کي ڏسي
حق جو طالب تڏهين ٿئي وڃي راهه ۾ اهو رسي

4   صبر جي شمشير سان ڪو نفس قاتل کي ڪهي
ٻوڙو تي ”رڪيل“ ٻيائي نه ٻڌ ڪجهه ڪين ڪي ڪنهن سان ڪچي

سرپيروي   ڪافي420

تل   رندي باب پڙهجي تڏهن سالڪ تي سڏجي
صفائي سچائي ڪيڏي غير تڙجي

1   عشق جي عنايت حقيقي هدايت ڪشفون ڪرامت
ڪشفون ڪرامت جسم ذات گڏجي

2   جي صوفي سڏائين رک تان صفائي سر جو سچاپڻ اتي دل سان سچائي
نه ڪر خيال ٻيائي وجهي قلب ڪڙهجي

3   دروني ۾ جهاتي ٻاهر نه نهارج سچو قول اهو پنهنجو پاڻ پاڙج
اتئي دوست دل ۾ نه ڪنهن پار لڙجي

4   ”رڪيل“ نينهن لاتو اندر ۾ اوراتو پڪو پيچ پاتو
پڪو پيچ پاتو جند جان جڙجي

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي421

تل ڪشف ڪرامت اها تي مفت ملامت
نيت ٻڌي ڪرتون عشق کي امام

1 نفس جو سجدو اها تي اجائي آري، عقل جي اتڪل ڪوڙي باري
سر تہ فدا ڪر تي ڪسي قربان

2 ڪڏهن قضا نہ ٿئي عشق جي نماز عبادت واند نہ ڪائي وسري نہ وحدت
دفتر درد وندن جو لکيو ديوان

3 جسو ڪر جامي محراب مونا ڪيمر ڪعبو دل کي ٻيا ڇڏيمر نمونا
هر طرحين هڪ آ ڏنمر ورائي سلام

4 احد تي هت احمد آيو برقعو پائي تو عربي سڏايو
شاهد جاڻ رکيل اهو سچو فرقان

سرپيروي ڪافي422

تل تنهنجي صورت جو چا بيان ڪيان تنهنجا هر مظهر منجهہ ناز نوان

1 تنهنجي تاب حسن جي بازي آ اها هل چل بازر تازي آه
ڪٿي ماتمر آه ڪٿي شادي آه توکي سارو سر سبحان چوان

2 ونحن اقرب ناهہ پري آيو ذات صفات ۾ ويس ڪري
ڏسن فڪر وارا توکي ڏيان ڏري اهي رهبر ٿيا وڃي راهہ روان

3 ڪنهن کي لاهوت لامڪان ڏسي اوتون هر طرحين توپاڻ وسين
ڪٿي پارس تي خوش بوءِ گسين توکي عاشق تي معشوق چوان

4 آيو بار بره سر باري آهہ، عشق آگ اندر منجهہ ٻاري آهہ
”رکيل“ سڪندي عمر گذاري آهہ، اچي سهجون ٿئڙمر سور سوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي ڪافي423

ٿل هڪ نانءُ تنهنجو اٿم ياد اڃان تنهنجي آشنائي تئون قربان وڃان
1 اچي عشق سچي اظهار ڪيم تنهنجي ناتي نينهن نروار ڪيم
تو سهڻل ڪان سينگار ڪيم آيم بار بره جو تمام ميان
2 اهڙي سڪ سچي سامان ٻڌا هڪ دم نہ هجان توکئون يار جدا
منهنجا هڏ قبر ۾ پيا ياد ڪندا ڪيم درد فراق تنهنجي فڪر فنا
3 توسان حجت حاجت ٻيو ڪير ڪري ڪهڙي طاقت ڪنهن کي ڪو هام پري
لکيو لوح قلم کون سوکين ٿري ڪهڙي تعريف ڪيان تنهنجي صفت ثنا
4 اهڙي روز رکيل کي رمز لڳي الست ازل کون مان ٻول ٻڌي
آهيان کوٽي کري تو يار سندي شل پيرو پرين ڏنھ ڪين پڇان

سرپيروي ڪافي424

ٿل تنهنجي ساز خوش آوازتون، مجنون ڪيئي مست ٿيا
جند جان سر صدقو سسي، سي ڪيئن نہ ڪاريھر ڪندا
1 منڍ محبت جو لڳڻ تن کي وکوڙي زهر وين
سڏ تڏهن ساري پيين حق جي ولايت ۾ ويا
2 واسينگ وانگي ور وجهن وجهي پيچ قابو ڪين ڇڏن
دلدار سان نيئي دل گڏن تنهن ٻول ۾ ڀڄڻ ٻڌا
3 عشق جو آواز اعليٰ، آيو عاشقن تي بره بالا
ڪري عبدبالان جوش جهالان مسرورتي سي مرڪندا
4 حاجت فقر جي حال جي نہ طلب خواهش وسال جي
مستي خدا جي خيال جي فنافي الله ٿيڙا فدا.
5 جوڳي جڳت ۾ پيا پڇن سر ڏنو سارو سچن
تنهن رمز ۾ رکيل رچن دم يار کون ناهن جدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپيروي كافي425

تل انهيءَ سوز ۾ جيڪي سڙيا تن عشق سان انجام ڪيا
نينهن جو نعرو هڻي لئالوڪ جا لاهيون ويا
1 دفتر درد جي ديوان ۾ داخل وجي هو درج ٿيا
شوق جو شربت چکي مستي انهي ۾ محو ٿيا
2 علم لدني عشق جو باطون ۾ في الحال ها
قرآن تن جي قلب ۾ هو پڙهي حافظ هيا
3 الست کون آواز ٿيو رمز وارن تي روا
جا قلم تقدير جي راضي انهي تي هو رهيا
4 سڄڻ رکيل هي سمجهه تون صاف ٿيا صوفي سچا
غير جا پردا چني هو وجي حق سان رليا

سرپيروي كافي426

تل تاب عقل دا گذرگيوسي جان جسم سارا جان جسم سارا وچ عشق رهيوسي
1 مئين ڪون ڪمين نه ماريا انهي مئين تہ رلايا جڳ ساري ڪون عقل پلايا
لکيا لوح قلم تي لکيا لوح قلم تي اهو امر ٿيوسي
2 ظاهر باطن ٿيم صفائي فثم وجهہ الله ڏنم جانب جائي
هر صورت وچ هر صورت وچ نظر آيوسي
3 ڳل وچ پاتم خرقہ خاڪي درد پرايم دستون ساقي
جام وحدت دا جام وحدت دا پر تہ پيتوسي
4 سمجهہ رکيل سڄڻ هڪ دي حڪايت، ٿي ناغافل هڪ دم ناساعت
عشق ماهي دا، عشق موليٰ دا، پلئي تہ پليوسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُربردو   ڪافي427

ٿل عاشقن الله جي هر وقت ۾ آ حاضري
اهي راهه ۾ گم راهه ٿيا، جئري ويا جيڪي مري
1 ترڪ تي سائين ترڪ ڪر، لعنت نه رحمت فرق ڪر
گلا صفت ڏي گوش نا، جن سوز جي سرڪي پري
2 سالڪن هي سڌ لڌي، علم اون عرفان جي
آهن قلندر روز شب، قرب آين قادري
3 دست ڏوئي دارين مون، طالب موليٰ ٿيا تهدليٰ
هِن هُن پنهين کون هو ويا، اهو عشق آين اڪبري
4 صادقن سمجهي ڏنو، سر سارو اسرار ۾
آهي ”رکيل“ هو پاڻ ميان، باطون مون ڏس ظاهري

سُربردو   ڪافي428

ٿل عشق جي آڙاهه ۾ پوڻ برهه جي انهين باهه ۾، لائقن لاچار هو
ڪڏي ڪٽاهي منجهه پيا، ڏيئي ٽبي ٿيا پار هو
1 عام چون ٿا ائين هي وجي سائين غار ٿيو
هي هي ڪيون هو ٿا چون هن ڪارکون بيڪار ٿيو
2 منهن ويڙهي پئو مونجهه ۾، ڪر غم سيراندي ٻار هو
ٻي نه ٻولي ڪا ٻڌن، ماسو الله پار هو
3 ٻي سري انهي بحر جو، ڏور کون ڏهڪار هو
سوجهو جنهين سيئي گهريا، سالڪن سينگار هو
4 جيڪي نينهن کون ٻي ٿيا، تن ڪين ڪي اعتبار هو
هو حرص دنيا جي هنيا، هي تنهين اطوار هو
5 آيو ”رکيل“ تي اوچتي، ٻي خودي جو ٻار هو
قطري منجهون ڪلال ٿيو، منجهه ڪيف جي قرار هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُربردو   ڪافي429

ٿل عشق عجب اسرار ڏنم سوئي سخن سچار ڏنم
رهبر راهه رباني دا، مرشد عبدالستار ڏنم
1 طالب ڪون تلقين ڪريندا، مطلب تي مقصود ڏسيندا
لفظ اهو لاثاني دا، وچ سيني دي انوار ڏنم
2 نظر جنهين دي هي ڪيميان ثابت، ڪيا ڪريندي شيخ مشائخ
جلوا ٿيا ميڏي جاني دا، نيلي اتي هسوار ڏنم
3 باطن ٿي تي اظهار هلاون، لدني علم لطيفي آ ون
مستي خيال مدامي دا، سر سيد تي سينگار ڏنم
4 رهبر ٿيم سائين راهه رفيقي، خضر پڙهايم خيال حقيقي
”رڪيل“ راز نهاني دا، ڳئي غفلت تي هوشيار ڏنم

سُربردو   ڪافي430

ٿل طالبن توحيد جو، صادقن سمجهيو قصو
نصيب وارا پيانون خود ميرانپور هت ڏسو
1 صاحب عبدالستار آ، ناهين وٽي هڪ وار آ
مطلوب طالب حقُ چيو، ويو تنهن کون وسوسو
2 ڪوڙ دنيان ڊوهه ڊپ، صوفِن وٽون سارو ويو
ڏوئي ورق وجود جو، سائين حلق وارو هي حصو
3 شيخ ٿي، مشائخي، فنا منجهون بقا ڏسو
چوڏهن طبق وجود ۾، پوءِ وڃي پرکي پسو
4 عشق جي معنيٰ اها، غم فائقي سان فائدو
جن ڀڏو سندرو سچو، سائين ”رڪيل“ وڃي سور سيو

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سُربردو   ڪافي431

تل رندي چال عجائب رهندي، ڪوڙ ڪڏاهين اِونا ڪهندي
وِهواِهي وت واعظ تنهاندا،عاشق خوب اليندي

1 ثي پسارِي بهندي مجلس، اووت هٿ هليندي
طالب نون چا رمز وڪاون، ڦوڪ آڙاهہ ٻليندي

2 قلزم دي وچ مارن غوطا، صوفي سارا سير ڪريندي
واقف ٿي اسرار ڪنون، وچ جهولي عشق جهليندي

3 چپ بيهودي گفتار ڪنون، او پهلا سخن پليندي
مسرور هئي وچ مستي دي، جوش خموش جليندي

4 هر جاءِ هادي حق سنجاڻن، سجدا صحي ڪريندي
ڪعبہ قبلا دل دي اندر، ٻڌ احرام سلام وليندي

5 ”رکيل“ رمز ڏنو ني ساري، دم اناالحق مريندي
عشق بنان بياڪون الاوي، هرجاءِ حڪم هليندي

سُربردو   ڪافي432

تل آيو منهنجي عشق اڳڻ، اچي عزم حڪم زور ڪيو
هوش عقل جو اختيار ويو

1 هڪ تہ الف سهي پڙهيم، جيءَ پنهنجي سان جڙيم
غير وجودون تڙيم، پيچ پرينءَ سان پيو

2 چنڊ جهولي منجهہ جهليم، چشم نابينان کليم
رمز ماهي جي رليم، يار ڪيم هڪ تہ ميو

3 پيون تہ پچاران پون، ڪي وري ڪيئن پياچون
پني تتيءَ جي سوپياڏون، ڪنهن جو ورتم ڪين چيو

4 سو تہ سهاپا سهان، روز اچن نت پيا نوان
ڳڻ تہ ”رکيل“ صحت چوان حسن تنهنجي هي هوش هنيو

سُربردو ڪافي433

تل شرع وارن شرڪ جاتو، هي خودي آ خام جي
منصور اناالحق چيو، منجهہ معرفت جي مام جي

1 هوتا چون حلاج آ، نابين تيا نادان جي
هي تيو رضا راضي مٿون، سر ڏيئي سبحان جي

2 مرتبو هي تيس مٿي، شوق اعليٰ شان جي
سڌ تنهن کي سي تا جاڻن، عشق جي امام جي

3 نوش وحدت جام جنهن ڪيو، مست تيو مدام جي
سولي مٿون هسوار تيو، انهين درد واري دام جي

4 اڄ توٽي آهي اڄا، سڌ تنهين سلطان جي
عاشق ولايت تا لهن، لائق وڃي لامڪان جي
واهہ ”رڪيل“ هي رمز ڏس، محبت موليٰ ميدان جي
سي لڙهيا هن لهر ۾ نيشان تيا تو نام جي

سُربردو ڪافي434

تل عشق وارن جي اندر ۾، درد جو هي شور آ
سالڪن سمجهي ڏنو، ذاتي ظهورو زور آ

1 هن لهر ۾ جيڪي لڙهيا، سي نہ مطلب کو ن مڙيا
داخل تيا ديدار جي سوچوي ڪيئن چور آ

2 پائي ڏنائون جسم جهاتي، درد وارن دل سجاتي
محبت منجهون سي مست تيا، جيئن چنڊ تي چڪور آ

3 عام کون آجا تيا، خاص خودسي اولياءَ
ڏس شوق وارن جي شڪل، جيئن مرد صورت مور آ

4 نينهن آين منجهہ نظر، سڻ ”رڪيل“ اي باخبر
عشق بانجهون آ انڌارو، نابين سوئي ڪور آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُربردو ڪافي435

تل دست ڏيئي ساقي پياريو، شوق جي پيالو شراب
سر ڏيئي سجدي سچي ۾، بحر ۾ پئو بي حجاب
1 جي رڪعتان رمز جون، تو پڙهائي برهه باب
دم دم سان دلبر ڏسان، مان چا ڪندس بيو ڪو ثواب
2 جي مرد ٿئين ميدان ۾، وردون وظائف سڀ وڃاءِ
رسم رندي سک سچائي، نينهن ڏس کولي نقاب
3 منهن پرين محراب مونا، جسم جامي لا جواب
درد جو دفتر اندر ۾، ڪشف جو قاري ڪتاب
4 علم لدني عشق آيو، وسري ويو روزو نماز
ناهي واندو وحدت دم وسارو، هوت سان ڪهڙو حساب
5 چئو "رڪيل" هو ڪير آ، تنهنجي ويساهه ۾ ڪو ڦير آ
چوي چوائي پاڻ تو، سمجهي سچاڻي ٿيءُ شتاب

سُربردو ڪافي436

تل رمز رندي ڪار مردان، ڪيئن وڃي ڪنهن کون سکن
مطلب ڏسي مطلوب کون، پيريمغان کون تا پڇن
1 اهڙي درد جي دوفان ۾، جيئن نوح واري طوفان ۾
سر ڏيئي ميدان ۾، لونَ لونَ اندر ٿالوري لچن
2 جن سنجاتو ذات آ، سر سارو صفات آ
حيرت اها هيمات آ، هيون طبل شاهي تکن
3 جن سنجاتو پاڻ کي، انهي علم لدني جاڻ کي
ڪُلي عقل واري ماڻ کي، بڌ پاڻ تون بيو ڪنهن سان ڪچن
4 اهو رنگ ڏس تون لعل آن، وهوا "رڪيل" تون نهال آن
سچي فقر جو حال آن، اهڙي رسم رندي ۾ رچن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُربردو ڪافي437

تل بيخود هويم يارو، پوندي خبر نہ ڪائي
حضرت عشق حقيقي، ازلي آتش لائي

1 ڪيڏي ڪعبہ ڪيڏي تڪيا، عشق تڪاٽا جنت البقيا
دلبر دم نہ وسارو، رهندي صاف صفائي

2 بار برهہ دا، مارن ظاهر غوطا، لهر انهين وچ لڙهدي، عاشق ٻڏدي چاطا
ٿيوڻ پار پسارو ويندي لوڪ لڪائي

3 الٽا بحر برهہ دا، عاشق ترن اوياري، مارن ڏڙيان دلبر، ڏيندا عشق اُلاري
مارن نينهن نغارو، ڏيندا لوڪ واڏائي

4 انهي تہ اڏي تي آون، عاشق ڪسديني ڪيئي
سي سي ڳالهيان سجڻ ديان، سالڪ سمجهن سيئي
"رکيل" ويک نظارو اوندا ويس مٽائي

سُربردو ڪافي438

تل هت هُتي هڪ يار جاني، ڏس عشق ۾ پائي ليو

1 وهم خطرا جن وڃيا، تن هت هميشہ حج ڪيو
اڻ سونهن جي آ اڳيون، اچي سونهون سيد ٿيو

2 زهد مون ذاڪر وڃي، عبدڪون اعليٰ ٿيو
جن سنڃاتو پاڻ ۾، دوجڳ وڃي جانب جيو

3 ڪيئن صفت ڪيان عشق جي، ساري ملڪ جي مس ناپڄي
لک لفظ لکي هڪڙو ڏسان، هر دي اندر ٻاري ڏيو

4 روزون ازل جي "رکيل" وڃي پيچري پر جي پيو
شهدون شڪر شراب آ، ثابت وڃي سرڪي پيو

سُربردو ڪافي439

ٿل انهي عشق ازلي جي عاشق ڪيئي درد محبت جي ڦٽيا
1 سر ڏي تہ ساجن سو ملئي، توڙي دئي وارا ڏنڏا
لشڪر عقل ڪيڏا ڪنڪ، هڪ خيال حيرت جي هٽيا
2 ڪي جهنگل ٻليا گمراهہ ٿيا، ڪي گوشي ويٺا گذران ۾
ڪي مسجد ۾ وڃي مسلا پڙهن، ڪي سوز سانول جي سٽيا
3 هڪڙا ورهہ ويران ڪيا، ٻيا ٽا اچن سولي سنوان
شمس الله جهڙا شاهد سوين، آهن اڃان ناهن گهٽيا
4 ڪڏهن هستي اچي همراهہ ٿي، ڪڏهن مستي خدا جي خيال جي
رمزان ”رڪيل“ جن سان لڳيون، ميدان ۾ سي نامٽيا

سُربردو ڪافي440

ٿل اکيان ريءَ ڪجل ديان ڪاليان، ول مارن دوست دوناليان
1 ڪر جلوا آون جنگي، وڃ ٻيوس دلڙي ونگي
جابر دست زوراور زنگي، ول ڏيوي برهہ بنواليان
2 چڙهہ اکيان ڪرن نظارا، جيوين سيف ڪري سٽڪارا
ول بخت ڏيوي شل وارا، لڳن رمزان رانول واليان
3 در عشق حقيقي ڳئي آن، پڙ آفت دي وڃي پئي آن
ڳل لاون سينگيان سئيان، ڏيون طعني جيڏيون سياليان
4 پنهل ڪيتي ڪيچ تياري، دل هجر وڇوڙي ماري
”رڪيل“ رب ڪريم ستاري، تيون خُوب خوشيان خوشحاليان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُربردو   ڪافي441

تل منهنجو پير اچي هڪ واري، لک وار سدا دل ساري
1 دلبر درد تنهنجو دل جاني، هنئڙي منهنجي کي هي حيراني
اگھ آءِ وجي ويراني، ڏاتر شال ڏيکاري
2 سچيون سرتيون سچي ڪمائي، خوش وسي تي هت هر ڪائي
مان وچائي عمر اجائي، شال ٻڌي کي تاري
3 جيڪو بحر عميق انهي منجھ آوي، سو سو غوطا لک لک کاوي
منجھ عروج نزول سماوي، لذت عشق اجاري
4 ”رکيل“ حال سٽيو هڪ واري، جان جسي کان ويم قراري
ڦٽي دلڙي اها آزاري، ڪيئن ور ته وساري

سُربردو   ڪافي442

تل ڏيک رووان اپٽي ڏکڙي، ظالم عشق پيم آ پکڙي
1 دستون جام پيتم مئخاني، ڏيون طعني ماٺهون بيگاني
ڪيئي چاٽن مرد تراني، آيا جانب ڪاتي ڏکڙي
2 دل درد ڪيتي توائي، ڪم وسر يا فڪر دنيائي
سهٽي سانول دي آشنائي، خضر يار وکايا مکڙي
3 مين ستي عمر گذاري، سو فرياد ڪرن لک واري
مت خويش تئي بيزاري، ايوين ويڻ ڏيون چا رکڙي
4 تيڏي برهه ڪيتي بيراڳي، روح ”رکيل“ داهويا راڳي
فيض شهر فتح پور ساڳي، لڳا سانوڻ هويا سکڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُربردو   ڪافي443

ٿل هي لڳي رمز اساڏي دل نال وو، ڏيندا وت عشق اوڳاهي

1 تخت هزاري دا، اٿ ڪيوين آيا وو
منجهيان داتيا مهوال، خلق عجب وچ آهي

2 رنگ پور دي وچ وو، رانجهن مليا وو
چوڙيم جهنگ تي سيال، تيڏي ڪيتي ميڏا ماهي

3 لج تہ شرم ديان ڳالهين، ستر وڃايم وو
وچ ڦاٿم تہ هڪ خيال، ساعت نهين ول ساهي

4 ڪون ”رڪيل“ تان وو، ڪون اليندا وو
معنيٰ مشڪل هي مثال، عاشق دي آشنائي

سُربردو   ڪافي444

ٿل ٻئا ڪون پڇي ڏوهہ ثواب، تيڏن ٻاجهون ميڏا وو جاني

1 نال سبب دي وو، رخ رانجهن ڏنم
رات لڌم تان هڪ خواب، دلڙي ٿئي ديواني

2 منڪر نڪير وو ڪيا وت پڇسن وو
عشق تيڏي ڪيتم ڪباب، وچ وحدت وحداني

3 عين هدايت وو، شاهد مستي وو
لائق نهين پڇڻ جواب سر ڪيتم قرباني

4 سر تہ ”رڪيل“ دي وو، باهہ برهہ دي وو
محب مليم مهتاب ڪوئي نهين تيڏا ثاني

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سُربردو ڪافي445

تل دل منهنجي دلبر لٽي، ويو ڪيئن زوري
سو لڳين هي صدقي، سر سانول تون گهوري
1 ڪيئن تہ مني هي ماٺ ڪري، آگ اندر ۾ تي ٻري
دم سانول ريءَ ناسري، ٻڌم ڏکن جي ڏوري
2 درد مني هي حيراني، ڪيس فراقن فاني
ڪڏهن ايندم دل جاني، لون تہ لڳم تنهنجي لوري
3 پکي پيس هادي حق جي، سال ٿيم ڪيئي سڪندي
لڄ تہ شرم کون لڪندي، جهجهڙ اندر جي جهوري
4 هلان حسن ڪئي تابش، عشق تنهنجي جي آتش
"رڪيل" ڪري ڪيئن هي بس چتر ڏيئي تو دل چوري

سُربردو ڪافي446

تل ڪاڪيون ڪوهيارو، ڀڄڻ ٻاروچو، محب منو اٿم مهتاب
1 جيئن ستارا، چوڏاريون چنڊ کي، ائين عاشق هن بي حجاب
2 ونحن اقرب ويجهو آهي، شوق ڏيکاريو شتاب
3 چنڊ سج کون سدا پرين سهڻو، تنهن کون تکو آتن تاب
4 پرين "رڪيل" تو پاڻ سڃاتو ناهي ڏوهہ ثواب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُربردو ڪافي447

تل عمر گذاريم سڪندي، ڪڏهن پرين مون وٽ ايندا يار ايندا

1 چت تہ چنوڙي منهنجا پلو پراٽا، ڪيئن تہ ڪيان مان محب سان ماٽا

ڏاڻ ڏکي کي ڏيندا يار ڏيندا

2 عشق تنهنجي اچي ڪيم اليلان، موج مستي جي ڪري تن ۾ طفيلان

سور اچن تا سڏيندا يار سڏيندا

3 آهيان تہ ڏهاڳڻ اصلون ڏاري، وس بيوس هان مان عاجز ويچاري

هن چوري کي نا چڏيندا يار چڏيندا

4 سهاڳ "رڪيل" کي آسرتيون سيباٽو، روز ازل کون آ اصلون پراٽو

هن گهوريل کي نيئي گڏيندا يار گڏيندا

سُربردو ڪافي448

تل شل نہ ملان سڪ ۾ هجان، برهہ لڳو اٿم تنهنجو باري يا باري

1 بار برهہ جو منهنجي سر تي سدائي

رات ڏينهان هڪ دم واند نہ ڪائي

وس نہ پنهنجي هي ويچاري يار ويچاري

2 ڪرمن منهنجن هت ڪجهہ نہ ڪمايو

ساٿ سورن جو مون وڪر وهايو

حاجت نا منهنجي زاري يار زاري

3 ساز آواز رڳ رڳ منجهہ تنواران

جان جسم دل ڪن هُو جو پچاران

سر سالڪ جي تہ سچاري يار سچاري

4 ناز پرين جي وڏو نينهن نهوڙي

غير اندر جو ڪديو عشق اکيڙي

رمز "رڪيل" عجب ڏيکاري يار ڏيکاري

سُربردو ڪافي449

ٿل هوت ڏي هلڻ جي ڪيم، اڳيون ڏکيون ڏونگر جون اٿم چاڙهيون يار چاڙهيون

1 لڪ تہ جبل جا ڏکي واٽ اٽائي، پير پٿون ٿيم دل درد دکائي
سور وچن ٽا مونکي ساڙيون يار ساڙيون

2 رات انڌاري ڪيان ريهان روئي، سڪ تہ سجڻ جي مونکي خوف نہ ڪوئي
باري عشق ڏنم تہ اماڙيون يار اماڙيون

3 چوٽ چڙهي مان ڪندس پڪاران، شل تہ ٻڌي منهنجون پنهل تنواران
روز ڪيان ٿي هٿ راڙيون يار راڙيون

4 ٻي نہ ڪنهن سان ڪيان ڳجهہ جون ڳالهيون
سڏو "رکيل" جون هڪ يار سنڀاليون
اڄ تہ ڏکيندم اگهاڙيون يار اگهاڙيون

سُربردو ڪافي450

ٿل سانہ ستي ڪان طبيبن ڪيم، درد منهنجي جي دوائي دوائي

1 رنج محنت جو وڌو، جيئن تہ نشاني دق جي
ڏاءُ انهي منجهہ ڏچندا، جاءِ لڏائون جهڪ جي
دم نہ هٽن سي هوائي هوائي

2 ڪيم فڪر ائين فاني، پاڻ نہ پايان پنهنجو
ويم وڪوڙي ڏکڙا، دم نہ سمهان ڪو سهنجو
تنهنجي تاب ڪيم چہ توائي توائي

3 حال جو واقف منهنجو، ويم وچوڙو وجهي
ڪين ٻڌايان ڪنهن کي، سجڻ جي ڳجهي
تنهنجي برهہ ڪيم چہ بهائي بهائي

4 جي پاڻ پساري ٿيئن هٿ کول تہ اڇي هر ڪا
سين مرضن جي دوا، دل تنهنجي منجهہ درڪا
توڙ "رکيل" تو رهائي رهائي

سُربردو ڪافي451

ٿل نازپرين جي نينهن جون، مٿون آيم ڇه ميارا ميارن

1 لوڪ سڄي جا طعنا، سهٽل آيم سر تي
صبر بنان ڙي سرتيون، ڪنهنجي نـ وڃان مان درتي
توڙ ڪندس نيئي تنواران تنواران

2 پير پرينءَ جي پڙ ۾، ڪيئن تـ وڃي تو پاتو
ڪٺڻ ملامت خواري، عشق وارن سچ ڄاتو
پري پين وڃي پچاران پچاران

3 سور تـ سختيون ڙي اديون، ڏاج ڏکن جو ڪنيم
ننڊ نيٽڻ ڪون وئي، پور پنهل جو پيم
ڪيئن تـ ڇه ورکي وساريان وساريان

4 لک شڪرانا ڪندس، اگڻ منهنجي تي ايندو
شل ڪو دلاسو دل کي، هن تـ ڏکي کي ڏيندو
تون موڙ "رکيل" ڏي مهاران مهاران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُربردو   ڪافي452

ٿل   ڪيو نينهن نشي آ چالاڪ مونکي
ڏينهن رات تنهنجو هي فراق مونکي

1 بوف غاليون سمهان نہ اٿم ننڊ سڪي
تنهنجي تانگھہ لڳيم ڪيو اٿم درد دکي
خوش لوڪ وسي مان جهڙي ڪان ڏکي
تنهنجي سورن ڪيو بيچاڪ مونکي

2 ڳاري ڳٽتي فڪر پئمال ڪيم
پڇي ڪوڙ عقل جو حجاب ويم
سڙي غير ويو سچ صاف ٿيم
مانجهي عشق ڪيو آ پاڪ مونکي

3 نہ اميد پايان نہ وصال وٽي
جيڪا رب جي رضا منهنجي باب بٽي
ائين ڳجھہ ۾ ڏنم اها ڳالھہ ڳٽي
تنهنجي محبت ڪيو مشتاق مونکي

4 ڏسان جلوو حسن جو جوڙن ٿا
اهي ناز پرينءَ جا نهوڙن ٿا
او تون سمجھہ ”رڪيل“ منهن موڙن ٿا
محب مان سڏن عشاق مونکي

سُربردو   ڪافي 453

تل هي مونکي شوق مولا جي تہ فقير ڪيو
سک سوز ڏکن زور ظهير ڪيو

1 لوڪ سچي جا طعنا، ڪن ٻوڙا ڪين ٻُڌن
ڪنيم ميارن مٿون، حال منهنجي تي هجن
لکيو لوح قلم جي تقدير ڪيو

2 وسري ويم سڀ ڳالهيون، هڪ تانگهہ مولا جي لڳم
دل تہ سڄاتو دلبر، پل دئي جي پڳم
لڳو درد سڄڻ جي دلگير ڪيو

3 عشق ملامت مٿون، غم جو بار سهڻ
غير پليتي پري، دل ۾ دوست لهڻ
توبہ تن کي ڏيئي ٻي تہ نظير ڪيو

4 "شاهہ رکيل" جون رمزان، ڪڏهن ڪڏهن تيون ساڻن
قول الستي اهو، پرين مون سان تا پاڻن
رخ روشن تنهنجي بدر منير ڪيو

سُربردو   ڪافي 454

تل احد تي هت احمد آيو اولو رکي انسان تي
وچون ميم رکي تاپيائي جاڻن، اهو سر سچو سبحان تي

1 ڪفر وارن ڪين سڃاتو، هيا اهي حيوان تي
ڪري ظهورو ظاهر آيو، سچن جو تہ زمان تي

2 بشري برقعو پهري آيو، نسب اعليٰ شان تي
ختم نبين جو عربي آيو، سر اهو سلطان تي

3 صفان ٻڌي ڪيو سچن سجدو، ٻڌ بيرنگ جو تہ بيان تي
فيض ورتو فقراون ونديءَ، آيو عاشقن جو تہ امام تي

4 نہ آدم حوا نوح نبي، نہ موسيٰ بن عمران تي
بحر انهي ۾ در ڏنوسي، رکيل سو رحمان تي

سُربردو ڪافي455

تل گوناگون ويکيجي، بيرنگ رنگ ماهي دا
سرڪي سوز پويجي، رخ هي راز تنهين دا
1 هر هردي وچ آپ سمائي، نال عجب دي سير وکائي
ذات صفات سڏيجي، شملا شوق شاهي دا
2 لدني علم لطيفي، عشق ڪريندا عنايت
هڪ ٿيوڻ پيچ پاوڻ، اسم جسم دي حڪايت
هرجاءِ هوت ڏيکيجي، پلاڪي ڪون ڪنهين دا
3 عشق بنان سڄو لوڪو، جيوڻ ڪوڙ حياتي
خبر تنهين ڪون هئي ساري، جي وت پئيندي جهاتي
سوئي سبق سکيجي، ٿيسئي صاف عقيدا
4 روز "رکيل" ديان دلبر، دلڙي ڪريندي پڪاران
ڪي وت سمجهن هڪ هي ڪي وت ڪريندي ميا ران
چپدا نهين تہ چپيجي، صوفي صاف سهي دا

سُربردو ڪافي456

تل ملامت مرڪ مردن جي، اصل آ عشق بدنامي
نہ ترسن خلق جي رسوا، بحر بازار قرباني
1 سهن طعنا گلا خواري، تنهين ڪيو عشق اختياري
سچي هڪ يار سان ياري، لتي دلڙي ويم جاني
2 سنڃاڻن نفس جي شامت، نہ اتن صحت نہ ڪا فرحت
جهڙي رحمت تهڙي لعنت، سوري اتن سيج سبحاني
3 ڏين سر دام ۾ دستي، چني قاهي چڙن هستي
هميشان يار جي مستي، دلي ديدار همداني
4 گهي آبي گهي خاڪي، گهي تن سير افلاڪي
رهن فنافي الله باقي، ڪئي دل درد ديواني
5 "رکيل" ناراز ڪن ظاهر، وني وحدت ٿيا ماهر
ازل جو عشق ٿيو رهبر، ربوبي راز رحماني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُربردو ڪافي 457

ٿل جمله جهان ڏٺم؛ پلئي وت ڪجهه ناپيم
روڙو ڪران مين هڻ زاري

1 رلدي يُلدي راهه حقيقي ڏٺم، پيريمغان دي دستون نال خنجر دي ڪنم
جند نه ڪيتم اها پياري

2 تاب حسن دا مشڪل، وچ پاتالون پسدي
عشق اڏي دي اُتي، ڪئي پئي قليلون ڪُسدي
دست سجڻ دي ڪٽاري

3 رنگ پرئي داجلوا، هر هر دي وچ هوندا
ڪن فيڪون ڪنون، جتان ڪتان پيا سهندا
عجب تيڏي هي ستاري

4 روڙ تڏان سڪيم، جڏان رمز لڳيم تيڏي رخ دي
باهه برهه دي "رڪيل" درد وچون پئي دکدي
دم دم نال هشياري

سُربردو ڪافي 458

ٿل منهنجو انگ ٻاروچل توسان، لوح قلم ڪون لکيو هو
1 وات اٽائي واقف ناهيان، ڏونگر ڏيهه ڏکيو هو
2 ڪيئن ته ڪميني، ڪيچ ماٽيندي، قسمت قيد چڪيو هو
3 حرف حقيقي حق سڄاتم، سورن سان مان سکيو هو
4 هي سر سارو، "رڪيل" جو ملهه خريد وڪيو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُربردو ڪافي459

تل ڏونگر ڏي ڪو ڏس الا، مونکي جانب واري آ جاءِ جتي
1 ڏس پڇو اٿم وات اٿائي، هلڻ هيڪل نتم ڪو سورن پائي
راهہ ڏکئي منجهہ رس الا، هن چڪڻ چاڙهي ڪون، ڏي مدد متي
2 ووڙي لهندس ور تہ وندر ۾، ڳولج ٿولج پنهنجي اندر ۾
ڪڏهن لتم هي ڪس الا، ڪنيم سورن جو سر بار ستي
3 لعل لڙات ۾ لهندس لوچي پول پڳم، هي سجاتم سوچي
پرجهي پاڻ ۾ پسُ الا، لائي رمز رندي، آيم ڳالهہ رتي
4 ڏنم سمجهي سر سجاتم، ڪنيم اکين تي دل سان جاتم
ناهي تہ ”رکيل“ جو وس الا، ائين لوح لکيو جي، ڪجهہ قلم ڪتي

سُربردو ڪافي460

تل لون لون منجهہ تان لڳيم، باهہ برهہ جي پلو
عشق آيم سر تي زوري، برهہ آيم سر تي زوي
1 لاهي سجاتم سر جو سانگو وو
مون نہ تہ سمجهيوڙي اديون، عشق اڙانگو وو
گهور ڪندس هي سر گهوري
2 وس بيوس تہ ڪيم، سورن سنيالان وو
هوت پنهل ڪاڻ اديون، ڪندس ڪشالا وو
جيءَ اندر منجهہ اٿم جهوري
3 ڳالهہ ڳجهي ڪيئن تہ ڪيان، ناهي چوڻ جي وو
پورهت کي آهي نيت، پيش پوڻ جي وو
چپر چڏيندا ڪيئن هي چوري
4 درد فراق فڪر ”رکيل“ ڏکن سان ڏنو
مڪڻ ماکي ڪون سرتيون، من ۾ محب منو
چاڪ پون تا مونکي چوري

سُربردو ڪافي461

تل عشق جي آزار ۾، جي مرد ٿئين وچ هيئن مري
ڪربلا ميدان ۾، نيزي مٿون چاڙهي سري

1 جي نينهن جو نالو ٻُڌهين، وچ سوز ۾ سارو سڙي
پرزا ڪيون هيئن پاڻ کي، وچ شوق ۾ سارو ٻري

2 منصور جي مطلب لڌو، سر مٿي سوريءَ ڏيئي
تڏهن سڏجي تو سچو، سر عارفن جو اڪبري

3 علي جي اولاد سان. منجهه ڪربلا جي فيض ٿيو
واهه شهادت عين پيالو. ڏس دوست جي هي دلبري

4 ڏس سچائي سالڪي. شمس ۽ تبريز جي
ڪل لٿي منصب مليو. حضور جي ٿين حاضري

5 سر ڏيئي صوفي سچي ٿيو. اقبال اعليٰ احمدي
ٿيو شهادت شاهه عنايت. وهوا. رکيل. سان رهبري

سُربردو ڪافي462

تل هڪ مرد واري مام سان، صفات ۾ ثابت ڏٺم
منصور واري دام سان، منجهه ذات جي ضامن ڏٺم

1 ڪفر ۽ اسلام ۾ حق ڏسي ساءِ هڪ لڌم، توحيد جو ڪلمون پڙهي
اورج نه ٻئي ڪنهن عام سان، ظلمات ۾ روشن ڏٺم

2 راضي مٿي رب رضا، صابر وچي سمجهي ٿئا، تُڪ بک اسانجو ڏاج آهه
نصيب واري نام سان، ڪلمات ۾ لکيو ڏٺم

3 جي مرد ٿئين پو ماري، اجان عشق جو پنڌ تي پري، ڪر ياد ياهُوالله کي
سائين جي رسين وچي رام سان، وحديات ۾ واحد ڏٺم

4 سک ”رکيل“ هي رمزتون، رهه يار جي تہ فراق ۾ پيهي ڏٺائون پاڻ ۾
انهين عشق جي تہ اُڏام سان هر رات ۾ رانول ڏٺم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُربردو كافي463

تل جنگ عجائب وهوا جائي، عشق ڪڙا ميدان هي ملهائي
نيهن نياوڻ مشڪل باري، راتيان ڏينهن رک خيال خدائي

1 توڪل بنڌ ڪر تهدل ڪڙدي، لوڏاها ڪر لائق لڙدي
چڙهن غزاتي تيون غازي، ڏيون سر سدائي

2 توبہ ڪرڪي ترڪ ڪريندي، ظالم نفس ڪون ضرور مريندي
رهن رضا تي عاشق راضي، اوندا ويس متائي

3 خطري دل وچ جنگ اڙيندي، رهزن دنيا راهہ مريندي
ڏيون طلاق تنهين ڪون تازي، وتي رلدي پڇون اجائي

4 سک تہ اهوئي سچ الاوڻ، ”رکيل“ فقير فقير سڏاوڻ
ڪيا سمجهن اوملان قاضي، عاشق دي آشنائي

سُربردو كافي464

تل عقل اجائي هي وو عمر وڃائي وو ميان، عشق بنان بيون سڀ ڳالهيون

1 عشق عقل جي، وولڳي لڙائي ميان، عشق ڪٽي جنگ وو ميان عقل هارائي ميان
مال مڏي سرهي لٽايون

2 پڙهن ڪتابان وو وبهي ڪن معنيٰ ميان، سو تہ ثواب ڏسن نفل دوگانا ميان
عشق جون التيون اهي چاليون

3 نفس نجس جون وو شوم جون شيلان ميان، وهم تہ خطرا وو دل جون دليلان ميان
ملڪ ڇڏيندين هت ماليون

4 عشق جڏي آيو وو سڌ پئي ساري ميان درد ”رکيل“ سان وو آتش باري ميان
جوشن ۾ هنتي جند جاليون

سُربردو   ڪافي465

ٿل ابرو هلال صنم دي، خوش نين ڏونهين

1 مژگان تير جگر وچ وڙدي، زلف سياه بشيهہ چالڙدي
مشتاقان تي زابر ڪڙدي عاشق قتل ٿئا هر دوجهان ڏونهين

2 دهن شڪرپر شيرين لعل لبان سچ سهندي، ٿند مرواري دلبدي ڪجهہ قيمت لهندي
زيب زنخ گل وچ مالهان وت ٿهندي شمس قمر سهٽل تون تي قربان ڏونهين

3 آدم آپ بنيا خوش آواز چنگي، جامان پوش ڪيتئي سير صفات رنگي
عشق دکايا جلوا حسن داوت جنگي، طالب محو هيا تئي مطلوب ڏونهين

4 باربرهہ دا سرتي بي اختيار آيا، روپ رواج ربي هيا سبحاني سعيا
راز"رکيل" اي اسرار چپايان شان شهادت هيا حسن حسين ڏونهين

سُربردو   ڪافي466

ٿل هوت پنهل جو خان پنهل جو، اڄ ايندم ڪو پيغام پلوڙي پينر

1 اکيون پرين جي وو پارڏي ميان الا، هينئڙو تيم حيران پلوڙي پينر

2 سورنہ سانيبان وو سانول جا ميان الا، اوراتو تم ارمان پلوڙي پينر

3 ڪيچ ويو تہ ڪو هيارو ميان الا، آرياٽي آري جام پلوڙي پينر

4 اگڻ رکيل جي وو پير پرين جا وو ميان، اٿن اچڻ جو انجام پلوڙي پينر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُربردو   ڪافي467

ٿل بحر بيچون ۾ ڪيئن وجي ڪاهي پيا
مردن مشاهدو هي ڏنو حق سچاٽي بيريا
1 جي لڙهيا هي لهر ۾، تن پيو سارو سماءَ
ڪاهي پئاسي ڪين ۾، جي ويرو وحدت ۾ ويا
2 ترسيا نہ سي ترهو ڏسي، تنهن سير جي سامان جا
سر گهوريون سي ٿا گهرن تنهن موج مستي ۾ ميا
3 سڏڙيا ڪنڌي تي ڪيئن گهرن بينا ڪرن سي هاءِ هاءِ
عجب تنهن آ ويڙ ۾ جيڪا گهريا سي رهنما
4 عشق بازي رنج محنت، درد وارن جي دوا
فراق فاني جي ڪيا حيران حيرت ۾ هيا
5 ڪين جاٽج پاڻ کي ڪوڙ تي هنڙي هوا
رهہ ”رکيل“ هڪ رمز ۾، سر سالڪي جو لهہ سماءَ

سُربردو   ڪافي468

ٿل عجب گفتگو عشق جو، ڪيئن ٻڌي ڪنهن کي چوان
پور پلپل جا پون ٿا، نينهن وارن کي نوان
1 رمز رندي ڪار مردان، صحبتي هر دوجهان
ماسوي الله ياد هو، سمجهي ٿيا سهجون سو ان
2 جي نظر نافيو نظارو، تهدلي ناهي طمع
جيءَ جسم جند جان هي، فڪر وارن جي فنا
3 عين تن جون عادتان، حفظ ڪيائون ياد مان
پنهنجو ڏنائون پاڻ ۾، تنهن رهبري ۾ ٿيا روان
4 دم سچاٽي دل سچي سان، تي حڪايت ۾ هماءَ
چٽو دئي جو دام هي، وجي پرتوي پرجي پوان
5 جي ”رکيل“ هن راز جي، آهي سوز وارن کي سماءَ
چوي چوائي پاڻ تو، اولو رکي هي پيش مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُربردو ڪافي469

ٿل سڏ نہ ڪهڙي عام کي سرت وارن جو سماءَ
بيشڪ پياسي بحر ۾، لڙهي ڏنو تن هي لقاءَ
1 اول اسمون ذات جي، ظاهر ڏس جاءَ بجاءَ
دام دئي جو دور ٿيو، هر جاءِ ڏسڻ هڪ حق آءَ
2 سرڪي چڪيائون سوز جي، ”سي ڪندا ويا هاءِ هاءِ
عشق جي آويڙ ۾ تي چيائون آءَ آءَ
3 جي لڙهيا هن لهر ۾، عجب تن انصاف آءِ
ساڏو سمنڊ جي سير ۾، ڪڏي وجي ڪاهي پيا
4 جي ”رڪيل“ صوفي سڏائين وردون وظائف سڀ وڃاءِ
جي سالڪ ٿئين هي سمجهہ رک، وحدت مجاهدو وڃي وڏاءَ

سُربردو ڪافي470

ٿل عيب منهنجا شل نہ پڇن، هن تہ منيءَ جون مندايون مندايون
1 منهنجا چارئي پاند چڪڙ منجهہ ميرا، ڪيئن تہ ڌوان ڪيان صاف سهيرا
ڏس نہ گولي جون گندايون گندايون
2 منهجا ورويجها او منهنجا واهہ وسيلا، هوت ڪنديس مان توڪان هردم حيلا
پرچ پرين ڪر نہ جدايون جدايون
3 ڪندم باجهہ باروچل ڪڪر ڪوهيارو هن تہ ولهي تي آيو وسڻ جو وارو
اڄي لوڪ ڏيندم تان وڏايون وڏايون
4 عشق تنهنجي هي منهنجو جيڙو جلايو، سڪ تہ ”رڪيل“ کي آئي مچ هي مچايو
درد ڏيئي ويم ڏکايون ڏکايون

سُربردو ڪافي471

ٿل هن تہ مني جي پلو ماڳ تي،
ايندم پنهل واڳ واريون واريون

1 تنهنجي خاڪ پيرن جي اومان اکن ۾ پائيندس
پري سرمي جان تہ سرايون سرايون

2 سرهو سات خوشبوءَ اگڙ تي،
ايندم بار ڪٿوري پرايون پرايون

3 سرتيون سهيليون سڀ واس ونن
جي پنهنجون هجن چا پرايون پرايون

4 سڪ تہ ”رکيل“ کي آ سرتيون سهاڳ جي
يار ايندم قدم وڏايون وڏايون

سُربردو ڪافي472

ٿل جي درويش ٿئين پئو درد واري دام ۾
ڳل جٽيون پائي عشق جون ڏي سر سچو سبحان ۾

1 ويھ نہ واندو ڪرنہ وسارو، ٿي فڪر جي فرمان ۾
ڪر ننڊ حرام اُٿي جاڳ جائي، پئو محبت جي ميدان ۾

2 حرف حقيقي حق سڃاڻي، مستي سر مدام ۾
هي هستي حرفت ڇڏ وڃائي، اڄ عشق سندي انجام ۾

3 اندر پنهنجي پائي جهاتي، گهٽ نہ ڪر ڪلام ۾
فذڪروني اذڪر ڪم، ڏنم سچو قول قرآن ۾

4 ”رکيل“ پنهنجو يار سڃاتو، دل سندي ديوان ۾
هادي ڏسيم هيءَ هدايت رهہ پرين جي پيغام ۾

سُربردو   ڪافي473

ٿل ذڪ عشق جهڙو ڪو ناڏنم، آهي مرض مونکي لا دوا
واعظ ملن جو ڪيئن ٻڌان، پنهنجي لڳي تم هاءِ هاءِ

1 ملان قاضي مولوي اسلام جا آهن ٿنيا
نمرود فرعون ڪيترا، هتون ويهندا اٿندا ويا

2 پاتم جهاتي پاڻ ۾، معلوم ٿيم سڀ موجزا
علم لدني عشق آ، توحيد جي حاصل ٿيا

3 درياه جي تنهن موج ۾، گم ٿيس غوطا ويا
ترهو نہ ٻيڙي نا ملاح، موتي لڌم جي تري پيا

4 منصور ٿيس مطلب ڏسي، دفتر درد جا اندر هيا
هر دم اناالحق چوان، آهي رمز وارن تي روا

5 سچ "رڪيل" سر ڏيئي، ميدان ۾ سي مرڪندا
سو لڌائون پاڻ ۾ قربان ٿيا فاني فدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر بلاولي   ڪافي 474

تل سائين منهنجي مرسل جا شان وڏا تہ اجر
سائين سچي تہ سيد جا ها غم هل بشر

1 جبرائيل جتيءَ سان شاتل تيو آ اڳ، نازمين آسمان هو نہ هو سجوئي جڳ
ايڏا قرب قدر، سائين منهنجي مرسل جا

2 محب متي معراج تي قادر ڪوٺايو، ملڪن ۾ غوغاءُ پيو سين ڪيو سعيو
زيارت ڪان منتظر

3 احد احمد هڪڙو فرق نہ پايان آدم، شڪر تنهن شب رات ۾ طبق تيا روشن
مليو فيض فقر

4 چارئي يار رسول جا پلارا بيشڪ پاڪ پنجن تن کي هوت پايان تي حق
روحن جا رهبر

5 پرٽي رات رسول جي حورن ڪيا هيرا، سداڳائن سهج مون سيد جا سهرا
صدق تيون هر هر

6 پنجئي تن پيارا اتم شڪر ڪيان شابس متي تن محبن جي سچ ڪئي تابش
پاڪ لٽن چادر

7 چا بيان صفت آ متي تنهين منور، "رڪيل" ڪيئي قربان تيا سوين شمس قمر
آيو اڙين جي آذر

سر بلاولي — ڪافي475

ٿل برقعو پائي تہ بشر، احديت مون احمد آيو، احمد آيو عربي آيو

1 گهر اچي عبدالله جي تولد ٿيو روشن
لک ڪروڙيون ارواحن سجدو ڪيو باطن
صدق شمس قمر، سدا سهٽل ڇايو

2 سو مبارڪ روحن تي سڏي ملائڪ ڏين
عين اچي اظهار ٿيو شڪر ڪيو عاصن
لٿو ڏوهہ ڏمر پرينءَ پير پايو

3 احد احمد هڪڙو سالڪ سڃاڻن
طالب تنهن توحيد ۾ دئي نتا ڄاڻن
عشق وارن تي امر، فائق فرمايو

4 پڙهي صلوات سيد تي وجي روءِ رسن
اعليٰ شان عجب آ عارف تا ۾ ڏسن
مٿون چانو ڪڪر، مولا چٽ جهلايو

5 عاشق منجهہ فنا جي جنگ ائين جالن
ڏسن بحر بقاءُ جو سيني اندر پالن
سچو ٿين تہ سفر، تن جسم جڳايو

6 ”رڪيل“ سگ دربان آ جتي خاڪ سندو
اصل عربي جام جو بردو هي تہ بندو
اجهو اتم انور، هي رنگ بڻايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سربلاولي ڪافي476

ٽل منهنجو سدا گهر آيو، سدا گهر آيو، اديون وڻجارو، دل سندو دلبر

1 بادل برساتيون ڪيون، وسڻ جون ويتر
ٿيندي آبادي عالم ۾، ڏيندم چانوَ ڇپر

2 قدمن تون قربان ڪيان، سولڳين هي سر
شال پسنديس ڪارڻي دوست مٺي جو در

3 دوست سندي ديدار جي، حب اٿم هيڪر
مديني جو مصطفيٰ ڏيکاري ڏاتر

4 مٿون احمد جام جي، آهي چانو ڪڪر
معافي سنگ سرڪار ڪيا ساب پيم تہ سفر

5 رهبر ”رکيل“ جي اچي، ٿيندم ساهہ سمر
پڏي ڪي بانهان ڏيئي، ورڪندم شل ور

سربلاولي ڪافي477

ٽل ويڙهي منهنجي آيو سونهہ پريو سرور
اچي پير پايو اڱڻ آيو، انور

1 پرينءَ جي پيزار تون، سو لڳين هي سر
اکين اوهيڙا ڪيا، وسن لئي ويتر

2 مان جهڙي جي ماڳ تي پيو پاڻ قدر
جهلي چنڊ جهولي پيو، چکيم شهد شڪر

3 اجهي تنهنجي آسري سندو فيض فقر
عاصي تنهنجا اُمتي تون چورن چانو ڇپر

4 پرٽي رات رسول جي، حوران ٿيون حاضر
ملڪن پٺي مشاهدا ڪيا ڏيهہ ڏٺي ڏاتر

5 عشق وارن جي جاڻ تون ”رکيل“ خاص خبر
احد احمد هڪڙو اٿم شهد شڪر

سربلا ولي ڪافي 478

ٿل ڦڪل ڳيا قند قير، دل وچ حق سمايا
1 خرقا خاڪي پوشا پھريوسي، چوڏھين طبق نظر آيوسي
بيرنگ برھ دا بار چايوسي، ڪيتا عشق انڌير، غفلت غير وڃايا
2 زيب زينت ڳھ مين گھڙائي، ڪڙيان ڪنگڻ نتڙي جڳائي
چوڙا بيڙا ڳل هار سهائي، اهو سهاڳڻ سير، تيم سينگار سجايا
3 فيض فنا نماز مئين نيتي، لتم ذوہ پوشاڪ پليتي
سرڪي سچي مين پريم دي پيتي، دهشت ناڪ دلبر حيرت حڪم هلايا
4 سمجھڻ صفات عجائب توليان، وهوا سجڻ تيڏيان لک لک بوليان
عاشق گھندي وات وچوليان، شملا ٻڌي شير، ”رکيل“ سارا راز چپايا

سربلا ولي ڪافي 479

ٿل ڏنم ڪفر سوئي اسلام، عشق جٽيا مين ڳل وچ پاتا
1 گر ميري مينون بابت بتاتي، صحن دل دا سارا صفائي
جيڏي ڪيڏي هڪ روشنائي، خطري سڙگئي خام، عشق آيا تي اهو رنگ لاتا
2 ڏنم ساجن سنت اُتاري، مسجد مندر وچ دواري
ڏيکي اهو جيڪو ٿئي ڪو ماري، اتان ڪنهن پئي رام، اتان ڪلمان قلب نہ جاتا
3 برقعہ پا انسان تي آيا، صورت بشري آپ چپايا
صم بڪم مھر لڳايا، جس جهپيا تيرا نام تي ڳيا ول گونگا باتا
4 احد تي تي احمد آيا، فضل اپنا فيض وڏايا
آپون آپي آپ سمايا، پيوڻ سيتي جام، عشق چنبين وچ آڪر چاتا
5 ”رکيل“ عشق آيا مئخاني، ڏيون طعني لوڪ بيگاني
عشق نہ جاڻن ملان ملواني، سر ڪرڻ قتلام. نينهن نياوڻ سوئي هي ناتا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سربلاولي ڪافي480

تل رک سرت سچائي سري رام، ستگر سانون هي گيان بتايا
1 لڇمڻ رام تي شوق جڳايا، سري ڪرشن سانون مک وکلايا
نانڪ نام تي باب سڏايا، هر مين ئي هر نام، ظاهر لوڪ لباس ڇپايا
2 مڙهيان مستيان مين ناويسان، ڪيتم ڪعبہ دل ڪون طواف ڪريسان
سو سو ڦيري سيس نويسان، ڪيتم عشق امام سهيون ساجن مين سجدا پايا
3 بالا برهہ ڪيتم بيقراري، نينهن لڳم ڏک بي اختياري
ڳل جٽياتي بدن بهاري، اوري رهيا ايمان، منزل ني سانون عشق پهچايا
4 دين ڪفر وچ پاتم جهاتي، پنم غير تي شڪ صفاتي
هڪ سڃاتم ظهورا ذاتي، آيت وچ فرقان ڪل شيءٍ قدير سمايا
5 مئخاني وچ محفل جاڳي، شغل شاهانان "رکيل" دل شادي
عبدالستار اهو سر ساڳيءَ ۾ جلد پلايس جام، رمز لڳي تي اهو رنگ لايا

سربلاولي ڪافي481

تل لڳا عشق ٽيم لاچار، درد اهو مين سڪڙانہ پايا
1 ڪڏان دانشمند تي مرد ترانا، ڪڏان مدهوش ڦران ديوانا
ڪڏان غرق وحدت دي وچ مئخانا، دلبر داهي ديدار، شوق تسا ڏي شور مچايا
2 دهن شڪر لبان تي لالي، عشق انهي دي التي چالي
موج چڙهي سر آئي جلالي، ايوين ڪريندا مارون مارهوش ڪنون بيهوش الايا
3 عشق هڪو سائين حرف پڙهايا، سمهڻ ڪاوڻ عيش وڃايا
شيشا شراب ازل دا آيا، برهہ ڪلي هي بازار، هر رنگ دي وچ سير وڪايا
4 جڏان عشق آيا سائين ساڏي خاني، ٽيئي شروع چوطرفون طعني
ڪيئي سڪي سائين ڪيئي بيگاني ڪرن گلادي گفتار، وهوا "رکيل" اهو سچ لڪايا

سر بلاولي ڪافي 482

تل آيا عشق اندر وچ شور، سک قرار آرام نہ ڏيندا
1 غم مونجهارا ڏکڙا آيم، جانب اپڻي جهولي پايم
بار برهہ داسر تي چايم، توڙ نباهين تيءَ نہ لغور، وَنحنُ اَقربُ نال سهيندا
2 درد فراق تي فنا وچ فاني، لنگهہ پيوسي لامڪاني
هر طرحين هڪ جلوا جاني، حد اناحد گهور، بوليان اهي سڀ آپ بليندا
3 ويڙهہ اويڙ برهہ دي پڙڪي، ڏيون سر نہ ڏرن ڪنهن دڙڪي
آپون آپي آپ سجاتم، جيوين اداسي چڪور، صورت چند جهليندا
4 مرد ڪريندي عشق ڪمائي، دم دم دشمن نال لڙائي
مدعي مار ”رکيل“ روشنائي، دُز اندر داچور، صوفي ڪون سڏيندا

سر بلاولي ڪافي 483

تل باهہ برهہ دي ساڏي سر بلدي
اج نهين ڪلهدي هي روز ازل دي
1 غم هڏين وچ اهو جوش جڳايا، عشق خريد مين ڏک چاوهايا
ڪر ڪر دانهان تتي مين اي حال وڃايا، وس بيوس تئيان ڪائي نهين ولدي
2 مستي واليان موجان چڙهديان، ڪرن لڙائي لاشڪ لڙديان
اوجاڳا آيم اکين اهي سڙديان، جوش انهين وچ جند پئي جلدي
3 بيقدري ڪون قدر نہ ڪوئي، ڪيوين مئين سجاڻا ساجن سوئي
ڪران تہ وکوهي بيني اها حيرت هوئي، حجت حاجت ميڏي ڪائي نهين هلدي
4 تيڻن جانب دي مريندي جدائي، سر تہ ”رکيل“ دي سختي آئي
منهن وچ ڏوڙي چتين وچ چائي، ڏي ڳيم جان اصل نسل دي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سربلاولي ڪافي484

ٿل مين سڪندي ويکان تخت هزارا، بخت تتي ڪون ڏيوي شل وارا
1 راِنجهن سائين رنگپور والا، بن ٿيا جوگي ڪرڻ ڪشالا
ڪيئي پئي جاڻن هي هڪو حق تعاليٰ، سالڪ سمجهن اهيو هي اشارا
2 ڪاري چڙهدي آيم ڏوڙا، ڳئي تہ خوشي ڪيڏي ٽک ٿيم ڏوڙا
وچ تہ فراق دي پيم وڇوڙا، ڪيوين تہ ڪران مين چلدا نہ چارا
3 حال انهين وچ هميشان هووان، ڪران گريا سئينان اکيان نہ ڏووان
رت ديان هنجون بيني مين هردم رووان، غم تہ رفيق ميڏا ڪوئي دم نہ وسارا
4 نال رانجهن دي نينهن نياوان، روز ازل ديان لڏڙم لاوان
خرقا خاڪي مين ڳل وچ پاوان، سير "رڪيل" سوئي سر ٿيم سارا

سربلاولي ڪافي485

ٿل مين منڙي تي لوڪ دي مياري
سر تي ملامت برهہ داباري
1 لوڪ بيگاني ڏيون طعني، حال نہ واقف تي ڪون پڇاني
عاشق درد ڪيتي ديواني، مستي خمر خماري
2 رانول رورو هتڙي ملدي، لڳڙي لوري تانگهہ ازل دي
جانب جلدي چاڏيسي ولدي، ڏيوڻ ڏاج تياري
3 مئي پيوان تي دوجڳ جيوان، سازآواز مين مطلوب ٿيوان
مجلس خاص تي رند سڏيوان، بحر حقيقي بيشماري
4 اهي نازپنهل دي چاڻ نشاني، واحد شاهد تي هڪ هي جاني
برقعہ بشري اهو راز نهاني "رڪيل" سچي گفتاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سربلاولي   ڪافي486

ٿل اکيان سهڻل ديان ڪيف ڪڪوريان، ياون چاريهہ ڪجل دي، جلدي
1 ابرو سيف تي مجگان ڦهري، نين ڏونهين تيڏي بانڪي بحري
لعل لبان سهڻين دي ڏند مرواري، صفت سچي هي نسلدي، جلدي
2 زلف سياهہ گهتن پيچ پاون، جلوا حسن داچا سير وڪاون
درد وندي دل مني ڪون جواون، پيڙ پراٽي پئي پلدي، جلدي
3 عاشق پيون او آب حياتي، مشتاق منڙي پاون جهاتي
هرجاءِ ويکن ظهورا ذاتي، لڳڙي هي تانگهہ ازل دي، جلدي
4 رخ مهتاب او صورت دا صاحب، سر سانول دي چيرا عجائب
دوست ڏني ڏک تيون وچ غائب، رمز”رڪيل“ وچ رلدي جلدي

سربلاولي   ڪافي487

ٿل منهنجو ٻاڻ ٻروچ سان، ڪونہ لڳم ڪوبہ
1 منهن ويڙهي تہ مٺن جان، سنجهي آءُ تہ ستيس
هتون هوت هليو ويو، سور آيا ويني سهہ
2 عمر جو اٿم آسرو، وحدت جو ويسهہ
مٿي هن تہ مريض جو، هار ڳچي جوڳهہ
3 ڪڏهن ايندم ڪيچ ڏنهن، ڪانگل ٻولي ڪهہ
ڪڪر ڪوهيارو ڪري، اچي مون وٽ لهہ
4 سرتيون ”شاهہ رڪيل“ سان، نينهن ڪندو نيبهہ
رنج وڃي تہ رنجيءَ جو، رات اچي هڪ رهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سربلاولي كافي488

تل سانول سان منهنجو سڱ لکيو لوح قلم
1 وٺ وصالون ناپوي، عشق مچايو اڏم
پاڙيندس تہ پنهل سان، دوستي وارو دم
2 انگ تہ اڳي لکيو، جڏهن ڪيو هُوڪن
ميٺي چڏيان مس مون، آيم ڪون فهم
3 ضعيف پيم ذاتي جو، حسن ڪيو هاڱم
رليو اسانجي روح ۾، رمزن وارو غم
4 لڳم عشق عجيب جو، ويو غفلت غير غم
”رکيل“ چاٽج رازتون قرب وارن جو ڪم

سربلاولي كافي 489

تل پنهنجي خان پنهل ڪاڻ، ڏوريندس ڏونگر
1 ٻڌم سورن سندرو، اڳيون باري ٻجهي ٿو بر
سرتيون سهيليون اديون، وٽجم ڪون وکر
2 لکيم روز ازل جي چٺي رات چپر
لڌم پير پنهل جو، آ هوڙي تي اندر
3 پوندي باجهہ ٻروچ کي، ورڪندم شل ور
چني چڏيندس ڪينڪي، دوست مٺي جو در
4 ”رکيل“ روزون روز آ، درد سندو دفتر
چا ٻڌايان بين کي اندر جو او بر

سربلاولي　　ڪافي 490

تل　جيڏيون خان پنهل ڏنهن، ڪالهہ آيم ڪانگل
1　سنيهو تہ سورن جو، مانڌي مڪو آجن
　مليم ڏاج ڏکن جو، آيم پنڌ جبل
2　ڏکيو پنڌ ڏونگر جو، هيڪل مان ڪندس هل
　وٺيو ويندس پاڻ سان، سور نہ ڪنهن سان سل
3　ملڻ ٿيو مشڪل سان، ڪندس جوش جتن
　هجان شال فراق ۾، اجهو اٿم عشق عمل
4　وحدت جاڻ وصال تون ”رڪيل“ تنهين سان رل
　سڪ سمهڻ چا لڳي، جان جئين تان جل

سربلاولي　　ڪافي491

تل　اگڙ منهنجي ڙجي اديون،عشق آيم اج ڪل
1　بڌم سورن سندرو، چوهي ويندس شل
　ماٽيندس منزل کي، لڌم لعل امل
2　پرين جي پار ڏنهن، يو لڌم هي پل
　لوڏن لڪن کون لنگهي، ڪندس بانهہ اچل
3　اوجاري دل اچي کي سڪ سچي سانول
　عاشق سونهن دارين ۾، جيئن گلابي گل
4　”رڪيل“ ظهورو ذات جو، ڏسان حيرت هل
　هر طرحين هڪ حق آ، رخ تنهنجو رانول

سربلاولي ڪافي492

تل اڏيون اباڻن جا، مارن ماڳ وسن
1 پکا پهنوار پٽن تي، آڻي ڪيئن تہ اڏن
سانگ چرن سانگيڙا، چيڙيون مال ڏسن
2 قسمت قيد ڪيم ڪيئن، وڇوڙي ويتر
نہ اٿم اميد ملڻ جي، مان ڪون ڪل نہ رسن
3 مان کي ملڪ ملير جي، تڏي واءُ لڳيم
اهڙي اڪير اندر ۾، رويون نيڻ پسن
4 ”رڪيل“ رهبر جهوڪ ۾، وني دست چميم
وڏائون چٽنگ سيني ۾ ڪنل تام ڪسن

سربلاولي ڪافي493

تل لڳيم لون لون اندر لوري، جيڻ جڳ ۾ جهجڻ جهوري
وڏو مشتاق کي ماري
1 حسن جي تاب جي حيرت، ڪيو وهلور منجهہ وحدت
چکيم اها شهد شربت، نهوڙيم نينهن هڪ واري
2 پرين جي پاڪ پرويزي، شڪر ڪر شان شب خيزي
چڙهي ڏي نفس جي تيزي، ٺمرڪڻ ساٺ سان ساري
3 ڪنل کي ڪل پئي ڪيهي، اندر حق هو ويم ويهي
پرين پيچري آيم پيهي، بارڻ ويم عشق جو باري
4 ”رڪيل“ ڪيئن راز تو پائين، متي لامڪان تي آهين
اجان تو ڪين منجهہ ڪاهين، بقاءَ جي لنو لڳس لاري

سر بلاولي ڪافي 494

تل اوريان شال اندر ۾، دوست منو دلبر
1 لڏم پرجو پيچرو، روهه ڏکئي لون رندوو
ڏونگر ڏوريان ڏک سان، پرينءَ ڏي تئم پنڌ
2 لکئم لوح قلم ڪئون، اصل توسان انگ وو
پونديس شال قبول مان، هيٺائي جو هنڌ
3 اتم اوسارا تہ اندر ۾ دردن نہ ڪيڙم دنگ وو
سڏي ويندس سامهون ڪين ڦيرينديس ڪنڌ
4 سرتيون ساهيڙيون، لڳم نينهن نسنگ وو
وٺو ويساه رکيل ڪئون صاحب جو سو گند

سرپيلو ڪافي 495

تل آيا دلبر ماهي، آيا دلبر ماهي، ملڪ فلڪ سي ڏيون گواهي
1 وچ مڪي دي تولد هويا، محمد نام سڏايا
عرب سجي تي امن هويا، شاهي شور مچايا
عرش زمين تي غلبا غالب، خلق خوشي وچ آهي
2 چوڏهن طبق هوئي وچ روشن، گهر عبدالله دي شادي
جن انسان ملائڪ حوران، ڏيون مبارڪ بادي
تيا ظهورا ذاتي ظاهر، شان آيا سر شاهي
3 عشق بنان بيا ڪون سڃاڻي، لدني راز رباني
احد تي بن احمد آيا، برقع پا انساني
هر هرِ دي وچ آپ سمايا، آ وندا ويس متائي
4 باطن ظاهر يار ڏنوسي، ماريا نينهن نغارا
دل وچ دلبر ياد ڪتوسي، يج ڳيا چوڙ انڌارا
قلزم دي وچ قطرا وڙيا "رکيل" رل ڳل سپاهي

سرپيلو ڪافي496

ٽل عرشون زمين تي آيا، جنهن عربي نام ڏرايا
1 گهر عبدالله دي شادي، ٿيا ملڪ امن آ بادي
ڪيتي آپ هدايت هادي، وچ قادر قرب چپايا
2 بن احمد آيا پردي، ٿئي انس ملائڪ بردي
سرقدمان تي آڏردي، جنهن سمجها سو تنهن پايا
3 تيڏي هڪ حڪايت جانا، ڏوجها اورنہ ڪوئي پڇانا
اهين وحدت وچ خلوت خانا، هر رڳ رڳ يار سُمايا
4 تيڏي خيال حڪايت ساري، رک دم دم دي هوشياري
ڪيتم اسم جسم اعتباري، تون ”رکيل“ نام سڏايا

سرپيلو ڪافي497

ٽل وهوا ويس مٿائي، بشري برقعا پائي
نام فقير سڏائي، وهوا ويس مٿائي
1 دل ولايت عين هدايت، ساري سمجهہ پيوسي
ملڪ فلڪ اسرار حقيقي، لدني حال ٿيوسي
2 چوڏهن طبقن هوئي وچ دل دي، عجب رنگي رنگ لائي
عاشق ۽ معشوق جو بنيا، واهہ ڪيتا نينهن نظارا
واحد شاهد آپي هويا، اي ذات صفات ستارا
دم دم دي وچ هوڪا حق دا، هر جاءِ آپ هلائي
3 حال فقر همہ اوست هميشان، سر تي ثابت آيا
مئخاني وچ مستي هوئي، شربت شوق چکايا
اندر باهر هوئي صفائي، اها رمز رلائي
4 دلبر دي ديدار ڪيتي، سي سڪندي سيس هزاران
دربان هوئي دروازي تي، سائين شاهہ سڪندر داران
احد احمد فرق نہ ڪوئي ”رکيل“ پول پلائي

سرپيلو ڪافي498

تل ماريا نينهن نغارا، بخت ڏتم اهو وارا
تيئڙم مطلب سارا، ماريا نينهن نغارا
1 ميرا نپور وچ ماهي مليا، مرد اهو مردانا
قلبي ڪشف وڪايس مينون، شاهي شوق شهانا
يار اسان نون ياد هميشان، ڪوئي نہ دم وسارا
2 پيريمغان دي دستون مليا، وحدت جام وصالون
مئخاني وچ مستي هوئي، پيتم ڪيف ڪلالون
بي سر صوفي بحر انهين وچ، ڪيتم عشق اشارا
3 دين ڪفر دا دفتر ڌوتا، هر جاءِ نظر هڪڙائي
نينهن لڳم اي پول پڳم، وچ آيا يار صفائي
مسجد مندر دير ڪشنت وڪيجي حق نظارا
4 سر اسرار تي سمجهڻ مشڪل، اوداهه تين ديواني
مينون مليا عشق ماهي دا، منع ڪرن ملواني
عجب عجائب رمز "رڪيل" دي پيڙم پيچ پسارا

سرپيلو ڪافي 499

تل جوڳي تي مين ڳوليسان، سامي تي مين قولهيسان
جتان رانجهن اتان ويسان
1 پڳڙي بڌڪي پڳتي بن سان، جلويدار جامان پئسان
چير پيرين وچ ساڏ سڏيسان، شاهي تلڪ لڳيسان
2 وچ دواري سيس نوايم، مڙهي مندر هڪ هوسان
تيرت تڪيا دل وچ دلبر، اناحد بين وجيسان
3 ڳل پشوازي جٽيا ڌوتي، صوفي صاف سڏيسان
واهگرو ڳر پورا مليا، بت ڪون سجدا ڏيسان
4 دين ڪفر دي تت ڳئي تڳي هر جاءِ هڪ ڏنوسي
بات اسي ڏي ڪوئي ڪوئي سمجهي، جتان مين پيا اليسان
5 رمز"رڪيل" دي ڪون پڇاٽي، ڪيئي ملان هوون ملواٽي
اولا ين آذان پڙهيو سي، شاهي طبل وجيسان

سرپيلو ڪافي 500

ٿل آيا ابتر وقت زمانا، ڪر طمع ترڪ بيگانا

1 خلل خلق وچ شور مچايا، هر هڪ ڪون حيراني
خويش قريب عزيز نہ سهندي ڪاڻ دنيا تي ديواني
ڪوئي نہ ڪنهن دا سنگت ساٿي، هرڪوٺي سي روانا

2 گلا غيبت پچر پرائي، افراد وجا وڻ عمر اجائي
طلسم ظاهر زباني رکدي، اندر کوٽ دغائي
هرس ڪنون نابين نہ رجدي، ڪردي ڪوڙ بهانا

3 دنيا دار غنياءُ سڏا وڻ تڪبر مايا مالي
رهزن دنيا ڪنهن نہ سجاتي، اها ڪالي منهن ڪالي
جنهين جهڳي وچ دنيا رهندي، اهو ويران ڪريندي خانا

4 بيرنگي دا رنگ ڏنوسي، نفس بچايس زابر
جس تن لڳڙا عشق حقيقي، اهي صبر ڪريندي صابر
عرش منور آهہ تنهان دي، شاهي شغل شهانا

5 سر "رکيل" دي بار برهہ دا، روز ازل دي آيا
نينهن لڳا تي نظر کلي، مين خرقا خاڪي پايا
دم دم عشق نماز پڙهيندا، ادائي ڪيتم دگانا

سرپيلو   ڪافي501

تل وڏ اشراف ڪمينو ڪير، سمجهڻ عشق عقل جو قير
1 وهوا آدم آل عجائب، پنهنجي ذات ڇپايئي مخفي غائب
ڏسن عاشق درد دلبر
2 نفس عقل جي خواهش خرابي، جتي دنيا تنهن سان تعدي
اوندھ تن ڪان انڌير
3 اصل اصيلن تو عشق اوجاري موئي دل کي خيال جياري
شملا بڌي ويهن شير
4 عقل اجائي عمر وڃائي، عشق نئين تو توڙ رسائي
"رڪيل" پڙ ۾ پائي ڏس پير

سرسهڻي   ڪافي502

تل سير صفات سڄڻ جو آسارو
لک ڪروڙ پدم سونيلان
1 عجب رنگي رنگ يار ڏيکاريو، هر صورت ۾ آهه سمايو
باطن وارو باب پڙهيوسي، درد وڃايون دليلان
2 الانسان صورت بشري، پنهنجو پاڻ ڇپايو تو
عرش منور ڪرسي قدسي، سرت پيم تہ سبيلان
3 سر زمين آسمان حڪايت، حق ڏسڻ منجهہ آيو
طبق چوڏهن هڪ آ هڪ آ، ويون دئي واريون شيلان
4 رمز "رڪيل" ڏس دل منجهہ دلبر، پول نہ ڪو پائنج بيو
عشق آرام وڃايم اڄڪلهہ، لاتم برھ بهيلان

سرسهٽي ڪافي503

ٿل رام بنان ٻيا ڪوئي نہ رهنا، رام پچن رنگ لايوري
رام بنان ٻيا ڪوئي نہ رهنا، ستگر سنت سمايوري
1 چيلي طالب سٽو نصيحت، ذاتي اسم جڳايوري
استغفار پڙهو وت توبهہ، گهر گهر لاڏ لڏايوري
2 احد ٿي تي احمد آيا، پچي اناالحق الايوري
قم با اِزني ڪهو ڪرامت، هر جاءِ حڪم هلايوري
3 علم پڙهياتان عالم هويا، ملان نام ڏرايوري
منطق معنيٰ ڪنز قدوري، پڙهيا علم گوايوري
4 ڪهان وت مسجد ڪهان وت دوارا، بن بن ناڪر آيوري
اندر ۾ هي سنت اتارا "رڪيل شاهہ" ملايوري

سرسهٽي ڪافي504

ٿل رانول اي رنگ لايا، ڏيندا لوڪ واڏائي
1 آپ پليندا، آپ اليندا وو، هي سانول صنم سدائي
2 سالڪ سمجهن الَث سماوڻ وو، عاشق رهندي بقائي
3 آپ تہ جاٽي آپ سڄاٽي وو، آپ ڪري روشنائي
4 روز "رڪيل" دا يار نظارا، ڏيوڻ سرهي سچائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرسهٽي ڪافي505

ٿل دلبر دوست پيارا، ويڙهي اسا ڏي ني آيا
1 مين مني دا عشق اويڙا وو، محبت مچ مچايا
2 منڙا ماهي دا سخت الاوڻ وو، مين چم اکين سرچايا
3 نال اکين دي مين نہ سڃاتا وو، اتي چهري يار پلايا
4 ذوق ظهورا ذاتي والا وو سانول آپ سمايا
5 آوڻ سيتي راز ”رکيل“ دا وو، اتي مستي جام پلايا

سروهاڳ ڪافي506

ٿل اومان ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان، ڪاڏو اتم ڪوهيار ڏي
هي هي ڪيون هتڙا هٽان، اکيون پرين جي پار ڏي
1 جي ملي مان سان پرين، مان صدق ٿيان سو واروي
لالي لبن جي شل ڏسان، گهوري ٿيان گفتار جي
2 جڏهن عين ٿي اثبات ٿيو، وسري ويم سنسار هي
بهشت حوران ڇاڪيان، ناهن مونکي درد ڪارسي
3 قابو زلف جي قيد ۾، مانکي ڪيئہ لاچار هي
سڪ سچي ستر ڪيم، آيس زيربرد بار جي
4 جي ”رکيل“ طواف ڪرين، دل سچائي دلدار ڏي
توڙي ڪفر ڪعبو ڏنم، اندر پنهنجي ۾ اسرار هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر وهاڳ   ڪافي507

تل   اوجي ساهه جو سانگو رکين، ته عاشق سڏائج ڪين ڪي
رهه يار جي هڪ طلب ۾، ڇڏ وساري جڳ ٻئي

1   پئو عشق جي آڙاهه ۾، جي مرد ٿئين ته منصور ڇئو
اهو حال ڪ اناالحق چوان، وائي اٿم هڪ يار جي

2   جوش ڏئي جسمات کي تن لاسندي لذت چکي
پرين سڃاتائون پاڻ ۾، سڏ تنهن کي ساري پئي

3   لوحون قلم جيڪي لکيو، اها مس نه ميسڻ جي اٿم
قطرو پيو منهنجي روح تي سچو سڃاتم سو صحيح

4   سک رکيل جي سالڪ ٿئين هت نايل ڇڏ پولو پيچي
انصاف سان جي عين ٿئين اهو حال ڇئو هو ڪو ڏئي

سر مانجهه   ڪافي508

تل   ڏنٽرم جملہ جهان، وهوا بازر تازي هي
وهوا بازر تازي هي، اها چلڪ پلڪ دي بازي هي

1   ڪيئي پئي آون لک لک جاون، بيچوني دا پيت نه پاون
معلوم نهين مڪان، ڪُوڙُ اجائي آزي هي

2   مسجد مندروچ دواري، ڪٿ ڏيان گيان تي سنت اتاري
ڪٿ شاهي اعليٰ شان، ڪٿ وت ملان قاضي هي

3   گُرڪا چيلا ٻهي اڪيلا، محبت نال رکي وت ميلا
عشق ٻڌي احرام، سورهه سردا غازي هي

4   ڪٿ مشائخ تي مجزوب هلايئي، ڪٿ سالڪ رند تي آپ سڏايئي
ڪٿ طالب مست مدام، ڪٿ رهبر ”رکيل“ راضي هي

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سر مانجهہ ڪافي509

تل ڪهوري پئيا ڪهو، دم ڪهو گروڪي بات هي
ڪهو گروڪي بات هي، صفت الفت ڪي ذات هي

1 ونحن اقرب نيڙي وسدا، چيلي طالب پچن ڪرو
گوشي بيني اسم جڳايو، رام تمهاري ساٿ هي

2 سرت رکو تم سيس نوايو، جيتي ئي مرجايا هي
پوجا ڪر قل پايو، تان هر ۾ اي هي ناٿ هي

3 جسني اپنا پريم سجاتا، تسني تلڪ لڳايا هي
ازل ڪنون ارواح تهيندا، ذات اتي نا ڏات هي

4 ”رکيل شاهہ“ نون دونون جڳ وچ، ثابت عشق سمايا هي
مرشد ميرا عبدالستار، هردن تان شب رات هي

سر مانجهہ ڪافي510

تل ڪهو برهہ ڪي بات، جستن آپ سمايا هي
جستن آپ سماياهي، ست گر پيت بتاياهي

1 تينون رام ڪهون رحيم ڪهون، خالق تي مخلوق ڪهون
حسن تيري دا جلوا هر جاءِ، عجب رنگي رنگ لاياهي

2 رب ارني تي لن تراني، ڦرگهونگهٽ ڪيون وت پاياهي
تجلي طور سينا تي دلبر، جلدي نور دکايا هي

3 ظاهر باطن نام تمهارا، عشاقين جهپ پايا هي
هر دم هوڪا ڏيندي هر جاءِ، اپني ذات چپاياهي

4 احد تي احمد آيا، نام رسول سڏايا هي
وهوا ”رکيل“ اي برقعہ بشري، سالڪ تي سمجهايا هي

سر مانجهہ ڪافي 511

ٿل گرو جسي ڪا نام، اسني رام ڪمايا هي
اسني رام ڪماياهي، ستگر سنت سماياهي
1 عشق ڪبيرا نانڪ مين هون، گرديو تي گنگامين هون
ڏر ڪرشن ڀڳوان، هر طرحين رنگ لاياهي
2 بت پرستي سيس نواوڻ، ديا دواري تلڪ لڳاوڻ
اوئي ڪسي ڪاڪام، لڇمڻ رام ريجهايا هي
3 مين برهمڻ پنڊت جوڳي، ٻانيڻ ٻاوا مشر پوڳي
اهر گُر دکايا گيان، قسمون قسم بنايا هي
4 مشڪل اوئي ساڌ سڌاوڻ، عشق جٽيا، ڪرگل وچ پاوڻ
اهو پنڻ شڪ گمان، وهوا نينهن نچايا هي
5 من ڪو مارڻ ڪرڻ جهڪائي، درشن پاوڻ سرت سچائي
اهو ”شاهہ رکيل“ داشان، قدم تڪاٽي پاياهي

سر مانجهہ ڪافي 512

ٿل درد بنان هي هن دستور، راز ڳجهي ڪي ڪير ڏسي
راز ڳجهي ڪي ڪير ڏسي، تي پارس سان پٿال گسي
1 پيريمغان جي قدمن تون، قربان سجو تي ڪيئن ڪسي
حاضر تي هي حق حضور، هادي وارو حال پسي
2 اندر پنهنجي ۾ الف جڳائي، دشمن ڪي ڪر دُور دسي
چت ڪري هي چڪنا چُور، نفس نجس نادان نسي
3 باطن وارو باب پڙهي، ڏي جانب ڪي هي جان جسي
اَتي اندر ۾ ڏس ناڏور، هر رنگ ۾ تو يار وسي
4 وهوا ”رکيل“ هي وحدت وارو، ڏاهو تي تو ڏيهہ ڏسي
پڪون پيين سي پهلي پُور طلب تي تون طلب تسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر مانجهہ ڪافي513

تل جي ڪجهہ جڳ وچ جيوڻ ڪوڙ، عشق بنا هي عمر اجائي
عشق بنان هي عمر اجائي، رهبر ڪيتم راهہ نمائي
1 فڪر بنان دا نفي ٿيوسي، اثباتي وچ آ ڳيوسي
دل وچ روشن نور، هڪ حرف شناس حقيقت آئي
2 جس تن جوئي عشق لڳا، دام دئي دا پول پڳا
ڪيتا ذات ظهور اها رمز لڳي تي ٿي روشنائي
3 الانسان سري دا سمجهڻ، مشڪل معنيٰ ٿڪ هي پرجهڻ
وهوا ڪشف قبور، اهل فقردي سر تي آئي
4 بار برهہ دا سر تي چاوڻ وهوا ”رکيل“ هي توڙ نياوڻ
ٿي مستي وچ منظور، ڪر پسند پرين هڪ جانب جائي

سر مانجهہ ڪافي514

تل انهي عشق چکي تنهن آڙاهہ ۾، ڪوگهرندو مانجهي مرد مچي
ڪوگهرندو مانجهي مرد مچي، پوءِ پرواني جان پتنگ پچي
1 ڪمر ٻڌي ڪو پوندو ڪاهي، سرجو سانگو لاشڪ لاهي
پوڻ ڪٺاهي جي منجهہ چاهي، لعل ٿيو تنهن موج رچي
2 اونهون بحر عميق ڏسي، سڏڙين جو ويو ساهہ سڪي
دهشت کون هو دوريڳا، تنهن ڪوڙن جي هئي ڪرت ڪچي
3 فڪر ڪري جن فيض سڃاتو، ٿيو عشاقن تي امر اچي
دل ۾ دلبر يار لڌائون، هڪ دم دم سان ٿين سڪ سچي
4 ”رکيل“ هي اسرار عجائب، چئو باطن وارو باب ڏسي
حاضر ٿي تو حق سڃاتو، سڪ مستي واري مام نچي

سرمانجهہ ڪافي515

تل عشق بيهاريم چاڙهي ميدان، سر ڏيئي تي بي سر بيشڪ
1 عشق اصل ڪونآهي اڙانگو، سورهہ ڪن ناسر جو سانگو
ڪي مرد بهادر جوان، اصل اصيلن چيو اناالحق
2 برهہ جي باري ڪو مشڪل جاٽي، منجهہ فنا جي سنجهہ سباٽي
پڳم هي شڪ گمان، ويو حجاب لنگهي تيس لائق
3 عشق وارن تي گلاسو خواريون، مانڌي مڪيون هن مثل موچاريون
ڪيئي پيا آڻن طعان، ڪوڙي طمع جولاهي چڏ تعلق
4 نينهن لڳم ڏسان ناز ڏهاڙيون "رڪيل" راز مهاڳ مهاڙيون
عشق جو اعليٰ شان، شاهہ گدا تنهين تي شائق

سر مانجهہ ڪافي516

تل چڙهہ گڏهہ تي تيءُ هسوار، وجهہ لغام لچي ڪي کهرو
1 ٻتي گڏهہ چي دنيا ڏوتي، ڏڪ اهڙو ڏيئي ڪپي اچي چوتي
هتون ويو اتم وار، ڏنم لاڏ ڪوڙيءَ جو لهرو
2 ليڪو لڪن جو ڪرن سنيارو، قابو سخت لغام ڪنديارو
ڏس شومن جو تہ شمار، عمر افراد ڏنائون پهرو
3 هار سينگار ۽ زيب زينت، ڏس لباس ڪوڙي جي قيمت
تن ڪي هت هتي ڪري خوار، جن ٻڌو آ تنهين سان نهرو
4 مختصر بيان ڪيان تو، ساڻ صفائي جي سچ چوان تو
عشق عجب اسرار، جن لڌو آ "رڪيل" هي بهرو

سرمانجھ ڪافي517

تل اها رسم رسڻ جي يار پيارا، منهن تي گھونگھٽ پائين ٿو
منهن تي گھونگھٽ پائين ٿو، اتي عاشق کي آزمائين ٿو
1 ڪيئن نہ ڏسن سي ازلي عاشق،بحري باز پڇائين ٿو
چايو چنبن ۾ عشق اُڏاري، هو ڪو پاڻ هلائين ٿو
2 پائي اندر ۾ جهاتي جاچيم، پول نہ ٻيو ڪو پائين ٿو
هڪ آ هڪ آ هردم هڪ آ، فرمان اهو فرمائين ٿو
3 چپ پلي هي چال عجائب، صبر سوئي سمجھائين ٿو
وحدت ۾ وهلور ڪري، سچ سيني منجھ سمائين ٿو
4 دام دئي جو درد مندن کون، چڪي پاڻ چنائين ٿو
فاذڪروني اذڪرڪم، اهي فائق فيض رسائين ٿو
5 وهوا ”رکيل“ هي واهہ وٽي، اهو جائي جسم جڳائين ٿو
لدني علم لطيفا لون لون، پيچ پرين سان پائين ٿو

سر مانجھ ڪافي518

تل ريءَ جلڻ جي جانب توڪان، گرمي آ نان سردي آ
گرمي آنا سردي آ، اها باهہ سيني ۾ بردي آ
1 سينو صفائي وحدت وائي، مالڪ جي اها مرضي آ
محبت جو ميدان ڏنائون، دل تنهنجي دردي آ
2 نہ سمھڻ سمائي ننڊ ڦنائي، هي هي ڪيون هي مردي آ
شل نہ ملان منهنجي سڪ ناگھتجي، واهہ نہ ٻي ڪا وردي آ
3 مهڙ ڪري محبوب ڏنائون، جان ڪدي سا ڏردي آ
ايڏو بار سهن سي عاشق، لون لون ۾ هي لرزي آ
4 دم دم سان تو ياد ڪيان، اها ساعت هڪ ناسردي آ
صحي ”رکيل“ هي سر سجاتم، شرقي آڇا غربي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر مانجھہ ڪافي519

تل هن مني جي ماڳ تي، شل پيرو ڪين پچن
شل پيرو ڪين پچن، ڙي اديون اچڻ عجيبن
1 جن جي اور عجيب سان، سي ستيون ئي جاڳن
اديون عشق الله جو، ڏاڍي ساڻ ڏکن
2 روئن پٽن پاڻ ڪان، هي ننڊ وڃائي تن
ڦوڙائي تہ فراق جي چڪيا چاڪ چڪن
3 لڏم پير پنهل جو، لٿيو منجهہ لڪن
ڪاھ تہ پڇين ڪيچ کي، متان ڪڇو ڪيچي ڪن
4 ”رکيل“ تنهنجي راز جي، ڪي سالڪ سڌ لهن
جلن جاڳن جوش ۾، هو ڪنهن کي ڪين چون

سر مانجھہ ڪافي520

تل نازن سان ڪٽي نيڻ نهار، هوندس شال پرين تنهنجي پاڙي
1 توٽي سڄاٽي يار نہ جاٽي، هرگز ويندس منزل ماٽي
پرين واري شل پار، سوز سڄڻ جي وڌم تن ساڙي
2 سور سهايا ڪنهن سان نہ سليندس، منجهہ اکين جي جانب جهليندس
وحدت ويهي نہ وسار، نيڌءِ لعل لڪن کون لاڙي
3 سڳ سهٽل سان ڪهڙو وري ساهيان، لوح قلم جو لکيو نہ لاهيان
هي ڏاري تئي ڪيئن ڏار، ويندس هوت پنهل جي هاڙي
4 عشق وارن جو آرام وڃايئي ”رکيل“ سان جوڙي جادو لايئي
دلبر هيئن نہ ڏتار منجهہ قلوب وڌو اٿم ڪاڙ هي

سر مانجھ   ڪافي521

تل ملڪ سڄي ۾ مولا، جانب جون اتم جھوڪان
جانب جون ھن جھوڪان، مفت لڳيون ھن موڪان
1 جاڏي رضا آ رب جي، واھڙ تاڏي وھن
طلب ڪيون تا تساپين، نينھن لڳوتن نوڪان
2 پرين اسانجي پاڙي ۾ ويس وسڻ جا ڪيا
نصيب وارا نوڙيا، بد بختن تي توڪان
3 اولياءَ الله جي وچ ۾ فرق ناھي ھڪ ترجو
انڌا ڏسن ڪين اکيون، ھت ھتي ٿن روڪان
4 راز ”رڪيل“ جو ڳجھو، سڪ وارا سي سمجھن
مولا جي محبت ۾ تھدل ٿي تون توڪان

سر مانجھ   ڪافي522

تل حرف سڄاڻي ھڪڙو، الف پڙھيائون اکر
الف پڙھيائون اکر، دل ڪون ويو ڪوڙ مڪر
1 سورھ سدائين سچ سان، الف اندر ۾ اورن
دم نہ ھجن ھڪ واندا، چت چرخي سان چورن
لاپڙھن لاھوتي وٽجن سچ جو وکر
2 فڪر فنا ۾ فاني، پاڻ نہ ڄاڻن پنھنجو
سک نہ سمھن سيج مٿون، سرڪندا نہ سھنجو
خاڪ وڇاڻو تنجو فاقيوفي سان فقر
3 جنگ جسم سان جائي، عشق عقل تو لڙي
سچ صوفي صاف ٿيا، غير ڪڍيائون تڙي
عشق ڪتي عقل ويو، سوپ ڪري ٿيو سُڪر
4 پير ڏنائون پڌرو، رند ونی ٿيا راھي
ھوت وڃي ھڪ ٿيا، دم ھٹن تا شاھي
وھوا ”رڪيل“ رمز اھا دل سچي دھن شڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر مانجھہ ڪافي523

تل علم سڄو تين معلوم، حرف پڙهيائون هڪڙو
حرف پڙهيائون هڪڙو، ڏيئي هوڪو چون پڙهو
1 دل روشن تي رهي، شغل ذاتي ذات ڏسن
عشق اچي پيچ وڌا جي جسم سان جڙيو
2 فڪر فنا منجهہ فاني، پاڻ ڏسن نا پنهنجو
عشق آيو عقل ڀڳو، غير اندر ڪون تڙيو
3 صاحب صفائي جا سهڻا تنهن سڄاتو سپرين
هيڪانده ٿيا هڪ سان الف اندر منجهہ اڙيو
4 مست چون تا موليٰ، ٿيا اثبات اصل
يار "رکيل" جون رمزان عشق وچي عرش چڙهيو

سر مانجھہ ڪافي524

تل جنهن متون عشق آيو، جاڻ اُهيئي جاڻن
جاڻ اُهيئي جاڻن، قول الستي پاڙن
1 ڏئي باهہ برهہ جا پڙڪا، اندر الانبا اچن
ٻاق نہ نڪري ٻاهر، قلب ڪيون سي ڪاڙهن
2 اورن الف سان اهي، ٻيائي ڪين ٻڌن
هوت وچي ٿيا هڪ سان دام دئي جو ساڙن
3 درد وندن جا دونهان، دل ۾ کهڙ ٻرن
سڪ تنهين جي سچي، ملڪ اهو وچي ماڻن
4 ڪيئن تہ "رکيل" قرب وارا، مارڳ ۾ سي مرڪن
عشق ناهي ڪا اٽڪل، سر سوري تي چاڙهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر مانجهہ ڪافي525

تل پنڌ پرين جو پيچي، سورن واريون سي سکيون
سورن واريون سي سکيون، ڏک سان گڏارن ڏکيون
1 اکين اوجاڳا ڏيئي، سک نہ سمهن سي تتيون
ڪيئن تہ وسارن ورکي، پرت پيتائون پڪيون
2 منهن پائي مونن ۾، ماٺ ڪيون ويهن منيون
اسم ڪمائن اهي، تيغ برهہ جي تکيون
3 غير اندر جو ڪوري، صاف ڪيائون سينو
ذات رهي وچي حق جي، شهد ڏنائون چکيون
4 روز ازل جي "رکيل" عشق آمارو ڪيم
ڳجهہ انهي جون ڳالهيون، لوح قلم جي لکيون

سر مانجهہ ڪافي526

تل سانگ ڪري سانگيئڙا، هتون هليالوءِ لڏي
هتون هليالوءِ لڏي، ويا مال مڏيون ملڪ ڇڏي
1 هت سانگ ڪرڻ ڪان آئين، چا وکر وهايئي وٽجئي
اڳيون تُريون تيون تُرن، عمر ويئي حرص هڏي
2 ڏاهہ ڏهاڙيون نہ پڏءِ موت نغارو وجي
لکين وڃن تا لڏيون، تون ڪيئن وينين پاڻ گڏي
3 جار نہ ڪيئہ جاڳڻ سان، غفلت ۾ ويئي رات لنگهي
سک تہ سمهڻ بن گهوريو، سور وهائج سڏي
4 راز رباني "رکيل" آيو عشق وارن تي اڏي
فيض حقيقي فقر متي، مردن شان وڏي

سر مانجهہ   ڪافي527

ٿل منهنجي اندر ۾ اديون، مچ ماتم جو ٻري
مچ ماتم جو ٻري، ريءَ سانول ناسري

1 ڪيئن ڪيان وچان ڪاڏي، عمر ساري غم ۾ ويم
هن اڪين ڪين ڪيو، ماريس ذوق ذري

2 جيڪي وريتيون ورسان، سُهاڳ ماڻيندين سيئي
منهنجي اڱڻ ڪڏهن ايندو، ولهو شال وري

3 ڪيم فراق فاني، گهوريو وڇوڙو ماري
جي آهہ ڪيان جبل جلي، ڏک ڪون ڏونگر ڏري

4 صبر ڪيان ڪيئن سرتيون، جوش جهلڻ ۾ نہ اچي
دانهن ٻنان داد نہ ٿئي، رڳ رڳ ڪوڪان ڪري

5 رمز اهائي ”رکيل“ الست ازل جي لڳيم
سڪ تنهنجي ۾ سڙان، پلڪ نہ ٿيان هڪڙي پري

سر مانجهہ   ڪافي528

ٿل دم نہ جدائي تو دلبر، ساعت منهنجي ڪين سري
ساعت منهنجي ڪين سري، آگ اندر ۾ ٻري

1 وات ڏکي پنڌ مشڪل، ڏسي منهنجو ڏيل ڏري
لکيو منهنجي ڪرمن ۾، قلم اڙي ڪين ٽري

2 آيم بار برهہ جو سرتي، پيم وڇوڙو ويتر
درد مني هي دلڙي، آئي عشق ازل جي اَري

3 محبت ملڪ ڏسن، منهن ويڙهي مونن ۾
من ۾ پوئن سي موتي، ڪامل قلب ڪري

4 روز ”رکيل“ تن جو ڪسڻ، ڪيئن نہ قبول ڪندا
جن سمجهيو تن حاصل، ذات ڏسن ذري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر مانجھ   ڪافي529

تل سرتيون سک ڪيئن سنيران، ڏينهن ڏکيا تي ڏوريان
ڏينهن ڏکيا تي ڏوريان، سر تہ پنهل تون گھوريان
1 سهٽل تنهنجي سڪ ۾، روئندي رات لنگھيم
تنهنجي جھوري ۾ جھجان، چاڪ چڪيا تي چوريان
2 پٽر پرائي پنڌ، سورن پيري آسيڪا
پار ڪڍيون تان پرين لئي، جھوري ۾ سر جھوريان
3 جيڪي وريتيون ورسان، مر مرڪي سي مرڪن
ڪانڌ ڪتيو ڪاٽيارن، اور تنهين سان اوريان
4 ڳالهيون ڳجھہ جون ”رکيل“ ڪنهن سان ڪين ڪجن
صبر اچي ناسرتيون، سور پرين جا سوريان

سر مانجھ   ڪافي530

تل درد لڳم جاني جو، خود محبت جي ميدان ۾
محبت جي ميدان ۾، سچ شغل واري شان ۾
1 شغل ذاتي بالله باقي، مشڪل سمجھڻ مام ۾
آتش لائي مچ مچائي، ڏس عشق سندي چوغان ۾
2 اجايو آسڻ اتي قاسڻ، اتي دئي واري دام ۾
ڏناٿون نہ ڏوري رهيا اوري، شڪ جي بہ گمان ۾
3 دل جاڳائين منصب پائين، رهہ فڪر جي فرمان ۾
جي صوفي سڏائين سرڪپائين، پئو سختي جي سامان ۾
4 پريت پوري چڙه سوري، اتي عاشق جي انجام ۾
”رکيل“ جاتو پاڻ سڃاتو، امانت سانيي امان ۾

سر مانجهہ ڪافي531

تل آڻي عشق ڪوڙيا جنگي پيشخانا
لڳي آ لڙائي، ٻڌن مرد ڳانا

1 ڏسي مام موتو ويهائن حياتي، پڇي هوڏ هستي بقا ۾ ٿيا باقي
لڪي لون لاتي، پڳائون بهانا

2 عقل ٿيو اجايو ٻينا عام اوري، اڳي عشق وارا وڃن سرگهوري
ڪنهين جي نہ توري، لنگهي ٿيا روانا

3 ماري نفس جنگي ٻينا سر سهائي، ڪيڏياڻون ڪوڙي کي ڇڏيائون تڙائي
اتي پير پائي، پڙهيائون دوگانا

سر مانجهہ ڪافي532

تل ڦريا ويا ڦرائي، تهين مهل موتي
پڇي بي نصيبن، ڪئي يا دل ڪوتي

1 شامل شرڪ شيطان، جهليائين تاٽي
ڏسي مال دنيان، هين حرص هاٽي
ادا اڄ سياٽي، متي تي ڪلهوتي

2 اکين ۾ انڌارو، تين نفس غالب
رکي حب دنيا تيندو کين طالب
تهين جو مطالب جتي روءِ روتي

3 امانت سلامت صبر جن سڪونت
ونئي وات وينا، ولي نامُ وحدت
تنهنجي هدايت، ڪري کير چوتي

4 لکيو جن جو ناهين چئي چو ٻڌائين
”رکيل“ پاڻ پنهنجو چو تو جي کپائين
اتي پيو سهائين، چوٽن سر چوتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر مانجھ ڪافي533

تل اديون ميڏا عشق ڪيتا اھو حال، رخ سجن دا عجب خيال

1 عشق ڏکايا سمنڊ جو سارا، ني ڪڙايس نال ڪنارا
وھن نالي ڪريندي وارا، پوک پڪاون پال

2 زوران زور ڪريندا زوري، جھاتي پاتم لڪ لڪ چوري
ريھ ڪجل دي لاتم لوري ڪران تماشي تال

3 حال ڪنون بي حال گھمايئي، خلقت ساري لوڪ ڪلايئي
ڳل جٽياتي پيوت ملايئي، آپي تون آپ سنپال

4 مرشد ڪردا راھنمائي ”رکيل شاھ“ نون غرض نہ ڪائي
عبدالستار ھي پيت بتائي، آيا ننگي ننگ پال

سر مانجھ ڪافي534

تل مير عمر ماندي ڪي، مھر پويئي ڏي موڪل
مھر پويئي ڏي موڪل، توڙ ڪنديس نيئي توڪل

1 سک نہ سمھڻ خوش ھي گھمڻ، قيد وارن ڪش نہ اچي
باندي خانو بچڙو قيد پوي ڪونہ شل

2 مت تہ مئي جا مارو، پکا پنھوار اڏن
ڏٿ ڏوتي ڪاج ڪائن، لوڏ چڳي ھٿ اچل

3 پٽ جون پوشاڪان پھري، مون نہ وڻن ٿيون ماڙيون
سور وجن تا ساڙيون، روز پون تا زھل

4 ”رکيل“ مارن جون رمزان، چاڪ فراق قتيون
سھج واريون سورن سنيون ڪان پوي تن کي ڪل

سر مانجھہ   ڪافي535

تل سڪ مارن جي ڙي عمر، روز تنهين ڪاڻ رڙان
روز تنهين ڪاڻ رڙان، سور اندر منجهہ سڙان
1 ڪڏهن ميلاپو منهنجو نہ تي اميد پايان
ڪين سلينديس ڪنهن سان، جانب جيءَ منجهہ ڪڙهان
2 امر قلم لوح لکيو انگ منهنجو روز ازل
شل پاڙينديس پنهنجو ويڙيچن کي وٽان
3 ڪاڻ خوشيون ڪاج اهي، ويس وڳاہن ساڙيان
سانگن بنان سڪ نہ ڏسان، ڪيئن پلنگن تي پڙهان
4 تانگهہ اڪير اکيون، طرف اباڻي پالن
"رڪيل" جهڙيون وجي رسنديون باب برهہ جو چڙهان

سر مانجھہ   ڪافي536

تل تن مارن ڪان سڪندي، سهمن ۾ وئي دلڙي سڙي
سهمن ۾ وئي دلڙي سڙي، روز ازل جي اڙي
1 ڪيئن تہ ڪکن ۾ ڙي اديون، چڪي منجهون چٽڳ پئي
مچ محبت جو بريو گهٽ ناهين ڪا گهڙي
2 سوچي دلاسا دل کي، ڪيئي تہ ڏهاڙيون ڏجن
اڄ تہ صبح پرين ايندا، ليڙو پائيندا لڙي
3 ڪيئن ڪندي هي تہ ڪڏهن، سڏ نہ پوي تي سڪ جي
ساڻ ڏکن جي ڏسنديس، سبق سورن جو پڙهي
4 روز "رڪيل" جون وجي، پيش پڪاران پيون
جيڪي منهنجو جي تو جلي، لاتم درد ڏڙي

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سر مانجهہ   ڪافي537

تل ماڳ وچان مارن ڏي، دير ڪنديس ويندم رسي
شڪ پوندن ويندم رسي، محبت منهنجي دلڙي ڪسي
1 آيس اِنهي اولي ۾ جيئن پيچري منجهہ پکي
لات چتون تو لوين، حق جي ذات ڏسي
2 لڏم لوئي ۾ لا وان، روز ازل جي تڏهين
هاٽي وري ڪيئن ڪيان پٽرم پلو پسي
3 رات ڏينهان تات يڪي، تن منجهہ تانگهہ لڳيم
ڦٽيل ڦوڙائي ماريس، سر پيرن تان سِسي
4 رت روئن سي "رڪيل" دئور ڪيائون دل جو
انهي اڏي تي عاشق ڪئي ويڙا تاڪُسي

سر مانجهہ   ڪافي538

تل ماڳ وچان مارن جي،گهڙي هتي ناگهاريان
سڪ سچي سان سجڻ، سانگيڙا تي ساريان
1 ڪاڻ پٽڻ زهر ٿيم، تانگهہ وڌم تن ساڙي
ويس زيور زيب زينت، سڪ تن جي منجهہ باريان
2 محل هي ماڙيون بنگلا، بي وفا تي جاٽان
سنج ۾ بيٺو سانگن جون، اهي هڏڙا اتي نيئي ناريان
3 دم دم سان ياد ڪيان، ڪيئن تہ وساريان ويهي
ڏين سور سنڌو نا ساعت گهوريو سرنا واريان
4 منهنجا پهنوار پري، ڏو تي شال ڏسان
تيندم "رڪيل" جي سنگت درد اهو تي ڏاريان

سر مانجهه ڪافي539

تل اديون ڙي اباڻن ڏي، اٿم اميد اجان
اٿم اميد اجان ويڙيچن ڏي وڃان
1 مت مارن جو هت مان ڪون ڏسان تي ڪاتي
دل جي اڪين سان دم دم محب مني کي مڃان
2 طرف انهي جي ڙي عمر، پاجهاري اٿم ٻولي
شال وطن تي ويندس پيرو ڪين پڇان
3 سک سچي جو سندرو، درد ٻڌايم دل کي
ڪائڻ جون شيون لذت ويم، خاڪ ڏسان تي رُجان
4 روز "رکيل" کي سرتيون، جانب جي اٿم جهوري
ڏاج ڏکن جو مليم سک پانيان تي سڄان

سر مانجهه ڪافي540

تل ملڪ ملير مارن جو، سدا پيو شال وسي
سدا پيو شال وسي هيءَ ڏيهه اباڻا ڏسي
1 پيچ پني پونر پليا، ڪيون گلزاريون گاهن
سبزا ٿيا اهي سڪا، جيڪو پنهنجي پرکي پسي
2 واءُ وطن جي اديون، هاڻي منهنجي هينڙي لڳي
تيو قاران هيانءُ ڦٽي، هي حال نه ڪنهن کي ڏسي
3 آڙهه اندر ۾ اديون، مچ محبت جو ٻري
ڪيئن آهه ڪيان ڪوڙي سڏجان، طلب تنهنجي هجان مان تسي
4 پرجهه "رکيل" ڪيئن پئي، پيريمغان جي پنڌ جي
دم دم سان اٿم دلبر، جيئن لوهه پارس سان گسي

سر مانجهہ ڪافي541

تل پکا ماروئڙا منهنجا، پٽ تي پنھوار اڏن
پٽ تي پنھوار اڏن، ماڙيون محل ڇڏن

1 ڪيئن مان تڪان ڪوٽن ۾، سور سانگن جا ساڙن
اداڙي عمر واءُ وطن، گوندر مُئي کي گڏن

2 ٻن ساڙيان ويس وڳا، پٽ ريشم ڪيئن پھريان
ڪٿيون مارن جون خاصيون، لوئي پاند لڏن

3 هنڌ وڇاڻا پلنگ، سڪ وارا ڪيئن سي سمهن
خاڪ تنهن جي ڪٽ آ معرڪي محشر ۾ مرڪن

4 ڪر تہ "رڪيل" ڪم ايندءِ، واندو تي نہ وحدت
وس نہ ويچاري پنهنجي، محب سنياريون سڏن

سر مانجهہ ڪافي542

تل شڪر گذاريان ڙي اديون، پرين منهنجا شال اچن
پرين منهنجا شال اچن، قول ڪيو آوو سچن

1 روز مارن جي ڙي اديون، راهہ نهاريون رُوان
سڏڙا پريون پئي سُڏڪان، ڏک تہ ڏيکاريو ڏچن

2 قسمت قيد ڪيمہ ڪوٽ قلعن ۾ قابو
اداڙي عمر اوريندیس، مچ تا اندر ۾ مچن

3 نينهن نهائين کون، سکيم سچاڻي سچو
باق نہ ڪري باهر، ڪيئن تہ ائين رچ رچن

4 سر تہ "رڪيل" جي ڙي اديون، باهہ برهہ جي پڙڪي
سُک نہ ڏنم ڪا ساعت، پتنگ وانگي پيا پچن

سر مانجهہ ڪافي543

تل عمر مير مارن ڪان ماندي ناهي لائق تنهنجي منجهہ شان
1 ڪوٽ قلعا تنهنجون محل هي ماڙيون، منهنجي اندرِ تيون لڳن اماڙيون
پڪا پنهوارن منا اتن مان
2 ڪاٺ ڪاج هي سک نہ سباٽان، منهنجي مارن جا پاڻ پراٽان
چڱا اتن چوغان
3 پٽ پوشاڪان ڪين مان پهريندس، لوئي اباڻي لڪي نہ لجائيندس
باجهون سانگن جي ڪوڙا سامان
4 ذت ڏوتن جو ڪرن گذارا وس چرن تا "رڪيل" ويچارا
ڪَهن ڪين ڪلام

سر مانجهہ ڪافي544

تل پنهنجا پنهوار مان ڪيئن وساريان، سڪ ٻڌايم ايڏا اعتبار
1 رات ڏينهان اکين اوجاڳا، اور اندر ۾ ٻڌم سورن ساڳا
دم دم ساڻ سنپار
2 جاڏهن آيس مان اوڏهن ويندس دل مارن سان گڏ تہ گڏيندس
ڳل لڳي ڪديندس پار
3 درد ڏکي کي پيم وچوڙو، پنڌ ٿرن جو آيم ڏوڙو
طرحين طرحين ڪندس تنوار
4 وجي ميرانپور مان لڏوسي شوق "رڪيل" جو شان لڏوسي
صوفي مرد سچار

سر مانجهہ ڪافي545

تل ڪر واهہ گرو هر نام بازي عشق بنائي هي
بازي عشق بنائي هي، هر دو ڏونهين هر جائي هي
1 مڙهيان مسيتان مئن ناويسان، صدق سيتي مئن سجدا ڏيسان
صبح پڙهان سبحان سرڪي يار پلائي هي
2 سائين لوڪ سڏاوي سوئي جيتي ئي مرجاوي جوئي
سر ڪرڻ قربان، مشڪل بات اٽائي هي
3 فسق فجور ڪريندا گويا عالم هويا عمل نہ هويا
ڪاوڙ زد حرام ساري عمر اجائي هي
4 گنگا تي جمنا تابع ڏوهان، صحيح محمد ساڏا سونهان
آخر پيش امام، والي مرد مولائي هي
5 شاهہ عبدالنبي گر ميرا آيا، ”رڪيل شاهہ“ نون مک وڪلايا
پيا دليندا دام رانجهن رمز رلائي هي

سر مانجهہ ڪافي546

تل گُرو گرو گر ديکو، ميئن ديکيا هي اس شان ۾
مئين دکيا هي اس شان ۾ جيوين بلبل هي بوستان ۾
1 معراج ويکو مک مرشد والا، گل سنبل تي گل افضل لا لا
گل ڪيتڪ هي سربالا جيوين روشن هي چوغان ۾
2 جو حيوان هو وي انسان سڏاوي ذات اسم دي جوت جڳاوي
جوئي منگي سوئي پاوي، تان مرشد دي ديوان ۾
3 توڙ جٽيا جاما پايا، سامي تي مئين تلڪ لڳايا
واهہ جي رام ريجهايا، جي آيا هي اسلام ۾
4 عشق سچي اي قمربڏائي، هوش عقل ناحاجت ڪائي
ڪر ”رڪيل شاهہ“ بي پرواهي تان عاشق تي احرام ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر مانجهہ ڪافي 547

ٿل سڪ وارن کي عين ثواب، ڏسڻ عاشق جو جائز آهي
ڏسڻ عاشق جو جائز آهي، ڏسڻ رڪيل جو لائق آهي
1 عشق جون ڳالهيون عاشق ٻڌائن، لڪڻ ڪون ڪيئن لڪائن
رڳان تن رباب، طلب تاران وحدت وڄائي
2 سڪ وارن قرار آرام ڦٽو هي، چير ٻڌي يار ڏنوسي
ڪري تن تراب "لون ٻاروچل وٺڙم لائي
3 شرم شرع جو پوش ڦهريائون، منجهہ طريقت ترڪ ڪيائون
هليا حقيقت لاهي تہ حجاب معرفت جو منصب پائي
4 "رڪيل" مدامي دل جو جاني صدقي صدقي سر قرباني
ڪسي تي ڪباب، سانگو سر جو لاشڪ لاهي

سر مانجهہ ڪافي 548

ٿل مان ڏي ڪيو جي خيال ڏسن سان نظر ٿيڙم زيارت
1 هيءَ نماڻي نال نہ نياٺون، رمز چي لائي ريهي رتائون
حج مڪو ٿئم حال پرين پاڻ اچي ڪندم پارت
2 منزل ڀاري چيلهہ ٻڌي سي وحدت منجهون وات لڌي سي
سائين اچي تہ سنيال عشق اٿاري ڪيم عمارت
3 "رڪيل شاهہ" سندونا ثاني، منصب اعلي سڪو سلطاني
ايڏو اٿن اقبال، هجي ڪير ڪري ناحيرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر مانجهہ — ڪافي 549

ٿل عشق جنھنجي گهر آيو، عطر ڪٿوري چا لڳي
چندن گسي خوشبوءَ ٿئي ميدان سارو پيو هڳي
1 اڱڻ تهن ايوان تي، اچي پر توو پرجو پوي
ساڳلي هبڪار هيڙي جٽ نينهن جو نعرو وجي
2 تابش برهہ جي بار جي، جنهن سر آئي سوئي سهي
جلوو حسن هرجاءِ هڪ آهہ، سمجهي ايئن ڪوئي سڳي
3 قلب روشن دل سچي حاجت عقل جي ناهلي
ذاتي تجلو نور جو، ميثاق کون هيڙم اڳي
4 رخ "رڪيل" هي رمز رندي، بيرنگي بيشڪ بلي
عجب عبدالستار مانکي، فيض سمجهايو سڏي

سر مانجهہ — ڪافي 550

ٿل سر سجوئي پاڻ آهہ، چوي چوائي ٿو چوان
عجب تنهن اسرار ۾، ڏس ناز دلبر جا نوان
1 سور سختيون سيج سوري نينهن وارن تي ندان
ڪين ترسن تاب کون هو سهج کون ٽيڙا سنوان
2 عشق آئينو اکيون، پاڻ ۾ پنهنجو ڏسان
دل سجاتو دوست هڪ آهہ، بي نہ ڪنهن جي در پوان
3 اونهي بحر عميق جون بي مثل آهہ بي بيان
خبر انت شمار جي ڳجهہ عاشقن کي آعيان
4 هي "رڪيل" هي ريت ڪهڙي توڙي ڏسڻ جملي جهان
پنهنجو مطالع پاڻ ۾ ڪريان ذاتي ٿيءُ روان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر مانجهہ   ڪافي551

ٿل   ڪيان ڙي وگوها ويٺي، هي هي ڪين نہ ڪيم
هي هي ڪين نہ ڪيم پنڌ ڏاڍن سان پيم
1   نفس رلئي سان ڦاٿيس، ڪيئي ڪاڻ تنهن ڪاڏا
ڪين مڃي تو منڪر، اڄ توٽين ڪين ڳهٽيم
2   خبران زماني جون پڏي، تڪبر حرص هنيم
ناڻءَ ناموس مٿي تڪبر حرص هنيم
3   رات سڄي ويم لنگهي سک تہ سمهڻ ٻن گهوريو
سک ۽ سمهڻ چا لڳي، عمر اجائي ويم
4   هڪ ونئي تي هيڪل ڪين ڏسي پئو ڪاهي
شل نہ ملان هجان سک ۾، بار بره جو ڪنيم
5   درد وندن جون دانها، ملڪ انهي ۾ ٻجهن
داد ٻنان داهن جي، ”رکيل“ ائين يار چيم

سر مانجهہ   ڪافي552

ٿل   سگهو سوروچن ڪيئن سرتيون، منهنجي ڪرمن ۾ لکيو ڪين
1   عمل نيڪي ڪم نہ ڪمايم، غفلت ۾ ساري عمر وڃايم
عشق لڳئي چئو آمين
2   جنگي نفس تي سخت لڙائي، ڏيوڻ سرهي مڙڻ ڪچائي
يڪ دل ساڻ يقين
3   اڪبر جنگ جهين وچ ڪڙدي، مارن لاف تي لائق لڙدي
اهي غازي مرد حسين
4 برسر بار برهہ جو آيو، درد رکيل کي ڏکن ڏکايو
اڇي برهہ وڃايم بين

سر مانجهہ   ڪافي553

تل عشق بناچي اديون عمر اجائي ويم
عمر اجائي ويم، ڪل ڪائي ناپيم
1 پاڻ نہ جاتئي پنهنجو پرين وسئي تو پاڙي
ٻيون تي اجايون ڳالهيون هوت بناهل هاڙي
دل نہ سڃاتئي داغيل حيرت ۾ نان هيم
2 سر سوري تي ڏس تون، هت نہ گذارج سنهنجو
رت روئڻ جي ٻاجهون، پرين ڪندءِ نا پنهنجو
ڳالهہ سڄڻ جي ڳجهہ جي، چوڻ واري هيئن چيم
3 عقل اکين کون انڌو، اوندهہ منجهہ ڪين ڏسي
عشق ماهي جو جن وٽ، وارا ڪيون پيو وسي
مرد سچا محبت ۾ هوڪا ڏيون ٿا هلن
4 روز رکيل کون اچي، پار پرين جا پچن
نصيب تن جا سچا لونءِ لونءِ ۾ سي لچن
وٽج ڪيائون وحدت کي، سرڪ سچي سي پيئن

سر مانجهہ   ڪافي554

تل درد وندن جا دونهان، دل ۾ روز دکن
دل ۾ روز دکن، پرين منهنجا جهوڪ وسن
1 سڪ بڌايم سندرو، پار پرين جا پچم
ذات ڏسيائون حق جي، لوح قلم کون لکيم
2 عشق وڌم نئين اتي ڏولائي منجهہ ڏکن
ڪين ڪمائي ڪجهہ نہ ڪيم آسرا سيئي چنيم
3 دل جو دلبر هڪڙو ٻيو نہ پايان سنگتي سکن
اهڙي مونسان لِوَن تہ لڳي سرڪي سوز چکيم
4 هوت پنهل ڪان ڙي اديون چائي وڌم چتن
اهڙي اميد نہ تم کو راز رکيل سان رکن

سر مانجهہ ڪافي555

تل امر لکي جي ڙي اديون، وئي تو قلم وهي
وئي تم قلم وهي، سور ڏسي ڪيم سهي
1 جنهن مٿي سر سختي، ٻيون پاڙي چون ۾ پري
جت باهہ ٻري هنڌ اهو سڙي ٻين کي ڪل نہ پئي
2 امڙ اروٽا ڏنم رات چني جي چئي
ٻڌ سورن جو سندرو، وڄ ڪيچن سان ڪهي
3 ڪيئن هت قسمت آندم دوست ٻنادر ماندي
اکين اوجاڳا ڪيا ڇا گذري ڇا رهي
4 دست وتم مرشد جو ويم خودي جون ڳالهيون
ٻني ٻاري ٽيس دايو، يار لڌم تان لهي
5 جيئن نوڙت ۾ نوين رهہ رياضت ۾ رکيل
پير نہ ٽي تون پوءِ تي ڳالهہ عجب جي ٿهي

سر مانجهہ ڪافي556

تل مٺي مارن جون ڳالهيون جيءَ پنهنجي سان جهلجن
جيءَ پنهنجي سان جهلجن، دل جون دل ۾ هجن
1 صبر ڪيان ڪيئن سرتيون، ماٺ ڪيون ٿي مجهان
اڇن اوقات ائين، روح پنهنجي ۾ رجهان
اهي خاصن جون خبران، سڏڙيا ڪيئن سڻن
2 ڪنين سڻان ڪينڪي، اهي اکيون نا ڏسن
ڏار اکيون هن دلجون، جيڪي پرين کي پسن
روءِ برءِ رمزان، روح منهنجي سان رلجن
3 خوف رجاکون وو ميان، لاهوت سي لنگهيا
قلزم ۾ پيو قطرو سالڪ سرهو سمجها
عين ٿياسي عاشق وات سوان هلن
4 رهبر ٻاجهون ”رکيل“ سي ڪيئن راندرون
زهد عبادت تقويٰ، توبہ ترت تنهن
پاٽون ٿيا هو پاسي سور اهي نا سلجن

سر مانجهہ ڪافي557

تل عمر اباڻن ڪان سدا، منهنجو ساهہ سڪي
سدا منهنجو ساهہ سڪي، قسمت ڪيوَن قيد هتي

1 بن تنهنجا دور دنيا، سوچي لباس لنگن
پٽ پهريان ڪين عمر، لج لوئي نان لڪي

2 هت تنهنجون مصريون منيون، هت منهنجون قوگ قريون
ڪلڻ ڪائڻ خوا ب خوشيون ڪين وٽن تيون مونکي

3 اصل دکاليو عمر ڪڙم واريون هن ڪي ڪي
لاج يريون ڪن لائق مارن منهن تئي متي

4 ”رکيل“ اهيئي روئن، سي حق جي راهہ هليون
ناحق وارن ناهين وتيو توبہ ڪرتون تکي

سر مانجهہ ڪافي558

تل منهنجا اباڻا پٽ تي، پکا پهنوار اڏن
پکا پهنوار اڏن، گذر ڏکيو آ سانگن

1 ڪاج مارن جو پسي ڏورا، للهر لوٽڪ چيڙ چاڙهن
وس چرن ويچارا، مال واريون چڏن

2 هت تنهنجا محل ۾ ماڙيون، دور دنيا جا گهوريان
سيج پلنگ سک نہ سمهان، بن تہ وجهان متاع مڏن

3 ويس وڳا زيور زينت پٽ پهريان ڪين عمر
ڪتيون لويون لعل منهنجون ساهيليون تيون سڏن

4 لوح قلم امر لکيو، قسمت قيد ڪيم
پاند پلو منهنجا ميرا، آجا ڪيو نيئي گڏن

5 اهڙو فراق رکيل عشق وارن جو آ سچو
هلن حقيقت ۾ اهي، معرفت بار لڏن

سرپهاڙي ڪافي559

تل پيريمغان ميڏا ميران مختيار آيا
ميران مختيار آيا عبدالستار آيا

1 اگڻ اسا ڏي سدا شال سونهين، سودا ازل دا ڪتاوت روحين
تاج شهاني سرتي برهہ بهار آيا

2 حڪم ڪتوئي وفي انفسڪم، حاضر ناظر ظاهر باطن
جتي ڪتي مولا ويکان عشق انوار آيا

3 لک لک دعائين مرشد مين تہ مگندي، سدا شال قائم گادي هوسي تساڏي
سدا شال جوڙا جيوئي سخن سچار آيا

4 شاهہ ”رکيل“ داهي نينهن نظارا جهوڪ شهر داهي پسڻ پسارا
جتان ميڏا ماهي وسدا يار ين داتہ يار آيا

سرپهاڙي ڪافي560

تل سر وو ساڏي سئيان، عشق هي امام آيا
عشق هي امام آيا نينهن تي نشان آيا

1 ايمان عقلدا چلدا نہ چارا زوران زوري عشق مريندا نعرا
هلان ڪر هو ڪا ڏيندا حڪم حقام آيا

2 زهد عبادت ڪشف ڪرامت عين هدايت عشق سلامت
ظاهر ظهورا ذاتي مست مدام آيا

3 پل ڳيوسي ڪون پُليندا بي اختياري آپ بليندا
بار برهہ دا باري، سر تي ڪمام آيا

4 آپ ڍهيندا آپ نهيندا، سر تي سختي سوز سهيندا
راز ”رکيل دا“ سارا ڪهڻ هي ڪلام آيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرپهاڙي ڪافي561

ٽِل حرمين ڏي حاجي هليا، ڪعبو اديون مان هت ڏٺو

1 مدد سيتي مصطفيٰ، هر جاءِ هادي حق ڏسان
نڪري چڙهيس نينهن جي نظر، چوگان ۾ ڏٺم چٽو

2 توبهہ تڏهن قبول ٿئي جڏهن دل اچي ٿي ڪنهن دام ۾
ڪر ترڪ چڏ طمع تڙي، تڏهن حج ٿيئي حاصل منو

3 اونهين بحر عميق جي، هي سڏ لڏي آ سالڪن
سختي تنهن جي سيج آ، مس عشق جي لکيو چٽو

4 هن دنيا جو داخلو مردن ڇڏيو هي آسرو
راهہ حق جي رسيا "رکيل" صوفن وڃي سر تي سٺو

سرپهاڙي ڪافي562

ٽِل سک ناسمهون سرتيون سدا، ڪيو ياد ياهو الله

1 بنان جاڳڻ جيڏيون، سکيو سمهڻ سو گهوريون
فرياد سو فرياد وي، رهزن دنيا هي بري بلا

2 جي بهشت جي خواهش رکن، شب خيزتي شاهي رسيا
وردون وظائف وارتون ڪر لا اِلهَ اِلاَّ اللهُ

3 تابع نفس جو تن ترڪ ڪر سچو صبر سيئي سکيا
سختي ڏسي تن سر ڏنو، سر عاشقن جي زلزلا

4 سک "رکيل" هي سمجهہ رک، ڏس عاشقن جون عادتان
سولي چڙهي پڙهيا سبق، ڪري حسن آيو هي هلا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر پهاڙي   ڪافي563

ٿل شائق پرينءَ جي شوق ۾ شب روز سي آهن غرق
1 جن کي لڳي جڙجان ۾، جهوري جهجهڙ لونءَ لونءَ لڇڙ
سي منيون ڪيئن ماٺ ڪن، پيون ماري هي تن آ مرڪ
2 اهي اکيون آهن بکيون تو دوست جي ديدار ڪان
شل نان ملن سڪ ۾ هجن، تن فائدو سڪ ۾ فرق
3 سچو سندرو تن ٻڌو، سانگو نہ سر جو سي ڪندا
بيشڪ پياسي بحر ۾، دئي غير جو واري ورق
4 سر بنان ناهين سهانگو عشق جو سودو سچو
آيا "رکيل" اهي اگهيا هي ڏنو طمع کي تن ترڪ

سر پهاڙي   ڪافي564

ٿل ہم صنم کے دست، سے شراب پیا ہے
1 ک در بحر میں دیدم بموسیٰ کلیم اللہ
کوھ طور کے اوپر تا سلام کیاہ ے
2 نہیں بھشت کے طلب چہ کنم حوراں را
اس ذات کے صفات میں افسوس لیاہ ے
3 گم ذات میں دیکھا، تھا اسرار تماشا
اس جام تان تمام، بے اختیار دیا ہے
4 'رکھیل' شاھ کا محتاج، ازل روز سے ہوا
تیرے زلف کا زنجیر، میرے گل میں سیاہے

سر پهاڙي   ڪافي565

تل   آيس پرين جي پيچ ۾، وڃي اوچتي دلڙي اڙي
1   ڏک ڏولاوا ڏوجهرا، ڏس سبق سورن جو پڙهي
سمجهو سخن سرتيون سچو، متان پير پايو هٿ لڙي
2   وڄ واءُ وانگي تيز سان، آيو عشق سيني منجهه چڙهي
ڌهڪا ڌمن جا دل ٻڌا، لائي درد آٽي هي ڏڙي
3   شب روز شاهي شوق ۾ هيءَ گهٽ نه گهاري ڪا گهڙي
مدعي ماري جنهن مڃ ڪيو دشمن ويو سڪندو سڙي
4   ”رکيل“ سارو صاف ٿيو ڏيئي غير کي توڙون تڙي
اولو پيچي هي اکن ڏنو، جند جان جانب سان جڙي

سر پهاڙي   ڪافي566

تل   اڄ ته پنهل يار جا، خود ناز ٿم نوان
1   بعضي غصي بعضي هسي، ويم دوست دل کسي
ڪڏهن رووان ڪڏهن کلان، سيني سور ٿيم سنوان
2   ڪڏهن ڪفر واري دام ۾، ڪڏهن محبت واري مام ۾
ڪڏهن مومن هان اسلامؒ ڏيئي هو ڪو حق چوان
3   حسن صورت سو سندي دوست جي ديدار جي
جڏهن پارس سان پاسو لڳئي لڳيم رمز ٿيس روان
4   صوفين کي ناهي ڊوهه دغائي، اندر ٻاهر يار صفائي
”رکيل“ جا چئي جانب جائي، ڳجهون ڳالهيون سڀ ڪيان

سر پهاڙي   ڪافي567

تل سهڻي يار جي ديدار ڪان، دل روز پئي سڪي
1 نہ سلام نہ پيغام، پنهل يار ڏنهون اچي
گهڙي حال لنگهيم سال، لڳيم تانگهہ پئي چڪي
2 سڻي فرياد ڪندم داد، هي امداد پي اچي
راتيان ڏينهن لڳم نينهن پيس يار جي پڪي
3 جانب جوش منجهون پوش، اندر دو ڏ پيو دکي
هو ۾ هوتان خوشبوءِ، لڪايان ڪين پئي لڪي
4 "رکيل شاهہ" جي صلاح عجب خلق کي اچي
صبح شام وڏائي گام ڪر تعميل هي تڪي

سر لوڙائو   ڪافي568

تل وڃي درد: انهيءَ منجهہ تيڙس داخل، جتي خون جگر جو جوش لڳو
جتي خون جگر جو جوش لڳو، مستي موج بحر نوشون نوش لڳو
1 قلزم ڪارو يار انهيءَ ۾، لهرن جو تہ لقاءُ لڳو
نہ ملاح نہ ٻيڙي سير تکي ۾، حيرت وارو هوش لڳو
2 رج نہ پايان حال فقر جو، وحدت وارو ويساهہ لڳو
اندر ۾ آ باهہ برهہ جي، خائف تي خاموش لڳو
3 اونهين بحر عميق انهي ۾، ڪنهن نہ ڪنڌي جو پاند لڳو
غوطو ڏيئي ٽيس گم انهي ۾، اسرار ڳجهي جو پوش لڳو
4 پنهنجو پائڻ پاڻ وڃائڻ، هن هستي جو تہ حجاب ڀڳو
"رکيل" ڏنو آ رنگ پرينءَ جو، هر طرحين انوش لڳو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرلوڙائو كافي569

ٿل نينھڙو لاتم پاڻ سڄاتم، ڪيم ديس انھي جو ديدار
ڪيم ديس انھي جو ديدار، دل جو ملڪ وڏو بيشمار
1 شاھہ سڪندر روۓ زمين کي، جاچي ڪيو آ جار
دل جو ملڪ ڏٺو درويشن، جت مولا جو مدار
2 چوڏھن طبقا دل جي اندر ۾، عشق ڪيا اظھار
طلب حقيقي ھر دم ھڪ، ٻيو نہ پڇاڻ پار
3 مئخاني منجھہ پاتم جھاتي، آيو ڏسڻ ۾ يار
واحد وجود وحدت سارو، ناھي وٽي ھڪ وار
4 فڪر فنا جي فاني ڪيڙو، ڏس رمز ”رڪيل“ اسرار
قلزم ۾ وڃي قطرو رليو، اصل نسل او جار

سرلوڙائو كافي570

ٿل منيس ڙڻي مانكون صورت نہ وسري، مان ساجن سچ ڪيئن سڃاتو
مان ساجن سچ ڪيئن سڃاتو، آيم نينھن نياڻ ناتو
1 ھر جاۓ مان ٿي ھڪ ڏسان، اٿم سچو قول ڪوھيارو
ٻيو ور ڪنديس ڪون ٻيو، مان پيچ پرينۓ سان پاتو
2 جوش خموش جاري جاڳيم، ازلي عشق اُلانبو
ڦوڪي آڙھہ اندر ۾ جيڏيون، لالڻ مونکي لاتو
3 سمجھہ پيم ھي سور پرائي، دردن دوڌ دکايو
سک قرار نہ صحت سمجھان، عشق تڏھن مان جاتو
4 اندر ھوتي ٻاھر ھو، اڄي دل ۾ دوست سمايو
”رڪيل“ اھا رمز سڃاتي، رات ڏينھان اوراتو

سر لوڙائو   ڪافي 571

تل عشق اندر ۾ شور مچايو، جانب ويو اٿم جاءِ ڪري
جانب ويو اٿم جاءِ ڪري، محبت جو تو مچ ٻري
1 عجب اوجاڳو سمجهہ سچائي، دل ۾ ڏس تون ڏيان ڏري
دم دم سان ديدار سڄڻ جو، ناڻءُ وتي تو هاڻءُ نري
2 ترڪ طمع جو تڏهن ٿڙايئي، عاشقن جي آ پرهيز پري
خوف رجا جا خطرا خواهش، تڏهن وڃن جڏهن نفس مري
3 رمز رندي هي سمجهڻ مشڪل، سڌڙين جو تو ڏيل ڏري
عشق ٻنان ميدان انهي ۾، ڪير اچي ٻيو قدم پري
4 حد لنگهي هي بيحد ڪيڙو، ”رکيل“ کي انهي ذوق ذري
هر طرحين تو حق ڏسان، پڌر پيو وڃي خيال پري

سر لوڙائو   ڪافي 572

تل عشق اندر ۾ آڙهہ ٻاريو، سوز وڌم تن ساڙي
سوز وڌم تن ساڙي، منهنجا هڏ هلندم هاڙي
1 مٿو مچ ۾ جان جلائين، سختي سر سهائي وو
سچو عاشق تڏهن سڏيندءِ، سولي سر چاڙهي
2 ٻاهہ برهہ جي تيز تکي آ، ٻاروچل ويم ٻاري وو
ڳجهو راز ٻڌايان ڪنهن کي، آيل ڪيئن اگهاڙي
3 صحت فرحت سور وڃايم، ناهہ اکين خواب اوجاڳو وو
جلڻ ريءَ نان جانب ڏسندين، قول پرين سان پاڙي
4 سمجهہ ”رکيل“ تون پاڻ سڃاڻي، متان ٻاهر ٻاڦ ٻڌائين وو
مڪڻ سيخ پچائڻ مشڪل، متان ڪچو ٿين ڪن لاڙي

سر لوڙائو   ڪافي573

ٿل عشق نهين ڪوئي اٽڪل باري، سولي سر چڙهاوي ڪون
سولي سر چڙهاوي ڪون، رندي رمز پڙهاوي ڪون
1 جان جان عشق نہ ٿيوي رهبر، ذاتي خيال جڳاوي ڪون
ٻلدي ٻاهہ برهہ جلدي، آڙهہ وچ اڙاوي ڪون
2 ٻهہ ٻهہ ملان مسلي ڪردي، مستي مام ملاوي ڪون
سي سي سجدي ڏيون ساري، هستي توڙ چڙاوي ڪون
3 جو رستا سائين عاشق ويندي، الٽا باب ٻتاوي ڪون
اناالحق دا ڏيون هوڪا، شاهد وچ ڪڙاوي ڪون
4 ”رکيل“ ناراز چپاوڻ، وحدت جام پلاوي ڪون
قُم بي اِزني آپ ڪهايئي، ظالم فوج لڙاوي ڪون

سر لوڙائو   ڪافي574

ٿل باور ناهين پيت نہ پئڙم، عشق خريد وهائڻ جي
عشق خريد وهائڻ جي، لنئون لائي خرچ جي لائڻ جي
1 مال دنيا سان عشق نہ ملندءِ، هي ٿي هستي حجت وڃائڻ جي
سر جي ٻازي سر تيءِ آئي، سک رمز وجود وڃائڻ جي
2 ناميدي نينهن وارن سان، ٻاڻ نہ پنهنجي پائڻ جي
فڪر فنا منجهہ فاني ٿئڙا، دردون دود دکائڻ جي
3 اندر سياهي منهن سان محبت، ميتا جي تہ مٽائڻ جي
دوستي سان دغانان گهر جي، ناهي حاجت ڪُوڙ لڪائڻ جي
4 ڏوهہ ثواب توبهہ تقوا، سک ريت اها تہ متائڻ جي
علم ”رکيل“ جي لدني لهجي، وحدت سير وڃائڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر لوڙائو كافي575

تل حجت حاجت هو هتڙي ناهي،سنگ نہ پرين سان ساهيان
سنگ نہ پرين سان ساهيان، مان ڪجهہ نہ الائي چاهيان
1 آبون گل جو نهيم پنوڙو، ڪجهہ مان ڪجهہ تي سڏايان
آتش بادون خودي خرابو، واءُ اها تي وڏايان
2 جاچي ڏس عناصر چارئي، نانهہ نفي تي ناهيان
راحت روح رلائي ذاتي، جسمون اسم جڳايان
3 هلڪي تي اڳيون هوتن جي، پاڻ نہ پنهنجو پايان
سال تيم سڪندي سڪ ۾، ڪيچ متي تي ڪاهيان
4 سک رمز ”رکيل“ رضا تي راضي، عشق تذهن چئو آهيان
درد لڳئي تہ ديوانو سڏ جين، حجاب اهو لج لاهيان

سر لوڙائو كافي576

تل پڙڪي باهہ برهہ جي پينر، جوشن ۾ تي جاليان
جوشن ۾ تي جاليان، اهو قول پنهل سان پاليان
1 جوش خموش خوف خدائي، عشق اوجاڳو آيم وو
ڪودم سک ناسنيران سرتيون، آيم عشق اليلان
2 فقير سڏاوڻ ڏک هي پاوڻ، ڪون فقير سڏاوي وو
پورڻ چکي ۾ مشڪل بازي، وحدت عين وصالان
3 ننڊ حرام دردي دل ڪي، ذاتي خيال وڄايم وو
سينو ساڙيم سوز پنهل جي، دم دم دوست سنڀاليان
4 حال ”رکيل“ جو واقف سارو، معنئي ڪرڻ مثالان وو
ڪي صاحب صفائي جا سالڪ سمجهن، محبت پوتم مالهان

سر لوڙائو   ڪافي577

تل   روز پنهل ڏيان مين رمزان ويکان، مرشد پيت بتائي
مرشد پيت بتائي، ڪيتي رهبر راهنمائي
1   مين قربان تنهن مرشد تون، جنهن ڪعبا ات وکائي وو
مئخاني ڪر دل ڪون سمجهيم، صوفي سر سدائي
2   هر جاءِ حسن هڪو سائين هڪ هي، ڏوجها اور نہ ڪوئي وو
وچ صفات دي ذات ڏٺم، سارا سر خدا ئي
3   سوز انهيءَ وچ سڙدي عاشق ادني علم عطائي او
حل اهو ناهرگز رجدي هڪڙا دم نہ جدائي
4   جنهن ڪون تانگهہ لڳي سائين تن وچ، ڪردي سربهائي وو
عشق "رڪيل" تي آرام نہ آوي، نيڻين نند نہ ڪائي

سر لوڙائو   ڪافي578

تل   لک شڪر ڪيان مان سو سو پيرا، اڱڻ ٻاروچل آيو
اڱڻ ٻاروچل آيو، مان تہ ڳاٽ پري ڳل لايو
1   سورن پري جو سمهڻ گهوريو، مونکي جانب پاڻ جڳايو
مني محبت موهيو اداسي جيڙو، دردون دود دکايو
2   مان جهڙي سان ڪيو ملڻ جي، تو پنهنجو قرب وڏايو
چندن جي خوشبوءَ گسڻ سان، رڳ رڳ حق سمايو
3   پينر شهر پنيور ۾، منهنجو ذکن ذيل ذکايو
اتم آس آري چام اچڻ جي، پير پرين هِت پايو
4   "رڪيل" برقعو بشري پهري، منجهہ صفات سمايو
انا احمد بلاميمي، عبدون احد سڏايو

سر لوڙائو   ڪافي579

ٿل ماريس تنهنجي وهم وڇوڙي، ٽئڙم پاند پراٽان
ٽئڙم پاند پراٽان، توکي هڪ ڪيون ٿي ڇاٽان
1 اکيون اتي وڃي اڄ اڙيون، مان تہ ائين دل سان پانيان
نت نوان تنهنجا ناز ڏهاڙيون، ڪر نہ مٺي سان ماٽان
2 اهڙي آتش عشق مچائي، شب روز ڪيان ٿي پُڪاران
درد وندي جون دم دم دانهان، ڪين وٽن تا ڪاٽان
3 پلڪ پلڪ ۾ پور پون ٿا، مان ويٺي ڪانگ اڏايان
سڪ سدا منهنجو ستر وڃايو، ويڙم ويس وڇاٽان
4 رمز "رڪيل" سان ڪهڙي لاتئي، سچ چئو سڄڻ سياٽان
گهايل جا اهي چاڪ چڪن ٿا، پر جا ڪندس پڇاٽان

سر لوڙائو   ڪافي580

ٿل تنهنجي ناز غماز نهوڙيم دل کي، بيوس وئي اهي ونگجي
بيوس وئي آهي ونگجي، منهنجي ٻاروچل ساڻ ٻنگجي
1 نڪو داد فرياد ڪيان سودانهان، حجت هتي نان هلندي
بدبخت آهن تہ نصيب تنتي جا، ڏوهن ۾ وئي ڏنگجي
2 پير پرين جي پڙ ۾ پائڻ، جسم جلائڻ جنگجي
عشق بنان بيو ڪير اڇي، سوري تي سر تنگجي
3 کن کُها فيکُون بنايئي، هي رمز پرينءَ جي رنگجي
سر صفات ڇپايئي پنهنجو، عين صورت ۾ انگجي
4 تابش جو آهي تاب تکو، ڪين سورهہ بيهن سنگجي
پتنگ پون ٿا روز "رڪيل" شعاع شمع تي لنگهجي

سر لوڙائو   ڪافي581

ٽل ڪرياد الستي مسافر جيڙا، ڪالهہ اهو تو قول ڪيو
ڪالهہ اهو تو قول ڪيو، جيڪي ستيون تن ڪون ساٿ ويو
1 غفلت غير هي ننڊ نياڳي، هي هي توکي حرص هنيو
نہ رام رهايئي ڪين وهايئي، پلو تنهنجي ۾ ڪجهہ نہ پيو
2 هنڙي آئين ڏيهہ ڏسڻ ڪان، تو سودو ڪهڙو وٺج ڪيو
ڳل منجهہ ڪفني ڏيندءِ ناهي، هئي هئي چوندءِ موت هنيو
3 اٿي اور الف سان اوجاڳا ڏيئي، سيني پاٺي ڏس لعل ليو
اها عادت سڪجي اصيلن ڪون، اوجو ڪمتل آهي مرد ميو
4 وحدت اندر ويم وڪوڙي، پرينءَ سان منهنجو پيچ پيو
مٺي دل کي عشق اوجاريو ”رڪيل“ سارو سچ چيو

سر لوڙائو   ڪافي582

ٽل فڪر فنا جي ڪٽڙم فاني، جان جسم سارو تنهنجي سورن ساڙيو
1 ماس هڏا پنهنجا، تنهنجي سڪ منجهہ ٻاريان، رڳ رڳ ۾ اٿم توير جون تواران
جلن ٿا جيرا منهنجا، نئين ڪٺاهي ۾ ڪاڙهيو
2 من جي خودي وڃي ڪٿهن جي ڪاڻي ڪيئي پيار پنهنجو تڏهن مهر ڪيئي ماڻي
قول الستي اهو، اڇي پرين مُوسان پاڙيو
3 ڪين ڪمايم الائي چاهيان، اميد ملڻ جي اها نتي پايان
غير غرور ويڙم، نئين تنهنجي عشق اماٽيو
4 چئو تہ ”رڪيل“ توکي ڪيرتو چوائي، جاڻ سجاڻي پنهنجو سر سمجهائي
انهي برهہ جي ٻاري تي، ڪنهن توکي چاڙهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر لوڙائو   ڪافي583

تل   پنهنجي ڪرمن ڏنهن تي پانيان، مان ڏک سان عمر گذاري
1   حجت حاجت منهنجي هتڙي ناهي، زوراور سان اتم زاري
جي وٺندن تان ئي وڙ ڪندا، نہ تہ انهن جي اختياري
2   هي هي منهنجي حال ڏکي ڪان، آهيان اصل آزاري
ڪڏهن چہ لهندم ڪوهہ ڪشالا، سانول ڪندم ستاري
3   سڪ اندر ۾ پارڻ پاريو، برهہ لڳو اتم باري
مرڻ جيئڻ جي ڪل نہ ڪائي، پنهنجي وس نہ ويچاري
4   علمون حلم جي سمجهہ هدايت، هڪ جي رک تون سچاري
ڪاهہ "رڪيل" تان ڪيچ پڄين، پوئتي مڙڻ مياري

سر لوڙائو   ڪافي584

تل   ڪالهاڪون تو ڪانگ لوين، آيم سهڻل جا تہ سلام ڪٺي
سهڻل جا تہ سلام ڪٺي، ٻولي ٻاروچل جي واهہ وٺي
1   دل اکيون اتم طلب توهانجي، هاڙي ويندس هڪ ڄٽي
حسن تنهنجي جو سير سمايو، حيرت ڪيو مدهوش هٽي
2   فڪر فنا جي فاني ڪئڙم، پرين جي بيزار پٽي
عيب گناهہ مني جا ميرا، ڌوتا تو ديدار ڏٺي
3   پوش انساني سر سبحاني، ڳجهہ ۾ اها تو ڳالهہ ڳٺي
برقعو پائي ويس مٽائي، آيو اتم انسان ٻٽي
4   عشق امامت نينهن نظارو، عُشاقن جي آهي اتم اٽي
"رڪيل" غير وڃائي سارو، صاف ڪيو سينو سڪ گهٽي

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سر لوڙائو   ڪافي585

تل خان پنهل وهيل ڏي ويندیس، دم نہ ٽيندیس توکون ڏارپري
دم نہ ٽيندیس توکون ڏارپري، منهنجي ساعت تن کون ڪين سري

1 درد دمن سان ڪيان ياد پرين کي، اندريڙڪا ڏيون تي باهہ ٻري
سڪ سچي آٽي سورڪڙا ڪيا، قلم لکيو انگ ڪين ٽري

2 جان جسو هي جيءُ پرينءَ تون، صدقي تي قربان ڪري
ڪندم قبول دل جون دانهان، اڱڻ ايندم شل قدم پري

3 اڱڻ ايندم شل عيد ڪندس، منهنجو يار ڏني تو هانءُ ٺري
لڄ شرم هي پت سان پوري، دلبر سندم ڏيان ڏري

4 درد فراق وڇوڙو ورڪان، ڏونگر ڏسي منهنجو ڏيل ڏري
هي هي حال ”رکيل“ جو هيٺو، ماريس تنهنجي ذوق ذري

سر لوڙائو   ڪافي586

تل فائدو جاڻ فراق چڱو تي، ڪر نہ وصال جي وائي
ڪر نہ وصال جي وائي، هي جانب جي نہ جدائي

1 ڪوڙي ٽيندينءَ ڪانڌ اڳيون جي، ڪيئي پٽا ڪندءِ ڪچائي
ميري ڪيئن منظور پوي، رکيئي دل ۾ تہ دغائي

2 پاڻ کي پائمال ڪري، هي رند وٺي ٽيءُ راهي
اوجاڳن اجاريو جي کي، لنون ٻاروچل لائي

3 ڪاڙهن دل کي ڏسن چہ ڪيميان، جنهن پارس ساڻ گسائي
هڪ دم دم سان جواهر موتي، پوئي من منجهہ مالهان پائي

4 وڙن واريون رهائن ورسان، ”رکيل“ سڪ سچائي
اهي مرجان ماڻن سهج سداءِ، پت ۾ جنهن رهائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرلوڙائو   ڪافي587

تل جاڳيس ڪين جانب ڪان جيڏيون، سانول ڪيچ سڌايو
سانول ڪيچ سڌايو، منهنجي سمهڻ سهاڳ وڃايو
1 سڄو شهر ڀنڀور جو، منهنجو رانول ڪنهن نہ ريجهايو
2 اکين اوجاڳو ڪين ڪيو، منهنجو سنج ۾ پنڌ تي سجايو
3 هي هي منهنجي حال ڏکي ڪان، اڇي دونهون درد دکايو
4 لوڪ ستو ننڊان ڪري، مونکي محبت مچڙو مچايو
5 ”رکيل“ ساٿ سلامت سوئي، تن جيڏن جيڙو جلايو

سرلوڙائو   ڪافي588

تل ڪان پنهل ڏنهن ورندي آيم، ويني ڪانگ اڏايان
ويني ڪانگ اڏايان، هي ڏک سان عمر نپايان
1 غم وڇوڙي سورن ساڙيو، ڪيئن باهہ اندر ۾ ڇپايان
سڪ سنڌو ناساعت مونکي، شل لهندس توسان لاوان
2 عشق تنهنجي ساءِ ڪيم سودائي، هي خاڪ ڇتن منجهہ پايان
ڪنين پنهل جي پوندم ڪوڪان، دردوندي جون دانهان
3 ڪونہ ڪهين جو ڀيڻ پائي، هي ويدن ڪنهن سان ونڊايان
ڳارن ٽيون اهي ڳجهہ جون ڳالهيون، دل جون دل کي ٻڌايان
4 نينهن لڳو تہ ننڊ وئي، هي جانب جان جلايان
سو ڦيري تہ ”رکيل“ تي صدقي، پنهنجي پاڻ نہ پايان

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سر لوڙائو كافي589

تل امر لکي جي هئي ميسڻ مشڪل، ڪاتب قلم وهائي
ڪاتب قلم وهائي، منهنجي ڪرمن جي هي ڪوتاهي
1 درد فراق وڇوڙي ماري، جانب ڪيم جدائي
شل نه ملان منهنجي سڪ ناگهنجي، ڪيچي ڪنلم ڪچائي
2 جانب لئي نه جاڳيس مان، هتون هوت پنهل ٿيم راهي
پيرين پيادي هي ڪيئن پڄي، دل جو پنڌ سڄائي
3 انگ لکيو منهنجو هوت پنهل سان، مان سورن سيج وڇائي
سڪ واريون هو سمهن نه سيئي، نيٽين ننڊ وڃائي
4 هلڻ هرگز ويهڻ نه وڃ تي، ڏونگر واٽ ڏکيائي
"رکيل" هي هي تن ڪان هاٽي، سورن ڪان ته سمائي

سر لوڙائو كافي590

تل هي هي سرتيون حال فقيري، ڏک جا ڏينهن گذاريان
ڏک جا ڏينهن گذاريان، ور ويهي ڪيئن مان وساريان
1 جودم جيوان جانب جوئي، ساجن پنهنجو ساريان
آتش عشق الانبو لايم، هڏ هتي هتي باريان
2 عالم ليکي عشق سهانگو، خبر تنهين جن ڏاران
خون جگر جو پيئڻ مشڪل، گهوريو سر نه هي واريان
3 نفس رليو تو روح رلائي، حرص هنيون هيڪاران
فقيرن باجهون ڪنهن نه هٿايو، منڪر کي ڏيئي ماران
4 سوز سوين هي ساز ڪڙاڪيا، لاتم برهه بهاران
راڳ رڱن ۾، "رکيل" آيو، هو هو ڪن سپ تاران

سر لوڙائو ڪافي591

ٿل اهي چڪن تا چاڪ فراق، جيءَ ۾ سور جڪن
ڏسان ڏوري شال ڏکن

1 سمر سور تتي جا، جيئڻ ٻن سکن
2 جهولا جهليندس جان تي، لوهاتيو آهه لکن
3 لوڪ لکائي نہ پوي، ڪهڙي سڌ سڪن
4 "رکيل" نينهن نيائجي، دردون دود دکن

سر لوڙائو ڪافي592

ٿل مڙين موچارو، آيو وڻجارو، سرهو ساٿ پري

1 پنجتن جي صفت سچاري، يار پرين جا پلارا چارئي
ٿار اکين جا ڏسي دل ٺي ٺري

2 مشرق مغرب عجم عروسي، ملڪ فلڪ تنهنجي ڪندا پاءِ بوسي
حاتم هزارين تنهنجا دربان دري

3 مرشد منهنجو منجهہ جهوڪ سونهاري، سرڪي سچي مونکي پرين تہ پياري
ڪيو آ ظهور ظاهر تنهنجي ذوق ذري

4 سوين تنهنجا سوالي ويندا ڪين خالي، تون وارث وسيلو آن امت جو والي
آصي اچن توڏي اها اميد ڪري

5 احمد تي ائين اولو ڪري آيو، احد منجهون تو عبد سڏايو
ڏس تہ "رکيل" ائين تون ڏيان ڏري

سر لوڙائو ڪافي593

ٿل عشق جا وڏيل اهي، ٿڪر ۾ ٽوٽا
تن آ ڪباب تن جو، پنهنجو پاڻ ٽا پچائن
1 تن آ تراب تن جو، سي ڳوڙها ڪيئن ڳاڙن
جوش خموش پنهنجو، اندر پيا اماڻن
ساز آواز سمجهي، نيئي نينهن سان نچائن
2 عشق نانگ ڪاريھر شل ڪنهن کي نہ کائي
وهہ جي خبر وڃي، ڪو تنهن کون پچائي
سورن جون دانهان، مٺي کي ماتم مچائن
3 سک نا سمهن سي، اکين اوجاڳا سهٽان
وجهي وحدت جون، ورهہ جون واڳان
دم دم سان دل کي، تنهنجي رنگ ۾ رچائن
4 قول ڪنل سان، شل پنهنجو اچي پاڙي
اٿم آڳ اندر، تنهنجي سڪ وڏو ساڙي
ٻيو ڪنهن ڏي وڃان، مونکي شل هتي ناگچائن
5 ذڪر فڪر سان پرين هن پورا
چاڪ چوڏاريون، چڪن ٽا چورا
جاڻ "رڪيل" پنهنجي غير کون بچائن

سر لوڙائو ڪافي594

ٿل خوشبوءِ خاصي عطر ڪتوري، صورت سهٽل جي جئن گل گلابي
1 چشمون چمن تنهنجو شهد شڪرپيارا، واس ونن وبھي فيض فقر سان
اولو يڳائون حساب حجابي
2 دام دئي جو چڏي ويم سانگو، اچي ويم اندر ۾ عشق جو الانبو
باهہ برهہ جي آيم شوق شتابي
3 قلم لکيو هوبي نہ ڪمين سان، الست ازل جو انگ منهنجو توسان
هتي مان سچاتو هيم حسابي
4 پري کان پرين جي "رڪيل" کي آئي، بوءِ عجائب سيني ۾ سمائي
ملڪ پڏايان سارو عجم عرابي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر لوڙائو   ڪافي595

تل   دلبر دل کون دم نہ وسري، پلڪ پلڪ ۾ ڪندس پچار
1   ڪيئن چپايان ڪين لڪي ٿو، طرحين طرحين پڌيم تنوار
2   ذات زوراور سان لڳم ناتو، وڙ ڪندا نہ تہ آهيان لاچار
3   ڳڻ پرينءَ جا ڳالهيون تہ ڳائيندس، عشق تنهنجي آٽي ڏنا اظهار
4   عشق ازل جو سر "رکيل"، جي مون نہ سجاتو منيس ميار

سر لوڙائو   ڪافي596

تل   دل ويچاري دردن ماري، سورن آٽي هتي پڌا سامان
1   روز ڏهاڙيون وجن ٽا ساڙيون، جلوي حسن جي ٻاريا جولان
2   دل اڪيون ٻئي ڦاٽيون ڦند سان، مام ڏيئي ڪيئي ڪيئن مستان
3   نينهن وارن کي ننڊ نہ ڪائي، حيرت ۾ اهي آهن حيران
4   تانگهہ "رکيل"کي طلب ملڻ جي، آءُ پرين مونسان پڌ انجام

سر لوڙائو   ڪافي597

تل   مان لوچي لڌو آ پنهنجو پاڻ ۾، اوهان ڪين ڏٺو منهنجو محب مٺو
1   پاڻ سڃاتم پنهنجو، تڏهن پرتم ور رٺو
2   اگڻ آيم اوچتي، اچي محبت مينهن انو
3   اوندهہ جو اسباب ويو، اپريو چوڏهين چنڊ چٽو
4   "رکيل" روءِ بروءِ سان، هٿون تير چٽو

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سر لوڙائو   ڪافي598

ٿل منهنجو لکيو لاهوتن سان لڳو، اها واهه وٺي اچي باب ٻٽي
1 جاچڻ نه ڪاجاءِ ٿي، او سهٽا ڳجهي ڳالهه ڳٽي
2 اتم عجيبن جي، او سهٽا مٿي عشق آٽي
3 لڳم نينهن نصيب ٿي، او سهٽا جاٽان هڪ ڏٽي
4 ”رڪيل“ ٻول ٻروچ جو، او سهٽا ڏس تون پيير ڪٽي

سر لوڙائو   ڪافي599

ٿل ڪيئن ميسيان مس تقدير جي، لکيو قلم قضا، جيڪا رب رضا
1 سختي سر سچن جي، مستي عشق مزا
2 محبت جي ميدان ۾، اٿي دم دم سان غزا
3 حاضر تنهن حال ٿيو، نيڪي خير جزا
4 ”رڪيل“ مئن کي مارتون، سمجهي ڏينس سزا

سر لوڙائو   ڪافي600

ٿل مان ڏنو ڪاهيارو ڪيچ ڏٽي، پکي عشق پيم
پکي عشق پيم، دل جو وهم ويم
1 دسيم دز اندر جو، ماري ميد ڪيم
2 نريم نار اکين جا، تو ڏنهن ڏاڻ مليم
3 باروچل پنيور ۾، سدا نچايم
4 ”رڪيل“ رمز سچيءَ سان، سمجهي سچ چيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر لوڙائو   ڪافي 601

تل بيان چوڻ ڪرڻ ڪون ٻاهر
ڳليءَ ڳليءَ تي اهي ڳالهيون تنهنجون ڳايان

1 دل جو دنبورو، اهي رڳان منهنجون تاران
رڳ رڳ ۾ هو هو جون پچاران
لک لک ڀيرا تنهنجو ڀلايون تي پايان

2 آسمان ڪاغذ درياءَ مس ڪيان سارو
ناهي حاجت لکڻ جي تنهنجو حسن پسارو
صفت عمر ساري مان ڪنهن کي ٻڌايان

3 دل جو قطرو پاڻيان تي ملڪ ولايت
دم دم سان تو هڪ جي حڪايت
جاءِ نہ لڪڻ جي توکي ڪاٿي مان لڪايان

4 يار "رکيل" جي اڱڻ تي آيو
قدم مبارڪ اچي پرين پير پايو
حال جو واقف منهنجو مان توسان پيچ پايان

سر لوڙائو   ڪافي 602

تل ربيءَ تي ملڻ جي منهنجي دل ماندي، اجهي پرين ايندا ايندا
اڄ مان اڱڻ ٻهاريان

1 ڪڏهن پرين ايندو، مان ڏوندس ميرا
جوش انهي ۾ جلن ٿا جيرا
آءُ نہ عمر ساري ڏکن ۾ گذاريان

2 ڳچي پاند پايان، مان ڪانگ تي اڏايان
ڳجهون تنهنجون ڳالهيون مان ڪنهن سان ونڊايان
حال جو واقف محرم، هڪڙو دم نہ وساريان

3 قدم پيري پرين اڱڻ منهنجي ايندو
دل کي دلاسو ڏکيءَ کي ڏيندو
نيڻ ڪنيون مان تنهنجي راهہ نهاريان

4 ٻاروچل ٻولي پرين شال پاڙن
روز "رکيل" کي تنهنجا سور ساڙن
پورپون تنهنجا سدا توکي ساريان

سر لوڙائو ڪافي603

تل مان پير پيتيندس پاڻ ڪان، او سرتيون چڏي ورويم
1 آيم نند نياڳ جي، او سرتيون ڏيرن ڏاڍ ڪيم
2 ڏينديس باھ پنيورڪي، او سرتيون ڪيچن سان قول ڪيم
3 سچو ساٿ سورن جو، او سرتيون پيري بار ڪنيم
4 هجان شال فراق ۾، او سرتيون پلئي عشق پيم
5 ”رکيل“ روئيندي راتڙي، او سرتيون حيرت هوش هنيم

سر لوڙائو ڪافي604

تل منهنجو لڳو آهي عشق مولا سان، مرجان گلا ڪن، توڙي بد چون
1 خلل خواريون خلق جون عاشق سر سهن
2 انگ تہ لکيو هو اڳهين، منهنجو سنگ تہ سپرين
3 جنجو عشق الله سان، اجهڙسي نہ پون
4 گلا ڪندڙ گار تيا، هاوي منجهہ هجن
5 ”رکيل“ چوي سمجهيا ڪينڪي، سچ کي ڪوڙ چون

سر لوڙائو ڪافي605

تل مان تہ جُهران جهچان پئي جوش ۾
ايندم شال وري، پوندم نيڻ ٺري
1 پير چنم هي پنڌ ۾، منهنجي ساعت ڪين سري
2 ڏير ڏکي کي ڏيئي ويا، سر تي سور پري
3 اچڻ جي تہ انجام جي، وئي آهي ويل ٽري
4 ”رکيل“ هي آتش عشق جي، جهلتون تاب تري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر لوڙائو ڪافي 606

تل هوت چوي چوائي پاڻ ٿو، ڏسو پاڻ پڇي، منھنجي ڳالھ سچي
1 دم پچائي درد سان، لايو رنگ رچي
2 ھٿ وني ھاڙھي ھليون، چڏي ڪرت ڪچي
3 عشق چڪي آڙاھ ۾، بينا مرد مچي
4 "رڪيل" آيون سي اگھيون، آتڻ منجھ اچي

سر لوڙائو ڪافي 607

تل منھنجو ڪاڏو اٿم ڪيچ ڏي، گھاريان ڪين گھڙي، اکيون ويم اڙي
1 اٿي اسر ويل ڪي، ڏسي رند رڙي
2 الڪي منيس عجيب جي، لاتم درد ڏڙي
3 چڏيم ھن ينيور ڪي، ڏيئي ترڪ تڙي
4 "رڪيل" سي ت رسيون وجي، منجھون قلب ڪڙھي

سر لوڙائو ڪافي 608

تل اھڙي ننڊ آيم ت نياڳ جي، قابو ڪيف ڪيم، سنجھي ساٿ ويم
1 جيڏيون جاڳيس ڪين ڪي، پنھنجي ڪرمن ڪي ت چيم
2 آيو ڏولائو ت ڏکي ڪي، سرتيون ٿمر ڪون ڪنيم
3 فڪر ۽ ت فراق ۾، وجي پري پنڌ پيم
4 "رڪيل" ڪين ڪين ٿئين، انھي حيرت ھوش ھنيم

سولوڙائو ڪافي609

تل منهنجو آيم ٻاروچل گهر گهري، ڪنهن سان ڪين سليان
ڪنهن سان ڪين سليان، سرخي چندن مساڳ مليان
1 عطر ڪتوري اگڻ تي، گل گلابي گلان
2 سو ڦيري صدقي وڃان، جهولي عشق جهليان
3 لوچي لڌم لامڪان کي، پليس آءُ نہ پليان
4 ”رڪيل“ هو ڪو حق جو، ڏيئي پنهنجو پاڻ پليان

سرلوڙائو ڪافي610

تل تڏهن ڏٺم ظهورو ذات جو، مان هڪڙو حرف پڙهيو
اندر ۾ الف اڙيو
1 نفس نجس نادان کي، ماري توبهہ مان ترت تڙيو
2 عشق دسيو تہ عقل کي، عقل سهمن منجهہ سڙيو
3 محبت جي ميدان ۾، وڃي متي خيال چڙهيو
4 ”رڪيل“ روز ميثاق جي، منهنجو جانب سان تہ جڙيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر لوڙائو   ڪافي611

ٿل عشق فڪر جي ذات ذڪر جي، تانگهہ اندر ۾ لڳم تنوار

1 منهنجي اندر ۾ عطر ڪٿوري، ذات ظهورو تجلو نوري
هوهو مچايم اهڙو هيڪار

2 قلم امر سان لکيو پيمانو، رنگ مولا جو اهو ڏنم زمانو
الست ڏهاڙي ڪيم پچار

3 حوا آدم ڪون اڃي تہ هياسي، روح رلائي پنهنجي پرين سان وياسي
ٻي نہ ٻڌم ڪا ٻولي ٻاڪار

4 چئو "رڪيل" ڪي ڪير ٿو چوائي، سر آ ساڳي پاڻ ٿو سمائي
وٿ نہ پايان، هڪڙو وار

سر لوڙائو   ڪافي612

ٿل شوق جي شراب آٽي، پرين تہ پياريو
نينهن جي نشي ڪيڙم، مدهوش هاٽي هاٽي

1 سُرڪ سورن جي ساقي پياري، ڏنم ڏيهہ ڏکن جو هي ويلهہ نہ وساري
آيم اجاڳا زاري، هي جند منهنجي جاٽي جاٽي

2 سڪ بنان بيون ڳالهيون نہ سهائن، شهرينيور جون جيڏيون نہ ٿيون پائن
هوت پنهل ٻاجهون، ڪير مونکي راٽي راٽي

3 هر صورت ۾ ڏسان يار جو نظارو، ٿيم صفائي پڇي ويم انڌارو
هڪ آ هڪ آ جانب هڪ آ، يار تي يقين ۾ آٽي آٽي

4 سندرو ٻڌي مان ڏونگر ڏوريندس، صدقي پرين تون هي سر گھوريندس
تانگهہ "رڪيل" اها، دل گھٽو تاٽي تاٽي

سر لوڙائو   ڪافي613

ٿل   منهنجو چاهي ڪفر اسلام سان
نٿي پاڻ پايان لڳي خاڪ لايان

1 ڪين سمايس ڪين ۾، نفي ناٿه ناهيان
2 چنم دام دئي جا، هر جاءِ هڪ آهيان
3 هو وڻ هستي حجت هي سينو چا ساهيان
4 جاڏي ”رڪيل“ راز پرين جو، تاڏي ٿي ڪاهيان

سر لوڙائو   ڪافي614

ٿل   منهنجو انگ باروچل هوت بلوچ سان
لکيو لوح قلم مچايا عشق اڳم

1 ڪيئن سونهان سرتين وچ ۾، ماريس تنهنجي غم
2 سدا اٿم سڌا پرين، تنهنجا اڱڻ منهنجي تي قدم
3 شال نياهيندس نينهن سان، دلبر سان اهي دم
4 ”رڪيل“ آتش عشق جي، ڪري بيو ڪير ملم

سر لوڙائو   ڪافي615

ٿل لڏو اٿم پيرُ پنهل جام جو
ڏاڍي ساڻ ڏکن، لوچي منجهه لڪن

1 اوکو پنڌ جبل جو، سختيون سور سهن
2 گهوريان هن تہ پنيور ڪي، آئي ڏاري منجهه ڏکن
3 ڏسان شال پنهل کي منهنجا رويون نيڻ سڪن
4 ”رڪيل“ آتش عشق جي، من ۾ مچ مچن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر لوڙائو   ڪافي 616

ٿل جاڳيس ڪين جتن ڪان جيڏيون، ويڙم ننڊ نهوڙي
ويڙم ننڊ نهوڙي، هاڻي ماريس ڏکن وڇوڙي
1 ڏنم ڏير پنيور ۾ آيا، ڪيچي ڪيف ڪڪوري
آنءُ نہ جاڳان ڊوهہ ڪندا، ويندا سڱ تتيءَ کون توڙي
2 رات انڌاري پنڌ جبل جو، لڪ ڏکيا ڪير ڏيکاري
سات پنيون مان ٿيندس سونهين، انگ لکيو تي لوڙي
3 سو ڦيري ٿيان صدقي سج ۾، تو جام پنهل جي تہ جائي
هيڪل ٿيس حيران چپر ۾، حال ڪيا هٿ جوڙي
4 جيئن سسئي پنهل جي پوءِ تون، پنڌ ”رکيل“ سندرو ساهي
امر لکيو ازل جو اهو، ڪير قلم کي موڙي

سر لوڙائو   ڪافي 617

ٿل اڳ نہ ڀڏيون هيم ڳجهون تنهنجو ڳالهيون
هاڻي وري هاڻي مونکي سورن سيکاريون
1 پيريمغان مونکي سور سمجهايا، آيو عشق حقيقي ڀڳي عقل جي دعوا
سير گهٽيون سيئي، مونکي ڏکن ڏيکاريون
2 برقعو کولي رخ سان ڏنائون، هٿ ۾ خجر منهنجي دل کي ڪنائون
ديدان دو ناليون تنهنجون، ريفل لاريون
3 چاڪ چڪن ٿا ڦٽ نہ چٽن ٿا، عشق جا ايزايل هٽيا نہ هٽن ٿا
درد جون دانهان، ظلم جون زاريون
4 هرجاءِ ڏسڻ ۾ حق مونکي آيو، يار ”رکيل“ سان نئون نينهن لايو
ناز نوان تنهنجا برهہ بهاريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر لوڙائو   ڪافي618

ٽل غافل ڇڏ غفلت کي، ڪتڻ جي ڪر ڪارالا، سمھڻ کي ٻن ساڙالا
1 ڪتڻ ٻاجھون ڪين ٿي، ھٽ نہ ڏيندءِ ڪو ھٿي، ياٿر ٿيندءِ بيزارالا
2 جيڏين سرتين جي اتو، فلانو اڄ فوت ٿيو، رکيون ايندءِ يارالا
3 ثمر ڪٽجانءِ ساٿ سان، عمل نيڪيون پاڻ سان، اڳتون اٿي اظھارالا
4 ”رکيل شاھہ“ چوي سيدا، مدد ٿي نامي خدا، عالم جا سردارالا

سر لوڙائو   ڪافي619

ٽل مست ڪري وئين دل کسي وئين
ڪين اچي مونکي اديون آرام
1 سور پرايم سڪ وھايم، دم ڪمايم اوجاڳا آيم
ننڊ نيڻن کي اٿم حرام
2 سيني اندر ھر درد دکي ٿو، چاڪ پون ٿا ڏيل ڏکي ٿو
ڪشي ھنيو ٿو اھڙو ڪان
3 ڪين وساريندس ورمان پنھنجو، حال جو واقف محرم منھنجو
ٻڌم پنھل سان اھو انجام
4 سر ”رکيل“ جي ٻاھہ برھہ جي اچن الانبا سڪ نالھندي
روز ازل جي اٿم مدام

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سر لوڙائو كافي620

تل عشق صورت انسان ڏنم، آيم بشري برقعو پائي
آيم بشري برقعو پائي، اولالڻ پاڻ لڪائي وو
1 ونحن اقرب قول سچاتم، جانب جيڙو جڳائي وو
هو معكم جو سبق سچائي، هر طرحين حق آهي وو
2 رمز سڃاڻڻ مشڪل آيم، سختي سر تي سهائي وو
فنا في الله سر شيخي آيم، سالڪ سير سمجهائي وو
3 جنهن تن آيو عشق الانبو، اوتو زوري غير تڙائي وو
وهم وجودون وئڙا سارا محبت مچ تو مچائي وو
4 شهر ميرانپور يار مليوسي، آيم ويس متائي وو
دائم قائم جهوڪ پرين جي، سر ستار سڏائي وو
5 عبديت مون تو احد سڏائي، رانول تو رنگ لائي وو
عشق رڪيل جن اولا اڳتون، غير حجاب وڃائي وو

سر لوڙائو كافي621

تل اديون منهنجي احمد عربي جام جو، اتم روشن روضو چراغ
اتم روشن روضو چراغ، متي عرش زمين آواز
1 اتم اجهو آصن جو، اتم اجهو آصن جو قرب دار قريشي
حضرت هاشمي تم، فائق فيض فياض
2 چائث چپن سان چميم، چائث چپن سان چميم
او حضرت هوت حبيب جو ڪيم، تهدل سان طواف
3 چارئي يار يلا او چار ئي يار يلا
ابابڪر عمر عادل جو تم زابر زور غماز
4 قاتل ڪفار سندو، او قاتل ڪفار سندو
عثمان علي اسد الله تي تم روز رباني راز
5 اتم سڪ سچي او اتم سڪ سچي
حسن مير حسين جو تم درد اندر منجهه داغ
6 ”رڪيل“ راهه نما او رڪيل راهه نما
مرشد ميرانپور جو مير تم جنهن سوز چڪايو ساز

سر لوڙائو   ڪافي 622

تل دوناليون ديدان دلبر تنهنجونء جان جگر کون پار لنگهيون
جان جگر کون پار لنگهيون، سڌيون سيني منجهہ لا چار لڳيون

1 ڪٽي اکيون ڏنائون، مانڌي، ٻڙڇون مڙگان تير ائين
ساڙي سياهي غير اندر جو، پڇي تيم بيزار بديون

2 ابر باران اي ماهر منور، جلوي رخ جو آهي تاب تکو
تجلو ذاتي پيريمغان جو، عين ڏنم اظهار اديون

3 عشق امانت سر سچائي، محب مکو آهہ مدار متي
کيف ڪلال جام پياري، ڪيو وحدت ۾ وهلورونگيون

4 هي وڃائي هو لڌائون، ساڻ جسم جي جوش جنگيون
"رکيل" سرجو سانگو لاهي، ڀڳڙ سان وڃي ٻيلهہ ٻنگيون

سر لوڙائو   ڪافي 623

تل ائين ڪين ڏسڻ هي ڪوڙ چوڻ، ناهي مردن جو ڪو شان ميان

1 سچي ياري تہ سر ڏجي، ائين مرڻ مناسب سجڻ ڪجي
جيڪو سورهہ سرجو سو ڪئين پڄي، آهي عاشقن جو اهو انجام ميان

2 ٻڌي سندرو سهجون سي تہ گهڙيا، لڙهيا لهر انهين ۾ وڃي ترت تريا
سڌڙيا ڪنڌي مٿون اچي پوءِ وريا، ناهي ڪم ڪچن جو خود ڪو خام ميان

3 آيو عشق حقيقي هم اوست ائين، جلڻ جانب لئي اتم جوش جيئن
پر وحدت جو جڏهن جام پيين، پيو درد وندن کي هي دام ميان

4 "رکيل" عشق ماهي جو جت چٽنگ پئي، ٻيائي جي ٻولي نہ ڪا دئي دور وئي
پيا بحر انهين ۾ جيئن سمنڊ سوئي، ٿيو عاشقن کي عين عيان ميان

سر لوڙائو ڪافي624

تل منھنجو آيم ڪوھيارل ڪيچ ڪون، وو ميان ڪري لوڏ لکن
ڪري لوڏ لک، او جيڏيون، چتاسي سپ ڏکن
1 ٿيون شاديون شھر ڀنڀور ۾، اچي حوران ٿيون ھار پڏن
2 سڪ وارن سجدو ڪيو، اوجيڏيون سرڪي تا سوز چکن
3 ٿيو ظھورو ذات جو، اوجيڏيون مڪي جي ۾ ڪکن
4 اجھي آصن جي اچي، اوجيڏيون پنو مارن جي ۾ پکن
5 عجب تنھن اسرار جي، اوجيڏيون رڪيل رمز رکن

سر لوڙائو ڪافي625

تل ڪل ھاٺي ڪاڻ پوي ٿي ڪيئن ڪيا، ڏيئي ڏيرويم سج ۾ رات پيم
1 اوجاڳو ۾ اکن ڪي، پلو يار، اوجاڳو ۾ اکين ڪي، او سھڻا سڪندي سال ٿيم
2 مونا ڪيم محراب، پلو يار، مونا ڪيم محراب، او سھڻ جامي آ جسو تن
3 واقف نا سونھين سات جي، پلو يار، واقف نا سونھين سات جي، او سھڻا آئي ڏکي منجھ ڏکن
4 ”رڪيل“ واعدو ويجھڙو، پلو يار ڪيل واعدو ويجھڙو، او سھڻا ڪيچن قول ڪيم

سر لوڙائو ڪافي626

تل ڪھڙا سليان سجڻ جا سورمان، ويم ونگ وجھي، ڪيان ظاھرڳالھ ڳجھي
1 ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان، پلو يار، او سگھان ڪين پڄي
2 ڏکي وات ڏونگر جي، پلو يار، پيس مونجھاري منجھ منجھي
3 دلبر جي درد فراق ۾، پلو يار، پيم جيرا ھاڻ پڄي
4 عشق چاڙھيم انگاس تي، پلو يار، ٻولن ويس ٻجھي
5 ”رڪيل“ ٻاجھون رمز جي،پلو يار، او سھڻا ٻي نا ڳالھ سجھي

سر لوڙائو ڪافي 627

ٿل ڪڏهن مان سان پرچندين، تون ڪيئن تہ مان سان پرچندين

1 هار سينگار هي مشڪ مليندس، سر ڪنڌ لائي سينڌ چٽيندس
سهجون توکي سڏيندي

2 چير ٻڌي مان جامو پايان، پيگت بنجي آواز ٻڌايان
نہ تہ سامي تي مان لايان تلڪ لڱين

3 رند ونئي مان پنڌ پوان، توکي گوشي ويهي ياد ڪيان
هي ڏني تنهنجي ناز نِوين

4 قدم پنهنجو پاڻ ڏريندين، رکيل جي تون اگهڻ ايندين
هن چپر مٿي کي ڪين ڇڏيندين

سر لوڙائو ڪافي 628

ٿل فوج حسن دي ساڏي سر آئي، ماري چڙهہ ملڪ دليندا وچان ڪيڏي داهين

1 هڪ جاٽان ڏوجها ڪوئي نہ پڇاٽا، جت ڪت ڏيکان يار دا تڪاٽان
اوهر مظهر وچ جاني تيڏيان جائين

2 دست تسا ڏي لادي ڪاتي، بيوس ڏاڍي دل وچ ڦاتي
او ڦري مستاني سانجهي صباحين

3 ماٺهو بيگاني سينگيان نہ پاون، ڏيون دلاسي جيڏيان ڳل لاون
او رو تہ رانول ڪران اهي آهين

4 لهي ماندائي ملي درد نا، شاهہ رکيل دا تيا خصمانا
راتيان ڏينهان اکيان او ڏاهين

سر لوڙائو   ڪافي629

ٽل مس مستي جي دل جو پنو تہ ڪتابي، الست ڏهاڙي ڪاتب قلم وهائي

1 انگ اصل کون لکيو منهنجو توسان، مان تہ ڪين سليندس ہي تہ ڪهين سان
حال واقف تون آن، سجڻ سور پائي

2 چاڪ چڪن تا چريو ڪيو چوري، ڏنم ڏکن کي ڏونگر ڏوري
ناز پرين جي مونکي، ڪيم سودائي

3 درد پرين جي ڪيم ديوانو، غير وڃائي پڳم بهانو
ساڌ سڏايان هاٽي، ٿيم صفائي

4 اندر ٻاهر ظاهر باطن، هر جاءِ هڪ آهہ سچ سڄاتم
رمز رڪيل اها، تنهنجو رخ روشنائي

سر سورٺ   ڪافي630

ٽل اکيان تيڏيان يار اہليان، مجگان تير ماريئي ني

1 لال لبان تي سونهين صابر، دست ڏونهين زنگي زابر
ابرو تير سيف بهادر، ڌاڙي خاطر ڌاريي ني

2 بازان وانگر ڏيون پڙڪي، مشتاقان نون مارن جهڙڪي
دهشت سيتي ڏيون دڙڪي، عاشق خواب اتاريي ني

3 اڙديان لڙديان نہ ولديان ول ڪي، لڳيان دليان رمزان رلڪي
ڪجل پاڪي ڏيون جهلڪي، زلف سياهہ سينگاريي ني

4 ”رڪيل شاهہ“ نون مليا جاني، مرد منور در دراني
فدا ڪيتم سر قرباني، سائين آپ سنياريي ني

سر سورٹ   ڪافي631

ٹل دلڑي اساڏي يار ديواني، جادو لاڪر ڪسدي ني
1 مارڻ ڪيتي چڙهن مزاري، چونڪي دارڪڙاون چاري
فوج حسن دي چاڙهن باري، ويک تماشا هسدي ني
2 دهشت ڏيک تي ڪنبن جيري، ول ول آون ڏيون ڦيري
جهٽڪن سانئون ڪڙي پريري، حال اهو نان ڏسدي ني
3 جادو تيڏا بالڻ بالي، جيوين بجلي وچ بادل ڪالي
مرشد درياءَ طالب نالي، جيوين ساوڻ دي رُت وسدي ني
4 نينهن تساڏي ماريا نعرا، خلق سٹيا هي عالم سارا
"رکيل شاهہ" نون وليا وارا، لوه پارس نال گسدي ني

سر سورٹ   ڪافي632

ٹل بلبل تيڏي باغ اسيڏا، خوب ڪريندين بولڙيان
1 اسم جسم دي حڪايت هووي، صاف ذڪرساڏا قلب ڪماوي
آتش عشق آرام نہ آوي، برهہ تيڏي ديان پولڙيان
2 سي سي غُنچي سي گلزاريان، سيني اندر سير هزاران
ابروسي جيوين بارش باران، شهہ پريان ديان تولڙيان
3 پجرا خاڪي تي بت بٹايئي، روز ميثاق دي روح رلايئي
سر سيد دي چت جهلايئي، صدق وجان مين تہ گهولڙيان
4 عشق عقل دا جهت پٹ جهيڙا، دل درياهہ محبت بيڙا
"رکيل شاهہ" دا وسدا ويڙها، جڏان جانب پاتم جهو لڙيان

سر سورٺ   ڪافي633

ٿل   ڪوڙيا عشق تنبو طولان، سوين سامان جنگي

1 عام خلق کي خبر نہ ڪائي، الف مليوسي انعام، زڪر رگ رگ ۾ رنگي

2 عشق جهڙو بيو بهادر نہ ڪوئي، هوش عقل ٿيو غلام، هليا ڀڄي هٿ ٻڌي

3 سوره ڪن ناسر جو سانگو، مرد بيٺا تہ ميدان، ڪري هليا لوڏ لنگهي

4 "شاهہ رکيل" جو عرض اهو ئي، لحد جي ڏي امان، وڃي لونءِ لونءِ ڪنبدي

سر سورٺ   ڪافي634

ٿل   حد ڇڏي لاحد منجهہ لوچن، درد وارا پنهنجي ديس ويا

1 ماهہ منورّ دل منجهہ دلبر، سچن اهي قول ڪيا
موتو واري مام سڃاڻي، پنهين جڳن ۾ حيات هيا

2 پاڪون پاڪ پليتي پاسي، صوفي صافون صاف ٿيا
دنيا عقبيٰ طمع ترڙيائون، تن آولا منجهہ آذان ڇيا

3 بيرنگ برقعو بشري پهري، پوش انهي منجهہ پاڻ هيا
اناالحق ٿو عشق سڏائي، محو وڃي ٿيا مرد ميا

4 سچو عشق "رکيل" جن سر آيو، پاڻ ڍڪي پرهيز پيا
جن انسان ملائڪ حوران، پائن لک لک لعل ليا

سرسارنگ ڪافي635

ٽل جي جسي جسمات سڄيءَ ۾، اندر ساتار لڳي
1 هڏڙگان حڪم ڪن هو هو، درد واري هي ڏار لڳي
ساز وضو هو غسل پاڪائي، برهه ڪلي بازار لڳي
2 عشق امانت عين الاهي، پلڪ پلڪ ۾ پچار لڳي
دهڪا دمن جا درد مچايا، هوءَ سندي هبڪار لڳي
3 ڪيئن هتي هي غلبو غالب، فوج حسن چوڌار لڳي
مستي موج مٿون مدامي، قالو بليٰ ڪوڪار لڳي
4 فائق ڏس فرقان فڪر سان، گوشي تي گفتار لڳي
هي هدايت رمز ”رڪيل“ سان، وحدت وارون وار لڳي

سرسارنگ ڪافي636

ٽل ڪرن عشاق ظهورو ظاهر، حسن تنهنجو هر رنگ ۾ هو
1 جن ملائڪ حيوان هزارين، اتم آهه انسان الو
عجب هي اسرار ڇپايئي، آدم سر آهه سوئي سو
2 لوح قلم لولاڪ چڙايئي، محب مٿي معراج ويو
عرش منور اعليٰ سارو، دل سچي ۾ جاٽايو تو
3 فذ ڪروني اذڪر ڪم، سخن اهو سمجهايو تو
لهن عاشق دل سان لوچي، دئي وارو دم ويو
4 ”رڪيل“ راز ربوبي رحمت، جانب پاڻ جڳايو هو
ساعت ساعت عين هدايت، پهه لڳا هو پرين جي پو

سر ڪٿونسيو ڪافي637

ٽل عشق آتش آ عجائب، مرد ٻوليندو اچي

1 جي مرد ٿين مولائي سچا، ڏس ڪردار دنيا جا ڪچا
ڪي ڦرياھن ڪي بچا، ڪي راھ روليندو اچي

2 نفس ۽ شيطان جي جنگ، ڪي جهليندا جوان
علم ۽ عرفان جي، ھي تيغ توليندو اچي

3 عشق لڄ لاھي ڇڏي، ھي شبہ شرڪ حجاب جي
ڇاڪندي خواري خلق جي، ھي ٻول ٻوليندو اچي

4 ٿيا مرد مستي ۾ غرق، شب روز رڱ رڱ ۾ فرق
طالب موليٰ دنيا ترڪ، اسرار کوليندو اچي
جي "رڪيل" سمجهين رازتون، وجھ عشق جوڳل سازتون
ڏس نينھن جا نوان نازتون، ڪهڙا قول ڦوليندو اچي

سر ڪٿونسيو ڪافي638

ٽل سچي ظھوري ذات جي، وڌو عشق عقل کي دسي

1 عشق عقل جي جنگ آوڏي، عقل ٻولي ٿو دنيا ھيڏي
عشق ذات ۾ ڏيئي ٿو ٽبي، ھوڪا ڏيون حق ٿو ڏسي

2 عقل چوي عيش عشرت ھئن ڪيان، عشق چوي خون جيرن جو پيان
سڪ مام موتو ٻئي جڳ جيان، سچ يارتو ۾ ٿو وسي

3 علم سڏ عرفان جي، جي لائق ٿيا تن لوچي لڌي
بيچون کي ڪاھي ڪنڌي، رھ طلب ۾ طالب تسي

4 برقعو کولي چوڙيم ڇتا، ھي حجاب جا پردا لٿا
وھوا "رڪيل" سچ سي سڪيا، جيئن لوھ پارس سان گسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ڪيڏارو ڪافي 639

تل وهوا رندن جون رمزان سچون
مستي عشق جي موجان چڙهيون

1 بيرنگي بيچون جون اهي، سالڪن ڳالهيون ڳٺيون
لاهوت ۽ لامڪان جون، وحدت وارن کي وٺيون

2 خاموش ائون پر جوش ۾، ڏس درد وارن جون ڏڙيون
بحرڪن ڪڙڪا ڪپر، جلوو ڪيون ڏين ٿا، جهڙيون

3 پڙڪن برهه جي پيڙ ۾ وجي عشق سان اکڙيون اڙيون
سي ڪنل ڪيئن ماٺ ڪن، ڪين غير دشمن کي تڙيون

4 امر ساڻ عجيب جي، اهي راهه وينديون ڪيئن رڙيون
سڻ "رکيل" تان ساڏ ٿئين، سچ سبق سورن جو پڙهيون

سر ڪيڏارو ڪافي 640

تل ڏاڍا ڏک پسنديون سي اديون، ور جنهن ووڙي لڌو

1 سور سختيون سي سهن، رولا رندا رڻ راهه ۾
اهي قرب واريو ڪيئن ڪنديون، سڪ ڪون سچو سندرو ٻڌو

2 جن جي اور عجيب سان، اهي سک ڪيئن سمهن
ڪنهين قيد زلف جي بنديون، آهي سور سهاڳ تن سندو

3 رک دل سچي هڪ يار سان، پيو نه ڪنهن جو ڪجهه ٻڌج
ٻاجهون عشق جي اُهي انڌيون، نه ته يار چونڊ ۽ پوءِ گندو

4 ڪيئن سمجهن سنجاپڻ ۾ اچن، درد جو دانهان ڏکيون
ڳالهيون "رکيل" اهي تو سنديون، ڇڏ خوف خطرن جو سنڌو

سر ڪئونسيو ڪافي641

ٿل بيرنگي بيچون جا، اهي ناز ڏسجن ٿا نوان

1 گهي درد غم جي ڪلور ۾، گهي عشق واري سور ۾
گهي همہ اوست جي پور ۾، لڳي رمز رندي ٿيس روان

2 سودو ڪيوسي سر بسر، تڏهن نينهن آيوسي نظر
چڙهي ميدان مستي جي پڌر، ڳجهو حال هي ڪنهن سان ڪيان

3 ڪر فڪر ٿي فنافي الله جي سون ٿئين تڪو طلا
پئو بعد ۾ بقابا الله، هو ڪو ڏيئي حق ٿو چوان

4 بيمثل بي بيان جي، اها تعريف تنهنجي شان جي
اتي ڏنم انسان جي، سمجهي "رڪيل" او سڌو سوان

سر ڪئونسيو ڪافي642

ٿل سرتيون صبر هي ڪيئن ڪيان، اهڙي جوش ۾ جيءُ ٿو جلي

1 پڙڪا برهہ جي باهہ جا، منهنجي اندر مچ ٿو ٻري
جيئن ڪڙاهو تيل جو، اوبر ڏيون ٿڇڪا جهلي

2 ڪهڙيون ڳالهيون ڪنهن سان ڪيان، اهڙيون سجڻ جي سور جون
سانپيان اندر ڪنهن سان سليان، نہ تہ حال منهنجو پيو هُلي

3 توڙئون انهي تڙ پيڙ ۾، عاشق امالڪ ٿا اچن
آءُ سڏن آفات ڪي، سر عاشقن جي پلي پلي

4 اها امانت ازل ڪون، پلئي اچي پيم پڪي
سمجهي سچاٽي سو لڌم، تنهنجي رمز ۾ "رڪيل" رلي

سر ڪئونسيو ڪافي643

تل اها رسم رندي ڳجهي رازجي، سڌ سالڪن کي ساري سچي
1 جن اندر درد جا دونهان دکيا، سي ڪيئن سمهن سامي سکيا
تن کي اوجاڳا آيا ذکيا، پيا بحر ۾ بيشڪ بچي
2 لڄ شرم ستر پوش ۾، هر دم هجن همہ اوست ۾
آيا عشق جي پرجوش ۾، وهوا پتنگ پئڙا پچي
3 پاڻ وڃائي نفي ٿيا، پڙهي مام موتو مري جيا
في الدارين کون اِهي ويا، متي مرد ٿيا منور مچي
4 خاص سندي نصيحت خبر، ڪيئن عام جاڻن بي قدر
ناهي نابينن کي نظر، پيا غير غفلت ۾ گچي
5 اندر الانبو پار تون، پنهنجي يار کي نہ وسارتون
اندر عشق سان اوجا تون، پيو رمز ۾ ”رڪيل“ رچي

سر ڪئونسيو ڪافي644

تل سڪ واريون سي ڪيئن سمهن، جڙ جان ۾ جن کي لڳي
1 رنج محنت رت روئن، منجهہ مراقبي جيءَ سان جهوئن
سچ ساهہ سان اهي گوهر پوئن، ننڊ حرام نيڻن کون پڳي
2 ناسوت کون نڪري هلي، پنڌ جبر وت جي جوشون جلي
منجهہ ملڪوت جي محبت رلي، ڪاسهج واري تي پڳي
3 جڏهن نيهن دلبر سان لڳو، تڏهن پاڻ بيائي جو پڳو
نڪري هليس هي توڙي تڳو، سچ نينهن جي نوبت وڳي
4 حد ڇڏي لاحد هلي، ڏنم يار جي ڳجهہ ۾ ڳلي
”رڪيل“ راهہ پرين جي پلي، ڪاتوهہ ڏسندي تڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ڪئونسيو ڪافي645

ٿل وسري ويم اهي جڳ ٻئي، جندجان ۾ دلبر ڏٺم

1 لون اندر لوري لڳيم، دز اندر جو تڏهن دسيم
مدعي ماري ڪيم رئي، غلبو عشق جو زابر ڏٺم

2 جڏهن موج مستي جي ڏٺم، تڏهن آسرا سيئي ڇنيم
هستي خودي عقل جي وئي، سڀ صورت ۾ سرور ڏٺم

3 هرڪار ۾ هر حال سان، هر جاءِ تي هڪ تو ڏسان
ڪيم علم باطوني سهي، اعليٰ اُتي انور ڏٺم

4 لڳيم رمز رندي هڪ حال سان، تڏهن قلندر چونه ٿيان
پلئي اچي ”رکيل“ پوان، عشق پيچ سان پرور ڏٺم

سر ڪئونسيو ڪافي646

ٿل عشق سندو انور، اڳڻ منهنجي تي آيو

1 ٿيندس سهاڳڻ سرتيون، وري اچي ڏيندو وارو
گهوريندس مان هي سر، پير پنهل اچي پايو

2 درد ونديءَ جون دانهان، شل ته ٻاروچل ٻڌي
لاهه ڏکي تون ڏمر، هي ته ڪنل ڳل لايو

3 فڪر فراق ۾ فاني، وڃائي وجود ڇڏيم
ٽُڪي لنگهيس جبل تڪر، سهج تنمنجو تم سعيو

4 سج سورن جي سرتيون، لنگهي ته وسم ٿيس ويجهي
جاڻ پيم تان قدر، سمجهه ”رکيل“ رخ رايو

سر ڪئونسيو ڪافي647

ٿل تن سور جون سرڪان پريون، اهي مکڻ ماکيءَ کون مٺيون
1 سرڪ سوز فراق جا، ڏک تا پرن عاشق ڏکيون
گم غار ٿيا وڃي غيب ۾، صدقي ڪيون سرهي سٺيون
2 قاتل ڪيف ڪلال کون، پيتو جام ويراڳن وٺيون
پڪون پياڪ تا پئن، چاڙهيون چپن تي وهه جون وٽيون
3 لايون نينهن ننڊان نه ڪن، آيون اوجاڳن منجهه اکيون
سک ناسمهن اهي سيج تي، دک درد ڏکن جي ڦٺيون
4 نشي خمر ۾ خمار سان، منهنجي اندر ۾ ڏئي ٿو جهٽيون
آويڙ ۾ آيو "رکيل" ڪهڙيون ٻڌان تنهن کي پٽيون

سر ڪئونسيو ڪافي648

ٿل عشق جا آويڙ تا اچن، ڪن ڏاڍا پيا ڪڙڪن
1 گهي لڪن لوڏن ۾، گهي لڙها زور چڙهن
گهي سج ۾ گهي وسم ۾، گهي سوريءَ لڙڪن
2 بيرنگي بحر ۾، ٻاڏ ڪيو ڪين ٻڇن
موج درياءَ جي مستي، ٽوٻا اتي پيا ٽبن
3 قلزم جيئن ڪن ۾، سر گهوريون سيئي گهرن
ناهي سانگو ڪا ساعت، ڪنبن اهي پيا ٿڙڪن
4 چئو ته "رکيل" ڪيئن نه چوين، لڪ يجي چڙهه لڪن
هڻ نعرو تي قلندر، ٻج نه ڪنهن ٻئي دڙڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ڪئونسيو ڪافي649

ٿل چوطرفين اُلا پيا اٿن، عاشقن متون درد پيا دکن
1 ڪيئي پيا چون جادوگر، ڪيئي پيا چون ڪوڙ مڪر
ڪي سالڪ سچ ڄاڻن، ڪيئي نياز ڪيون پيا نمن
2 جي عاشق سڏائين سچو، ڪن ڏيئي نہ ٻُڌ ٻين جو
روز طعنا تنهنجا ساڙن، جيئن لوها ٽيم لڳن
3 ٻڌي سندرو ئي سچ جو، چڏ طمع تي تارڪ
درد اندر منجهہ ڏک جو، مچ مچايم ڏکن
4 سهہ تہ "رڪيل" تون سر تي، بار برهہ جو لاحد
تڏهن سڏيندءِ سچو، ننڊ نہ ڪجانءِ ڪا سکن

سر ڪئونسيو ڪافي650

ٿل برهہ ڪيتي بيقراري، ابد ازل دي وو يار
1 زخم جگر دي ڪون ملم نہ ڪائي، عشق تساڏي آتش لائي
وس بيوس تہ ويچاري، نسل اصل دي وو يار
2 ملت ماهي دي هي دور دراري، سهي ڪر ڄاڻي سردي باري
سولي اتي تان هسواري، پيچي ماهي نال ملدي وو يار
3 هر رڳ هوتان هو يار سمايا، اسم جسم دي وچ روشن آيا
گل روشن تان هزاري، جان پئي جلدي وو يار
4 حال "رڪيل" داهي يار نظارا، ماهہ منوّر ڪشف تہ سارا
ازل ڪنون هي آزاري، اج نهين ڪلهدي وو يار

سر ڪئونسيو ڪافي651

ٿل ناهي اڄ ڪلهه لکيم ازل، ناز پري سان نينهڙو
1 نور پري نيڻن سان، من وڌو هي موهي
پور پون ٽا پلپل، جوش جلايم جيڙو
2 سک پڌايم سندرو، شوق پرينءَ جي شغل
توڙ ڪنديس نئين توڪل، هوت پنهنجي سان هنيڙو
3 اڄن امالڪ ڪاهيون، حسن تنهنجي جون فوجان
ماٺ نه ٿن ڪا مهل، درد ڏکيءَ کي ٽئڙو
4 پهچ پرينءَ جي پت ۾ ”رکيل“ اڇي شل رهجي
عشق لڳي چا اتڪل، پاءِ اندر ڏس ليڙو

سر ڪئونسيو ڪافي652

ٿل يار سڄڻ تنهنجون ديدان، مشتاقن کي مارن
1 مجگان تير تکا ابرو سيف ستن
لنگهن دوناليون دل کون، اٿين ٽيون امالڪ اڄن
ڏاڙي خاطر ٽا ڏارن
2 طبل تکي تيز سان، سيني اڄن ٽيون سيون
جان جگر کون جائي، لنگهي وڃي پار پون
مڃ اندر منجهه بارن
3 عشق وارن جون اکيون، سک آ جنهين سيئي سمجهن
فڪر فهم عقل اتي، ٻيو ڪينون ڪين پڌن
سو ڪارن ڪيئي تارن
4 ڪيئن نه ”رکيل“ سان ڪجليون،دام وجهي وٺن جهٽي
شور شغل زبر ڪيون، منهنجي دلڙي وجهن ڦٽي
ڏني ڏونگر ٽيون ڏارن

سر ڪئونسيو ڪافي653

ٿل نور پيري جي رخ تي، زيب زينت زلف ٺهن

1 ڏند وو اناري داڙا، دهن شڪر پر شيري
قيمت لبان لعل لهن

2 ابرو هلال وو هجن، مجگان تير لنگهن
سيني وو عاشق ٽا سهن

3 گل وو چمن کي چوڪنب، ڪي تہ هزار هجن
پونر سوين پيا پٽڪن

4 سچي آ صورت سهڻي جي، جيئن مهتاب مثل
ڏسن عاشق ڪيئن سي رهن

5 پوش انسان پهري، يار ”رڪيل“ کي لٽيئي
قرب ڏيون ٽا ڪهن

سر ڪئونسيو ڪافي654

ٿل عشق چہ اگڙ منهنجي آيو، سڌ نہ لڌم سورن جي

1 سهہ مجني جان ڏک غم، ويڙهہ ولن جا وو اڌم
سڪ ليلي ڏک لايو، گهاءُ زخم گهورن جي

2 وجي تہ اتي دل ڦاٿي، جتي نہ سنگت ڪو ساٿي
سر هيڪل ڪر سعيو، پلڪ پلڪ پورن جي

3 ڪيفي اکيون تنهنجون ڪجليون، تاب ڏيکارن تجليون
رخ تنهنجي رنگ لايو، ناهي ڪا حاجت حورن جي

4 حسن تنهنجي جا لشڪر، ذات زوراور زابر
”رڪيل“ اتي پهہ پايو، فوج ڏسي پورن جي

سر ڪٺونسيو ڪافي 655

تَل سک تنهنجا تي پانيان ڳڻ تنهنجا تي ڳايان ڳليءَ ڳليءَ تي ڳالهيون

1 هر هر ڏيان تي هوڪا، درد مچايم ڏڙيون
ڪين ڏسيون تي ڪاهيان، سورن سيڪاريم چاليون

2 سک نہ سنڌو ڪا ساعت، رمز لڳيم رت رووان
خاڪ لڱن کي لايان، محب ڏسي من پاليون

3 جلوو حسن جو جانب، ر خ مهتاب صنم
زلف تنهنجا ڪن ضايع، لال لبن تي لاليون

4 چشم ڏسي تيس چري، وس وو عقل جو ويو
عشق ”رکيل“ ڳل لايان، سچ نہ پائن ڪي سياليون

سر ڪٺونسيو ڪافي 656

تَل چن وو متي چڏ مائتي اسين ناهيون ڪنهن جا سيال سڪا

1 ڪمڙي مان وڏائي هت ڪيان، اتم مڪان متي
ڪوڙا هي ڳانديا ڪنهن سان ڳنڍيان، رهن هتي بي بقا

2 آئين هڪ تي تان هيڪل، ڪمڙو وهايئي وڪر
هت پوءِ مليندين هيءَ هيءَ، نانءُ نشاني نڪا

3 اولو تي اکين جي اڳتون، نفس رليو تو راڻي
ويهي وحدت ڪر محنت، پيچ پرينءَ سان پڪا

4 پاڻ نہ جاڻج پنهنجو، ڪر اثبات الله
رمز اها تي ”رکيل“ لڪ وو لنگهي ڏس تون لقا

سر ڪئونسيو ڪافي657

ٿل دوست مليم تان دلبند، تنهنجي مت نہ پايان ڪوٿاني

1 اکين اوجاڳا ڪيم، دل روشن ٿيم سچي
سر تنهنجي جو سوگند، هِتي هُتي آن هڪ جاني

2 دم دم سان دلبر، ياد ڪري يار لڌم
هوت ڪيم هنئين ۾ هنڌ، سر تہ لڌم سبحاني

3 عشق ارادو سچو، باب برهہ جو پڙهيم
ساب پيم سڪ جو پنڌ، رمز لڳيم روحاني

4 محب مليم ميرانپور، سر تہ سچو گهور ڪيم
ڪين ڦيريندس ڪنڌ، ٿيو تہ "رڪيل" قرباني

سر ڪئونسيو ڪافي658

ٿل شرم پريون اکيون ڪيئن مان کڻان، لوڪ اڳيون لڄ ٿي اچي

1 ستر تنهنجي منجهہ سهڻا، شل تہ هميشہ هجان
تڏهن توکي يار وڻان، محبت تنهنجي پئي ٿي مچي

2 اڳي عيبن پريون هيم اکيون، هاڻي پنهل ڪڻي پاڪ ڪيون
غير ڇڏي متي چڙهان، ناز تنهنجي ۾ دل ٿي نچي

3 اور اندر ۾ اٿم، ڪيئن تہ وساريان ور ڪي
سڪ تنهنجي منجهہ سڙان، پتنگ وانگي پئي ٿي پچي

4 باجهون تنهنجي بيو ڪجهہ نہ ٻڌان، نہ تہ پرين ڪندين نا پنهنجو
باب برهہ جو پڙهان، هي رمز تنهنجي منجهہ ٿي رچي

5 دل تہ "رڪيل" جي دلبر، لٽي ڪيو نيئي قابو
رات ڏينهان پئي ٿي رڙان، سڪ تہ ڏٺم تو سيد سچي

سر ڪئونسيو ڪافي659

تل وسري نٿو ور مون پرين، سدا سهاڳڻ شل هجان
1 هت هتي هڪڙو اٿم، مان ٻيو نہ ڪندس ڪون ٻيو
منهنجو حال محرم يار، لڳي پاند پرينءَ جي پڃان
2 جائي اٿم جڙ جان ۾، لون لون اندر لوري لڳم
جزي عقل جي ٻاري ٻڳيم، ڪيون مونجهہ من ۾ تو منجهان
3 منهنجو نيهن دلبر سان لڳو، هن هستي سندو توڙيم تڳو
شاهي عشق جو طبل وڳو، مشهور ملڪن ۾ ٻجهان
4 سهڳ سورن جو سکيو، منهنجي باب ۾ قلم لکيو
تنهنجي شوق جو مان ذرو چکيو، آيو "رکيل" ٻيو ڪنهن ڏي منجان

سر ڪئونسيو ڪافي660

تل ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان، وڄهي دام دل کي ويو کسي
1 هڪ نوڪ رانول جي لڳي، ويو غير جو گفتو پڃي
هڪ خيال سان دلڙي ٻڌي، بعضي رسي بعضي هسي
2 عزازيل تڪبر ڪون تڙيو، ابراهيم آڙهہ ۾ اڙيو
منصور سولي تي چڙهيو، اسماعيل قرباني ڪسي
3 دارا سڪندر ايشما، شاهي جهان نوشيروان
يوسف ڪنعاني ڪجا، بعضي خوشي بعضي غصي
4 سِسِي نيزي تي ڏري، اجان عشق جو پنڌ آ پري
"رکيل" مرشد کي مربي ڪري، اسرار الله جو ڏسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ڪئونسيو ڪافي 661

تل من فدا اے جان قرباں، صد ہزاراں بار بار
شوق ملنے کا ہے مجھکو، دل گوید اے یار یار

1 مرنا مرنا ہر کو کہے، عاشق کا مرنا روز روز
موتو اقبل انتمو توا، نفس کُش کُن پارھہ پار

۲ دست ساقی جام وحدت، نوشیدائی ہشیار باش
ہستی غفلت دور کن، عشق گریان زار زار

۳ کیسا کہوں کفر ہے، دین میرا ہے سجن
ھرجاءِ دیدم ذات حق، حسن توئی وار وار

۴ عشق مستی اے 'رکھیل' دل ہماری درد ہے
پیرِمغان سجدا بہ کن، دیدار تو درکار کار

سر ڪئونسيو ڪافي 662

تل خاص خوشيءَ جون خبران، دوست ڪندس دم دم

1 هتي هتي هڪ سان جيئڻ، ڪيف ڪلالئون پيئڻ
آب حياتي زم زم

2 رنگ گلابي گلشن، رخ ماهي جو روشن
زلف سجڻ جا خم خم

3 ناز پري نيٽن سان، مرڪي ڏنائون مانڊي
سورن سندو ڪيو ڪم ڪم

4 سر تہ "رکيل" جي سرتيون، باھ برھ جي الا
ائين سمجهان تي شبنم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ڪئونسيو ڪافي663

ٽل امر لکيم لوح قلم، الست نصيب چٽي

1 الست بربڪم رايو، قالو بلا تڏهن چيم
ياد ڪندس هڪ دم دم، محبت مولا جي مٺي

2 انگ پاروچل توسان، شل مان پاڙيندس پنهل
ڪين ڪندس ڪوڙا پيا ڪم، ڦڪت ڪيم سڀ ڦٽي

3 انا احمد بلا ميمي، احد سچو تي آيو
صلي علي عليہ وسلم، قوت اتم اها ڪٺي

4 درد "رکيل" جو دارون، پاڃهون تنهنجي ڪير ڪري
ٿپ منهنجي جي ملم، هٿ هادي جي مان ڏٺي

سر ڪئونسيو ڪافي664

ٽل چوڻ پاڙينديس مان لکيو، باب منهنجي جيڪا ٻٽي

1 جان جئندس تان جلندس، در نہ مٽينديس دلبر
تانگهہ ازل جي چکيو، ميخ ويم من ۾ هٽي

2 پنڌ آ ڏکن جو ڏاڍو، ڪيئن تہ لڪن کان لنگهان
باب برهہ جو مان سکيو، هيکل ٽيس هڪ جٽي

3 ڏک ڏيرن جو ڏاڍو، جوش جتن کان اچي
تاب جهلينديس تکو، پنهل ويا هتون کٽي

4 پنهل پاڃهون ڪيئن پرجهان، پيو نہ ڏسان مان شل ڪو
شوق سورن جو مان چکيو، ويو آ "رکيل" کي وٽي

سر ڪئونسيو ڪافي665

تل مان ڪيئن ڪيان ڪنهن کي چوان، وڃي اوچتي اکڙيون اڙيون
1 دل اکيون قابو قيد ۾، ڦاٿيون زلف واري زيب ۾
آيون ڦڪل ڪنهن فريب ۾، جادو لڳن ڪوجائي جڙيون
2 دل توسان دلبر لڳي، منهنجي حال محرم سان ڳجهي
تنکي ڇا ڪندي خواري خلق جي، جيڪي سبق سورن جو پڙهيون
3 اهي دور دنيا جا ٻن پون، توڙي باغ بهشتن جا ٻجهن
ڏک يار جي دل کي رڌم، گهوري وجهان ماڳون مڙهيون
4 آيم سور سر تي تو سهان، اهي ناز پرين جا نوان
چئو "رکيل" ڪنهن کي چوان، لاتيون درد آٽي هيئن ڏڙيون

سر ڪئونسيو ڪافي666

تل ڪر ڪي ڳنڍڻ جون ڳالهيون، يار چنڻ منجهه چاهي
1 ڪڻ وو اکيون ڪل مان سان، چوهه رکين تو چاڪان
ننگ پنهنجي وچ پاليون، حجت حاجت منهنجي ناهي
2 قلم اڙي انگ لکيو، عشق تنهنجو پيم پکو
وهن هنجون اکيون آليون، مان ملان سڪ لاهي
3 مجگان تير چڪي، ابرو هلال رخ تي
سونهن لبن تي لاليون، زلف زيبا حق آهي
4 سور ثمر ٿيم سهنجا، محب ميلاپي منهنجا
سمجهه "رکيل" اهي چاليون، ڏس ته ڏنم سچ ڏاهي

سر ڪئونسيو ڪافي 667

ٿل مرڪڻ نال نہ مارين وو يار، چشمان تير تفنگي
1 زلف سياھہ ابرڪر آ ون، ڪر سينگار ڪجل ول پاون
ڪرن لڙائي تڪراري وو يار، اکيان تيريان جنگي
2 رخ مهتاب لبش نوراني، سر سولولاڪ تي تاج شهاني
ڏند اناري مرواري وو يار، بيني عجب رنگي
3 مين قربان ڪران سر سارا، ويکان حسن جمال نظارا
ڏي دلداري هڪ واري وو يار، نامي خدا ننگي
4 اڄ عجيب اڱڻ مون آيا ”رکيل“ روز غلام سڏايا
سر سرداري تو هزاري وو يار، مين آن مطرب چنگي

سر ڪئونسيو ڪافي 668

ٿل تنهنجي حسن حيران ڪيا، انسان عاشق آدمي
1 جا ستي تنهن سوز جي، تن کي وٽي ٿي ڪينڪي
آهي خنجر جان ۾، سي پون سک ڪيئن سمهي
2 جي اڱڻ منهنجي اچين، قربان ٿيان صدبار مون
سرڪنڌ ڪيو سر مون وجهان، اها خاڪ پيرن جي چمي
3 خوب خوش اي روءِ تو، من نديدم اميد ري
اعليٰ نسب عاليشان تو، عرش شت هم پائي ڪمي
4 فرياد ”رکيل شاھہ“ تو مذنبي يا اغثني
يا سيدا بهري خدا، هر دو سرارس هاشمي

سر ڪٺونسيو ڪافي669

تل تڪبر تڙا يو توڙ ڪون، اصلون عزازيل کي
1 ميں ڪري ماريو منو، پنهنجي پرجهہ ۾ پٽڙو پنو
متي طوق لعنت سر سنو، حجت ڪيائين حيل کي
2 گهي گوناگون جي، بيمثل بيچون جي
ڳجهہ ذات جو منجهہ صفات جي، پاٹون پري ڪيائون ڏيل کي
3 عشق ڳالهہ پنهنجي تو ڪري، ويو غير جو نقطو پري
اصل عين ٿيو ذري ذري، وجهي ڪير ڪمند فيل کي
4 "رکيل" فنا کي تو ڏسي، نئين نينهن ڪيو ناڪس ڪسي
هڪ يار دل منجهہ تو وسي، اصلون ڏنائون ايل کي

سر ڪٺونسيو ڪافي670

تل ڳجهيون پرينءَ جون ڳالهڙيون، دل جون اندر دل ۾ رهيون
1 پڌرو ڪري پيغام کي، اهي ڏسن ڪيئن عام کي
جانب منهنجي جيءَ سان جڙيون، سيني اندر سوگهيون ڪيون
2 محبت اندر مچ تو ٻري، هي دم سانول ريءَ نہ سري
تنهنجي سوز ۾ سيئي سڙيون، وهلور وحدت ۾ ويون
3 آلا قت فراق جا، توڙي چڪن سو چاڪ پيا
روئن اکيون ٿين آلڙيون، سڪ نا سنڌو سورن سهيون
4 اندر کورو تو هڳي، ٻاهر ٻاق نا ٻجهي
چڳيون "رکيل" تن چالڙيون، سچون ٻڌائن هي چيون

سر ڪئونسيو ڪافي 671

ٿل جڪندي عمر ساري ويم، اکڙيون پرينءَ جي پار ڏي
1 ڳوليان پرين شل نالهان، سڪ جو سيڪو سيني سهان
في الدارين ۾ هڪ کي ڪهان- خم خم زلف جي ڏار ڏي
2 من نار سان دل يار سان، وحدت سچي گفتار سان
دارون درد جو ديدار سان، انهي عشق جي انوار ڏي
3 دل جو اکيون پرکي پسن، منزل ڪيون رخ سان رسن
درياءَ وحدت منجهه وسن، ٻڏي يڪائي يار ڏي
4 وهوا فتح پور جي پچر، آهي عشق جي جاتي خبر
”رکيل“ رمز جي تکي تبر، وڍيون وجي اسرار ڏي

سر ڪئونسيو ڪافي 672

ٿل سڪ کون ٻڏي سندرو سچو، هن حال هيٺي سان لڌم
1 موتو واري مام سان، پرين پرتو پر جو پيم
ڏورون ڏنم دونهون عشق جو، پوءِ ويساهه وحدت سان ٻڌم
2 جيئن سهاڳو سون کي، پگهري ڪري پاڻي
ائين اسم ذاتي زور سان، وجهي ڪونائي ۾ رڌم
3 لک لڙايون کون لنگهي، ڪيم روهه کي چيتون چپر
سچي سڪ رسائي ٿي سگهو، ڏک سوز سورن جا سندم
4 اند محبت مچ ٻري، هي ٻاڦ ٻاهر نابجهي
ائين ”رکيل“ رک پاڻ ۾، ڳٽي ڳجهي ڳاري وڌم

سر ڪئونسيو ڪافي673

ٿل مرض لادوا آهي عشق جو، حاجت ناهي اڪسير جي
1 سوطبيبن جون ستيون، ڪيئن وجي ڪنهن کون پڇون
لوري لڱم لون لون لڇون، انهي درد جي دلگير جي
2 هي دل فراقن جي ڦٽي، ڪهڙي ٻڌان تنهن کي پٽي
ڏينهن ڏينهن کون ناهي گهٽي، ڦڪي مليس ڪا فقير جي
3 تنهنجي راز ۾ رلجي ويو، قطرو وڃي قلزم پيو
صفا ساڏ ٿيو هي مورک ميو، بيشڪ برھ بينظير جي
4 سچ هي "رکيل" ائين جاڻ تون، پنهنجو پڇائج پاڻ تون
سک رندي رسم رهاڻ تون، بازي بدر منير جي

سر ڪئونسيو ڪافي674

ٿل جهڙي تهڙي آهيان يار جي، عيبن پري مان ڪوتي ڪري
1 ڪيئن وساريان ورا ديون، هڪڙي گهڙي ناساعت سري
اهڙي لڱم جڙ جان ۾، هر وقت ۾ اٺم حاضري
2 ڪر حجاب جا پردا پاسي، پوءِ صوفي سڏيندءِ قادري
ٿي غير کون پاسي پري، ڏس درد جي کولي دري
3 ڏي عشق ۾ سر هي سچو، وسري ويم ٻئي جڳ وري
تنهنجي حسن حيران ڪيو، جانب ڏنم جئري مري
4 سمجهي سچاٽي چئو "رکيل" آتش اندر ۾ ڪاڏنهن ٻري
پيريمغان روزي ازل، ڏنم روح کي ذوقون ذري

سر ڪئونسيو ڪافي675

ٿل ڪيون سوز مون صدقي سسي، جيءَ جوش ۾ جيڪي جليا
پرواز پروانا ڪري، ميدان ۾ مورک ملھيا
1 سڏڙيا بينا پوءِ تي سنگي، ھليا مرد منزل ۾ لنگھي
جن الف سان دلڙي ونگي، حق سان اھي ھڪ ٿي ھليا
2 ڏس محنتن جا معجزا، درياءَ وحدت نوش ٿيا
اھي حسن تي ھمر اوست ھيا، اھي سير سالڪ ناسليا
3 سڪ ڪون ٻڌي سندرو سچو، ڏڙ ڏار سسي تي مٿو
سڏڙيا صرافن ڏي اچو، پوءِ رمز صوفي جي رليا
4 لاتقنطوا رحمت لھي صوفن ڪئي ثابت سھي
شاڪر ٻٽي جيڪا نھي، راضي ”رکيل“ ھو ٿي چليا

سر ڪئونسيو ڪافي676

ٿل منھنجو مارن سان لکي نينھن لايو
بر جي بدن ڪان- جھنگ جي مرن ڪان- بختن بچايو
1 ڇڪيون رنڊا جي وچ تي وڏائون، مونکي محبن ڏانھن ھٽ پي جھليائون
عشق بنان اديون جٺڻ آ اجايو
2 ھوت ڏي ھلڻ جا ھيڪل ڪنديس ھيلا، پنڌ آڏکن جو اتي ڪڙم نہ قبيلا
ڪانڌن ڪين ڪيو مان سرتي سھايو
3 منھنجي وطن جا وڻ چہ ڦلاريا، جھوڪ ائون ميرانپور سدا سينگاريا
سڪ چہ سچيءَ جو ڀھرو مان پايو
4 دلبر دئي جا چني چڏمر ڏاڳا، عشق اکين کي ڏنمر اوجاڳا
تڏھن ”رکيل“ جي اڱڻ تي آيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ڪئونسيو ڪافي 677

ٿل ٻالهيون ٻجهيون سجڻ، اوريان نہ ٻي ڪنهن عام سان
ڪيو چور چشمن سان ڏسي، دلڙي ڦسايو دام سان

1 ويا ظلمات جا پردا لهي، ڪولي اکيون سر ڪر صحي
نہ هي رهي نہ هو رهي، رهزن رسيا وجي رام سان

2 ويهڻ سمهڻ جاري جفا، قلبي وجي روحي رسيا
ڪيون مشق مس صوفي صفا، مشفق هجن هڪ مام سان

3 گرمون حسن بازار جي، ناهي خبر ٻي شمار جي
عارف ڄاڻن اسرار جي، شائق الف جي شان سان

4 سينو سڌري صاف ٿئي، شافع مدت منداين معافي ٿئي
اهڙو عجب انصاف ٿئي، رکيل جهڙي نہ غلام سان

سر ڪئونسيو ڪافي 678

ٿل آهيان انتظار بيقرار دل يار مٺائيي

1 ڏيئي ويس ڪيئي درويش، عجب سير ٻتائيي
منل ٻول گونگت ڪول، رکي گام گهٽائيي

2 اهڙي درد جي دوا، ڏسڻ عام کي روا
تون حبيب تون طبيب، هي مريض چٽائيي

3 جا ٿي شمع ٻري، تاٿي پتنگ پاڻ پوي
دوزخ ۽ بهشت جي، خواهش طلب هٽائيي

4 جيڪي ويس ۽ وڳا، ڇڏي يار ڏي ٻڳا
رکيل شاهہ سان نگاهہ، اها رمز رلائيي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ڪئونسيو ڪافي679

ٿل رندی مجلس راز توئی، سوئی کہنا نام نام
اے مسلمانو الا الا، با برہمن رام رام
۱ ہر صورت ہے صنم، دلبرا دیدار تو
ماسوے اللہ عین حق، ماشنا ختم کام کام
۲ مسجد کہوں مندر کہوں، مغلوب غالب ہم کہوں
زیر بالا توئی مولا لامکان لامکان
۳ باصفا صوفی چہ باشی، خوش بگو لاالہٰ الااللہ
ہر جاءِ ہے موجود حق اسرار تو انسان سان
۴ اے 'رکھیل' خودرابین، دیگران توکار نیست
چون ندیدی عشق را خطرئی تو خام خام

سر ڪئونسيو ڪافي680

ٿل لڙاٽ مئون لوچي لڌم، پنهنجي پنهل جو پيچرو
1 ڪوه جبل ڏونگر ڏنم، ڏکيا لڪ لنگهيان ڪيئن ڪيترو
هنڙا ڪيون هڪلاڪيان، اجهو پنهل ٿم آسرو
2 سڄان سهاڳڻ ڪيئن سمهان، ڏک يار جو ناهي ڊرو
شب روز دانهان درد جون، سچ تو ڏسان مان سوجهرو
3 جڏهن پر توو پرجو ڏنم، دشمن دزکي پوءِ چڙهيو ڀرو
رليو راڻيندڙ هت رهيو، سو ڪيئن ٽيندو ڪوٽو ڪرو
4 پنهنجو سڄاتم پاڻ ۾ حد فراق جو پٽڙم پرو
رمزان رکيل عبدالستار جون، زم زم پيتم هڪڙو ذرو

سر ڪيڏارو ڪافي 681

تل حج مڪو جن هت ڏٺو، پيرين سي پنڌ هي ڪيئن ڪنديون
1 هت لڏائون هوت کي، ويهي معرڪي سي مرڪنديون
طواف ڪيائون پاڻ کي، ڪعبو سچو آهه دل اديون
2 جي فڪر فرمان ۾ تنهن ٻول سان اهي ٻڌيون
نڪري نظاري نينهن جي، سڪ سوز ۾ سائين سنديون
3 عجب اورڻ الف سان، توڙي هجن گدليون گنديون
لوچي لڏائون لڪ لنگهي، منظور ٿيون ميريون منديون
4 وهوا رکيل پنهنجو پسڻ، آزاد ٿيو بيشڪ بنديون
علم لدني جن لڌو، ڪوڙين ڪتابن جون ڪنڌيون

سر ڪيڏارو ڪافي 682

تل هڪڙا حيرت حيران ڪيا، ٻيا تا اتن سرهي ونگيون
1 بيرنگ ٻاري برهه جي آئي عشاقن تي انگيون
محبت سندي ميدان ۾، سورهه بيٺا سندرو ٻڌيون
2 ڪيئي ڪنا هن ڪات سان، ڪي بيٺا اوري سنگيون
ڪن ماٺي منزل منصور جي، سوري مٿون سرهي ٽنگيون
3 لامقصود تي فنافي الله، هتون ويا هتڙا چنديون
تن طمع کي ترڪ ڪيون، لاهوت ۾ ويا لنگهيون
4 ڪيئن ”رکيل“ ڪاڏهن لڳئي، جيءَ جان، ۾ جوشون جنگيون
ويم وڪوڙي وجود کي اهو عشق ڪاريهر ڏنگيون

سر ڪٿونسيو ڪافي683

تل اڌا ڪانگل ڪيچ وڃي چئو، منهنجو احوال سچي سيد کي
1 سڪ سچي سان تي سڄڻ ساريان، لڙم دل ۾ ورنہ وساريان
هي جند جان ڪنديس سر صدقي
2 مرڻ انهي کون اڳيئي مرجي، جاءِ جنت ۾ تنهنکي ڏر جي
اهڙو شان مليو ميت کي
3 مڪان فنا جي ڪيڙم فاني، مئن خودي جي رهي نہ نشاني
ايڏو پال ڪيو بعيت کي
4 رکيل راز پرين ڪيئن پسجي، جسم جان پنهنجو نا ڏسجي
اهو ڪير پڄي لاحد کي

سُر آسا ڪافي684

تل نام نيشان ساڏا پتا نہ ڪوئي، آدم حوا نا جائي هون
1 قطري وچون انسان بڻيوسي، پڇي چارئي عناصر چوڙ ڏتوسي
قلزم دي وچ قطرا رليوسي، موج انهين وچ پائي هون
2 ڪٿ اسان ڪٿ مڪان اسيڏا، نور ظهوريي شان اسيڏا
رام تي رحمان اسيڏا، هر مظهر وچ سمائي هون
3 صيف لِسان زبان اسيڏي، ڪم قلم دي قير مڙيندي
بحر حقيقي جنبش جڙيندي، امن عدالت آئي هون
4 سر اسرار مرد مئخانا، سالڪ مست شريف شهانا
وار قلندر هون نقش نشانا، ڪشف قلوب ڪمائي هون
5 بات "رکيل" اهو باب پڙهيوسي، ڪن ڪما فيڪون بڻيوسي
الانسان تي عجب وٽيوسي، اپني ذات صفات چپائي هون

سُر آسا ڪافي685

تل الانسان تي صورت بشري، عجب رنگي رنگ لاياهي
1 ڪتي آدم ڪتي شيش نبي، ڪتي نوح طوفان تي راز ربي
ڪتي يونس گهتي چاپيٺ مڇي دي، الاالله فرمايا هي
2 ابراهيم وچ آڙاهہ اڙايئي، صابردي تن ڪيڙي لايئي
ذڪريہ نون چا ڪرت چيرايئي، انت ڪنهين ناپايا هي
3 يوسف ڪون وچ کوهي پايئي، پڇي مصر بازار چا ملهہ چڪايئي
يحيىٰ نون چا قتل ڪرايئي، تون اپنا راز ڇپايا هي
4 ڪربل دي وچ جوش جڳايا، ملڪ فلڪ حيرت وچ هويا
عرش زمين آسمان بہ رويا، عاشق شهادت پايا هي
5 پُرڪر وحدت جام پلايئي، منصور نون چامست ڪرايئي
پڇي سولي اتي چا پڪڙ چڙهايئي، اناالحق الايا هي
6 عشق "رڪيل" هي سردي بازي، ناوت جاٽي دور درازي
سر ڏيوڻ ٻاجهون ٿيسئي ناراضي، محبت مچ مچاياهي

سُر آسا ڪافي686

تل برهہ اها بازار لڳي، ڪر سودا سچا سر ڏيوڻ دا
1 بازار انهي وچ بهادر ڪڙدي، سر ڏيوڻ ٻاجهون مول نہ مڙدي
سولي اتي هسوار تي چڙهدي، آپڻا آپ وڃا وڻ دا
2 موج انهي وچ عاشق آون، سي سي غوطي لڪ لڪ کاون
بيچوني داييت نہ پاون، سک درد وي دود دکاوڻ دا
3 سمجهہ سهي ڪر وجود وڃاوڻ، منصوري دا منصب پاوڻ
نينهن نسنگ نشان لڳاوڻ، ڪر زهر جسم تي ڏکاوڻ دا
4 محويت وچ محو ٿيوسي، دام دئي داتت ڳيوسي
بيوسي وچ پلئي پيوسي، عشق ڪيتم تڏان آ وڻ دا
5 رمز "رڪيل" اهو راز الاهي، جنهن سر آوي شان تہ شاهي
ملڪ فلڪ تي ڏيون گواهي، نهين ذات ظهور لڪاوڻ دا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر آسا — ڪافي 687

تل نور پرئي دا رنگ نمونا، برهه اها بازار لڳي
1 الانساني برقع پايئي، وچ آدم دي اپڻي ذات ڇپايئي
ملڪ فلڪ تي ظهور الايئي، هر طرحين گفتار لڳي
2 ڪت شيث نبي تي ڏنڙئي هوڪا، ڪت نوح طوفان ٻڌايئي موڪا
ڪتي عاشق ڏيکن روز ڪلهوڪا، حسن صورت بارون بار لڳي
3 ڪتي ابراهيم تي آڙاهه اڙائي، ڪتي موسيٰ تي فرعون لڙايئي
ڪتي راهه هدايت توريت پڙهايئي، نهين انت بحر بيشمار لڳي
4 ڪتي يحيٰ ڪون چا قتل ڪرايئي، ڪتي ذڪريا داسر ڪرت چيرايئي
ڪتي يوسف وچ بازار چڪايئي، اهو عشق حيرت وارون وار لڳي
5 ختم نبيين دا تي احمد آيا، چت لولاڪ داسر تي جهلايا
دوست دارين دا منصب پايا، درد روندیان دي دربار لڳي
6 سولي اتي منصور امانت، ڪربل دي وچ شان شهادت
سمجهه ”رکيل“ اهو عشق هدايت، مشتاقان زارون زار لڳي

سُر آسا — ڪافي 688

تل ڪوئي هووي ميدان تي آوي، سورهه سردا بهادر نام نيشان
1 لشڪر خزاني تي بارود جنگي، ين ڪوٽ هستي دا زابر زنگي
شوق شراب تي پيوڻ رنگي، مارخودي ڪون تي ليسين مان
2 نفس لافي نال اويشڪ لڙدي، عشق دي باري تي عاشق چڙهدي
ٻڌ سچ ڪمر تي توڪل ڪڙدي، لٿا حجاب تي شڪ گمان
3 ين دئي دا توڙ بهانا، مسجد مندر هيئي بت خانا
هر مظهر وچ يار يگانا، صورت بشري سر سبحان
4 وچ دروني جهاتي پاوڻ، غير اندر دا ترت تڙاوڻ
صوفي صاف تي رند سڏاوڻ، مار طبل شاهي اعليٰ شان
5 بانگ الستي تي جسم جڳايا، حال”رکيل“ ايهو فيض هلايا
عبدالستارتي سرسمجهايا، محنت باجهون نهين عشق آسان

سُر آسا   ڪافي689

تل عشق دا نازسهي مين سجاتا، عوشاقان سرتي آيا هي
1 نوح نبي طوفان منگايئي، ابراهيم آڙهہ وچ پايئي
موسيٰ تي فرعون لڙايئي، فرعون درياءَ گوانيا هي
2 يحييٰ ڪون چا قتل ڪرايئي، ذڪريا دا سرڪرت چيرايئي
يوسف وچ بازار چڪايئي، جگ سارا تہ پلا يا هي
3 مصورنون اناالحق آپ ڪهايئي، پيچي سولي اتي چا پڪڙ چڙهايئي
شمسل حق دي کلڙي کلايئي، قم باذني تہ ڪهايا هي
4 شاهہ حسن ڪون پيالا زهرپلايئي، مير حسين شهادت پايئي
صوفي داسر نيزي ڦرايئي، اهو بيرنگ برقعہ پايا هي
5 سک ”رکيل“ اها رمز حڪايت، چوڙ دئي ڪون سمجهہ هدايت
جي ڪجهہ ڪرڻا اها هيئي ساعت، لاحد سوزسمايا هي

سُر آسا   ڪافي690

تل عشق ملامت سربدنامي، ياراسان ڪون چا ڏيندا هي
1 سر اساڏي گلا گوئي، عشق جيها بدنام نہ ڪوئي
جنهن تي آوي سمجهي سوئي، باربرهہ سرسهيندا هي
2 عشق دا غلبا ٻئا ڪون هٽاوي، عقل دليل اٿان نہ آوي
نت ظهورا آپ سڏاوي، رمز حقيقي رهيندا هي
3 سختيان ڏکڙي اهي سچ جاتم، ڪرهار سينگاربِچي وچ پاتم
هڻ نينهن نيشان نوان ڪر لاتم، پيچ اسان نال پئيندا هي
4 ياراساڏا اسان انهين دي، ڪاڻ ”رکيل“ ٻي ڪيڏ نہ ڪهيندي
لاحد والا ميدان مٽيدي، غير پليتي سک ويندا هي

سُرآسا   ڪافي691

تل عشق عجب انسان ڏنم، رهبر راهہ رباني دا

1 وچ ميرانپور محبت لايم، بار برهہ داسر تي چايم
عشق خريد چا ڏکڙا وهايم، درد لڳم دل جاني دا

2 شيشي شرابي مدهوش ڪيتم، پيرپمغان دي دستون پيتم
موتو قبلل مر ول جيتم، سر ڏنم سبحاني دا

3 روز ازل دي نينهڙا لايم، آدم حوا مين نان چايم
بانگ الستي برهہ سڻايم، سير تيم سلطاني دا

4 سوئي هووي ساڏ سڏاوي، مرڻ ڪنون اڳي مرول جاوي
عشق دا جڻيا ڳل وچ پاوي ”رکيل“ راز نهاني دا

سُرآسا   ڪافي692

تل عشق جڏان ول باب پڙهايم، درد اهو ڏک پاوڻ دا

1 جاري درد هميشان رهندا، داغ سيني دا دوست نہ لهندا
ڪولهہ اساڏي يار نہ بهندا، سورنهين سيني ماوڻ دا

2 رمز انهين وچ رهندي راڳي، باب برهہ دا پڙهدي بيراڳي
سر تہ سجاڻن سوئي ول ساڳي، غرض پيئي اٿ آ ورڻ دا

3 چاتم شريعت ميڏي دائي، اهڙي طريقت ساڏي مائي
حق اليقين حقيقت آئي، معرفتون ميوا کاوڻ دا

4 عشق دي طابع تي تون تائب، رمز رندي سک چال عجائب
عقلي ڳٽيان تيون غائب، موج ”رکيل“ سر سانوڻ دا

سُر آسا   ڪافي693

تل شوق شراب تي مئي دي مستي، پرپر ڏيندا ڪيف ڪلال
1 حرف حقيقي هڪو وحدت ڏسدا، پيريمغان تي پارس گسدا
دم دم دل وچ دلبر وسدا، اولي تي ڏيندا دست دلال
2 دستون ساقي مئي دا پيوڻ، هووڻ حياتي دو جڳ جيوڻ
اثباتي وچ اعليٰ ٿيوڻ، سالڪ سمجهن خود هي خيال
3 ڪوڙي قصي ٻهہ نفس وڃاون، عقل ديان ڳالهين سڌڙي سٽاون
عشق دي منزل پيت نہ پاون، برهہ بنان هي جيون جنجال
4 عبدالستار تي نام سڏايئي، خرقہ خاڪي جاما پايئي
سرمين سجاتا ذات چپايئي، نينهن لڳا تڏان ٿيوسي نهال
5 زيب زنخ تي رخ مهتابي، حسن سهٽي دا رنگ گلابي
سمجهہ ”رکيل“ اها صورت ساڳي رخ روشن هي ابرو هلال

سُر آسا   ڪافي694

تل سودا سچا سر وو سورهہ ڏيندي، برهہ اها بازار لڳي
1 ڪيف ڪلالون پيون پساري، عاشق ڏردي ناوت خواري
سولي چڙهدي ڪرن سواري، حق هو هبڪار لڳي
2 سختي ڏيک تي عاشق هسدي، انهين تہ اڏي تي ڪيئي ڪسدي
ويک تماشا او سڌڙي نسدي، شاهي طبل شمار لڳي
3 جتي پئي بلدي سوئي سرجاٽي، محبت دا ميدان سجاٽي
جوئي چڙهيا سو موجان ماٽي، رڳ رڳ وچ هرتار لڳي
4 عشق وهاوڻ تي ذکڙا پاوڻ، لا غرضين نال نينهن نياوڻ
سمجهہ ”رکيل“ سوئي سر سماوڻ، گلشن هويا گلزار لڳي

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سُر آسا   ڪافي695

تل   دم بنان تو دوست جي، سهڻل پايان سال وي

1   سڪ تنهنجي هي ساوڻ لايو، عجب آب اکين ۾ آيو
روئي   وچايم   حال   وي

2   پريشان وتان تي فڪر ۾، راتيان ڏينهان زهد ذڪر ۾
چمان   تنهنجو   خال   وي

3   سڏ ڪيان تي وڏا وس واڪا، ڪوڪ ڪريم پتي منهنجي ڪاڪا
نامي   خدا   مڙ   پال   وي

4   بيوس آهي ملڪ بيگانو "رڪيل شاهه" ٻڌو تي ڳانو
ڇڏي   خودي   جو   خيال   وي

سُر آسا   ڪافي696

تل   عشق عجب اصاف ڪريندا، ڪوڙ خلاف تي عقل نهين

1   نفسي جهڳڙا عشق چڙايا، بار برهه داسر تي آيا
غير وجودون ترت تڙايا، شڪ گمان تي شرڪ نهين

2   عشق عقل دي ڪهڙي سلابت، عشق نه چاٽي مت قرابت
خوف هميشه زهد عبادت، درد لڳم تي آرام نهين

3   ڪشف قلبي جوش جڳايا، بار برهه دا سر تي آيا
جنهن وت سمجهايا سوئي تنهن پايا، بي ته ڪنهين دي بات نهين

4   رندي حال "رڪيل" جي چاٽي، ملڪ ماهي دا اهو وچ ماٽي
جي سالڪ تيوين سر سجاٽي، وحدت باجهون واند نهين

سُر آسا   ڪافي697

تل پيريمغان دي دستون پيتم، وحدت جام اثباتي دا
1 دور دئي ڪرنفي ڪون چوڙيم، صحن فراخ تي دل دا جوڙيم
اثباتي داخيمان ڪوڙيم، بوتا پنيم صفاتي دا
2 عقل تيم اصل چوڙ روانا، عشق ڪيتم چامست ديوانا
يار سجاتم وچ مئخانا، سوز لڳم پاوڻ جهاتي دا
3 اناالحق دا هوڪا هليوسي، عاشق تي معشوق بنيوسي
قلزم دي وچ قطرا رليوسي، غير ڳيا جسماتي دا
4 سمجهہ ”رڪيل“ اهو فيض هدايت، هرمظهروچ هڪ دي حڪايت
اصل عشاقان تي ازلي عنايت، نور ظهور تہ ذاتي دا

سُر آسا   ڪافي698

تل ڏس خلق ڪري تي وڏائي، ڪلدار ڪل ڦيرائي
1 روڪ رپيو ڪن نمايو، ڪن ميڙيو ڪن لٽايو
ڪنڪي تيو حرص هوائي
2 هيرا جواهرلعل يعقوتي، چاندي چمڪي ماڻڪ موتي
ڪُوڙي دنيا بي وفائي
3 جن کي جو فوجان ۾ جاري، رات ڏيهان وين ننڊ قراري
ايها عمر وين تہ اجائي
4 شاهہ سڪندر ملڪ خزانا، لکين لشڪر سوين ٻانهان
وئي هٿ مليون هر ڪائي
5 عاشقن سچ عشق حقاني، خاڪ تا جاڻن دنيا فاني
چئي ”رڪيل شاهہ“ رضائي

سُر آسا   ڪافي699

ٿل عشق آيا ميڏي سر تي زوري، ڪنهن نون سڻاوان اهو حال
1 سينگيان سهيليان خوش تي هسديان مين مٺڙي ڪون اهو حال نہ ڏسديان
دهشت ڏي ميڏي دلڙي کسديان شل يار پلهيسي ڪولهون نال
2 سک صبر آرام نہ آوي ڏکينديان ڳالهين ڪون ڇپاوي
شل ويڙهي اسا ڏي ڦيرا پاوي، نو لک ٿيوان نهال
3 راهہ صنم دي پليندي ڪڙيان، اکيان ميڏيان بيوس اڙيان
جاري درد مريندا ڏڙيان، مينون مشڪ ساعت سال
4 بي اختيار بحر وچ آيم، خطري تت ڳئي ساڏ سڏايم
راز "رکيل" سر يار سمايم، لڪ لڪ لڏم لعل

سُر آسا   ڪافي700

ٿل دانهان ڪر ڪر لوڪ سڻاوان، تيڏي عشق ڪيتم لاچار
1 جسڪو لڳڙي جان ڪدن دي، عشق چوانتي وچ بدن دي
عاشق سوئي سون عدن دي، تيڏا نام جبار قهار
2 حسن تيڏي ديان هرجاءِ چليان، سر عاشق دي چڙهديان گهليان
ورهہ وڪوڙيم زوري ڳليان، شب روز ڪريندا مارون مار
3 ڪران مين سڪونت گوشي بهسان، بسمي لاڪي بيوت مليسان
نہ يار مليا نہ ڪوئي سڪڙا جليسان، رت ديان هنجون روان زارون زار
4 ايوين اناالحق آپ ڪهائي، سولي اتي منصور چڙهائي
شمسل دي چاکلڙي کلائي، جنهن سر آيا برهہ دا بار
5 سڻ "رکيل" اهي عشق ديان ڳالهين، پنڌ هيئي اڳون تي پڇون تي نہ پالين
سخن سچا هڪ حق نال پالين، صدق ٿيم سووار

سُر آسا   ڪافي701

ٿل   بڻ صورت شڪل جهان آيا، سر آدم ٿي انسان آيا

1   الست اهو چا واعدا ڪيتا، قالو بليٰ ساءِ تون هين جيتا
جام وحدت عشاقين پيتا، سر ساڳي سوئي سبحان آيا

2   ڪن فيڪون تي ڪن ڪهايئي، آدم اپڻا سر بڻايئي
صفان جوڙ ملائڪ سجدا پايئي، فنفخت فيہ فرمان آيا

3   هر هڪ ڪون چا آپ ڪڙايئي، موسيٰ تي فرعون لڙايئي
آڙهہ وچ ابراهيم اڙايئي، پڇي باب اهو بستان آيا

4   ڪتي رهبر ٿي ٻهہ راهہ بتاوي، ڪتي عالم هو ڪي درس پڙهاوي
ڪتي جوسي هو ڪي برهمڻ ڳاوي، ڪتي شڪ شرڪ تي گمان آيا

5   اپڻا قصا سارا آپ بڻايئي، توريت زبور انجيل جاڻايئي
لدني علم عشاق پڙهايئي، سچ شاهد ٿي تي فرقان آيا

6   ختم النبي مقبول هويا، ڪتي وت آدم ڪتي وت حوا
احمد شاهہ رسول هويا، اهو راز ”رکيل“ تي زمان آيا

سُر آسا   ڪافي702

ٿل   مشڪل سمجهڻ صفات، سر ذات اتيئي سمايو

1   پيريمغان جي اڳتون، سيس نوائي، ڪنل اڳي ها قلمات
ٻاري آڙهہ عشق مچايو

2   درد وارن کي دير نہ ڪائي، ڏينهن هجي ڪي رات
محنت ٻاجهون ڪنهين نہ پايو

3   جاڻ نہ جاڻي ٻاڻ سڃاڻي، جاءِ لڏائون جسمات
تن جاڳي هي قلب ڪمايو

4   ٻاڻ پلايئي ٻاڻ هلايئي، ”رکيل“ لڌي هي ظلمات
اڃي رانول تو رنگ لايو

سُر آسا   ڪافي703

تل   اسم اعظم تي اندر وچ آيا، ذات ظهورا سر اسرار
1   ڪن فيڪون ڪنون اڳ تہ هيوسي عشق ماهي داپکي تہ پيوسي
دل روشن ظلمات ڳيوسي بيرنگ آيا بارون بار
2   لوح قلم تي امر ڪيتوئي، انگ اسيڏا اڳ تہ لکيوئي
سر تہ سڃاتم ساڳي سوئي، الانسان سري ٻڌم اهو اعتبار
3   ونحن اقرب قول سچائي، سالڪ سمجهن نهين ڪا جدائي
هر صورت وچ وسدا جائي، فثم وجہ الله ڏٺم دلبر دا ديدار
4   نت نوان هي شوق "رکيل" دا واند نہ ڪائي آرام نہ ڏيندا
زوران زوري سر تي اوندا عشق ڪريندا هي مارون مار

سُر آسا   ڪافي704

تل   سک ريت روش سر سمجهاوڻ دي، ڪر ويران وجود وڃاوڻ دي
1   عاشق هوڪا ڏيوڻ ضروري، واعظ نصيحت سڻاون پوري
نپ رک اپٹا ڪنز قدوري، ڪيا حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي
2   نال جسم دي ذاتي لاوين، وچ تہ چکي دي آپ پڪاوين
تي سوداگر هٹ هلاوين، فائق فيض رساوڻ دي
3   وڏيان تسبيان عالم پڙهدي،وچ تہ قلب دي اونهين ڪڙهدي
بي موجب ايوين لک لک لڙدي، اناالحق الاوڻ دي
4   ڪن ڪما فيڪون بڻايئي، هر هر گهٹ وچ آپ سمايئي
"شاهہ رکيل" نال گونگهٹ پايئي، فنفخت فيہ سڻاوڻ دي

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سُر آسا   ڪافي705

تل خبران خدا جي خيال جون، ٻڌو نينهن وارن جون نيون
1 ناسوت ڪان نڪري هليان، ملڪوت ۾ منزل ڪيون
جاءِ تن جبروت ميان، لڪيون لاهوت ۾ ثابت صحيون
2 دنيا سندا طالب ڏٺم، ڪدڙا وتن خبران ڪنيون
جيڪي بهشت جا طالب اديون، سيئي زهد ۾ زالان پيون
3 مولا سندا طالب ڏسو، تن عشق جون چيريون پيون
نسنگ نينهن ۾ نانگا نچن، باتيون وهم واريون ويون
4 سچ چئو "رکيل" ڪنهن ڪون سکين، ڳالهيون ٻڌيون ڪيئن تو ڪيون
هر ساز ۾ سمجهي ڏٺم، نروار تي نعرو هنيون

سُر آسا   ڪافي706

تل سدا گلشن آهي گلزاري، جهوڪ شاهه عنايت واري
1 جيڪو پيرا اچي هن پڙ ۾ پائي، سو طالب پنهنجو ظالع پائي
جيئن بادل ۾ وڄ جاري
2 اسم جسم سان ڪيئن چڪائين، دمن سان وينو رام ريجهائين
هيٺ مٿي هيڪاري
3 جيڪو سڪ سچي ڪون سر نوائي، مرشد ڪامل فيض رسائي
ڏس صوفي جي تہ سچاري
4 نفي ڪون اثبات ڪيائون، اندر ڳولي يار لڌائون
رک "شاهہ رکيل" سان ياري

سُر آسا   ڪافي707

تل وِل وِل آون ياد سجڻ ديان، ڳجهيان، ڳجهيان ڳالهڙيان

1 عشاقاندي سر تي آون، جي مين جاٽان جادون لاون
ڪجل ڦهري اکيان پاون، جلوي جنگي والڙيان

2 دانهان ڪر ڪر لوڪ سٽاوي، زخم جگر دا ڪونہ چٽاوي
ڪوئي دانشمند طبيب ڪماوي، چاڪ ٽيوان مين خوش حالڙيان

3 ياد ڪران مين سانجهي صباحين، ڳليان ڊونڊيان تيڏيان راهين
ڪولهہ اسا ڏي آءُ سدائين، لعل ٽيوان مين لالڙيان

4 ”رکيل شاهہ“ داويک نظارا، ٻٽيا قلندر ماريس نعرا
دنيا فاني دم گذارا، خوف انهين وچ خيالڙيان

سُر آسا   ڪافي708

تل آيا پيش اساڏي يار پيارا، اوڪا پنڌڙا تڪاري دا

1 عشق جڳايا ڪيتس تياري، پهلي منزل وانر والي
ولڻ پڇوتي يار مياري، ڪرٽا گذر لاچاري دا

2 قيد پاٽي ڪٽ قسمت آٽي، نام نري لڪ هر ڪو جاٽي
هر جاءِ تيڏي يار تڪاٽي، ڪوئي پئڙم پيچ پساريدا

3 پووان در موهن مر واري، پوون اوقات برهہ دي باري
خوش وسي ساڏي سنگت ساري، ڪوئي چنڙا درد آزاريدا

4 ڪسر هزارا هر ڪس ڪائي، جاءِ استي يار رهائي
هرڪس ناهر تينا بائي، هلبو وڃ واپاريدا

5 جانب مين اين در دوراني، حسن همائين فوج ايراني
گشتي ”رکيل“ بيامين جاني، مين صدقا شاهہ بخاريدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر آسا　　　　　ڪافي709

تل　سمهڻ سارو اتو سور، جاڳو جيڏيون، اتو جيءُ جو جٽاپو

1　ٻيو ڪم گهوريو، چرخو چوريو، محبت جو هي مذڪور
آهي درد وارن جي ڪاڻ سياپو

2　آڌي رات اٿيون، سهجون سيئي الا، ذوق اٿاريون ضرور
تن هادي هي حق سڃاتو

3　جاڳي جاڳي وو جُوءِ لڌائون، حاصل تن کي حضور
لٿو تن لوڪ لاڳاپو

4　جوش جلايو وو روز "رڪيل" کي، عشق مچايو ڪلور
آيو اٿم هي نينهن نياپو

سُر آسا　　　　　ڪافي710

تل　ناهي رڪيل ڪو نه ويچارو، ڏس نينهن هنيو آهي نعرو

1　خبران ڪيون سائين هي دل ٻڌائي، عشق مولا جو اهڙو آهي
سچي دل سان سمجهيو يارو

2　ائين چوان تو مان اهو آهيان، جادوگر مان عامل ناهيان
هڪ ياد ڏيکاريم چارو

3　جعفر منجهون نا ابجد ڄاڻان، دم هڪو سائين ختم سڃاڻان
ڪرنا جسم وسارو

4　راهه "رڪيل" هي لڪ نالاڙو، ابدي آهي پيرن پاڙو
فيض فتحپور وارو

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

سُر آسا ڪافي711

تل جڏهن عشق اچي ڪيم ٿاٺون، رڪيل پنجن ڪوڏن تي وڪاڻون
1 ماڻهون مال سيئي ساسن، ويساهہ ٻڏي ٿا باسان باسن
پهچي ڪندن پير پڄاڻو
2 خاڪ منجهون گل پيدا خاڪي، حسن هدايت صاحب ساقي
منجهہ شهر فتحپور جاڻون
3 عشق آيو منهنجي دل ۾ سمايو، لائق لوڏي غير تڙايو
سينو سبز ڪڏهن نہ ڪماڻون
4 ”رڪيل“ مدامي نينهن نيشاني، در مليوسي دل جو جاني
جاٽي دمن ساڻ سڄاڻون

سُر آسا ڪافي712

تل اچي عشق ڪيون مانسان ڳالهيون، آيم سيئي سور سنڀاليون
1 عشق اهو جيڪو سور پرائي، ميدان تهين ۾ جان جلائي
ڏک جو شن ۾ تا جاليون
2 درد فراق ڪيم دل قاران، ساز سرود رڳان منهنجون تاران
وڃن وحدت ساڻ رصاليون
3 نينهن جو ناءُ ونڻ ناسهنجو، ونن اهي جيڪي سرڏين پنهنجو
اهي مرڪن ٿيون ٥ تواليون
4 سمجهہ ”رڪيل“ هي سر سدائي غير ڪڍي چڏ ڪوڙ دغائي
پڇي چور ڪيم ٻيون چاليون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر آسا   ڪافي713

تل واهواڪي اس وطن ۾، اسرار تم دکايا
1 اب هو بهو ۾ هويم، تحقيق تاج پايم
ذڪرش لا اله مين گويم ايسي لذت جو آيا
2 عشق مرتا نهين جو جيتا، عاشق ڪباب ڪيتا
مئي جام مست پيتا، ڪيسا سواد پايا
3 جس رام نام ليبيا، تس سير سارا ڪيبيا
هٿ ۾ چراغ ڏيئا، اب جوت اي جڳايا
4 اس ٻگلي ۾ سير بازي، چڙهدي غزا تي غازي
ويکو "رکيل" ترت تازي، عاشقان اي نرخ لايا

سُر آسا   ڪافي714

تل هيڪل نتي هلي پئي، عشق خيال تو اتاري
1 آب گل ۾ آدم، بت خانہ تو نهائي
پنهنجي ذات قلب اندر، ملڪن نتو ڏيکاري
2 سدا سڪ سهج ساجن، نيئين بهشت ۾ ويهاري
ڏيئي ڏوهہ عذر داٽي، ڪجهہ فراق ۾ گذاري
3 لولاڪ لما خلقت، اتم انسان اجاري
اسرار قرب سارو، ڏس نينهن جي نظاري
4 معراج محب منور، ڏنو پيار پياري
جبرائيل خاص خادم، اچي عرض تو گذاري
5 "رکيل" راز يار جو، ڏسڻ پسڻ پساري
انسان شان تنهنجو، وحدت نتو وساري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر آسا   ڪافي715

ٿل   منهنجو سانول ڪيچ سڌايو، اديون ڪالهه نه ڪو هت آيو
1   ڪنهن سان ڪيان مان ڳالهيون ڪيڏيون، جيءُ بت سان اٿم جهيڙو جيڏيون
هڪ حيرت هوش وڃايو
2   هلڻ هيڪل تيم پنڌ هي ڏوڙو، ڏير ڏکي ڪي ڏيئي ويا وڇوڙو
سرتيون مان سر تي سهايو
3   ڪڏهن ڪيو هيم ڳالهيون شهانيون، وسري ويم ڪ ڪون سيئي نشانيون
تنهنجي ڳالهين جيءُ جلايو
4   پنڌ پري تيو سخت ڪشالو، شوق وارن ڪان سرتيون آ سولو
جن اسم جسم سان رلايو
5   رات ڏينهان ويني راهه نهاران، روز "رڪيل" جون پون پڪاران
اچي ويڙهو يار وسايو

سُر آسا   ڪافي716

ٿل   دل ساز خود آواز خوش، هي درد ميري ڪي دوا
1   خلق ۾ گويد بدعت، بر صوفيان اسرار هئي
وهوا تماشا هم ديڪا، باقي بالله اهل صفا
2   درد هئي دل درد هئي، گرم هي ڪب سرد هئي
هر وقت ناهڪ حال هئي، گاهي چنين گاهي هوا
3   پيريمغان روز ازل، اس عبدسي اعليٰ ڪيا
گم ذات م هم ديکيا، ختم النبي يا مصطفيٰ
4   جام وحدت اي "رڪيل"، آب دست ساقي مئي پٽا
شراب هي انوار هي، هر دي هماري هي روا

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سُر آسا   ڪافي717

تل جب دلبر شڪل جهان ڏنم، هر صورت عين عيان ڏنم
1 فثم وجہ الله هر جاءِ هويا، سر اسرار صفات سمويا
ڪٿ صابر ڪٿ گلا گويا، ڪٿ ناز نياز تي گيان ڏنم
2 تسي هر رنگ دي وچ وسدي هو، ڪٿي رهبر ٿي پہ ڏسدي هو
ڪٿي مارڏاڙا دل کسدي هو، ڪٿي جنگ ڪٿي انجام ڏنم
3 ڪٿي عالم ٿي ٻهہ درس پڙهاوي، ڪٿي دير ڪنشت برهمڻ ڳاوي
ڪٿي حاڪم هوڪي حڪم هلاوي، ڪٿ حيرت وچ حيران ڏٺم
4 ڪٿي هستي هي ڪٿي مستي هي ڪٿي نرمي هي، ڪٿي سختي هي
ڪٿي باربرهہ دل خستي هي، ڪٿي راز ”رڪيل“ تي رحمان ڏنم

سُر آسا   ڪافي718

تل ڪ يارپنهنجي سان صدق سچو، اهو خيال دنيا جو ٿي خام ڪچو
1 ڳوليندو وتين ٿو يارڳلن ۾، جي ڪٺي سمجهين اٿي دلبر دل ۾
ڪين ميجي ٿو نفس پٽيو
2 ٿي سوداگر هل تون واپاري، اڳتئون ٻجهي ٿي قبر انڌاري
ڪم نہ ايندءِ ڪو ٻار ٻچو
3 ”رڪيل“ چوي ٿو روح نا رهي ٿو، دم دم پريڻءَ لئي ساه سڪي ٿو
رمز انهيءَ ۾ روح رتو

سُر صبوحي ڪافي719

تل ڪنهيندا نہ ٽاٽا، ڦناڪا ٽڪاٽا
ڪسي ڪا شهر هي، دودن ڪا سفر هي

1 ڪرو انتظاري، سنو بات ساري، هووڻ هشياري، ڏوَرَ ڪا دهر هي
2 ڪوڙا هي بهانا، دنيا ڪا ديوانا، الاهي خزانا، برهہ ڪا بحر هي
3 اتڪل عشق باري، اولاهي مجاري، لنگهي ترت غاري، حقيقي لهر هي
4 پاوڻ عشق جهاتي، ”رڪيل“ ويک ذاتي، هميشہ حياتي، عشاقان امر هي

سُر صبوحي ڪافي720

تل عمر هي اجائي، وڃئي تي وهاٽي،
اٿي جاڳ جندڙي، سچ ڄاٽي سڃاٽي

1 سُهاڳ جي سمهڻ سان، مني ڪين ملندءِ
ڪندءِ ڪانڌ ڪوڙي، اٿي نا اگهاٽي

2 اٿي چور چرخو ڪتڻ ڪم ايندءِ
اجاري آتڻ کي، ڪر پهريون پڄاٽي

3 ڪر محراب مونا، سر نواءِ سچو تي
عشق جي نماز قلبي، مردانا سوماٽي

4 لون لون ۾ لوري، لڱڻ لا جون تنواران
جاڳڻ دل جياري، ڪڏهن ناڪماٽي

5 لڱم درد دل کي، اهو الڪو عجيبن
ڪر ياد هو هو ”رڪيل“ ڪيميان ڪماٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر صبوحي كافي 721

تل هتون دست ساقي، پئڻ جام جاٽي
اها رمز رندي، سکي ڪو سنجاٽي

1 انهي تہ اڏي تي، اچن مرد ڪاهي، ڪسن پيا ڏهاڙيون، رجا خوف لاهي
بيئي جڳ وساري، ڏسن اڄ تاسباٽي

2 ڪٿيائون جنگ اڪبر، جنهن نفس ماريو، صفائي سچائي، اندرتن اجاريو
لڌائون ولايت اهو ملڪ ماٽي

3 اتڪل ڪوڙباري، مڪر سان نہ ملندو، جٺهن دل صفا تي، تٺهين فيض جهلندو
اهڙي عادت اصيلن هدايت هاٽي

4 "رڪيل" درد وارا، دڪاٺن تا دونهان، لڌائون علم لدني، سدا سير سونهان
تيا راهہ رهبر، تڪن ناتڪاٽي

سُر صبوحي كافي 722

تل لڳيم رمز دل سان وڌم سوز ساڙي
اٿم بيقراري هلڻ هوت هاڙهي

1 سمهڻ نہ سهائي، ويم تانگهہ لائي، ايندس پاند پائي، پرين شال پاڙي

2 لکيوتہ قلم سان منهنجي نصيبن، ڪيان درد دانهان ورتم روج راڙي
حب تہ وطن جي، اوجاڳا عجيبن

3 هت هتي سجڻ مان هڏڙا جلايان، آيم عشق وهوا ڪجهہ ناگهتايان
بري باهہ سڪ جي، ائين تي اجاڙي

4 عاشق جي اندر ۾، اٿن تا الانبا، وجي جر ساڙي حاسد پاڻ پوندا
ڳجهيون ڪر نہ ڳالهيون، عاشق ڪيئن اگهاڙي

5 "رڪيل" پئو بحر ۾ وجي ڪين ڪاهي، فاني فنا ۾ رجا خوف لاهي
اها باري بقاءَ جي، اتي ڪير چاڙهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر صبوحي ڪافي723

ٿل پين سور سرڪي مٽن نا متارا
رکن شينهن جيرو صبر عشق وارا

1 ڪيئي مرد مانجهي، لهر ۾ لڙهن ٿا، نہ ترهو نہ بيڙي، موتيانا مٽن ٿا
نہ ملاح مشڪل نہ ڪنڌي ڪنارا

2 اهڙو اندر ۾ درياءَ دهشت، سمنڊ ٿو سمائي ڏيئي وير وحدت
چولي ۾ چلن ٿا، ماڻڪ موتي موچارا

3 تڙي غير غفلت، صوفي رک سچائي، ڳجهو راز دل جو پرينءَ سان پاڪائي
ڏيئي پوش پردو ڪن اندر ۾ اسارا

4 پائي جهاتي اندر ۾ ساجن سو سڃاتم، وڃي ور سوگها پرين پيچ پاتم
وساريان نہ توکي منل يار پيارا

5 لوڪون لاڳاپا ڇڏيم سڀ لاهي، جياپو، ”رکيل“ جو اديون عشق آهي
ٿيم حال هڪ سان، ڏٺم نينهن جا نظارا

سُر صبوحي ڪافي724

ٿل سيني ۾ سمايا سنهان سور مانکي، عشق جا الانبا پون پور مانکي
1 اصلي ازل جا، اڄ ناڪله جا، اهي ڪم قلم جا، لکيو نور مانکي
2 ڳهي سهمان ٿو، ڳهي مچ ۾ پوان ٿو، اناالحق چوان ٿو، ڪيو منظور مانکي
3 اهڙي اُٿم ۾، ٿڪ آويڙ ڪن ۾، عشق جي چنبن ۾، ڪيو چڪ چور مانکي
4 ”رکيل“ پيرپائي، اهڙي لنو ڪير لائي، سرتي سختيون سهائي، ڳهائن ڳهور مانکي

سُر صبوحي ڪافي725

تَل اج ڪا خبر وو پنهل ڏونهہ جو آئي
ڏيو صاف سرتيون وطن جي وڌائي

1 سوَهي ستيون ڪيون تتي کي طبيبن، بنان يار ٻاجهون لڳي نا دوائي
2 لکيو پاڻ پاڙيان، سمهڻ سيج ساڙيان، اکين کي اوجاڳو ڏنو جوش جائي
3 اهو حال دل جو مان ڪنهن کي ٻڌايان سک قرار صحت نڪو سورپائي
4 رمزن "رکيل" کي اچي محب موهيو، تنهنجي طعنن تپائي تتي کي توائي

سُرصبوحي ڪافي726

تَل چڱن کون چنگائي پلاڪن پلائي، فائق فيض وارا سخن تن سچائي
1 اصل جي اصيلن، سچاتو رسيلن، فڪر فهم تن کي، رکن نادغائي
2 ڪي ڊني کي نهائن، ڪي نهيءَ کي وڃائن، ظالم ظلم وارا هٽن دم هوائي
3 ڪي ظلم سان رنجائن، غريبن کي ڏکائن، وڃي آه تن جي، عرش ۾ الاهي
4 نہ ڪجهہ ساڻ نيندا، هتي ڪين هوندا، چغل شوم شاهد، پچرڪن پرائي
5 مناءِ موچارا قائم قرب وارا، "رکيل" راهہ رب جي وني وک تن وڌائي

سُر صبوحي ڪافي727

تَل دلدار دلڙي لٽيئي يار منهنجي، ڪيان انتظاري، رهڻ سان نہ رهندي
1 اکڙيون اوهانجون هٽن تيغ ٻرڇيون، ڏسڻ سان ڏهاڙيون سڪ ڪين لهندي
2 آتش عشق ٻاري، لاتو جوش جاري، ازلي چڱ ابدي، آهيان يار تنهنجي
3 خوش هي خلاصو توٽي، طعام خاصو، کاڻڻ تنهنجي ٻاجهون لذت ڪين ايندي
4 چڪن کئون چڏايو "رکيل" کي رلايو، اجهو پيير آيو وجهان سيج سهنجي

سُرتوڙي كافي 728

ٿل وهوا فيض فياض شاهنشاهه علي
مولىٰ آپ سڏيا اسد الله علي

1 قاتل ڪفار تي نعرا حيدر، ڏاهه ستيندا قلع خيبر
شير بهادر زوري زابر، مرد منور ماهه علي

2 علم توحيد تي تاج امامت، فيض حقيقي ڪشف ڪرامت
دئي نهين هر دم حڪايت، هي گمراهين دي راهه علي

3 حوض ڪوثر دا جام پليندا، ضيب والين ڪون پرپر ڏيندا
شان سخادا قرب هليندا، هي بيوا هيندي واهه علي

4 مشڪل ڪشاتي بخت ستارا، شاهه مردان هي رب دا پيارا
جي عاشق ٿيوين اهو سمجهه اشارا، درد وندياندي درگاهه علي

5 پنجين تنين دي پيزار سڏيوان چارئي ياراڪين ديان ديهان
شوق شراب ”رڪيل“ مئي پيوان، هي دين ايمان ويساهه علي

سُرڏنا سري كافي729

ٿل جستن لگڙا ڪيتا عشق ظهور، نور اعلىٰ نور

1 غير دليل تي اتڪل بازي، رکڻ طلسم ڪوڙ مجازي
سر اڏي تي ڪسدي غازي، مست هوئي منظور

2 وچ دروني پاتم جهاتي، نور ظهور سڄاتم ذاتي
وچ صفات نفي اثباتي، پيتم شوق طهور

3 حضرت عشق ڪيتم روشنائي، صوفي صاف وجود صفائي
حق شناس حقيقت آئي، سارا معلوم ٿيا مذڪور

4 ”رڪيل“ راز ماهي من پاوين، دم دم نال وصال وڏاوين
ٿي منصور تي منصب پاوين، حاصل حق حضور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (1)

لکيو روز ميثاق جو، ائين قلم اڙهي
علي جي اولاد سان، اچي جنگ جڙي
سختي شهزادن سان، وجي ڪيئڻ مڙهي
هيا اهي امتي، آيا سڀ مڙي
اها مصلحت وين لڙهي، "رکيل"
ڪيائون حملو مير حسين تي

بيت (2)

ڪري حملو مير حسين تي، ڪوفن قصد ڪيو
لکيو هو اڳ جو، پسڻ پوءِ ٿيو
پاڻ وٽنديون تو ڪري، ناهين ڪو بيو
اچي اوڏانهن پاڻ ٿيو، "رکيل"
نہ تہ ڪوفي اهي ڪير هئا

بيت (3)

هي هي مير حسين ڪي، ڪوفن ڪوٺايو
ويسه بہ ڏيئي وچ تي، تن ڏوهہ اهو ٺاهيو
ڪربلا جي ميدان ۾ اچي وين ورايو
"رکيل" رب سندو رايو، مڃي بينا ميدان ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (4)

ڪربلا ۾ ڪارڻي، آيا اڄ امام
سختي صبر تن جو، ڀئو ڪٽي ڪير ڪمام
هي نظارو نينهن جو، آهه سمجهڻ مشڪل مام
”رڪيل“ اعليٰ تن جا شان، جيڪي شائق شير شهيد ٿيا

بيت (5)

ڪربلا جي پڙ ۾، آل نبي آيا
توڙون هي تقدير هئي، رب سندا رايا
هلي آيو حر، جنهن اڳيان ملهايا
”رڪيل“ سچي بي بي جايا، مير پياهن مامري

بيت (6)

ڪربلا ۾ ڪارڻي، آيا اڄ امام
ٿيو آواز و عرش تي، هي ٻڌي جنگ جهان
روئڻ ٿيو راڄن ۾، ملڪن ۾ ماتام
”رڪيل“ موٽ مديني جا چام، ٿيا سچا تنهنجا سپرين

بيت (7)

قضيو ڪربلا جو، ٻڌو جڳ جهان
زمين تي زاريون ڪيون، رنو پئي آسمان
اهڙو شوق رک شهيدن سان، اعليٰ تن جا شان
”رڪيل“ اهي لاهي شڪ گمان وڃي سچو سڃاتم سو پرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (8)

علي جي اولاد سان، هو جونا تا جهيڙين
ڪري جلوو جنگ جو سي ويري تا ويڙهين
چڏي پاسو بهشت جو، هو دوزخ ڏي دوڙين
اهي ڦڪائي ڦيرين، ”رڪيل“ تيا جماعتي يزيد جا

بيت (9)

ها جگر گوشه علي جا، پيارا پرين پاڪ
اچي رسيا رڻ ۾، هل پيو هي هاڪ
بي بيءَ ڪي بيابان ۾، تا واهوڪن واڪ
مچيائون رب رزاق ته ”رڪيل“ امر ۾ اچي ويا

بيت (10)

فرزند شير علي جا، اهي پٽي ڏيندا ڪين
حسن مير حسين جي، جڳ پڏي روءِ زمين
لرزو ٿيو اين ڪي، اهي تپي تيڙا تين
ملڪن ۾ ماتام ٿيو، هئي هئي حسن حسين
قادر رب ڪريم، ”شاهه رڪيل“ پنهنجن جون پرڪان لهي

بيت (11)

قضيو ڪربلا جو، ڪي رند سڄاڻن راز
پيالو شراب طهورا شهيدن پيتو هي نينهن نسورو ناز
الست بربڪم قالو بلا، اهي ڪنين پين آواز
هي سر ڏيئي تيا ساز، ته ”رڪيل“ وڃي رسيا رب سان

بيت (12)

سر مبارڪ سچن جا، مٿون نيزن جي نشان
مچيائون امر رب جو، اهي آل نبي سلام
بي ادبن بي ايمانن، يزيدن جا جهڳا ٿيا ويران
رڪيل وڏا اتم ارمان، عليءَ جي اولاد جا

بيت (13)

جنکي حب حسنين جي، اهو سچو ٿيندو سچ
لهندو بہ رستو رب جو، ٻيو ڪوڙ وڃائي ڪچ
جلن جاڳڻ جوش سان، پتنگ وانگي پچ
"رڪيل" اهو من ۾ ٻارج مچ، تہ ٿئين رسيلو راهہ سان

بيت (14)

ڪٽي چٽنگ چکي ڪون، جنهن من ۾ ٻاريو مچ
ٻي ٻيي ڪا ٻاري اچي، هن مچ منجهون ئي ڳچ
جيڪي هٿ سيڪينديون مچ تي، تن جو سيءُ نہ لٿو سچ
او "رڪيل" پتنگ جان ئي پچ، تڏهين پرين ڪندءِ پنهنجو

بيت (15)

سسيون جنجون سير، سي ڪيئن سک سمهن
ورد وظائف ويجهڙا، پري ڪين پڙهن
جنجي اور الف سان، تي لوچو لاهو تن
هاڻي جهاڳي سنج سنجن "رڪيل" وسئون کي ٿيا ويجهڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (16)

جي سر کي وڏي سرندو ڪرين، تہ سچو ٿيندءِ ساز
ڪرشتونو شمع تي، پتنگ ڪر پرواز
ڪوڙ ڪڍي ڇڏ ڪڙهہ مون، پوءِ سڏائج ساڏ
ڪل شيءِ يرجع الا اصلح اثر جهين جو آب
"رڪيل" ساڻ حساب، اچي هوت ڪندم هڪڙو

بيت (17)

وڏي تڪي ڳپل ڳچل، عشق ڪيم عضوئ
هر رڳ مون تنوار پرين جي، اچن هو سندا رتبا
وحده لا شريڪ لہ، اندر ۾ جوش ڏنم جذبا
"شاهہ رڪيل" پرين سي پسبا، منهنجا هڏ تہ هلندم هوت ڏي

بيت (18)

قتيل بہ فڪر فراق جا، ڪن درد منجهون دانهان
تو هڪ بنا بئو نہ ڏسن ٿا، بيون وڃائن واهان
اگهيون بہ عرش عظيم تي، وڃي انهن الاهان
ڏجن بہ بڌن کي بانهان "رڪيل" جيڪي گهڙيا ترهو وني تار ۾

بيت (19)

پر سڏ سمنڊ جي تن کي، جيڪي انهين گهير گهريا
ڪڙڪن بہ ڪن لهر لقاءَ جا، هو ڏسي ڪين ڏريا
ڪل ڪنڌي جي ڪير لهي، اوهي ويا ڪين وريا
تن کي چون لوڪ چريا، "رڪيل" اهي ڪاهي پيا ڪين ۾

بيت (20)

پر اول بہ ٻڌم ڳالهيون ڪين جون، اها ڪمڙيآهي ڪين
جڏهن بہ ڏٺم فنا پاڻ کي، تڏهين ڪل پئي هم ڪين
اتڻ وهڻ هٿ هوت جي، اهو جاڻ پيم مان ڪجهہ نہ آهيان ڪين
اويڪ دل ساڻ يقين، "رڪيل" ڏسان ٻيو ڪين، بناڪلتار جي

بيت (21)

ڪين ڪمايون ڪين ۾، ائين جاڻ تہ مان ڪجهہ نہ ڪيو
حجتي لعنتي ولا امتي، سچي سخن چيو
مجاهدو ڪري ڏس من ۾، اندر پائي لعل ليو
"شاهہ رڪيل" ناهي ڪونہ ٻيو، حق سچاڻي هڪ تو ڏسان

بيت (22)

ڪين ڪمائي ڪين ۾، چئو نانهہ ڪيون ناهين
حجت ناهين حبيب سان، هٿ سينو چا ساهين
جيڪي پڇئي جي جلا، جي ڪيچ متي ڪاهين
جڏهين لاڳاپا لاهين "رڪيل" تڏهن هادي حق سجاڻ تون

بيت (23)

ندوري نفس نجس نادان جو، پيچي چڏ هي پل
موتو واري مام سان، آهہ مرڻ تن جو ملهہ
ڪري تن تراب، وٺ هيڪڙائي جو هل
پوءِ ٻڌي گيڙو گل تہ "رڪيل" عادت مون اثر ٿئي

بيت (24)

اٽڪل ڪوڙو آسرو، پيچي چڙهي پئو
محبت جي ميدان ۾، پاڻ وڃائي پئو
مهميزان مارڻ جون، سر متي ٿي سهـُ
ڪنهن جو ٻڌي ڪين، وراءِ تون وٺ پريئڙ جو په
پوءِ ڪيڏي گوهيون گهـ، تڏه ”رڪيل“ عادت مون اثر ٿئي

بيت (25)

لهي ڏس لوهار اٺون، جاچي پنهنجو جيءُ
دمن سان ڌوڻي ٻڌي، وجي وحدت پيالو پيءُ
متون سر سنداڻ جي، وجي هاب وڏاٽن ٿيءُ
تو ٻنان نا لوهـ هي، هتيار نـ ٿيندءِ هيءُ
تڏه تيز ترار ٿيين، ”رڪيل“ لاهي ريءُ
پوءِ وسڻ وارو ويءُ، اٿي محبت جي ميدان ۾

بيت (26)

محبت جي ميدان ۾، اٿي سيتي سُج
طالب تسا توڙجا، تا اڪين لاهِن اُج
هستي هُجت ڪيني ڪي، هت ماري ڪياٺون مچ
اُهي ”رڪيل“ سورن جج، وٽجارن ونڊائيا

بيت (27)

پر وٽجارن وندائيا، ڪي رنائي ات وٺن
وجهي ڪرت ڪيپار ۾، وتي وحدت ويراڳن
ڇڏيائون، ناسوت ڪي، هليا متي پنڌ اين
ملڪوت ۽ جبروت جون، تا ڳجهيون ڳالهيون ڪن
باقي بحر بقا ۾ وجي، لوچو لاهوتن
ها هوت ۽ باهوت ۾، تا صبر چپ چون
اهو ڳجهو ڳالهائن، "رڪيل" آڏو تي عام ڪون

بيت (28)

ڳجهي ڀي علم غيب جو، اتي اندر ۾ عالم
حافظ حقيقت ۾ ڏس، دل ڪمائي دم
دل جون ڳالهيون دل سان، هڪ موليٰ کي معلوم
او "رڪيل" سچائي جو سنگ، وجي ڳنڍ پرين سان ڳجهه ۾

بيت (29)

پرڳجهو بہ ڏسان يار کي، مٿون اکين جي ستر جا پردا
حسن ۾ حيران ٿيس، اهو هوش ڪيم گردا
فقيرن جي فوج ۾، ڪيئي لک ڏسان بردا
"رڪيل" پوءِ طالب اهي ترندا، ڏسن احد احمد هيڪڙو

بيت (30)

علم سڄاتو عارفن، هڪڙو حرف پڙهي
ناهہ ڪيائون ناسوت کي، ڏيئي ترت تڙي
محبت جي ملڪوت ۾، ذڪر گهٽ نہ ڪرن گهڙي
ڏکيو پنڌ جبروت جو، اتي جوڳن جان جڙي
لنگهي لاهوت لامڪان ڏنائون، هر جاءِ هڪ ڏٺي
تن ڳجهہ ۾ ڳالهہ ڳٽي، ”شاهہ رکيل“ عاشقن معشوق جي

بيت (31)

پر لاهوت ۽ لامڪان جي، سڌ پيين ساري
هر طرحين آهہ، حيرت هوشياري
هر صورت ۾ سوپرين، ڪڏي پاند نہ شماري
”شاهہ رکيل“ ذڪن ڏيکاري، اها آشنائي عجيب جي

بيت (32)

لاهوتن لوچي لڌو، جاڻي سڄاڻي
قطرو قلزم ۾ پيو وڃي، ٿيو پاڻي ۾ پاڻي
پاڪ رليو وڃي پاڪ سان، اتي ڪوڙ ناڪاڻي
”شاهہ رکيل“ جن موج اها ماڻي موتڻ تن محال ٿيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (33)

جي عاشق تئين معشوق تي، تہ تيءُ طمع کان تارڪ
هڪ صبر ٻي سڪ، اهو تي مردن جو مرڪ
ڪنڌ نہ ڦيرج ڪا ڏهين، تي استغراق ۾ غرق
پوءِ "رکيل" پوندءِ فهم فرق، تہ سچو سيباڻيندي يارڪي

بيت (34)

عاشق ويا او ڏهين، جت هاءِ نڪائي هوءِ
هستي هوڻ کون لنگهيا، وڃي جاءِ لذائون جوءِ
ويا وڃڻ کون پري، اتي باس نہ ڪائي ٻوءِ
"شاهہ رکيل" روءِ برور، وڃي هوت لذائون هڪڙو

بيت (35)

عاشق ويا او ڏهين، جاتي ماڻهن ليکي سنج
جهاڳي بربيابان کي، وڃي روهہ لنگهياهو رڃ
سچا طالب حق جا، تا اکين لاهِن اڄ
"شاهہ رکيل" جئين شاڻن وارا جڄ، تئين سيڪڙو وڃي سڪ سان مليا

بيت (36)

هلن سيئي حاج سان، تنهن چتر کي چوري
لاڳاپائي لوڪ جا، هت ڇڏيائون اوري
اميد نہ تن آسرو، سر گهريائي گهوري
پوءِ ڏکن سان ڏوري، وڃي "رکيل" رسيا راهہ سان

بيت (37)

پر رڪيل رسيا راھہ سان، ٿيا وسنو ڪي ويجھي
محبت واري مامر ڪي، تنھن قلب ڪيو ڪوجھي
وفي انفسڪم افلا تبصرون، ساھہ لھن سوجھي
پوءِ ”رڪيل“ اڪيون اپوجھي، ڏسو عشق الله جو

بيت (38)

جوڳي جڳت ۾، ءِ جڪي جاليائون
ڏيئي تسيوتن ڪي، ھي پاڻ نہ پاليائون
مني سندن ماٺ، سو صبر سمجھائون
پوءِ ”رڪيل“ دل ڪي ڏوتائون، آڳُر تنھن جي گھر ۾

بيت (39)

جوڳي پيا جوڳ ۾، ھي پھرين پچائي
پائي منھن مونن ۾، ويھن ماتم مچائي
ساري رات سيد چوي، ٿيا روان رچائي
تن ڪي بيشڪ بچائي، ”رڪيل“ آڳُر تنھنجي گھر ۾

بيت (40)

جوڳن پاڻ جلائيو، ھي جيءَ سان ڪري جار
سي سڪيا سمھڻ نہ سيج تي، نڪو نيڻن ننڊ قرار
اوجاڳو عجيب جوھي، جاڻن سڪيو آھہ سينگار
ڏسن ڏھاڙيون ڏک ڪي، ھي عشق تنھن جو يار
پوءِ ”رڪيل“ وٺي ناھين وار، آھہ ڳُر تنھنجي گھر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (41)

جوڳن ڏني جُوءِ، ڪيئن پهري پاتائون
خودي ڪائي خاڪ ٿيا، سالڱين لاتائون
هلن هيٺين حال سان، هي وائي واتائون
او ”رڪيل“ چنگي پرچاتائون، آهہ ڱُر تنهنجي گهر ۾

بيت (42)

سچائي جو سندرو، هو ٻڌي ڪيئين چوڙين
ووڙن پيي پنهنجي وجود ۾، اها جاءِ چنگي جوڙين
محبت جي ميدان ۾، نيئي خيماتا کوڙين
او ”رڪيل“ اهي مهاران موڙين، ڪيون منهن ملير ڏي

بيت (43)

نازڪ نينهن سجڻ جو، آيو متي سر ڪهي
مس مستي جي پنو دل جو، ويئي قلم وهي
فاذڪروني اذڪر ڪم، سوجهي ڪيم سهي
پوءِ ”رڪيل“ بات رهي، اچڻ سان عجيب جي

بيت (44)

آياتوبہ واري تنگ ۾، ڪئي سامن سڏ سهي
پائي منهن مونن ۾، ٿيا پرينءَ ساڻ پهي
سوجهي لهڻ سوجهرو، منجهون قلب ڪهي
”رڪيل“ اهي لاهوتي ۾ لهي، سونهان ٿيا ساٿيهہ جا

بيت (45)

پر سونهان ٿيا ساٿيهہ جا، جوڳي ڏسي جوءِ
صبر جو سندرو ٻڌي، اها بانس لڳي اتن بوءِ
فاذڪروني اذڪر ڪم، هي رب ڏيکارين روءِ
پوءِ هو ۾ ٿيا هوءِ ۽ وڃي، ”رڪيل“ سي رسيا

بيت (46)

صبر سوئي سک ميان، وٺ چپ منجهون چارو
ٻوڙو ٿي ٻيائي ڇڏي، ڪر اندر او سارو
ماٺ ڪيون من ۾، ائين ويهہ نہ ويسارو
مدعي ماري ميد ڪر، لهي دشمن نہ وارو
پوءِ ”رڪيل“ ويچارو، وڃي رسيو راهہ سان

بيت (47)

پر رڪيل رباني راهہ، ڪي صادق سچاٽين
ٻولي ٻاروچل جي، هو پرين سان پاڙين
جن جي اور عجيب سان، سي سمهڻ کي ساڙين
”رڪيل“ اهي مرجان ئي ماٽين، مدرسي محبوب جي

بيت (48)

فاقئي منجهہ فقير، تاسامي سڏائين
جوڳي پنهنجي جي کي، تا جوشون جاڳائين
ڏکيا سکيا ڏينهڙا، سي نينهن سان نباهين
اهي ڪاهہ ڪيون ڪاهين، ”رڪيل“ انهي راهہ سان

بيت (49)

تي فنا واري فرض ۾، تڏهن چئو تڪبير
من مصلو منهن محراب، جند جامي عشق وزير
نيت ٻڌي نينهن سان، تي قائم او ڏو ڪير
ڪڏهن قضائي نہ ٿئي، آهن فاقئي منجهہ فقير
توڙون جي تقدير، ”رکيل“ اصل عشاقن تي

بيت (50)

پر اصل عشاقن تي، آئي آيت هي انعام
ونحن اقرب اِلَيهِ من حبل الوريد، سڃاڻن سبحان
سر نوائي سجود ۾، تن تابع تن تمام
سينو سندن صاف هي، منجهون قلب ڪلام
پوءِ ”رکيل“ هي پيغام، ڪي رند سڃاڻن رب جو

بيت (51)

اندر اوجاري، ڪر وحدت ساڻ وجود
نانهہ ڪيون نفس ڪي، تي نفيءَ سان نابود
محبت جي ميدان ۾، ڏي سجدو سر سجود
پوءِ ”رکيل“ جودون جود، ڪمائي ڏس تون قلب سان

بيت (52)

ايت تنهن جو اجرو، هي اصل ڪون آباد
اٿن آڏي رات کي، اٿن ازل جو ارشاد
منجهہ مراقبي مشغول ٿيا، او سندن دلبر داد
او ”رکيل“ هي عمر تن افراد، جن وساريو رب کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (53)

ساريان سڪان سوز ۾، سا محبت منهنجي من
پار لنگهياسي پاڻي، هو جوڳ پچائي جن
ٻڏو صوفن سندرو، تا گهاتو رب گهرن
”رڪيل“ فتح پور فقيرن، سي آبادي منجهه آئيا

بيت (54)

ڪيو شمس شعاع تيو، رات ويهامي ڏينهن
زنا ور سڀ ضايع ٿيا، جڏهن ٻيلي پيو شينهن
سنهون ثابت ڪينڪي، اتي ٿلهو ٿورو پينهن
اٿئي ڦٽيون فتحپور تي ۽ ميرانپور تي مينهن
جڏهن نئون لڳوسين نينهن تہ ”رڪيل“ جانب مليوسين جهوڪ ۾

بيت (55)

طناٻان نصيب تڏهن چڪيم، جڏهن گهريم دل گڏي
ميرانپور جي مير جي، وجي پيس تڏهن تڏي
مان جهڙي ڪي مرد پيي، ڏنو فيض سڏي
”رڪيل“ پوءِ چڏياءِ هئن اڏي، جو هر رنگ ۾ تي هڪ ڏسان

بيت (56)

ميرانپور جا منگتا، ڪر پرين جي پچار
دست وتم دلبر جو، اجهي عبدالستار
سڪ ٻڌايم سندرو، ڏينهن چڱي ڪنهن وار
اندر ۾ هو جي تند تنوار، ”رڪيل“ اٿم لون لون لوري يار جي

بيت (58)

جهلو جهوڪ ڏتن جو، جت فقراون جي فوج
ٿيو جاري فيض فتح پورتي، چڙهي ميرانپورجي موج
طالب تسا توڙ جا، تا اڪين لاهن اوج
ايها محبت واري فوج "شاهہ رڪيل" جيڪي آيا در الله جي

بيت (59)

صوفن جي سردار سان، وجي منهنجو پهہ پيو
لکيو روز ازل جو، منيس ميسڻ مون نہ ٿيو
دلڙي ڦاٿم درد ۾، مون کون سمهڻ ساءُ ويو
وجي اوچتي ۾ پيو "رڪيل" منهنجو سودو شرافن سان

بيت (60)

پر سودو شرافن سان، سرجو سانگ نہ ڪر
وجي يي مطلوب اڳيون، سر اڏي تي ڌر
شمع جيئن شعاع جو، سک پرواني کون پر
پوءِ ايندءِ نينهن نظرتہ، "رڪيل" تو منجهہ ڏيرو دوست جو

بيت (61)

تو منجهہ ديرو دوست جو، جي سينو صاف ڪرين
لاهہ سياهي ڪس قلوب جي، وجي پهچين جي پرين
لامقصود في الدارين الا هو، جي گهاتو رب گهرين
"رڪيل" محبت منجهہ مرين تہ سرهو ٿئين ساٿ سان

بيت (62)

آتش الانبو عشق جو، جنهن چڪن ڪئي ڇاتي
پائي ڏنائون پاڻ ۾، اها اندر ۾ جهاتي
درد وندن جي دل ۾، اچي ٿيو ظهورو ذاتي
او"رڪيل" لون پرينءَ لاتي، ٿيون دانهان نڪرن درد جون

بيت (63)

صحبت سنگت سورن سان، مون ڪون سک جو ساءُ ويو
لڳيم اور الف سان، شل ڏسان ڪونہ ٻيو
جانب سندي جوءِ ۾، وڃي پاتم لعل ليو
"رڪيل" وڃي اوچتي ۾ پيو، منهنجو سودو صرافن سان

بيت (64)

ڪنڌ نہ ڦيرج ڪاڏهين، وٺ سڌي واٽ سچار
ويھ نہ ويلو وچ تي، هي اوٺ نہ گهر آڌار
ڪاھ تہ پهچين ڪيچ کي، پڇ نہ ٻيائي پار
"رڪيل" اجهي عبدالستار، ڪٺي ولهي کي ويجهو ڪيو

بيت (65)

ويجهائي جي وچ تي، اٿي ڏونگر واٽ ڏکي
تڪر جي تڪڻ جي، اچ ڪنهن سالڪ کون ۾ سکي
وحدت ۾ وهلور ٿئين، اندر جوش جکي
"رڪيل" اها وين نند سکي، آڙاھ پيا وڃي عشق جي

بيت (66)

نيت ٻڌم نينهن سان، سا قضا ڪين ڪيم
وضو ساڻ وجود جي، سو هميشان ۾ هيم
پاڪي پليتيءَ ڪون، وجي پري خيال پيم
پوءِ ”رکيل“ هئين چيم، هوت تہ منهنجي هنج ۾

بيت (67)

ناهي واند وجود کي، آءُ نيتيان ڪيئن نماز
اندر تاران طلب جون، ٻاهر وحدہُ جا آواز
الست بربڪم سڻيو، ار واحن آواز
جي ”رکيل“ سمجهين راز، تہ قالو بليٰ تون قربان ٿي

بيت (68)

سدا سر سجدي ۾، هڪ دم دم ساڻ نماز
رمز لڳي رڪعتان رهيون، اڇي نينهن مچايا ناز
وفي انفسڪم افلا تبصرون، عروج نزول سمايا ساز
هو سندي هل جا، تيم اندر ۾ آواز
او ”رکيل“ ڪي رند پروڙن راز، ٻولي ٻانهپ نانهہ ڪا

بيت (69)

من مڪو تن مدينو، ائين سالڪ تا سمجهن
هڪ لڏائون هڪ تيا، تا هڪڙو حرف پڙهن
هت لڏائون هوت کي، هو پري پنڌ نہ ڪن
دل سڄاڻي طواف ڪيائون، هي ڪعبو ڪا پڙين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (70)

ڪيئن سڃاپڻ سمجھڻ ۾ اچي، عاشق جو احوال
مخفي ڪمائن من ۾، ٻڏي خاوند سان هڪ خيال
ڪرامن ڪاتبين ٻنهي ڪلهن تي، ڇا لکن جواب سوال
نيڪي بدي ڪان نڪري ويا، جو واحد ساڻ وصال
”شاهه رڪيل“ پاڻ ڪري پئمال، وڃي لذائون لامڪان کي

بيت (71)

نادانن کي نينهن جي، ڪل پوي ڪيهي ڪيهي
ڏسي پنهنجي ڏيل کي، تا وڏائن ويهي
خود پرست خودي ۾، جاڻن پاڻ نه پرڏيهي
نه تا سڃاڻن نفس کي، وجهي دروني ديهي
”رڪيل“ پاڻ منجهون پيهي، وڃي سچ سڃاتو سو پرين

بيت (72)

ملان پيا وڃي مامري، ويا اکرن منجهه اڙي
جلن جاڳن ڪين ڪي، هو ڏسن ڪين ڪڙهي
علم سچو هڪ الف آهه، هو لنگهيا وڃن لڙي
هليا عداوت سان، ڪري چست چڙهي
رڪيل ٻاريو من مڙهي، اوجر ڏسو عشق جو

بيت (73)

ڏسو منهن ملن جو، وجهي ڪائن لوڻ لسي
ڪن عرض الله کي، منهنجي وجهي جوءِ هسي
پنجئي وقت نماز ۾، ڏس گوڏا وين گسي
نہ اتن خوف خداءِ جو، توڙي سجدي منجهہ سسي
هڪ عداوت حال تين، ٻيو تڪبر وين وسي
پوءِ "رڪيل" وڃ رسي، ملن جي مجلس ڪئون

بيت (74)

پنجئي وقت نماز جا، هوڪرن ڪين قضا
نيڪ بخت نماز سان، ڄاڻن اها آهي رب رضا
عاشق اولا ۾ ايا، متي غازن سر غزا۔
"رڪيل" مولا جي محبت جا مزا، ڏوري ڏنائون ڏک سان

بيت (75)

منهن سان منو اندر ۾ ڪارو
دغا پليتي دل ۾، ٻاهر نہ ڪن ڏيکارو
مولا جي محبت جو، هي لڏائون نہ چارو
"رڪيل" پوءِ وڃائي وارو، هلنداسي هٽ ڪٽي

بيت (76)

هلنداسي هٽ ڪٽي، هتون خاص صفا خالي
جهڙا آيا سي تهڙا ويندا سي، نڪا مٽ ڪري مالي
جنکي عشق الله جو، تن کي لبن تي لالي
اهي مرڪن موالي، "شاهہ رڪيل" مدرسي محبوب جي

بيت (77)

عجب جھڙيون عادتان، عاشقن جون آھين
ڏيئي سزا ساھہ کي، تا پلپل پچائين
ڪچن پچن ڪين ڪي، ٻي وائي ناوائين
صبر جي شمشير سان، تا خودي کي ڪائين
اُھي ناتو نيائين، ”شاھہ رڪيل“ اڳيون عجيبن جي

بيت (78)

اڻ تڻ اور عجيب جي، ھدت ويھي ڪين وسار
حاضر ناظر حق کي، دل ۾ ساجن سار
مشاھدو محبوب جو، دل اندر اوجار
پوءِ پرين سندو پار، ”رڪيل“ ساڻ رفيق ٿيو

بيت (80)

تو شو تنھين کي توڙ ڪون، جنھين ثمر سچي سڪ
توڪل جو تر ھو ٻڏي، دل ڪيائون ھڪ
وحدت جي درياءَ ۾، ڪنڏي نہ ڪائي يڪ
اھي لھريون لنگھي لڪ، ”رڪيل“ ويا پرينءَ جي پار ڏي

بيت (81)

ويا پرينءَ جي پار ڏي، اھي يڪا يگانا
سورن جا ۾ سيد چوي، تن کي ڳچيءَ ۾ ڳانا
ايا عبادت ۾ اھي، مشفق مردانا
ڪن ”شاھہ رڪيل“ شڪرانا، جو پرين ڪياءِ پانھنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (82)

جنھن پايون پاڻ سي، اوري ئي اوري
لمندا کين لکن کون، ڏکيو ڏونگر ڏوري
صم بکم سي ٿيا، جن چاس چکي چوري
پوءِ رکيل گھر يانا گھوري، تا سکيو جاڻن سر کي

بيت (83)

اڻ تڙ اور عجيب جي، ھي وحدت جي وھ واند
مرجان کيڏن ڳيرو، عشق اٽائي راند
سسي نيزي پاند، "رکيل" اچل تہ مرُ اڏ تڻي

بيت (84)

نفس نجس تو طلب کري، خوش چڱي خوراڪ
ڏاپڻ کون ڏئو نہ باسي، اتس سنجھہ صباحين پاڪ
خودي کٽي خراب کيو، بقوا ھٽي تو باڪ
زيب زينت فخر وڏائي، چوي خوب کيان پوشاڪ
کيئن کيان ڪاڏي وجان گھري تو ملڪ وڏا املاڪ
جن سجاتو رب کي، سي عاشق ٿيا عشاق
رھہ "رکيل" منجھہ فراق، بيون وايون سڀ وسار تون

بيت (85)

بڌ نہ ڳالهيون عقل جون، اهي ڪن ڪجاءِ ٻوڙا
نہ ڪر گلا پچر پرائي، متئون ڏوهہ چڙهندئي ڏوڙا
عشق بنا افراد اٿي، ٻيا اجايا لوڙها
هن ٻُلي ۾ لکين بادشاهہ، سوين صوبا وڃي ٿيا مٽي پنواڙ
”رڪيل“ گهوٽ اهي گهوڙا، ڪي ڄاڻان ڪاڏي ويا

بيت (86)

قلعا ڪٽڪ جا ڏٽي، هيا حڪم دار
ويا لوءِ لڏي، لاڪا لک هزار
ڳاهي ڳاهہ فراق جي، ڪيا ڏارون وار
”رڪيل“ گهوڙا گهوٽ سوار، ڪي ڄاڻان ڪاڏي ويا

بيت (87)

ڪي ڄاڻان ڪاڏي ويا، اهي لشڪر اتالا
ملڪ سڏائين پنهنجو، تن چست رکيا چالا
ڏسجي ملهہ مٽي جو، اهو شان وڏي اعلا
”رڪيل“ ٻڙين جي ٻالا، وڃي خاڪي رليا خاڪ سان

بيت (88)

خاڪي رليا خاڪ سان، تا چندن چرخ قرن
ڪي اچن پٺاڪن جو منهن اوڏهين، ڪي سڏاريو سمجهن
ڪي هيڪڙائي ۾ هڪ ٿيا، اهي ٻيائي ڪين ٻڌن
ڪن ڪي ڪنو ڪلالن ”شاهہ رڪيل“ اهي هت هتي مشهور ٿيا

بيت (89)

جو پن جتاند ڪئي، ھي پيرائي جا پار
عضوا ڪين امر ۾، آيا اڇا وار
جوت نہ جڳايئي، ڪيئي ستي ڪين سنيار
پوءِ مڙيئي چوندءِ يار، تہ ”رڪيل“ فلاٽو بہ فوت ٿيو

بيت (90)

ڏس ساڳه تنهن سگ جي، تو سائين سڃاڻي
جي ڪجھہ مليس هٿ سان، سو ونيون اماڻي
جاڳي ساري رات، پنهنجي ڏٽي جي ياڻي
اڃا تون ”رڪيل“ نتو سڃاڻي، پنهنجي مولا مالڪ هڪ کي

بيت (91)

ڪتو در ڏٽي جي تو، پونڪي ساري رات
تو ڇڏيو در ڏٽيءَ جو، توکي سمهڻ ڪائڻ تات
ڏسي پنهنجي ڏيل کي، تو هت نہ سڃاڻي ذات
اها عمر منجھہ ظلمات، ”رڪيل“ ويئي پٽيندي نفس سان

بيت (92)

ويئي پٽيندي نفس سان، تو بڌي ڪاند پچار
وڃ مولا وارن وٽ، ڏيئي گوش بڌج گفتار
سچي محبت تن جي، جيڪي اهل فقر جا يار
بڻا گهوڙا گهوٽ سوار ”رڪيل“ ڪي جاٽان ڪاڏي ويا

بيت (93)

قريبن سان ڪيئن ڪٽي، دوستي دل ٻڌ؛
هن چل پل جي چاهه تي، عمر رولن منجهه وڌ؛
پرين جي ۾ پسڻ جي، نڪا سڌ لڌ؛
پوءِ ”رکيل“ آري ڪيئن اگهئي، جو ڪوڙي آهين ڪانڌسان

بيت (94)

منت سان محبوب کي، اون لهندين ڪين ائين
سوال حرام نه ڪر سائين کي، هتي جوئي دم جيئڻ
ڏيئي سر تان سرهو ٿيين، جي پيالو عشق پيين
ايو عبادت ۾ وجي، پائج حال هيين
او ”رکيل“ ڏوراپو نه ڏئين، ته وايون ٿيئي وصال جون

بيت (95)

جي هڪ دل هجيئي هوت سان، ته ٻيا سنگ سڀيئي ڇڏ
ڏيئي ٻه باهه پنيور کي، هن لوءِ منجهون ئي لڏ
ڪوڙي متي مائٽن جي سان، اها دل نه ڪنهن سان گڏ
اهي ٻه شڪ شرڪ تي، اتي آڏاٽان نه اڏ
او ”رکيل“ سڪ منجهون ئي سڏ، ته اڳي پوءِ اجهو اهو اتي

بيت (96)

پنيان هوت پنهل جي، ٿي رند وني راهي
چري چرخو چور تون، ڪر سمهي نه ساهي
سمهڻ اڳئون گهٽو اَٿئي ٻي قبر اونداهي
ٿي ڏاهه ٻڌي ڏاهي ”رکيل“ ڏورون هن ڏهڪار جي

بيت (97)

هٿيو بہ هجيئي هٿ ۾، پوءِ چرخو ڪيئن نہ چري
ڏورج ڏينهن جو، تون وينئين رات ڪري
سنهون ڪتي سپڪا، تون ٿلهو ويهہ ڏري
جڏهن ساءِ سبب ڪري، تہ ”رڪيل“ ڪپہ مون ڪيميا ٿئي

بيت (98)

پها ساڻ پريت جي، تون ناهي ويهہ نري
ور سهاڳڻ سڏبين، رک چيتو ڏونق ڏري
ويني اورج ايٿ سان، متان وڃيين ماڳ مري
پوءِ ڪُلنديءِ درس دري، سامي مون سيد چئي

بيت (99)

ڪڏهن ملنديءِ ڪينڪي، سمهڻ ساڻ سهاڳ
ستيون سي سڪٽيون رهيون، تن ڪي پيرو ڏيئي ڪئن پاڳ
ڏک بنا سک نہ ملي، آيو ڏکي باب ڏهاڳ
ڪن کي ڏوريندي ڏينهن ٿيا ڪن کي لس لڳو آ لاڳ
اتي جاري تي جاڳ تہ ”رڪيل“ راضي رب ٿئي

بيت (100)

جاڳڻ واريون جيڏيون ستيون نان سيئي
اوجاڳو ۾ اکين کي، ڏنائون ڏيئي
پائي منهن مونن ۾، ٿيون اورن اهيئي
پوءِ پري وڃي پيئي، ”رڪيل“ ڳجهي تن جي ڳالهڙي

بيت (101)

برو ٻولي بلوچن جي، تا ڇيشي ڇيشي ڪن
ٻڙدا بار بلوچ جو، آيو مٿي سر مين
نندم ڦاڏا نينهن سان، تا چڱي چال چون
"رڪيل" سامي منجهه سون، جوڳ پڇائي جاءِ ٿيا

بيت (102)

ڇڏ خوشي خيشن جي، ڇن مٿي وڃ مري
راتيان ڏينهنا خوف ۾، ڏس ڪولي درد دري
تڏهين لهندين يار کي، سر گهوري وڃ گهوري
دنيا واري درد سان، ويا عقلي ڳٽتن منجهه ڳري
جنکي ذوق ذري، شاهه رڪيل مڪو تنهن ماڻيو

بيت (103)

دوشي موشي درد سان، اديون چرخي کي چورن
سياهي هي سيد چوي، ٿيون قلوبئون ڪورن
ونحن اقرب ليہ من حبل الوريد ڏسي الف سان اورن
"رڪيل" سندو سپرين، سوجهي لڌم سوجهرو

بيت (104)

داڪا داڙي بسني، هتي نہ هونڊياس
هٿ ڪنيون هڪلان ڪيان، هي سور نہ سانپيندياس
ڪاهہ تہ پڇين ڪيچ کي، ڇڏ ويهڻ جي ورجاس
پوءِ وڃين ٿيئين پاس، "رڪيل" اڳيون رام جي

بيت (105)

ٻـ تي ساوڻ ڏينهن، ائين سمهي ڪين وڃاءِ
اتي آڌي رات کي، ٻڌ جوڙو ٻج رلاءِ
توبہ استغفار جو، هنکي ڇمبڪ چست چڪاءِ
عادت اوجاڳو ڏيئي، هي نيٽين ننڊ فناءِ
پوءِ سمهڻ ڪين سماءِ تہ "رڪيل" گروٽ گلا نہ ٿئي

بيت (106)

ورکي وساريآءِ، سنجهي سي تہ ستيون
سمهن ساري رات هو، پرجهي ڪين پتيون
اڪئين ملڪ الموت کي، اهي ڏسن ڪين ٽتيون
سج اياري سيد چوي، اهي آرس سان ۾ اٿيون
اهي وڻنديون ڪين متيون، پوءِ "رڪيل" هٿ مليندديون
هوت ڪان

بيت (107)

هٿ مليندديون هوت ڪان، تن سڃاتو نہ سور
عمر ساري نفس سان وئي، مني جي هي مور
لهن پرجو پيچرو، هي چت ڪيو تن چور
وڃڻ جهوڪ ضرور، "رڪيل" سي ويهن ڪيئن وسيليون

بيت (108)

حجت ناهي هوت سان، اتي چلي نہ چارو
ٻڌو سورن سندرو، اڃي ذڪن ڏيکاريو
مان جهڙيون ڪيئن مرڪنديون. جن ويئي وساريو
هت ذک پنسديون سي اديون. پوءِ ايندن سکن جو وارو
منهنجو مالڪ موچارو "رڪيل" شل عيب نہ قولي انجا

بيت (109)

چرخي سان چت لاتئي ڪيئي اتي اڏورو
ڪترڻ ٻاجهون ڪيئن هت، ست ڪنڊينءَ پورو
نئين توريندڙ تيز سان، اهو ساهه سڪيو سورو
اوهت ڪامي ٿو ڪورو، "رڪيل" ناهين جاءِ جلڻ ريءَ

بيت (110)

ايت تنهن جو اجرو، تن اندر اوراٽو
وانديون ڪين وجود ڪون، ڪيئن منيون ڪن ماٽو
اوجاڳو ۾ اڪين ڪي، تن سک نہ سيباٽو
او هت پاند نہ پچاٽو، تہ "رڪيل" ٿمرڪٽجانءِ ساٿ سان

بيت (111)

چرخي ڪي ڪاري، ائون ستيءَ بيساري
سنهون ڪتئي ڪين ڪي، هت ننڍ ڪيئہ پياري
ناهين ڪاڻ شراف ڪي،هت زور اڳيون زاري
او"رڪيل" هي وس نہ ويچاري، شل پوندي ٻاجهہ ٻروچ ڪي

بيت (112)

ٻيهر ٻاروچل سان، وچي ٻول ڪنديس ٻولي
پينر شهر ينيور ۾، تيس اديون اڪيلي
هيڪل ويند يس هوت ڏي، اڳيون ڏونگر اٿم ڏولي
اها چپر جي چولي "رڪيل" اچي پنهل ڏيندم پاند

بيت (113)

لڳي پاند پنهل، تون پنهل پاڻ سڃاڻ
خمر غفلت خواب ۾، هي ستي ٿي ناساڻ
پيس وٽ وصال جي. تڏهن پيس ڄاڻ
منٿي وارو ماڻ ”رکيل“ محبت ۾ مقبول ٿيو

بيت (114)

ٻڌي سورن سندرو، اچي هتي هنڌ ڪيو
ايڏو درد دل ۾، مون ڪون سمهڻ ساءُ ويو
هٿ ڪنيو هڪلان ڪيان، اچي پرين جو پور پيو
پوءِ ”رکيل“ هيئن چيو، ٿيندم ميلاپو محبوب سان

بيت (115)

ٿيندم ميلاپو محبوب سان، ٿل اوجاڳي مون اڄ
طلب وني توحيد جي، ائين وحدت سانئي وڄ
جن ستي ساٿ وڃايو، ”رکيل“ تن ڪان پيچ
پوءِ ٿيندم وحدت وارو رڄ، تہ هيڪلائي مون هنڌ لهين

بيت (116)

محبت جيئي مڇ ۾، ٿي ٻڙڪي ڪوٺاري
اڄهامي نہ عجيب جي، تنهن ٻاروچل ٻاري
وڃي اوڏي ٿينديس اوڏهين،جا ٿي جام پنهون آري
پوءِ ”رکيل“ رکي ڪوهياري، ٿي هٿ ڪنيو هڪلان ڪيان

بيت (117)

هٿ ڪنيو هڪلان ڪيان، آءُ ويتر ڪندس ويس
لڌم پير پنهل جو، سچ ڏاهي ڏنم ڏس
روهه ڏکئي رڻ راهه ۾، تون رهبر اچي رس
او”رکيل“ جبل سارو جس، تي راهه ڏسيون راڙيون ڪيان

بيت (118)

ڏکي بکي ڏونگر ۾، تي ڪاهه ڪيون ڪاهي
پڌم سورن سندرو، آءُ سڪ منجهون ساهي
توڪل ثمر توڙ جو، مون کي اديون ئي آهي
پوءِ ”رکيل“ هي چاهي، جو پاهڻ پايم پالڪي

بيت (119)

لوڪ ستو ننڊان ڪري، مونسان لڳت هي لڳي
سمهان ويهان سور سان، منهنجي اچي ننڊ پڳي
ڏاڍو ڏک اندر ۾، امڙ ڪا لاهي پيڙ سڳي
پوءِ ملنديس پنهل سان تڏين ”رکيل“ جڏهن سورن کي سنگتي ڪرين

بيت (120)

ٻولي ٻاروچل جي، آءُ سمجهي ڪين سگهان
جوڙ ڪيم جي جان ۾، مون کي اچي ڪين روان
وفي انفسڪم افلا تبصرون، ڪيو قول اوهان
روئڻ پنڻ رسم راج جي، آءُ ٻڌي ڪن ڪيان
پوءِ لوچي لعل لهان، تہ ”رکيل“ جانب پنهنجي جوءِ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (121)

اندر سنهان سور کڙا ٿيا، مون کي سڪ وڌو ساڙي
اچن بہ پاڙيچيون ۾ پچڻ ڪان، منهنجو هلڻ ٿيو هاڙهي
الانسان سري وانا سره، لوچي پرين لڌم پاڙي
او"رکيل" آيم لڪن کون لاڙي، وڃي روۓ بروۓ رمزان لڱيون

بيت (122)

اوري جهوري عشق جي، اتم جي جسو جاني
فڪر بہ تنهن فراق ۾، پنهنجو پاڻ ڪيم فاني
هر رنگ ۾ تو هڪ ڏسان، تنهنجو شملو شهاني
او تون، "رکيل" انسان، ڪٽي ڳجهہ چپايئي پانهنجو

بيت (123)

سدا ڪال سڪال ۾، مون کي بره بچائي بک
تنهنجي طلب تسو ڪيو، هت ڏوريان ويني ڏک
لڳم درد پرين جو دارين ۾، اهي سور پايان ٿي سک
او"رکيل" توٽي ڪوسي لڳيم لک، تڏهن بہ ڪندس پنڌ پرين ڏي

بيت (124)

سندو پنڌ پرين ڏي، ڏٺم سوجهرو ويم لڙ لهي
لوچي بہ هن لڙات کون، ڪيم پنهنجو پاڻ سهي
فاذکروني اذکر کم، اندر اها رمز رهي
او "رکيل" ڳجهہ ۾ ڳالهہ ٿهي، اچي پرينۓ واري پار جي

بيت (125)

پيرين پنڌ وڄائيو، هو دل ڪشالو ڪن
اندر ۾ اور عجيب جي، سي ڪيئن سک سمهن
توڙي سمهن سيج تي، اوهي پاسي
”رڪيل“ اهڙي ريت رون، اهي سونهان ٿيا ساٿيهه جا

بيت (126)

سور پريںءَ جو سک گهٽي، ڪيم اکين اوهيڙا
وسن پيي ساوڻ مينهن جان، منهنجا نيڻ ٻئي ٻيڙا ها
اهڙو اوٻر عشق جو، ڪيم ڪهڙئون ڪو هيڙا
او اهي آيم او سيڙا، ”رڪيل“ امر ساڻ عجيب جي

بيت (127)

باري بار برهه جو، مون کي ڪٺڻ ٿيوم اپت
تو ڏنهن ڪا توفيق ٿئي، نڪو زور پايان تي ست
آيس ۾ عشق طفيل ۾، ڏسان ڏيڍ نڪوئي ڏت
اوروئڻ ٻاجهون رت ”رڪيل“ نتم حيلو بنا هوت جي

بيت (128)

ڇا وهايئي پاڻ ڪاڻ، هتون سودو ساڻ ثمر
هت آئين ۾ تي ڏينهن، پيي تو وڄجيو ڪين وکر
نيڪي واري نانءُ جو، پيئي ڪونه قدر
او اها عمر ڪوڙ مڪر، تون ”رڪيل“ ڪاڏهن لهندين ڪانڌ کي

بيت (129)

دل سڙي داغ ٿيا، اهي ڳوڙها ڪيئن ڳاڙيان
درد بنا اک نہ پچي، اندر جيرن کي ڪاڙهيان
پٽر پرائو سور پنهنجا، اهو پلئو ٿي پاڙيان
او"رڪيل" سمهڻ کي ساڙيان، نہ تہ پوندءِ وٿ وصال جي

بيت (130)

جهوري جيءَ جي ۾ جهران، اندر ڦوڙائي جا ڦٽ
چڪن بہ چاڪ فراق جا، نہ ٽا سنڌو ڏين هڪڙو سٽ
سمهڻ سورن گاڏيو اٿم خاڪ وڇاڻو ڪٽ
اهي پُورپون ٽا وٽ "رڪيل" مون کي اندر ۾ ٿي عشق جا

بيت (131)

هيڪر يي هي دل ويم هوت ڏي، ٻئي ڏي ڪيئن لڙي
خطرا يي ڪچا ڪوڙ جا، ڪڍيم ترت تڙي
لاهوت او لامڪان جي، هي ٿي ڏسيون راهہ رڙي
ٻولي ٻاروچل سان، منهنجي پنهل ساڻ پڙي
هي تنهنجي سڪ ۾ سڙي "رڪيل" مان گهوريان گهر پنيور جا

بيت (132)

جي يي ڪرين پنڌ پرينءَ ڏي، تہ ڏس فقيري پائي
سنگت ساٿي سور ڪر، ڇڏ طمع وڃائي
سڪيو نہ جاڃ ساهہ کي، هل هڏا تپائي
"رڪيل" اها لڳت ڪولائي، تہ عاشق سڏجي اتهين

بيت (133)

توبہ جي تنبيهن سان تون منڪر کي مناءِ
تي يڪو تون يار سان، ٻي ڏي ڪين واجهاءِ
ڏيئي اوجاڳو ۾ اکين کي، سمهڻ ڪين سهاءِ
محبت جي ميدان ۾، وجي وک وڌاءِ
ان الله مع الصابرين، دل سچي جاڳاءِ
پوءِ ”رڪيل“ هيئن هاءِ، تہ پرين ڪندءِ پنهنجو

بيت (134)

سکيو سمهڻ گهوريو، اها پياري ننڊ وڃاءِ
ڏيئي او جاڳا ۾ اکين کي، قلبي ذڪر ڪماءِ
تڏهين پرين ڪندءِ پنهنجو، ٻي ڏي ڪين واجهاءِ
”شاهہ رڪيل“ هي هي ڪيون هاءِ، تي هٿ ڪنيو هڪلان ڪيان

بيت (135)

نڪو سنگت نا ساٿي، آهيان هيڪل هڪ جٽي
چا وهايئي پاڻ ڪان، هتون هلندين خالي هٿ ڪٽي
نہ ڪيئي عبادت رب جي، نڪا نيڪي باب ٻٽي
”رڪيل“پوءِ پوندءِ موت ڦٽي، جڏهن ولرڪون وڃڙي هلين

بيت (136)

فڪر ڪري ڏس پاڻ ۾، هي تي پاراهي جي جاءِ
جيئن فوٽو پاٽيءَ جي مٿون، تنهنجي اندر منجهہ هواءِ
هوا اهو دم تي خاڪي بت ۾، روحي رمز رلاءِ
حرص حوس نفس جو، ڇني پاڻ ڇڏاءِ
پوءِ ”رڪيل“ نام سڏاءِ، تہ پرين ڪندءِ نيئين پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (137)

ٻڌءِ الست بربڪم چيئي قالو بليٰ اهو سچو ڪر اقرار
ڪنڌ نہ ڦيرج ڪاڏهين، ونج پرينءَ وارو پار
ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد، ڏس دل ۾ تي دلدار
”شاهہ رڪيل“ مٿي سرمدار، اٿي ٻاري ٻار ٻره جو

بيت (138)

ڪاري دل ڪيئن اڇي ٿئي، تنهنجي ڪاڏهن لهي ڪس
سور وهائي سچ جا، ونج ڏاهي وارو ڏس
ڏيئي اوجاڳام اکين کي، ويتر ڪجانءِ وس
پوءِ ”رڪيل“ ڇڏي حرص هوس، وڃي ٿي رسيلو راهہ سان

بيت (139)

بيوس جوئي وس ناهن ڪو، جيڪي پاڻ ڪري
جسم جاڳاءِ جوش سان، تان ظالم نفس مري
مراقبو منظور ٿئي، اوهي گهاتو رب گهري
توڙي پنڌ پري، ”شاهہ رڪيل“ ٿيو سفر سجايو تنجو

بيت (140)

منهنجو پنڌ پرين ڏي، اڳيون ڏکيا سور سجهن
سڪ وارن جا سور ثمر، شل هميشان ۾ هجن
سچي توڪل تن ٻڌي، هو وڃي پنڌ پڄن
”شاه رڪيل“ اهي ٻيائي ڪين ٻڌن ٻياراٽيندڙ رباني
راهہ جا

بيت (141)

هيڪل بہ آيم سر تي، ناسنگته ڪو ساتي
ڏکيو پنڌ ڏسي ڏيل ڏري، دل سورن ۾ ڦاٿي
ڪاڏنهہ بہ ڪيچ ڏٺي، اچي لنون مون سان لاتي
پاتم اندر ۾ جهاتي "رکيل" اٿم وسيلو ويجهڙو

بيت (142)

ڪيم ڪمايم ڪين ڪي، وکر وهايم ڪونہ وني
قافلو ڪلور جو پيري، ساڻ ڪنيم انهي پنڌ پٿي
اڳيون تويندءِ تري ۾، الائي پڌڻ ڪيئن چئي
اوهي "رکيل" سر سٽي، شل عدل ۾ انصاف ٿئي

بيت (143)

مولا جي محبت جو، سامان وهايو سور
اندر ۾ آڙهہ عشق جو، ٻريو مچ ضرور
موتو قبل اَل انتموتو، مرڻ ڪياءُ منظور
مراقبي منجهون، معلم ٿيو مذڪور
هڪدم دم سان درد فراق جو، پلپل پين پور
هردو تن حضور، "رکيل" پرين لڌائون پاڻ ۾

بيت (144)

ساري رات سورن، اکين اوجاڳا آيا
ويرن وڪوڙ يا وچ تي، نئين رانول ريجهايا
محنتي منظور ٿيا، متي سورهہ سجايا
هوتہ وجي ٿيا هڪ سان، چڏي دئي جي دعوا
"شاهہ رکيل" ڪنهن سالڪ سمجهايا، اهي راهہ ونيون رڙندا ويا

بيت (145)

عشق جنهين سر آيو، سي اهڙي ريت رون
وات اٽائي پنڌ پري، ڏونگر ڏيهہ ڏکن
لڏم بہ پير پنهل جو، لوچي منجهہ لڪن
تن جون بنيون بس نہ ڪن، ”شاهہ رکيل“ جن جون
پاروچل پاري

بيت (146)

دل ۾ دکيم دونهان درد جا، سوز ٻڌا سامان
ويم وڪوڙي وجود کي، باري برهہ بيان
جان جسو جي تو جلي، نڪي اکين کي آرام
اندر ۾ عشق اياڪيا، نينهن ٻڌي نشان
”شاهہ رکيل“ کي اهڙا ڪتن خان، بازي هن بناوَڪنئون

بيت (147)

ندوري هن نفس سان هت حيلا ڪيم هزار
سرڪش سڌو نہ ٿئي، هي جو پيس لت لغار
ڪلڻ ڪائڻ سک سمهڻ، ڪنيم ڏنگائي جا پار
نڪو خوف مرڻ جو نہ ٻڌم، پرين جي مہ پچار
انهي ”رکيل“ ڪيف خمار ڪيئن اولي ڪيا عجيب

بيت (148)

دنيا ڍوند پليت پرائي، هر هتي تا هر ڪن
باهن پوڪن پاڻ ۾، ڪست ڪيو ڪرڪن
اڇن وچن ڍوند تي، اهي گوز ڏيو گرڪن
”رکيل“ ڏسي مرد اهي مرڪن، جن جو عشق الله سان

بيت (149)

دنيا دوء رنگي، هي ٻنٺي ٻاڪاري
ڪن تهين کي ڪينڪي، ٿي ڏوتي ڏتاري
جت تڪي اهو، گهر سچو ڪاري
پني فقراون جو، ٿي جخ هنيو ناري
”رڪيل“ نهاري، ناءُ جهپيو هڪ نينهن جو

بيت (150)

هي هي ڪيون حرص ۾، ٿا دنيا دنيا ڪن
راتيان ڏينهان نفس سان، هو پڄي ڪين سگهن
نڪو نالو رب جو، نتا ناءُ ڳڻهن
سچ لهي سانجهي ٿيو، متون رات پيين
پوءِ ”رڪيل“ ٻڌو نہ ٻوڙن، ڏهاڙيون جي ڏاهہ

بيت (151)

ڏهاڙيون جي ڏاهہ، ٻڌي جن ٻولي
سهجون ٻڌي سندرو، تن چاڪ ڪئي چولي
اورن سي الف سان، ڏسي جانب کي جهولي
اوراٽو تہ عجيب کي، ڏين لکيٽي لولي
شل ”رڪيل“ جي ٽولي، هوندي عشق الله جي

بيت (152)

هوندي عشق الله جي، مراقبي منجهہ مقبول
وقت سيئي فرض هي، وجي قضا ٿين قبول
پائي منهن مونن ۾، ٿيا محبت سان مشغول
پوءِ ”رڪيل“ نينهن نزول،وجي نفي کون اثبات ٿيا

بيت (153)

نينهن لڳو ناداني وئي، ٿيو سالڪ سمجهي سور
جيئن پروانو شمع تي، گهري ڪري گهور
جن جي جنگ جسم سان، تنکي پلپل پون پور
"شاهه رڪيل" ذاتي جا ظهور، آواز پيا عرش عظيم تي

بيت (154)

هر ڪا لڙهي لنهواري، وڃن تا او يارا عاشق
پير نہ پڇن پنڌ ۾، سندي سيني چڪڻ چڪ
ڏسُ بہ پڇي ملاح کون، ڪيائون تر هو سچي سڪ
تن لهرن کنئون لائق شاهه رڪيل اُهي تڙ چڙهي ويا تارمنئون

بيت (155)

تڙ چڙهي ويا تار منئون، ڏسن محبت جو ميدان
صفائي سيني ۾، هي پيچي شڪ گمان
هر طرحين تا هڪ ڏسن، لاشڪ لامڪان
"شاهه رڪيل" ساروئي سبحان، جاڏي منهن ڦيريان
منهنجو پرين

بيت (156)

نہ ڪنهن جهيڙي جنگ ۾، نہ تي مرض ڪنهين ماريا
فڪر حيرت سان ڏسن، ڳجهي ڳاراٽي ڳاريا
سدا جنگ جسم تي ڪندا دز دشمن سان وارا
وحده لاشريڪ له، اندر ۾ آين اوسارا
اِهي رڪيل ذڪن ڏيکاريا، اتي رباني راهہَ ۾

بيت (157)

نالو ڳنهين نينهن جو، تہ سختن بار سهاءِ
صبر دارون سور جو، ٻي وائي سڀ وڃاءِ
جي سانگو رکين سرجو، تہ پير نہ پڙ ۾ پاءِ
”رکيل“ هي هي تن ڪان هاءِ، جن جي عشق اچي گهر
۾ گهڙيو

بيت (158)

پنهنجو جاڃ پاڻ ۾، ٻئي ڏي نان نهار
گلا غيبت ڪينو هي، ٻيائي ڪين پچار
سڄاڻ جون سيد چوي، اهي اکيون ٿي ڏار
دوستاڻي دربار ”رکيل“ هيٺون تي تہ هنڌ لهين

بيت (159)

جي ڪجھ ڪرٽون اٿئي، تہ اڄ ڪر نہ صبح ڪاڻ ٿمر
اتون بہ هلندين سکٹو، اڳيون سچ ٻجهي تو بر
جاڳيم بہ خوف خودي وڃي ”رکيل“ ڏنم ڏيل پنهنجي ۾ ڏر
جمع خزانو جن ڪيو، ڏسي دمن سان دلبر
جڏهين وارو ڏيندءِ ور، تڏهن سونهين سرتن وچ ۾

بيت (160)

ايڏو بہ فڪر ان جو، نٿو پيٽ اچي ڪنهين پرهيز
رکي بکي بدبخت کي، تنهين تي اتس تُرندا اي تيز
خواهش بہ نجس نفس جي، اوٿي ڪري گهور گريز
نہ تو اچي تابع توبہ جي، نہ امر جي آ ميز
”رکيل“ ڪي شان پريا شب خيز، پاڻ پلياٹون پنهنجو

بيت (161)

نيت پيي پڌي نينهن سان، توڏنهن منهن نہ پرين منج
سچو غلبو عشق جو، هي گهٽيو نا گهٽجي
سڪ پرين جي سور ڪڙاڪيا، اها ڦٽيل دل ڦٽجي
”رڪيل“ توڙي چڪڙمون لٽجي تڏهين بہ ٿوتل ڪي ڪيئن داغ ٿئي

بيت (162)

ڌوئي پوئي ماجي، اندر ڪر اڇو
غفلت ۽ غير کي چڏي، ڪيج ڏور ڏچو
پاڪائي پرهيز سان، ٿي سائين لڳ سچو
”شاهہ رڪيل“ انهي بات بچو، تہ هر رنگ ۾ رلجي ويو

بيت (163)

ڌوئي پوئي پاڻ کي، هي ڪتي ڪنپ چڙهيو
ويڙهو پاڙ و اچي پچڻ ڪان، توهي جادون ڪيئن پڙهيو
ڪيئن ڌوپن ميرا ڪپڙا، محنت پاجهون جڌهنہ لهي قلب ڪڙو
اندر ۾ باري مچ سڙو، تہ ”رڪيل“ سونهپ ٿئي سائيهہ جي

بيت (164)

ڌوبي انهي ديس ۾، اچا بہ آهين
رڱڻ چڙهي رسول جي، هوتا پلو پسائين
رت سان رنگن ڪپڙا، غم جون پوشاڪان پائين
اها ذات نہ پچائين ”شاهہ رڪيل“ جيڪي اچڻ سان اگهي ويا

بيت (165)

صوفي سڏجي تنهن کي، جو ڳجهي ڳالهہ ڏسي
آسرا ڇني ڏئي سر عشق ۾، سو وحدت منجهہ وسي
اڄ اٿاري اڄ سان، تشنگي تن تسي
سک ڇڏي پو ڏک ۾، سو وڃي روءِ رسي
فاينما تو لوا فثم وجه الله، اکين ساڻ ڏسي
"شاهہ رکيل" ڳر گسي تہ پارس وڃي پاڻ ٿئي

بيت (166)

راڳ منجهون هي رمز، سهي صوفي سڃاتي
سينو سوز فراق ۾، تنهن ڇڪن ڪئي ڇاتي
اونهي بحر عميق ۾، تن پاتي هي جهاتي
ناهہ ڪيائون نفي ٿيا، ٿين الف اثباتي
اهو زهد ڪري ذاتي "شاهہ رکيل" ٿيا گم راهہ ۾

بيت (167)

شريعت ظاهر سان ڏسان، تنهن ۾ آٿي نہ ڪوئي شڪ
جي ترڪ طريقت ۾ ڪرين، ڇڏ طمع جو تعلق
حقيقت جي ميدان ۾، وڃي حال سڃاڻج حق
اها معرفت مرڪ "رکيل" مٿي مردن جي اڇي

بيت (168)

وڃي گم ٿيا سي راهہ ۾، ٿا هوڪو حق چون
دل يڪائي يار سان، سي محبت ۾ مرڪن
محبت مولا جي مني، تن ڏني فقراون
ڏڙ جدا سر ڏار، وڃي ڪنا ڪلالن
ڏيئي بيائي بولي بن، "رکيل" ڳرسان سي ڳڏيا

بيت (169)

اهي اکيون بنان عشق جي، انڏيون شال هجن
ڪن ٻوڙا ٻيائي ڪون، اهي ٻُڌيون ڪين ٻجهن
اندر ڀي اور الف سان، هو ڪڙهيا پيامِ، رجهن
”شاهه ڪيل“ حق سچاتو تن، اهي ويون پٽينديون پاڻ ڪان

بيت (170)

اکيون عاشقن جون، امر ساڻ آيون اوجاڳن
منجهه مراقبي محبوب جي، نه تيون ڏٺوڪيون ڏاپن
ٻيئي به ٻڌيون دل سان، ائين هيڪل ڪين هلن
”شاهه رکيل“ تڏهن پاڪ پون، جڏهن دل سڃاڻي دوست کي

بيت (171)

اکيون عاشقن جون، شرم پريون شاهي
پسڻ سان ئي پاڪ ٿيون، آين ازلون گواهي
سدا به ستر پوش ۾، تن جو واحد ٿيو واهي
اها چاڙهي ۽ لاهي ”شاهه رکيل“ سڌ لهي سمجهي ويون

بيت (172)

اکيون عاشقن جون، باجهاريون ٻيئي
رتيون پرين جي رنگ ۾، ٿيون سڃاڻن سيئي
نه تيون ڏسن غير سان، تن تي حال پيو هيئي
اهي ڏکن سان ڏيئي، ”شاهه رکيل“ اوجاڳن اوجاريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (173)

اڪيون عاشقن جون، تيون رحم پريون روئين
سو پيري سيني ڪي اهو غير ڪڍيون ڏوئين
مالهان بہ وجهن من ۾، اهي گوهر تيون پوئين
اهي جهونگاريون جهوئين "شاهہ رڪيل" پورب تيندين پڌريون

بيت (174)

اڪيون عاشقن جون، نہ تيون نهارين
جڏهن بہ ڏسن رمز سان، هن ڏونگر کي ڏارين
وجهن بہ قطرو فيض جو، هن هنئين ۾ هارين
سچڻ سي سارين، "شاهہ رڪيل" آسرا چني اوڏنهن ويون

بيت (175)

سرها سر تنن ، جي مراقبي منجهہ مرن
عين پاڪ شهيد عاشق، تا گهاتو رب گهرن
تن جا تڏهن هڏ نرن، "شاهہ رڪيل" جڏهن ڏسن منهن محبوب جو

بيت (176)

هيءَ عمر اجائي ويم، عشق بنا افراد
سڪيو سمهڻ سيج تي، ڪيئن ڪيان هي خواب
هتئون هلندين خالي هٿ ڪٺي، اڳ تيز تڪو آ تاب
"رڪيل شاهہ" لٿوتن حجاب، جن جاڳڻ سان ئي جار ڪيو

بيت (177)

اُتن آڏي رات کي، جلن آئون جاڳن
سهاڳ واريون ڪيئن سمهن. جي ورسان ٻول ٻڌن
منهن ڏيئي مونن ۾، هو سچي پنڌ پون
”شاهه رڪيل“ اهي ڪيئن پلن، جيڪي نالي مون نروارٿيون

بيت (178)

عشق نہ هيٺي راند، آيو مٿي سر جنهين
عضوا اکيڙي چڪنا چور ڪري، وڏا شينهن پيچي
درد جنهن جي دل ۾ سکيو ڏسن ڪين سمهي
”شاهه رڪيل“ من مراد پني تہ سڪ سنڌوئي ناڏئي

بيت (179)

پاڻ نہ پانئن پنهنجو، منجهه فڪر جي فاني
الف ڪمائن اندر ۾، او نہ ذڪر رباني
ڪڙهن پي سڙن قلب ۾، باهر باق نہ نشاني
اهي جُنگ وڏا جاني، ”شاهه رڪيل“ سڪ سجاڻي ساڌ ٿيا

بيت (180)

جي بہ سجاڻي پاڻ کي، تہ سکي ننڊ وڃاءِ
اٿي اور الف سان، تہ ور وک وڏاءِ
الانسان سري وانا سره ڳجهو ٿي ڳالهاءِ
اٿي جانب انهي جاءِ ”شاهه رڪيل“ ديرو تنهنجي دل ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (181)

درد جنهين جي دل ۾، هڪ ويلھ نہ ٿين واندا
خالق جي خوف ۾، محو رهن ماندا
خيال نہ ڦيرن ڪاڏهين، ٿين هڪ سان هيڪاندا
اهڙا سوراهي سهندا، "رڪيل" جن کي عشق عجيب جو

بيت (182)

جلن جاڳن جيءَ سان، هي ويلھ نہ وسارين
ڳالھ پرين جي ڳجھ جي پري پچارين
اولي رهن ٿا عام کون، اهڙا ڏاڍا ڏارين
سجڻ سي سارين، تن "رڪيل" ننڊ ڦٽائي سک جي

بيت (183)

موتِن جي ملھ جو، نڪو انت شمار
جنهن چونديا چت ۾، نہ ڏاپن ڪرن قرار
لاجي لذت چکيائون، اندر ۾ هو سندي هبڪار
تن کون وٺي ناهي وار، "شاھ رڪيل" ونحن اقرب ويجهڙو

بيت (184)

پروت تہ ويجهائي، تہ گهاٽائي سان گهر
يڪائي سان ياد ڪر، تہ سچو جاپئي سر
وڙن واريون ڪيئن وسارين ورکي، جو دل ۾ لڏائون در
تن جي پنيان هل حشر، "رڪيل" اهي قابو ٿيون وجي ڪانڌ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (185)

پڙهيس ڪڙهيس ڪين ڪي، آءُ سمجهي ڪين سگهيس
واقف ٿيس نہ وات جي، انهين رولي منجهہ پيس
ٻڌم ڪين ٻروچ جي، هٽي حيرت هي هيس
مٺي آءُ نہ ميس "رڪيل" ڪڏهن ملنديس ڪانڌ سان

بيت (186)

ڪڏهن ملنديس ڪانڌ سان، آءُ ڪوڙي ٿيندس ڪين
ڪنديس آهہ عجيب ڪي، هي آزي ٿيم آمين
هٿ ڪنيو هڪلان ڪيان، هي ٻڌيم ڪوڪ ڪريم
"رڪيل"، رب رحيم، ڪٽي و لهي ڪي ويجهو ڪيو

بيت (187)

پنهنجو فڪر پاڻ سان، تنهنجو ٻئن سان ڪهڙو ڪم
پرجهہ پرينءَ جي پاڻ ۾، جي اعليٰ ٿيئن ڪر اوجم
حقيقت ۾ جي هليا، تن کي خوف نہ ڪوئي غم
"شاهہ رڪيل" دوستي وارو دم، شل جانب کون جدا نہ ٿئي

بيت (188)

ڪوڙن ۽ سچن جو، اتي پوندو سڌ سماءُ
نڪي ڪڙم قبيلا، نڪو پاءُ نہ ماءُ
سختي تنهن سڪرات ۾، تون واهہ وسيلا آءُ
اتي پوندءِ ڪوہ پڄاءُ، "رڪيل" حجت حاجت نانهہ ڪا

بيت (189)

انهي دهشتي درياءَ جي، ڪنڌي اور نہ پار
لکين لڙهيا انهي لهر ۾، ٿيا عاشق نگهو سار
اونهي بحر عميق ۾، وجي پيا جي پاتار
شاهہ رکيل ڪٽي نيڻ نهار، تہ اٿئي ڪنڌي ڪا ڏنهن ڪينڪي

بيت (190)

ويجهو ٿي نہ ويهجانءِ، جو مون ۾ ٿو مچ ٻري
متان ساعت ۾ سڙي وڃي، ڪر پاسو ٿيءُ پري
اهڙي آتش عشق جي، جت لڳي ڪين ٺري
"شاهہ رکيل" ڏس تون ڏيان ڌري، جيڪي سڙڻ مون سمجهي ويا

بيت (191)

ٺڪر جي ۾ ٺڪڻ جو، تون تکو ڪر اوزار
رک ڏيئي ٻيي منهن ۾، جيئن ڌار سنهون ٿئي وار
جتن ڪر جبل سان، رات ڏينهان مارو مار
اوزار اهو عشق اٿي، غير وڍي ڪر تون ڌار
پوءِ دل ۾ دلبر يار، "رکيل" هوت اچي هنڌ ڪندءِ

بيت (192)

هوت اچي هنڌ ڪيو، ڏسان جاڏي ڪاڏي جال
هر صورت ۾ هڪ آهہ، مان ٻيو نہ ڏسان ڪو شال
اهڙي بہ سڪ سيد چوي، مان ڪي سوين لنگهياها سال
جي ڪٿان اکين جا ڀال تہ، "رکيل" هر طرحين ٿو هڪ ڏسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (193)

گھمي دل متي طبقن ۾، گھمي زير زمين
ڪڏھن صفائي سوجھرو، ڪڏھن نظر ڪون نابين
اهي بہ عادتان عشق جون، سمجھي سچائين اصل ڪون آمين
ماٺ ڪيون پو مونجھہ ۾، ائين چاڙ مان ڪجھہ نہ آھيان ڪين
تي يڪ دل سان يقين "شاھہ رڪيل" سائين وٽ سچوٺئين

بيت (194)

مئخانو چون دل ڪي، تنهن ۾ سچو شوق شراب
عاشق پيئن اتھون، لاهي شڪ حجاب
هلن حقيقت پنڌ ۾، اتي ناهي ڏوھہ ثواب
اھڙو "رڪيل" تيز تکو آ تاب، جو سر ڏيئي سرها ٿيا

بيت (195)

عقل ايمان هستي خودي، ڇڏياڻون وڃائي جي واءُ
اچي اڏي تي ڪنا، سور چکياڻون ساءُ
طالب ڪي مطلوب جو، پيو سڏ سماءُ
"شاھہ رڪيل" اھو شجاع، عشق اچي اثبات ڪيو

بيت (196)

جتي پير پرينءَ جو، اتي ڪتوري خوشبوءِ
محبت جي ميدان مون، ڪي غازي ڪٽن گوءِ
سڏڙين ساءُ مڻايو، هاءِ ڪياڻون هوءِ
رن تنھينءَ جي جوءِ "رڪيل" جن عمر وڃائي نفس سان

بيت (197)

ماڙيون محل بنگلا، اهي ڏسي چڏيائون
سهٽل توکي سک سان، سهجون سڏيائون
پکا پرديسن گهر جهوپڙا، آٽي اڏيائون
انهي لوڪ کان لڏيائون، تہ ”رکيل“ مارن سان ميلاپ ٿئي

بيت (198)

روزا جن رکيا، هي عيدان سيئي کن
ڏسن بہ ڏينهن خوشي جو، اهي ڪاج ڪاڻ ڪاڻن
عاشقن جي اندر ۾، تا ماتم مچ مچن
ڏينهن راتيان ڏک ۾، اهي دم دلبر سان پچن
”شاهہ رکيل“ اهڙي رنگ رچن تہ عيدان ئي انهن ڪيون

بيت (199)

سورن پيري سپ ڪا وڏو ڏک عشق جو، ڪا ونياءِ تہ وهائي
زهد ڪري پئو محنت رنج ۾، دل کي جاڳائي
حجت هستي عقل نفس جي، چڏ وائي وجائي
تڏهن حاصل ٿئي ذات حق جي، فنفخت فيہ من روحي رلائي
”شاهہ رکيل“ ذڪر قلبي ڪمائي، وجي لاهوتن لوچي لڏو

بيت (200)

چيلهہ بڌي پيس پنڌ ۾، مان پڇي شال سگهان
اوکا لڪ لڙات جا ڏسي، دهشت چيهہ چجان
مطلب ءِ مقصود سان، وجي منزل کي پڄان
”شاهہ رکيل“ اٿم سڪ سدا، مون کي مرشد جي تہ ملڻ جي

بيت (201)

بيوس جيئي باب ۾، ويئي آهہ قلم وهي
انگ لکيو ئي الست کون، منهنجو سانول سان صحي
فکر بہ فاني کيم وجود کي، اڃي اها رمز رهي
"شاهہ رکيل" نہ تہ ويندم لوچ لهي، شل سدا هوندم ساهہ سان

بيت (202)

ڏکيا سکيا ڏينهڙا، گذريا ٿام وڃن
پرينءَ جي پار ڏي، هکلان کيون هٿ کڻن
لنگهي بہ لاهوت ۾، وڃي جاءِ کئي آهہ جن
"رکيل" اتي رت رڙن، متان کوڙي ٿيان مان کانڌ ڍهون

بيت (203)

دانهان درد وندن، کوکان تن کيون
مٿون عرش عظيم جي، وڃي لنگهي پار پيون
هوت ملي تہ هنڌ ٿيان، نہ تہ وڃن سور کنيون
"رکيل" چوندي هئن چيون، اٿم لونءَ لونءَ لولي يارجي

بيت (204)

هجان شال فراق ۾، پيارو پرين کين ڏسان
اندر ۾ سک سورن جي، اها ماني ٿئيم متان
ري جلڻ جي جانب توکان، کيون ڳجهہ ۾ ڳالهہ ڳران
"شاهہ رکيل" هي کنهن سان سور سليان، پاڄهون
تنهنجي بيو بڌي کونہ کو

بيت (205)

درد وندن جي دل ۾، ٿو محبت مچ ٻري
وحدت واحد الوجود، سندن ڪين سري
مالھا پوئن من ۾، ويھن قلب ڪري
منجھہ مراقبي مشغول ٿيا، وين متي خيال پري
”شاھہ رکيل“ انھي ذوق ذري، ڪٽي عبد کي اعليٰ ڪيو

بيت (206)

ھڪ الف اورن اندر ۾، ڪا ٻولي ٻي نہ ٻڌن
اھڙي درد فراق ۾، ھو سڪيا ڪين سمھن
ھو سندي ھل جو، آين راڳ رڳن
توحيد جي تنوار سان، ھو دل سڃاڻي تن
”شاھہ رکيل“ سي لنگھي پار پون، جن ھوت سڃاتو ھڪڙو

بيت (207)

جن ھوت سڃاتو ھڪڙو، تنکي پيو سڏ سماءُ
منجھہ مراقبي مخمور ٿيا، سي وڏي شان شجاع
عجب استغراق ۾ غرق ٿيا، لوچي منجھہ لقاءُ
”شاھہ رکيل“ ڪندا ڪونہ اناءُ، اھي ڪاھي پيا وڃي
ڪين ۾

بيت (208)

ڪاھي پيا وڃي ڪين ۾، ھو ڪينون ڪين چون
وڃائي وجود کي، ھو نہ تا پاڻ پسن
واندا ٿيا نہ وصال ڪئون، نہ ڪنھن روۓ رسن
اھي ”رکيل“ رت روئن، جيڪي مجاھدي منجھہ مري ويا

بيت (209)

مجاهدي منجهہ مري ويا، تنجي متيءَ لڏو ملهہ
عطر ڪتوري خوشبوءَ تي، ڪليو گلابي گل
هر مظهر ۾ ڏنم هوت ڪي، عجب حسن تنهنجي جو هل
”شاهہ رڪيل“ پولي نہ بي ڪنهن پل، جو پاڪائي منجهہ پهچي وئين

بيت (210)

نينهن لڳو نہ لڪي، ستن پوشن ۾ سانپيان
لڳيم بوءِ بهار جي، اوهن چپر کي چانگيان
لنگهي بہ لاهوت ۾، وجي تڙ اهو تانگهيان
”شاهہ رڪيل“ هي دئي اولهانگيان، تہ محب اڳيون
منظور تيان

بيت (211)

پر جاٽي سجاٽي، هليا وات وني
لوچي بہ هن لڙاٽ ڪئون، ڪياٿون ڦڪت هي ڦني
لنگهي لڪ لاهوت ۾، محبت ماٽياٿون مولا جي مني
”شاهہ رڪيل“ ڪري سر ستي، سر هوتن جو سات تيو

بيت (212)

ڏک ڏولاوا ڏوجهرا، هي گهوريون سر گهمن
متي جن جي مامرا، سي ڪيئن سک سمهن
راهہ ڪلي رند لڏائون، چپن ساڻ چمڻ
”شاهہ رڪيل“ دلبر ساڻ دمن، لاهوتن لوچي لڏو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (213)

ويراڳڻ پاڻ وڃائيو، وجود ڪري ويران
جن جي جنگ جسم سان، تنڪي اچي نہ آرام
ماٺ ڪيون من ۾ مخفي ڏسن، ڪنهن ڪونہ ڪلام
”شاهہ رکيل“ ساروئي سبحان، هر صورت ۾ حق ٿو ڏسان

بيت (214)

جن فنا ڪيو پاڻ کي، تن اندر اوجاريو
ذڪر ساڻ فڪر جي، تن ويل نہ وساريو
ڪري ڏنائون قلب ۾، پرينءَ کي پيارو
”شاهہ رکيل“ تين معلم موچارو، دوست لڌائون دل ۾

بيت (215)

صبر سڪ سنديم، ڏنم رحمت جو درياهہ
وهي بہ هميشہ وسئين ۾، ساريون سنجهہ صباح
آيا عشق آبادي ۾، جن رب سڃاتو راهہ
”شاهہ رکيل“ تن تي کھڙو ڏوهہ گناهہ، جو آدم کان اڳ هوا

بيت (216)

محبت جي ٿي مچ ۾، نڪو ثواب گناهہ
لنگهي ويا لاهوت ۾، جتي عشق سندو آڙاهہ
فنفخت فيہ من الروحي ٻڌي وحدت تي ويساهہ
”شاهہ رکيل“ هادي تن همراهہ، هوت حمايت تن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (217)

فڪر بہ فاني ڪيم وجود ڪي، پنهنجو نہ پايان پاڻ
جي سمجهي سڏ لهان، تہ سسي نہ اٿم ساڻ
محويت محبوب جي، اهو دل ڪي پيم ڄاڻ
”شاهہ رڪيل“ سڄاڻي پاڻ تہ ڪعبو اهو قلب اٿي

بيت (218)

پرين جي ئي پنڌ ۾، ويتر ڪنديس وس
قبلو ڪعبو قلب اٿم، ٻيا ويم هل هوس
اورينديس عجيب سان، جئين چوري ڏئي چس
اهي سچا ڏيندس ڏس، ”رڪيل“ ڪا هلي مان سان هوت ڏي

بيت (219)

سڪ ٻڏايم سندرو، وڌم دورني ديهي
پرين لڌم پاڻ ۾، وحدت مون ويهي
سچي سنگت سيد چوي، ٿيم سرها سيپئي
ڳجهہ جي ڳالهہ ڪيان ڪيهان، جيڪي ”رڪيل“ سان رلجي ويا

بيت (220)

ناهين ڪم ڪچن جو، ڪڻن بار ميا
سچو آيم سر تي، ٻيا آسرا سڀ ويا
هيڪل تي حيلا ڪنديس، جي وتم شرم حيا
اوتو قادر قرب ڪيا، ”رڪيل“ مان سر سڄوئي قربان ڪيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (221)

ڪيئن ڪنا ڪلالن، هٿ ڪري ڪاتي
جيئن پکي پڃري ۾، تيئن دل وڃي ڦاٿي
مٿ تنهين جا سور ٿيا، نڪو سنگت ناساٿي
راضي مٿي رب رضا، جي ڪنبي ٿي ڇاتي
"شاهه رڪيل" لون لڳن ذاتي، پيهي ويا پاڻ ۾

بيت (222)

اندر ۾ اورن الف سان، هي سچي سڪ سندين
وڃي پهتا مطلب ءِ مقصود کي، ٻي ٻولي ڪين ٻڌن
حاصل تنهين حق ٿيو، انهي مارڳ منجهه مرن
اهي سچائي سڏجن، "شاهه رڪيل" جن پاڻ وڃايو پانهنجو

بيت (223)

سارنگ سنيري آئيو، وڏا ويس ڪري
ڪڪر ڪارو نيار جا، بادل بار ڀري
ڪي نيلا تنهين نشان، ڪي سرخ اچن ڏيان ڏري
هلن هيڊيلا حملو ڪيو، هي ڏسي ڏيل ڏري
آسماني عجب ها، هي خاڪي تنهن ڀري
"شاهه رڪيل" واحد وير وري، تہ ڪڏي ڪا چوئي وسي

بيت (224)

وڄون ويس ڪري، اڄ اتر تي آئيون
اڇي روضي تي رسيون، ڪن بجليون بڇايون
وٺن سلامي سهڄ ڪون، هي مستي مڇايون
پيچ پني برسات ٿي، ڪندا چمن چستايون
"رڪيل" ڪيون عاصن هي آهون، درد مندن دستگير کي

بيت (225)

راڻي جي م رهاڻ ڪان، هي مني تي ماندي
وري ويو ولهو، تيس هيڪل هيڪاندي
اکين اوهيڙا ڪيا، هي ايرادي آندي
سمهڻ سورن گاڏوون، نہ هي ورهہ ڪون واندي
”رکيل“ منهنجو ڪاڪ ڏٺي ڪانتي، شل سونهون ڪنلم ساٿ سان

بيت (226)

راڻو رات رسي ويو، رکي شڪ گمان
هڪ سمهڻ سورن گاڏوون، بيو ننڊ ڪيم نادان
ٽيون ناچت چوڻ ۾، چوٿون اکين کي آرام
پنجون پهہ پرين سان، ڪيم سورن جو سامان
”شاهہ رکيل“ مني جو مڪان، ڍولي ڍٺ ڏٺيءَ سان

بيت (227)

ڪيئن سونهان سرتن وچ ۾، اٿم دهشت سندو داب
وحده لا شريڪ لہ، خوف اهو ئي خواب
تندن هيئن تواريو، رڳن لايو راڳ
پوءِ سهيليون سهاڳ، ”رکيل“ راحت جو ٿيو

بيت (228)

ڪٺي عيب انيڪ، اچي لتيا ڪيئن لڪا
ونگ پون وين کي، منهنجا حاسد تين ڦڪا
هيناهين ۾ هنڌ لهين، تہ جمڪو تي جمڪا
”رکيل“ توٺي ملن لک ڏڪا، تہ بہ درنہ ڇڏينديس دوست جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (229)

ڪنڌي جان وڻ ڪانهلا، ڦڪو ڦر جهلن
پيل انهن کي پل جي، تن جا سڪا پن ڇڻن
پري وارا پيچ ۾، سدا سبز هجن
نيت تن جو ريج آهه، اهو سچي سڪ سندن
"شاهه رکيل" اهي ياد ڪجن، جيڪو ساريون ڪن تا سڏڙا

بيت (230)

پاڙ جنهين جي جر ۾، سي ڪن نوڙت فقيرن
عاشقن جي آهه ڪون، تا ڪيون ڏپ ڏجن
جيئن بہ پاٽي پوک کي، تن جي عاشق ساريون سڏ لهن
تن جا ويڙها شال وسن، "شاهه رکيل" جو سيوا ڪندڙ ساوا ٿيا

بيت (231)

سورهه صاحب عشق جا، تن کي تڙيل تپائين
پنهنجي بہ پاڙ لاهه سان، تا آٽي اڙائين
اها بہ رضا رب جي، هوتا بيائي کون پائين
جيڪي عاشق رنجائين "رکيل" تن جي آهه وئي عرش عظيم تي

بيت (232)

فقر جو ماريو ڪڏنهن نہ اسري، توڙي ڪري سو ثواب
جٺ پي زبان اڙهي درويش جي، تٺ ناهي سوال جواب
عاشقن جي آهه ائين، جيئن تلوار تکي جو تاب
"شاهه رکيل" جنهن جو نينهن نواب، سي واصل ولايت ۾ ٿيا

بيت (233)

ايذايل سي عشق جا، تن جو قاتل آهي ڪير
تکي زهر زبان ۾، تن صبر وارو سير
جاٽي سچاٽي سچ، رکن ڪاريهر تي پير
"شاهه رکيل" واسينگن جو وير، وجي قيامت توٽي ڪينڪي

بيت (234)

اجان بہ آهين، ويا ڪيم چڙي
سنهان سيئي سپ، وجهن چڪ چڪي
صبر سان ۾ سيد چوي، ڪين پاڙ تڏي
"شاهه رکيل" تن کي ڪاريهر ڪير سڏي، جو ڏکئي وقت ڏنگ نہ هٽي

بيت (235)

ٻچا واسينگن جا، ستا پيا جاڳن
پرجهي رکجانءِ پير، متان ڏمر ساڻ ڏنگن
وهه جنهين جي وات ۾، ڪپيون ڪوهه وجهن
اچي بہ اڙائن انهن سان، جيڪي منڪر ڪين منن
"شاهه رکيل" اهي ڪيئن رهن، جن کي اوندهه آهه اکين ۾

بيت (236)

جن کي عشق عجيب جو، سي يلي ينگ پين
حقا تاندا دونهان درد جا، اندر مچ ٻرن
ڏندا ڪوندا ڏيل ۾، تا گهوتيون ڪيف جين
نشانن کي نينهن جا، ڪيئن متي اکيون پال ڪڍن
"شاهه رکيل" اهي الف سان اورن. جيڪي فاني ٿيا فراق ۾

بيت (237)

سور تہ منهنجا سيڻ، آءٌ سڪان ۾ ساريان
ڏکن ڏيل ڏکائيو، ڪيئن ورکي وساريان
بنا عشق عجيب جي، هڪ گهڙي نہ گهاريان
”شاهہ رکيل“ اهو آتڻ اوجاريان، تہ اديون تيندم اُجرو

بيت سرائڪي

بيت (1)

ڪيا شعري تي آکڻ دوهڙي، نهين فقير منيدي
منزل دور فقيري والي، تي عام فقير سڏيندي
مين ڪون مارڻ مشڪل ڏاڍي، سختي نال مريندي
تي قربان تنهان تون، ”شاهہ رکيل“ جيڪي صدق سيتي سر ڏيندي

بيت (2)

فقير هووي تي فڪر ڪري، جو وحدت ڪون نہ گهتاوي
ڪاوي ماس هڏان دا، تي سختي نال هنداوي
شب روز ڪري شب خيزي، تي ننڊ قرار وڃاوي
حق تنهن ڪون حاصل تيسي، ”شاهہ رکيل“ جو قلبي ذڪر ڪماوي

بيت (3)

شائق تي هڪ الف ڪماون، نظر جنهين دي سيني
اکين اتي نا هرگز چاون، توڙي هوون هزار نموني
دل وڃان جهاتي پاوڻ مشڪل، ميڪون ماريا نفس ڪميني
هدايت حرف حقيقي هڪ پڙهدي، ”شاهہ رکيل“ اهي ڪرن طواف مديني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (4)

دئي توڙ دليلان چوڙ، دم مارين خاص خدائي
سڀ سي وڏي سرڪاراها، سي سي سجدي ڪرن سدائي
اسلام ڪفر دي جاءِ نهين، اٿ ني عاشقين رمز رلائي
موتو قبلل انت موتو، شاهه رکيل ٽيئي خون بهائي

بيت (5)

صوُرت سير تماشا جلوا، حسن دا روز رنگينا
چوڏهه طبق ڏکيجن دل وچ، صاف هياوت سينا
نهين فقيري طبقين دي وچ، توٽي احرام بڌي چامينا
جڏان به هڪ نال حڪايت ٿيسئي، ”شاهه رکيل“ پڇي هويا منظور مدينا

بيت (6)

نور حقيقي روز ازل دا، سيد دي سر آيا
قدم قريشي سرور دا، حضرت ميران، آڻ انايا
ڪل به قطب اتي قدم تهين دا، فائق اي فرمايا
هيا موجود ارواح، ”رکيل دا“ جٿان ني نال نصيب رلايا

بيت (7)

الست آواز سٽيوسي سارا، اهو راز حقيقي آيا
مئخاني وچ شور شهانا، ڪيف ڪلال پلايا
بحر الاهي پيچ پيا پولا، عشق ظهورا لايا
بيحد باربره دا باري، ”شاهه رکيل“ مين چم اکين سرچايا

بيت (8)

روز ازل دي تانگھہ لگي، دل درد ڪنون نہ چوٽي
وحدت ٻاجھون يار نہ ملدا، توڙي سيس سارا چالوٽي
وچ عروج نزول سمائي، مشڪ عطر دي ٻوٽي
عرش منور پينگھان پئيان، ”شاهہ رڪيل“ جٽ عاشق ڪاون جھوٽي

بيت (9)

الستي آواز سڻيا دل ميڏي، مين ساڳي يار سڃاتا
آهہ ڪران تہ دانهہ ٿيوي، مين مخفي دي وچ چاتا
شوق ڪنون ول ذوق ٿيا، مين حال فقيري پاتا
ساز سڻيم تي سوز ٿيا، چا عشق چنبئين وچ چاتا
لا الله دي دري ڪنون جهاتي پاتي، ”شاهہ رڪيل“ جوالاالله ٿيا اثباتا

بيت (10)

روز ميثاق دي رتي، ملي ارواح ميڏي ڪون آئي
چپي بہ وچ چاتي دي، ميڪون مرشد ڪول وڪائي
اثر بہ ارشاد ٿيا، ڪيتي سياهہ دل صفائي
صوفي بہ سچ سڃاتم، جنهن راهہ رباني لائي
پير ڪامل تي مرشد مڪمل، ”شاهہ رڪيل“ جنهن گهن دستون دامن لائي

بيت (11)

ساقي مينون جام پلايا، دم گھتيس دل زوري
حال سڻايس ثابت سارا، جان ڪدن وچ جھوري
خطري خام سيئي سڙگئي، هڪ دلبردي لون لوري
مين قربان تنهن مرشد دا، ”شاهہ رڪيل“ صد بار ڪران سرگھوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (12)

ساقي ٻاجهون راهه نه ليسين، جان جان شامل عشق نه ٿيوي
دستون پيريمغان دي جام طهورا، حوض ڪرثر دا پيوي
ڪر مراقبا محبت مولا والي، ٻهه گوشي خاڪ مليوي
لاحد لامڪان تڏاهين ٿيوي، "شاهه رڪيل" جڏان هڪ خيال رليوي

بيت (13)

ميرانپور وچ مرشد ميڏا، جنهن پيالا مست پلايا
لحظي دي وچ هوئي لطيفي، جو رڳ رڳ يار سمايا
نال نصيب ڏتس گهن ميڪون، عشق عجائب مايا
دئي ڪنون دل هڪا هوئي، پڇي غينون عين جتايا
مشڪل به راهه فقيري رهبر ٻاجهون، "شاهه رڪيل" جنهن سمجها سو تنهن پايا

بيت (14)

جڏان پي جهوڪ شهر وچ نصيب مليم، تڏان ماريم نينهن نغارا
هادي هڪ حرف پڙهايم، تي سمجهه ڳڌم سر سارا
هزار ڪتابان صفت هڪي دي، تي هڪ هي نور نظارا
عبد وچون ته الله ڏنم، "شاهه رڪيل" تي ستار ٿيم سر سارا

بيت (15)

ياتم جهاتي ڪنڙم ڪاتي، دستون پيريمغان مئخانا
ني نصيب رلايا، مينون، شاهي مرد شهانا
ڪڍيس غير وجودون سارا، بازي ڪوڙ بهانا
درد فراق تي وٽج وهايم، ڪيتم عشق خريد خزانا
سرڪي سوز پيالا وحدت والا "شاهه رڪيل" پيتم ڪيف اهو افزانا

بيت (16)

قول پرين دا سچ سڃاتم، اوجو پيريمغان فرمايا
مين قربان تنهين مرشد دا، جنهن داغ سيني وچ لايا
پاتس برقعہ بشري والا نام عبدالستار سڏايا
ڪيا بيان صفت صنم دي، جنهن حق باطن علم پڙهايا
الست آواز سڻيا دل ميڏي، ”شاهہ رڪيل“ جتان نئي نال ضيب رلايا

بيت (17)

سمجهہ سهي وت صاف سڃاتم، ظاهر دئور زمانا
نهين وفا وچ نظر آيوسي، ابتر ملڪ بيگانا
عشق بنان هي عمر اجائي، ٻي بازي ڪوڙ بهانا
وحدت نال وصال ٿيوسي، ”شاهہ رڪيل“ تي شاهي شغل شهانا

بيت (18)

قرآن پڙهاون حافظ، تي فقير پڙهيندي ذاتي
دنيا ڪارڻ هوئي عالم فاضل، تي منجهہ ڳئي مسلا تي
لدني علم عشاقين والا، تي ڇپيا هي وچ ڇاتي
عشق ڪنون نہ اوئي جاڻن، وتن دنيا ڪون هٿ پاتي
عاشقين ڪسڻ قبول ڪيتا، ”شاهہ رڪيل“ اتي هتون ڪلالين ڪاتي

بيت (19)

علم اتي او عمل نہ ڪردي، سوبار ڪتابان پڙهدي
دل دي سياهي دور نہ هووي، وچ ذاتي قلب نہ ڪڙهدي
شرف زمانا دنيا ڪارڻ، عالم فاضل رڙ دي
ويچن علم تي ڪرن مزوري، دنيا نوڪر ڪڙ دي
رهبر ٻاجهون راهہ حقيقي، ”شاهہ رڪيل“ اُهي عشق نہ چاڙهي چڙهدي

بيت (20)

تسبيح ڦيرڻ عمل ڪماوڻ ڪيها نام فقير منيجي
منتا وچ او مطلب جاڻن، ڍهاپي نهين ڍهپيندي
دل دا حال سڃاون سارا، او ڪشف ڪنون نہ رجيندي
پير اتي وچ دعوت پڙهدي، ڪشف قبور سڏيندي
اهو ڪشف ڪماوڻ نهين فقيري، ”شاهہ رکيل“ او سالڪ نهين سلينديِ

بيت (21)

هٺ پير هميشہ ڏوندي، مشڪل دل دا ڏو وڻ
سجدي ڪردي گس ڳئي متي، تڪبر هستي هووڻ
مسلي ڪر ڪر واعظ سڻاون، روز ڪريندي رووڻ
دم ڪماوڻ تي يار ريجهاوڻ ”شاهہ رکيل“ تي من وچ موتي پووڻ

بيت (22)

تڪبر فخر وڏائي خود پرستي، اپڻا آپ وڏاوڻ
غير اندر داڪينا ڪاوڙ، افراد عمر نياوڻ
مين ڪون مارڻ مشڪل ڏاڍي، خام خودي ڪون ڪاوڻ
بادي ناري آبي خاڪي، چارئي عناصر چوڙ وجود وڃاوڻ
فقيرين باجهون ڪنهن نہ سڃاتا، ”شاهہ رکيل“ راهہ تي رب سڃاڻڻ

بيت (23)

عقل دا اوڪا پنڌ اجايا، هو وڻ هي وت هستي
نال دنيا دي عمر وڃاوڻ، داغ نہ لهندا دستي
وحدت باجهون نفس نہ مردا، حرص هويا وت ڪستي
عشق وڪاوي راهہ حقيقي، ”شاهہ رکيل“ او محو هووي وچ مستي

بيت (24)

عشق آيا ٿئي روشنائي، تن ڳيا عقل دا اختيار
عقل پيادا ڪاوي ٿڌي، عشق ٿيا هسوار
جا منزل تي عشق پڄيندا، اٿاهين عقل ٿيا بيڪار
ڪيا بيان صفت سچي عشق دي، ”شاهه رڪيل“، نهين لکڻ ڪرڻ شمار

بيت (25)

علم عقل ايمان ٿيئي، تابع عشق دي
علم پيدا عشق ڪنون، باطن والي سهي ڪريندي
اٿان عقل دي جاءِ نهين، جٿان عاشق قدم ڌريندي
اسلام ڪفر هر صورت وچ هڪ ڏنوني، ”شاهه رڪيل“ دم اناالحق مريندي

بيت (26)

اوڪا ڪم ايمان سڃاڻڻ، اتي ڪي سلامت نيندي
بي رنگ بازي پٽري يار پياري، اٿ غازي گام پريندي
امانت سانڀڻ مشڪل بازي، ڪي صابر صبر ڪريندي
سچي سيئي سڏيسن، ”شاهه رڪيل“ جي وچ عشق دي سر ڏيندي

بيت (27)

اوڪا راهه فقردا مشڪل، جگري جسم جلاوڻ
تڪبير فنافي الله والي، موتو مام جڳاوڻ
رنج محنت باجهون حال نه ٿيسئي، درد ون دم ڪماوڻ
اسرار حقيقي حق سڃاپڻ، دل وچ جهاتي پاوڻ
ترڪ وجود واحد ٿيوڻ، ”شاهه رڪيل“ اوڪا نينهن نياوڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (28)

خون جگر دا پيوڻ مشڪل، ساڏو ڪونہ سڏا وي
لڄ نهين لاڦان نفس مريندا، تڪبر بار انا وي
ڏگهيان دليلان ڪوڙي خطري، ٻهہ ٻهہ آپ وڏا وي
صوفي صاف تڏاهين ٿيوي، جو خاص خودي ڪون ڪاوي
فقيرين ٻاجهون سمجهڻ مشڪل، ”شاهہ رڪيل“ سو دل وچ دوست سماوي

بيت (29)

سورهہ سرتلي تي چاون، ٻاري سخت ڪشالا
مارن نفس تي ڪرن لڙائي، هڪ دم نہ ڪريندي ٽالا
زهد وچون او ذات سڃاڻن، شوق تنهين ڪون شالا
صوفي صاحب صفائي سمجهن، ”شاهہ رڪيل“ هڪ دم دم نال سنيالا

بيت (30)

لک هزار مبارڪ تنهن ڪون، دل جنهن دي پوري
اها امانت عشق الاهي، او مست هوئي منظوري
حق حقيقت سچ سڃاڻن، صاحب دل صبوري
سالڪ ٻاجهون ڪوئي نہ سمجهي، ”شاهہ رڪيل“ او دم مريندي دوري

بيت (31)

نفس نجس نادان، بد بخت ندور انسي
گيڙو پاتم گودڙي، اتي حال فقيري هسي
آون بہ عشاق ايوين، چئو طرفون طالب تسي
ڪري ظهور ا ذاتي والا، اتي راهہ رباني ڏسي
مريد صادق تي مرشد ڪامل، جيوين لوها پارس گسي
روز رباني رحمت ”شاهہ رڪيل“ تي شهر فتح پور وسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (32)

نفس پليت دي رات ڏينهان، هي نال اساڏي ڪستي
دلبردي در ٻار ڪنون، هي داد ٿيوسي دستي
گنج خزانا الف مليوسي، هٿ ڳئي هي ڪُل هستي
فنا ڪنون لنگهہ بقا ٿيوسي، مئخاني وچ مستي
پرنور ميرانپور، وچ مرد مليوسي، ”شاهہ رڪيل“ هڪ وحدت والي وستي

بيت (33)

عاشق ٿيا مشتاق تڏان، جڏان اٽڪن چتڪن نين ڏونهين
سال گذار ساعت ڄاڻن، عاشق تي معشوق ڏونهين
مريد صادق مرشد ڪامل، طالب تي مطلوب ڏونهين
شب روز ڄاڻن خوف رفيقي، غالب اتي مغلوب ڏونهين
ساقي هووي جام پلاوي، حسن حسين شهيد ڏونهين
”شاهہ رڪيل“ دا شا فع هوسي، مير محمد هر دوجهان ڏونهين

بيت (34)

ايريا پي چنڊ، ٿئي روشنائي
عاشق شدي عشق والي، وتن ننڊ وڃائي
بادشاهہ بہ گداگر هووي، عشق ڪيتي ڪردي شهر گدائي
چوڙ خودي خريد تي، ”شاهہ رڪيل“ تو ڪيوين عمر گوائي

بيت (35)

درد وندیان نون درد هميشہ، سڪ ثمر ڪتوني
الفي پا عشق والي، اتي جٽيا توڙ ستيوني
جٽيا پي آکن دنيا ڪون، مستي نال مٺيوني
راهہ بہ ڪلي تنهان دي، ”شاهہ رڪيل“ ذاتي ذڪر پڙهيوني

بيت (36)

جان ڪدن دي تلخي هوئي، او سڪرات ڪنون نان ڏردي
خائف خوف قبر دا زاري، اٿ زابر گرز مريندي
هيڪل بار آيا سر ڪلھا، اپڻي ڪيتي آپ پريندي
جنھن مرشد مولا من ڪمايا، ”شاھہ رکيل“ او اتان ياد ڪريندي

بيت (37)

عشق ڪٺاھا باليا، تڙڪن درد ونديان دي دائٽي
بي دردان نون ڪل نہ ڪائي، گذري عمر اتي ڪانھہ ڪمائٽي
جنھن مولا مرشد ياد نہ ڪيتا، اھي ڳئي محروم نمائٽي
ڪچ ڪماوڻ ڪوڙوھاوڻ، ”شاھہ رکيل“ او سمجھن اھل فقردي سيائٽي

بيت (38)

دلبر پيي دل اسا ڏي اُتي، شب روز ڪريندا ماٽي
منزل وڏي اتي قوت ٿولي، ميڏا حال ھڪو رب جاٽي
وات اٽائي پنڌ جبل دا، ميڏي روندي نيڻ نماٽي
جوڳڻ تيسان جانب ڪيتي، ”شاھہ رکيل“ جو مليم يار تڪاٽي

بيت (39)

عشق لڳا تي عجب هويا، ٻهہ گوشي تي گذريندي
حرص هواتي هئبت حيرت، نال عمل اتريندي
جاوت جنگي فوج جسم دي، جائي خطري خام مريندي
هويا حال حقيقت تنهان ڪون، دستون ساقي سرڪ پريندي
ڏونهين جهان تڏاهين وسري، ”شاھہ رکيل“ سرگهوليانهين وريندي

بيت (40)

منم خاڪ اتي تنم خاڪ، او بسم بيوت مليجي
صوفي صاف سڏاوڻ مشڪل، هر رنگ وچ رليجي
دل جڳاوڻ تي منصب پاوڻ، ٿيون ڪک ڳلي دي
هر طوراتي او سيرتيا، "شاهه رکيل" سو ڪيوين سخن سليجي

بيت (41)

الست ڏهاڙي وضو ڪتوسي، اها عادت عشق سڪالي
ارواح تڏاهين پاڪ ٿيوسي، لڳم محبت مولا والي
ڏووڻ پووڻ وسر ڳيا، هڪ دم نه هوندا خالي
توبه تقوا ترڪ ڪتوسي، ڪيا وت جمال جلالي
ڪرياد پرين ڪون سچ سڄاڻم "شاهه رکيل" اتي لڌم ڪشف ڪمالي

بيت (42)

من مصلا جسا جامي، ڪيتم تن تراب
غير دليل تي خطري ڪوڙي، ينم شڪ حجاب
فاائينما تو ولو فثم وجه الله هر صورت وچ ڏٺم عين ثواب
"شاهه رکيل" عشق لا جواب جو پسنديئي پرڪا ٿئي

بيت (43)

ساري روءِ زمين اتي دلبر ڦوليم، هرگز نظر نه آيا
جڏان وچ دروني جهاتي پاتم، مين اعظم اسم ڪمايا
لاحد ميدان محبت والا، ني عشق اتان پهچايا
لامڪان لامذهب صوفي "شاهه رکيل" اهو باطن علم پڙهايا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت (44)

هڪ دم دم نال نماز پڙهيندا، فرض حقيقت پوري
عشق وڪايا دل وچ ڪعبا، نهين حاجت حج ضروري
اناالحق حضور ٿيوسي، دم مارڻ تي منصوري
عشق نهين منيدا، ”شاهه رڪيل“ ڪرامت ڪشف قلوب قبوري

بيت (45)

عشق ڪنون وت عاشق ڄاڻن، ڪيا ڄاڻن تي نفساني
اي جهان مڪان فنادا، نه رهسئي نقش نشاني
نصيب ٻاجهون ڪجهه ناٿيوڻ، جو ڪجهه لکيا قلم رباني
درياءَ رحمت دي وچ مارن غوطا، ”شاهه رڪيل“ پيون آب حيات مُدامي

بيت (46)

جان جان ساقي عشق نه ٿيوي، محنت رنج نه ليسين
خون جگر دا پيوڻ مشڪل، صاف سچا مول نه ٿيسين
فڪل فريب حجت هستي، پاڪين ڪولهه نه ٻهيسين
دل صفا ۽ داد تڏاهين ٿيسئي ”شاهه رڪيل“ جي رمز حقيقي وچ رهسين

بيت (47)

نال نصيب نه هووي جنهيندا، تنهنڪون ڪيا ڪجهه آک سٽيجي
نصيحت اثر نه هووي جتان، تنهن دي ڪهڙي ڳالهه ڳٽيجي
جتان عشق دي رتي نه هوسي، اهو ڪيوين انسان ڀٽيجي
ڪر مطالع دل وچ ياد هميشه ”شاهه رڪيل“ اتي هڪو الف پڙهيجي

بيت (48)

پرجوش جڏان وت عشق مچايا، ڪيتم سير صفاتي
دستون پيريمغان دي پيتم، پيالا آب حياتي
وحدت نوش ڪيتم دل روشن، جهاتي دي وچ جهاتي
هر رنگ دي وچ حاضر ناظر، ڏٺم ظهورا ذاتي
نانهہ انهين وچ نفي ٿيوسي ”شاهہ رڪيل“ تي آپ ٿيا اثباتي

بيت (49)

دنيا هي دورنگي، ول ول خيال مٿيندي
سي هزار دليلان آون، ڳٽي نال گهٽيندي
هي وت زيب زماني دا، جو چنگي مرد چٽيندي
فقير ويچاري منگن دعائين، ”شاهہ رڪيل“ جو چٽي نپ ڦٽيندي

بيت (50)

موتين دا قدر شراف جاڻن، ڪيا جاڻن تي نفساني
فڪر فنادا ڪنهين نہ جاتا، نہ ڪوئي نقش نشاني
جت ڪت غلبا نفس مچايا، هر هڪ ڪون حيراني
ڪهڙي ڪل ڪمبختيان نون، دل ڪوتي ظاهر لباس زباني
عاشقين باجهون ڪنهن نہ سڃاتا، ”شاهہ رڪيل“
مطلب تي مقصود درياني

بيت (51)

جستن غلبا عشق مچايا، اسڪون ڪون هتاوي
وجود وڃاوڻ جان جلاوڻ، ڪون اهو ڏک پاوي
اهو دانش مند دليل وڃاوي، تي يڪ دل هڪ الف ڪماوي
سرت سڃائي سالڪ ٿيوڻ، ”شاهہ رڪيل“ تڏان فقير سڏاوي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سي حرفيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سي حرفي پهرين

(الف)

الف اول اور تون، رک دوست سان هي دلبري
ڪر ڪمائي قلب سان، هي درد جي ڪولي دري
تان ٿيئي راحت روح کي، خوب خوشبوءِ خوشتري
حال ٿيئي حاصل تڏهن پوءِ علم لدني اڪبري
چڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل اوتي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(ب)

بي پلا هي پول پنج تون، نفس نافرمان جو
چوهيون چڪيون ڦوهيون چني، من مارجي ماريو منو
توبہ سندي تنبيہ سان، ماري نيئي مردن ڪنو
ٿيا رسيلا راهہ سان، تن پيچرو پرجو ڏنو
چڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل اوتي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(ت)

تي تڪيو طالب تڏهن ٿئين، ويهہ هٿن نان وسيلو
سر متي سوري ڏسي، حيران حيرت هڪلو
سر بنان ناهي سهانگو، ڪو بچڻ جو ٻئو بلو
ڪنهن مرد جي محبت وني، ڏس عشق جو ظاهر ضلو
چڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل اوتي صفا، تون ياد ڪر الله کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ث)

ثي سهي ثابت اندر ۾ پچار پرين جي پئي
ڪاٺڻ سمھڻ سڀ زهر ٿيو. لڱو نينھن نند نبيڙن وئي
عشق جي منزل ڏکي رڻ روھ هورڪ جي رئي
جن ٻڌو سندرو سچو. ساءِ تن لڌو لوچي لھي
ڇڏ وڃائي خام خطرا. جي رسين هن راھ کي
سمجھ دل او ٿي صفا. تون ياد ڪر الله کي

(ج)

جيم جانب تون بنان گذران. ڏورڻ هت ڏکيو
هو مرد پيا وڃي مامري. سر نہ ڄاڻن سو سکيو
راضي مٿي هو رب رضا. تقدير مون جي ڪجھ لکيو
ڪن ڪمائي قلب سان. هي درد جو ڀاري چکو
ڇڏ وڃائي خام خطرا. جي رسين هن راھ کي
سمجھ دل اوٿي صفا. تون ياد ڪر الله کي

(ح)

حي هنئين هيبت لڳيم. شبروز ٿي دانهان ڪيان
ڪين ڄاتم ڪيم سمجھيم. ڪين جو پيالو پٽان
نانھ ڪيون هن نفس کي. آهيان اتي آءٌ نان ٿيان
هي دانھ دلبر دل سندي. ساءِ تون بنان ڪنھن کي ڏيان
ڇڏ وڃائي خام خطرا. جي رسين هن راھ کي
سمجھ دل اوٿي صفا. تون ياد ڪر الله کي

(خ)

خي خبر هي خاص مان ڪون، ڪو پرين جي پنڌ پڇي
جهوري جهجهڙ تنهن جوش ۾، لون لون اندر چاتي لڇي
هن عشق جي آ ويڙ ۾، ڪو سر ڏيئي سورهه اچي
تنهن سڪر جي سير ڪون، باڪو بهادر ٿي بچي
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهه کي
سمجهه دل اوتي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(د)

دال منهنجي دل سجاتو، داغ سيني سڌ سهي
سرڪي سچي تنهن سوزجي، منجهه رمز رانول جي رهي
تو دوست جي تہ فراق ۾، ساري عمر وڻڙم وهي
في الدارين ۾ فرمان تنهنجو، سولڌم لوچي لهي
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهه کي
سمجهه دل اوتي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(ذ)

ذال ظاهر ذات ۾، سر پاڻ ۾ پنهنجو پچاءِ
ڍڪ اکيون چئو ڏئون انهي سان، قلب جاري ڪجهه ڪماءِ
چقمق چواتي چٽگ چولي، دل درد جون دونهون دکاءِ
پوءِ مليندين هٿ بئي، ڪر هوت لئي تون هاءِ هاءِ
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهه کي
سمجهه دل اوتي صفا، تون ياد ڪر الله کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ر)

ري وجي رهبر وتم، منجهہ جهوڪ جي هو قربدار
تنهن ڏسيو هڪ الف مانکي، ورق واري ٻئا وسار
هڪ وني تي هيکل، ڪرياد ذاتي ٿئي مدار
عبد منجهون احد چاتم، سير سارو سر ستار
چڏ وچائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل اوتي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(ز)

زي ظهورو زات جو، چاتي اندر سو ڪيئن ڇپي
سچو خزانو عشق جو، ڪمتي نہ ڪاڏنهن ڪيئن کپي
وون سمنڊ جي ويروانگي، هي حال تنجو نان هپي
درويش جي دل ريش آ، جيئن چاڪ زخمي پيو چڪي
چڏ وچائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل اوتي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(س)

سين تون صدقي سسي، سي ڪئن نہ ڪاريهر ڪندا
تنهنجي ساز خوش آواز تون، طالب طلب مولا سندا
جيءُ جڳائن جوش سان، لائق وجي تيا لک بندا
ترت توبہ تن ڪئي، منظور ٿئا ميرا مندا
چڏ وچائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل او تي صفا، تون ياد ڪر الله کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ش)

شين شريعت شان تن جو، تابع مجن سي هٿ ٻڌي
منجهہ طريقت ماهيت، تعريف تو صاحب سندي
هو حقيقت ۾ هليا، لاهوت ۾ لائق لنگهي
ٿا ڏِکن ساءِ معرفت، اسرار سارو احمدي
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل اوتي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(ص)

صواڏ ثابت سي نہ ڄاڻن، زهد زاهد ظاهري
سير سارو سي ڇپائين، قلب ۾ هو قادري
درد ۽ ڏک سوز ۾، هو صبر وارا صابري
هجن هميشہ هوت لئي، حضور جي هي حاضري
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل اوتي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(ض)

ضواڏ ڏک جي هي ضلالت، سُڌ نہ ٻي ڪنهن کي سڻاءِ
سنڌان ڪيون سڏڙيا اچن، ڇئو حلق تي خنجر وهاءِ
ڪسڻ ٻنان ڪين لهندين، سر مٿي سختي سهاءِ
ساڻ اتڪل جي اجايو، پير هن پڙ ۾ نہ پاءِ
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل اوتي صفا، تون ياد ڪر الله کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ط)

طئي ترهو تار ۾، وحدت واراسي ڪئين ونن
سچ سمنڊ جي سير سي، سووات واڳون پئا وجهن
قلزم ڪارو پار ۾، تنهن لهر ۾ هو پيا لڙهن
بحر ڪُن بيچون جي، ڪائي ڪنڌي ڪاڌهن لهن
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهه کي
سمجهه دل او تي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(ظ)

ظئي هن ظلمات کون، سوجهي لڌائون سوجهرو
قلب جاري طبق روشن، صحن دل جو موڪرو
اپ سمورا دل اندر ۾، ظاهر ڪنداسي ڪئين ذرو
واحد الوجود هُو، ولايت عشق وارن آسرو
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهه کي
سمجهه دل اوتي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(ع)

عين عادت عارفن جي، جوشْ ۾ ڪئين ويا جلي
محو محبت ۾ هميشه، راحم ويا روحي رلي
خد خداءِ جي خيال ۾، هو غرق وحدت ۾ ولي
جڏهن پر توو پر جو پيو، تڏهن عشق آيو اچ پلي
ڇڏ وڃائي خا خطرا، جي رسين هن راهه کي
سمجهه دل اوتي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(غ)

غين غفلت غير کون، هو پاڻ کون پاسي ٿيا
سڌ تنهين کي سور جي، هي عام جاڻن ڇا ڀيا
تهدل هواسي ترڪ ۾، جا عمر جي ڪجهه جيا
عشق سان جيڪي اڙيا، موٽيا نہ سي ورهن ويا
ڇڏ وڄائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل او ٿي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(ف)

في فڪر فاقيو فقيري، فهم وارن فائدو
ست پڙهياسي سُور جي قائم ڪيائون قائدو
هادي هدايت دل سچي، هي ورهہ وارن واعدو
جي ٻڌا هن ٻول سان، ساءِ تن وڃي لوڃي لڌو
ڇڏ وڄائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل او ٿي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(ق)

قاف قلبي ڪس لهي، تان نہ تون ڪنجي قدرتي
غير دل جو دور ڪر، هي ڏس حڪايت حڪمتي
جي بهشت ۾ پاڳو لهين، رت روتان ملندءِ رتي
جان جيئن جل جوش ۾، ڏس نہ هي سردي تتي
ڇڏ وڄائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل او ٿي صفا، تون ياد ڪر الله کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ل)

لام لاجي لذت چکي، هي دل سچي جائي جڳاءِ
واصل بالله ٿي غير غفلت، وهم خطرا سڀ وڃاءِ
زهد ذاتي ضعف سان، هي درد جاري دل ڪماءِ
تان ٿي مقصود حاصل، سر صحيح ڪر خود خداءِ
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهه کي
سمجهه دل او ٿي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(م)

ميم محبت محمدي ساءِ، جن چکي سرڪي سچي
دائمي در يار جا، دربان ٿيا پختا پچي
صاف ٿيا صوفي سچا، سدا عشق ۾ آيا اچي
ڏسن ظهورو ذات جو، هو مرد ٿيا مخفي مچي
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهه کي
سمجهه دل او ٿي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(ن)

نون نازڪ يانبي تون، انبيا آخر زمان
تنهنجي سچائي سيدا، فردوس ڪيو آڳي انعام
معراج تي يا مصطفيٰ، ٿيا ملڪ تابع سڀ تمام
چوڏهن طبق فرمان ۾ بيمثل تنهنجو ٿيو بيان
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهه کي
سمجهه دل او ٿي صفا، تون ياد ڪر الله کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(و)

واءُ وحدت مون نہ وسري، تان جان عمر جند پئي جکي
ڪين هان ڪمزور ڪاهل، هي ڏيل منهنجو پيو ڏکي
ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان، پلئي عشق پيو منهنجي پکي
فڪر ۾ تہ فراق ۾، دل درد جو دونهون دکي
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل او تي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(هہ)

هي پرائيم حال هيٺون، عشق جي آزار ۾
سر ڏيئي سودو سچو ڪر، برهہ جي بازار ۾
گم وڃي غوطو ڏيئي، قلزم ڪارونيار ۾
ڦوتو انهين آن آب جو، ڏس کولي اکيون اسرار ۾
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل او تي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(ل)

لام لاهوتي پڙهن سي، شان وارا شرم دار
پل نہ هوپاسي هجن، دوست کون هي دم نہ ڏار
جن سڃاتو پاڻ کي، سي ٿياهو برد بار
پنهنجي خودي ۾ خود غرق، هو بي نہ ڪن ڪنهنجي پچار
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهہ کي
سمجهہ دل او تي صفا، تون ياد ڪر الله کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ءُ)

الف آهه جنجي اندر ۾، سي جهريا جهوري جهجن
ڏجن ڏاءِ الله جي، سي سهج ڪون سک نا سمهن
حال هيٺو هي سندن، ٻي نہ ڪا ٻولي ٻڌن
توحيد جي تنوار سان، هو قلب سان ڪلمو پڙهن
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهه ڪي
سمجهہ دل او ٿي صفا، تون ياد ڪر الله کي

(ي)

يي يڪائي يادتن ڪي، لا الہ الا الله
هي حڪايت هوت جي، ڪن جهد سان جاري جفا
جاڳن سهي سي جارسان، هو مرد ٿيا وڃي مقتدا
”شاهہ رکيل“ تن صفا اومن صفا، قولي محمد مصطفيٰ

سي حرفي ٻيـن

(الف)

الف اور اندر ۾، سدا فڪر فقيرن
اوجاڳا اکين کي، دل ۾ مچ ٻرن
فاني تنهن فراق ۾، جهوري منجهہ جهرن
اهي وينا رب ڳهرن، وڃي ملياسي مطلوب سان

(ب)

بيئون پولو نفس جو، پڇي ڪن پورا
ڪوڙ وڃائي سچ لڌائون، اصل عاشق هئا گهورا
قلوب المومنين پوش پهريائون، جيءَ جسي جورا
اهي پرين جاتورا، وڃي ملياسي مطلوب سان

(ت)

تيئون توبهه تن ڪي، ترس تنهين آيو
هلن هيٺائي حال سان، تن پاڻ نه وڏايو
ان الله علي ڪل شيءٍ قدير، متئون سڀ ڪنهين سعيو
ڏسي رمز پرين رايو، وڃي ملياسي مطلوب سان

(ث)

ثيئون سرڪي سوز جي، پيتي پياڪن
قاتل ڪيف ڪلال ڪنئون ورتي وحدت ويراڳن
وحده لا شريڪ له، انهين ڊاءِ ڊڄن
بيون ڏيئي ٻن، وڃي ملياسي مطلوب سان

(ج)

جيمئون جلن جوش ۾، هيئين ساڻ هلن
سڪ سنڌو ئي نه ڏئي آيون اکيون اوجاڳن
النوم الغفلت غير محب حرام، سي ڪيئن سڪ سمهن
پوءِ اهڙي ريت رون، وڃي ملياسي مطلوب سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ح)

حيئون حيرت هوش سان، سچن سجاتو
پرجهي ڏنائون پاڻ ۾، جاڻي تن جاتو
فنفخت فيہ من الروحي، اهو نينهن لڳن ناتو
تن اندر اوراتو وڃي ملياسي مطلوب سان

(خ)

خيئون خوشي خوف ۾، ڪيائون تن تراب
سٽان ٿي سورن جون، اهو برهہ پڙهايم باب
موتو قبل انت موتو، تن تئون مرڻ لاجواب
اهي لاهي حرف حجاب، وڃي ملياسي مطلوب سان

(د)

دال داغ پرين جو سيني منجهہ سماءُ
وسري ڪين وجود ڪنئون، اندر زخم وڏو آه گهاءُ
فاذڪروني اذڪر ڪم، سندن شان شجاع
اهي لوچي ڏسن لقاءُ وڃي ملياسي مطلوب سان

(ذ)

ذال زهد ذاتي، ويهن قلب ڪري
طمع ٽڙياڻون توڙڪنئون، پاڻ ٿيام پري
لامقصود في الدارين الاهو، اهو ڏسن ڏيان ڏري
تن ڪي من ۾ مچ ٻري، وڃي ملياسي مطلوب سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ر)

ريئون رُخ پرينءَ جو، سجدو سدائي
مونا اٿن محراب، جسو جامي تن جائي
وفي انفسکم الفلا تبصرون، ڪن ٿا ڪشفونَ ڪمائي
اها سندن سچائي، وجي ملياسي مطلوب سان

(ز)

زي لنگھيا ظلمات ڪنئون، فڪر ڪيا فاني
سوجھي ڏسن سوجھرو، لهن اهي لاثاني
الـ انسان سري و اَنا سره، ڳجھه ۾ آيو انسان
دل ۾ دلبر دل جاني،وجي ملياسي مطلوب سان

(س)

سين سڪ پرين جي، هڪ پلڪ نه ٿئي پري
سدا سارن ساهه سان، تن جي ساعت ڪين سري
قالو ابليٰ ڪيائون، دل ڪوڪان ٿي م ڪري
پوءِ انهي زوق ذري، وجي ملياسي مطلوب سان

(ش)

شين شڪر گذار، رهن رضا تي راضي
محنتي منظور ٿيا، اگهي تن آزي
والله مع الصابرين، وجي گذياسي غازي
ڇڏي دئي جي بازي، وجي ملياسي مطلوب سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ص)

صعاد سورن واريون، جلن ۾ جاڳن
هر ڪا پتي پاڻ ڪان، هي ڪنهن کي ڪين چون
ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد، اهو آيو راڳ رڳن
اِهي مرجانئي مرڪن، وڃي ملياسي مطلوب سان

(ض)

ضعاد ڏسن تا ڏک کي، تن کي سک نہ سيبائي
اندر الانبو عشق جو، ٿو ماتم مچائي
لن تنالو البر حتيٰ تنفقوا، پاڻ ويهن وڃائي
تن کي سچ ٿو سمجهائي، وڃي ملياسي مطلوب سان

(ط)

طوئي توڪل تن ٻڌي، منجهون شوق شتاب
تابع ٿيا شريعت جي، ڏسي ڏوهہ ثواب
هلن حقيقت حال ۾، محب معرفت ماب
ٻڌي گيڙو گل گلاب، وڃي ملياسي مطلوب سان

(ظ)

ظوئي زڪر زهد سان، ڪن تا قلبون ڪمائي
حرف پڙهيائون هڪڙو، تن پاڪيزي پائي
پول پيچي بي نفس ٿيا خودي کي ڪائي
اهي سارن سدائي، وڃي ملياسي مطلوب سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ع)

عين عادت عارفن جي، ڪنهن سان ڪين سلن
هڪ سڪونت بيو صبر، تيون شرم وڏو آه تن
سو نوائي سجدي ۾، متي اکيون ڪيئن کڻن
پوءِ اهڙي پوئن پٽن، وڃي ملياسي مطلوب سان

(غ)

غينون نقطو غير جو، هي سياهي ڪيئن لهي
مهميزان مارن جون، متئون سر سهي
تڏهن اوجر اچي دل تئي، هڪ ذاتي خيال رهي
دل ڪلمي ساڻ وهي، وڃي ملياسي مطلوب سان

(ف)

فيئون فاقيوتن کي، جيڪي وڻج ڪيوم ونن
وڏي تنهن واپار ۾، سر جو سودو ڪن
ساٿ سلامت تن جو، جيڪي امانت سلامت نين
اهي سچائي سڏجن، وڃي ملياسي مطلوب سان

(ق ـ ڪ)

ڪاف پياسي ڪين ۾، ڪينون ڪين چون
جن جي جنگي جسم سان، سي سختيون سور سهن
بنان محنت رنج جي، اهي مرد ڪيئن سڏجن
عاشق سوري سيج ڏسن، وڃي ملياسي مطلوب سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ل)

لام لا جي لون لڳي، جلي جيءَ جکي
داغ پرين جو درد ٿو، دل منجهه دود دکي
لکيو لوح قلم کون، پيم پلئي عشق پکي
او هي ڏکيون ڏيل ڏکي، وڃي ملياسي مطلوب سان

(م)

ميم منو آهه من ۾، محبت جو ميدان
صحن دل جو سوجهرو، سڃاتم سبحان
هدايت جنهن جي هٿ ۾، سوهادي حق حقان
هي لاهي شڪ گمان، وڃي ملياسي مطلوب سان

(ن)

نون نظارو نينهن جو، ڪي معنيٰ ڪن مهمير
ڪيميان جنجي قلب ۾، سي پڇن نا اڪسير
وحدت سمنڊ سمايو، ناهي نهايت ڪرڻ نظير
اهي فاني ٿيام فقير، وڃي ملياسي مطلوب سان

(و)

واءُ نه ويلهو وڃ ٿي، تن کي منزل جو الڪو
پنڌ سچائي سڪ سان، اٿن جيءَ اندر جُهلڪو
ويڙهي ويم وجود کي تنهنجي حسن جو حلقو
سوَن گلن ۾ گل ڪو وڃي ملياسي مطلوب سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(هہ)

هيئون حسن هوت جو، ٿيم ثاب صفاتي
صورت رنگ سچڻ جو، تو انساني پاتي
فانيما تو لوا فثم وجہ الله، ڏٺم ظهورو ذاتي
اها جهاتي ۾ جهاتي، وچي ملياسي مطلوب سان

(ل)

لام نہ لکن لج کنئون، لٺن اکين جو اولو
لوچي هن لڙات کنئون، پڳائون پولو
عقل کثرت کون لنگهيا، ٿين وحدت وندولو
اها جهڪ لنگهي جهولو، وچي ملياسي مطلوب سان

(ء)

الف کمائي اظهار ٿيا، تن جي ملڪ ڏين گواهي
واندا ويهن کينکي، تن کي سڪ نہ ڏئي ساهي
اچي دل ۾ عشق آيو، جهل پچي ٿيو راهي
اهي شان پريا شاهي، وچي ملياسي مطلوب سان

(ي)

يي يکائي يار سان، ٻيا دل کون وهم ويا
رمزلڳي "رکيل شاهہ" چوي، منهنجا سيئي سور ساب پيا
نيت ٻڌايم سچو سندرو، تو قربون کم کيا
منجهون فکر فهم نهيا، وچي ملياسي مطلوب سان

﴿ڪلام جي تفصيلي فهرست﴾

ڪلام نمبر	ڪلام	صفحو نمبر	سر
4	اوکي هي عشق ڪي منزل، ڪنهين دي پيش نا آوي	50	شام ڪلياڻ
31	امن آهي عشق مولا جو، دنيائن سان اسان جو چا	64	شام ڪلياڻ
32	اگر هي يار ڪا ملنا، دوئي ڪو توڙيڪ دل تي	64	شام ڪلياڻ
46	انصاف ڏسجي عشق جو اولا ويو مذهب لنگهي	71	تلنگ
54	اصل تنهنجي عشق ۾ هردم ٿيس مدهوش ميخانا	75	تلنگ
58	آيو نينهن نياڻڻ مون کي نيازسان، باربرهه جو سرباري	77	تلنگ
64	اهي نيڻ ڪٺيو ته ڏسن، پرين وو خوشي واري خيال سان	80	تلنگ
65	اندر منهنجي ۾ ٿيون اچن برهه تنهنجي جون بهاريون	81	تلنگ
74	اهي عام کي ڪهڙي خبر، ريءَ عاشقن اسرار جي	87	تلنگ
79	احوال سارو عشق جو، جڳ کي ٻڌايان هيڻن چئي	88	تلنگ
83	اهو داغ سيني منجهه ڏيئي ويم دوڌ ڪيون دلڙي لتي	90	تلنگ
96	الست ڏهاڙي منهنجي دل انهيءَ دلبر سان وڃي ڦاٿي يار	96	تلنگ
102	اسين ايئن ڪيئن ٻڌايون ڳالهيون ڳجهيون سجڻ واريون	99	تلنگ
107	اڱڻ آيو منهنجي پيم پچار، سو ڪيان مان لک شڪرانا	102	تلنگ
121	انگ لکيم هوت بلوچ سان، او هن ولهيءَ جو وهه وا	109	تلنگ
142	آدم بنايئي پتريعي بازي، عاشق رضا تي رهندي راضي	119	ضلو
156	آهي شهر چگون نئون شهرو، جاتي آب وهي تو ڪارو	126	ضلو
160	آٺي دلبر لاتم ديدان، مون کي عشق ڪرايون عيدان	128	ضلو
163	اپنا جسم سارا قاتل زهر جاٹن	130	جوڳ
164	آهونين صنم دي تي ڏورتنگن	130	جوڳ
166	ايڏو عشق جو بلند مڪان، اسلام ڪفر ڪٿون پري ڏنوسي	131	جوڳ
186	اديون ڪا اهڙي اڪير، لڳي آهي منهنجي اندرم	141	جوڳ
191	او مان گهوريان هن ته پنيورکي، تنهنجي ڪيڙم عشق چري	144	جوڳ
198	اڙي جيڏيون مان پلايون تي پايان، مرشد منهنجو شاهه ميران	147	جوڳ
202	اها مام مشڪل ڪو سجاڻي، درم زني منصور جي	149	جوڳ
218	اڱڻ ايندم شل مرشد قدم مبارڪ پري	157	جوڳ
226	امر تنهنجي سان عاشق ويا بولن ۾ ٻجهي	161	جوڳ
230	اديون پير پنهل جو، لوچي لڏائون	163	ڪوهياري
231	اديون پيم پهه پنهل سان، هي جاتي سجاڻي	164	ڪوهياري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

234	اديون آڙ اندر ۾، اچي باروچي ٻاري	165	ڪوهياري
239	اها آهي عقل جي ڪرت ڪچي لنگهي عشق وارا بينا مرد مچي	167	ڪوهياري
241	اتم رات ڏينهان تہ فراق اديون	168	ڪوهياري
246	اتي تہ ڏنم پنهل جا پير اديون	169	ڪوهياري
248	ايئن ڏونگر سان ڏک ڏوريندس	170	ڪوهياري
249	الست ازل کون آيم امانت	170	ڪوهياري
251	آيو آ عشق اندر لڳي آ درد ڏاڙي	171	ڪوهياري
256	اديون مارن جي ماڳ تي، اوتم طرحين تنوارن	173	ڪوهياري
259	ايئن گهوريو جيئڻ جڳ ۾، پنهنجو سڱ نہ سڃاڻا	175	ڪوهياري
260	اديون آري ڄام سان، منهنجي لڪئي جون لائون	175	ڪوهياري
265	اهو عشق آدم کون اڳ جو هيو، تڏهن محب اچي معراج ڪيو	177	ڪوهياري
273	اپڻي ظاهر ذات ظهور ڪيتئي، سر آدم دا مشهور ڪيتئي	181	پيروي
274	اول آدم سان اقرار ڪيئہ، پوءِ عذر داڻي جي ڪڻي ڏا رکيئہ	181	پيروي
283	آهيان فقر جو فقير، ڪيئن پاڻ ڪونايان پير	186	پيروي
287	اتي جاڳڻ سان ڪر جار، جي وڻندن تان وڙ ڪندان	188	پيروي
298	انگ منهنجو قلم لکيو هو، دل ڦاٽي ڪڏهن ڇٽي ويم لٽي	193	پيروي
304	اتم دور منهنجو ور ڪيئن وساريان	196	پيروي
306	آيم پنهل لڳم ڀاڳ، اچي محب وسايو ماڳ	197	پيروي
311	آيم لالڻ ليڙو پائڻ ڪاڻ، منهنجي اندر سور جاڳائڻ ڪاڻ	200	پيروي
319	اڄان منهنجي دل تي ڏتاري، ڇڪي ڇڏايم ورڇل	203	پيروي
320	اڄ منهنجا روئن نيڻ نماڻا، آيم ازلي سور پلاڻا	203	پيروي
351	اڄ تہ پنهل ڏنهون آيم سنيهو، لڳم ٻهاري راحت ريهو	219	پيروي
355	آزاريل عشق عجيب جي مان جهڙي آ ڪان ڏکي	221	پيروي
365	اتي جاڳ تہ جانب سان ملين۔ سورن جو تي سمهڻ يار	226	پيروي
368	اديون منهنجو سڱ سوپرين سان ڪالهہ وڃي چي ڪيائون	227	پيروي
373	آيم عشق عجب سامان کڻي، ڏک درد فراق جي هام هڻي	229	پيروي
374	آيم عشق اديون هو هٿيار کڻي، وهوا وڍڻ ٽڪڻ جا	229	پيروي
376	اهو لدني علم ضرور باطن والا باب پڙهيوسي	230	پيروي
387	آڻي قسمت ڪيم قيد نہ مان سيد نہ مان سيد	236	پيروي
394	آهي ميڏي ڪارون ازل دي پنهل دي ٻولي	239	پيروي
404	اندر آنبهہ عشق مچايا، آڻي درد فراق دماما لايا	244	پيروي
412	آب حيات عشق ڏنائون، اهي قائم آهن ڪير	248	پيروي
425	انهيءَ سوز ۾ جيڪي سڙيا، تن عشق سان انجام ڪيا	255	پيروي
432	آيو منهنجي عشق اگڻ، اچي عزم حڪم زور ڪيو	258	بردو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

439	انهيءَ عشق ازلي جي عاشق ڪيئي درد محبت جي ڦٽيا	262	بردو
440	اکين ريءَ ڪجل ديان ڪاليان، ول مارن دوست دوناليان	262	بردو
454	احد تي هت حمد آيو اولو رکي انسان تي	270	بردو
465	ابرو هلال صنم دي خوش نين ڏونهين	276	بردو
482	آيا عشق اندروچ شور، سک قرار آرام نه ڏيندا	286	بلاولي
486	اکيان سهڻل ديان ڪين ڪڪوريان، پاون چاريه ڪجل دي	288	بلاولي
491	اگڻ منهنجي ڙبي اديون، عشق آيم اڄ ڪل	290	بلاولي
492	اديون اباڻن جا، مارن ماڳ وسن	291	بلاولي
494	اوريان شال اندر ۾، دوست منو دلبر	292	بلاولي
495	آيا دلبر ماهي آيا دلبر ماهي، ملڪ فلڪ سي ڏيون	292	پيلو
500	آيا ابتر وقت زمانا، ڪر طمع ترڪ بيگانا	295	پيلو
506	اومان ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان ڪاڍو اٿم ڪاهيار	298	وهاڳ
507	اوجي ساهه جو سانگو رکين، ته عاشق سڏائج ڪين	299	وهاڳ
514	انهيءَ عشق چکي تنهن آڙاهه ۾، ڪوگهرندو مانجهي	302	مانجهه
517	اها رسم رسڻ جي يار پيارا، منهن تي گهونگهٽ	304	مانجهه
531	آٽي عشق کوڙيا، جنگي پيشخانا	311	مانجهه
533	اديون ميڏا عشق ڪيتا اهو حال، رخ سجڻ دا عجب خيال	312	مانجهه
539	اديون ڙبي اباڻن ڏي، اٿم اميد اڃان	315	مانجهه
555	امر لکي جي ڙبي اديون، وئي ٿم قلم وهي	323	مانجهه
565	آيس پرين جي پيچ ۾، وڃي اوچتي دلڙي اڙي	328	پهاڙي
566	اڄ ته پنهل يار جا، خود نازاٿم نوان	328	پهاڙي
589	امر لکي جي هي ميسرڻ مشڪل، ڪاتب قلم وهائي	340	لوڙائو
591	اهي چڪن تا چاڪ فراق، جيءَ سورجکن	341	لوڙائو
608	اهڙي ننڊ آيم ته نياڳ جي، قابو ڪيف ڪيم	347	لوڙائو
617	اڳ نه ٻڌيون هيم، ڳجهيون تنهنجون ڳالهيون	351	لوڙائو
621	اديون منهنجي احمد عربي جام جو، اٿم روشن روضو	353	لوڙائو
623	ايئن ڪين ڏسڻ هي ڪوڙ چوڻ، ناهي مردن جو شان	354	لوڙائو
630	اکيان تيڏيان يار ابهليان، مجگان تير ماريئي ني	357	سورٺ
643	اها رسم رندي ڳجهي رازجي، سڌ سالڪن کي ساري	364	ڪئونسيو
663	امر لکيم لوح قلم، الست نصيب چئي	374	ڪئونسيو
678	آهيان انتظار بيقرار دل يار متايئي	381	ڪئونسيو
683	ادا ڪانگل ڪيچ وڃي چئو منهنجو احوال سچي سيد کي	384	ڪئونسيو
685	الانسان تي صورت بشري عجب رنگي رنگ لاياهي	385	آسا
703	اسم اعظم تي اندروچ آيا ذات ظهورا سر اسرار	394	آسا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

708	آيا پيش اساڏي يارپيارا، اوکا پنڌڙا تڪاري دا	396	آسا
712	اچي عشق ڪيون مانسا ڳالهيون، آيم سيئي سور	398	آسا
725	اج ڪا خبر ووپنهل ڏونهہ جو آئي	405	صبوحي

(ب)

34	بنان ديدار دلبر جي، جيڏيون مون کي سال ٿيا سڪندي	65	شام ڪلياڻ
35	بيرنگ برقعو پائي، آيو آدم تي پنهنجي ذات چپائي	66	تلنگ
57	بحر بيچون بيرنگ ۾ ڏسي عاشق پون ڪاهي	77	تلنگ
60	برهہ جي بحر ۾ سدا حال هينٽو، ڏکي جو ڏسڻ سان	78	تلنگ
88	باهہ برهہ جي هر دم باروچل هي باريون يار ٻاريون	92	تلنگ
124	برهہ جي بحر ۾ پون مرد ڪاهي، سنگن ڪين سورهہ سانگو	110	تلنگ
206	بيوسي اونا قصي، جند جان سورن منجهہ سڙي	151	جوڳ
209	بنان دلبر جي ديدار، اومان گهوريل ڪيئن تي گهاريان	153	جوڳ
215	برهہ ٻاجهون او ڪجهہ مول نہ پاوين	156	جوڳ
222	بت آدم جي منجهہ ذات، پنهنجي پاڻ چپايئي	159	جوڳ
291	بي مثل بيچون جي، صورت ڏنو سبحان آ	190	پيروي
322	بروچيو بلوچن، نال نہ نين، سدا منهنجو ساهہ جو سمر آ	204	پيروي
346	بيرنگ آيا تہ بحال، هر رنگ دي وچ ڏنم نظارا	216	پيروي
437	بيخود هويم يارو، پوندي خبر نہ ڪائي	261	بردو
467	بحر بيچون ۾ ڪيئن وجي ڪاهي پيا	277	بردو
475	برقعو پائي تہ بشر ۾ احديت مون احمد آيو	282	بلاولي
483	باهہ برهہ دي سا ڏي سر ٻلدي	286	بلاولي
574	باورناهي پيت نہ پئڙم، عشق خريد وهائڻ جي	332	لوڙائو
601	بيان چوڻ ڪرڻ کون ٻاهر	345	لوڙائو
632	بلبل تيڏي باغ اسيڏا، خوب ڪريندا ٻولڙيان	358	سورٺ
641	بيرنگي بيچون جا اهي ناز ڏسجن ٿا نوان	363	ڪئونسيو
650	برهہ ڪيتي بيقراري، ابد ازل دي وويار	367	ڪئونسيو
686	برهہ اها بازار لڳي، ڪر سودا سچا سر ڏيوڻ دا	385	آسا
701	بڻ صورت شڪل جهان آيا، سرآدم تي انسان آيا	393	آسا

(ٻ)

127	ٻاجهون تنهنجي يارپيارا ڪونہ هتي ٻيو هجي	112	تلنگ
133	ٻاجهون جانب دي دم نہ جلي سان، اووچ ڪولهہ پنهل دي	115	ضلو
175	ٻولي ٻڌڻ نہ جهڙي، عشق وڌم نيئي پري پري	136	جوڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

194 بہ تي تي سانوڻ ڏينهن، سک نہ سمجهان ۽ ڏي اکين اوجاڳا 145 جوڳ
229 ٻڌو سندروسچن، سي ڪيئن ناڪيچ پچن 163 ڪوهياري
444 ٻئا ڪونہ پڇي ڏوهہ ثواب، تون ٻاجهون ميڏا وو جاني. 264 بردو

(پ)

255 پينر شهر پنيور ۾ مون کي اوجاڳو آيو 173 ڪوهياري
262 پينر شهر پنيور ۾ تيم دوبڻ سان داڙو 176 ڪوهياري
367 پينر شهر پنيور ۾، ڪيچ ڏٺي اج آيو 227 پيروي
369 پينر شهر پنيور ۾ مان هتي نہ رهنديس 227 پيروي
576 پڙڪي باهہ برهہ جي پينر، جوشن ۾ تي جاليان 333 لوڙائو

(ت)

48 تنهنجي اچڻ جو انجام، جاڏهن ڪاڏهن مليم واڏايون 72 تلنگ
49 تنهنجي عشق جي تابش تيز، عاشقن جو تي اندر جلائي 73 تلنگ
112 تنهنجي عشق ڪيو آ ڪباب مون کي، ناهي خواهش ڏوهہ ثواب مون کي 104 تلنگ
145 تانگهہ ٻاروچل دي لگيم، ازل دي 121 ضلو
162 تيڏا عجب رنگي تي اسرار ڏتم، اهو الست والا سچ اقرار ڏتم 129 جوڳ
165 توکي خالق چوان مخلوق چوان، توکي جن پريون تو ملڪ چوان 131 جوڳ
183 تن کي فرق تيو في الحال هي، هڪ رمز ۾ وئڙا رچي 140 جوڳ
196 تن ڪاڻ وينئي تي اڏايان اهي ڪان، جانب مان جن جي آهيان 146 جوڳ
221 تنهنجي درد جي دستورسان، عشق نيئي اعليٰ ڪيو 159 جوڳ
277 تنهنجي حسن صورت جو ڪو سير ڪري 183 پيروي
295 تنهنجي درد جو دارون دوا، ڪنهن ڪون پچان ڪنهن کي چوان 192 پيروي
313 تنهنجا سوروچن تا ساڙيون، مون کي پورپون تا ڏماڙيون 201 پيروي
317 تنهنجي باطن جو چا بيان ڪيان 202 پيروي
331 تنهنجي صورت جو چا بينا ڪيان تنهنجا هر مظهر منجهہ نازنوان 209 پيروي
337 تيڏي عشق ڪيتم بدنام، هوش عقل ديان ڳالهين سب ڳئيان 212 پيروي
344 تنهنجا زلف ڪاريهر، پنا منجهہ حوض ڪوثر 215 پيروي
352 تڏهن ازل جو اڄ نا ڪلهہ جو 219 پيروي
354 تنهنجي عشق سجڻ وجود ويران ڪيم، دل حول سدائين 220 پيروي
359 توڙي چڪن پيا چاڪ، محب مني جو در نہ ڇڏيندس 223 پيروي
379 تينون دلبر ايوين نا جڳاوين، ڪهڙا ڏوهہ ثواب 232 پيروي
391 تيڏي عشق مچايا آڙاهہ، بي سور سورهہ ڪڙ دي 238 پيروي
422 تنهنجي صورت جو چا بيان ڪيان، تنهنجا هر مظهر منجهہ نازنوان 253 پيروي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

424 تنهنجي ساز خوش آواز تون مجنون ڪيئي مست ٿيا — 254 پيروي
426 تاب عقل دا گذرڳيوسي جان جسم سارا جان — 255 پيروي
536 تن مارن ڪان سڪندي، سمن ۾ وئي دلڙي سڙي — 313 مانجهه
580 تنهنجي ناز غماز نهوڙيم دل کي، بيوس وئي اهي ونگجي — 335 لوڙائو
610 تڏهن ڏنم ظهورو ذات جو، مان هڪڙو حرف پڙهي — 348 لوڙائو
947 تن سورجون سرڪان پريون، اهي مکڻ ماکي کان مٺيون — 366 ڪئونسيو
668 تنهنجي حسن حيران ڪيا، انسان عاشق آدمي — 367 ڪئونسيو
669 تڪبر ٽڙايو توڙ کون، اصلون عزازيل کي — 377 ڪئونسيو

(ٿ)

301 ٿيندو منهنجو پنڌ تان سجايو، ڏيهه انهي تي ويندبس — 195 پيروي

(ٽ)

26 ٽوڙيا سي عقل جا جهڳڙا، نه ڪنهن مذهب ملايا مون — 61 شام ڪلياڻ
347 ٽٽ ڳيا غير گمان اهو الستي مطلوب مليوسي — 217 پيروي

(ٺ)

139 ٺڳ چور فقير سڏايان، پنهنجو پاڻ ائين نه پانيان — 118 ضلو

(پ)

33 پڙهڻ پڙهاوڻ ناهين فقيري بنان وجود وڃائڻ جي — 64 شام ڪلياڻ
51 پنهنجو پاڻ سنيار ڪير آهين سوئي ڪنهن کي تو لڳي — 74 تلنگ
94 پنڌ پنهل جي سرتيون، پيرپٽون ئي ڪيا، جبل ڪيون مونسان جاڙيون — 95 تلنگ
101 پري چو تو پڇائين ڳول اندر اتي اولي — 99 تلنگ
122 پورهيت جو پيغام، اتي وڃي اگهاٽو آهي آهي — 109 تلنگ
168 پيتم شوق دا شراب، پيريمغان دي دستون جلدي — 132 جوڳ
187 پرين جا پون ٿا پور، مان جهڙي سان ڪڏهن ڪيئن ملندين — 142 جوڳ
211 پئو موج ۾ جو تو ڏجين، سانگو رکين تو ساهه جو — 154 جوڳ
216 پنهل ميڏا اوول ڪيچئون هت آيا — 156 جوڳ
220 پنهنجو جانب اٿم جند جان ۾، مان کون وسري ٿي نه پري — 158 جوڳ
237 پنهنجي اندر چرکو چور اديون، مان کي عشق وڏي اچي ڏور — 166 ڪوهياري
332 پنهنجو قرب اچي تو ڪمال ڪيو، سر عاشقن تي اهو حال پيو — 209 پيروي
348 پيريمغان دي نال محبت محو ٿيوسي — 217 پيروي
402 پڙهه برهه جو باب، عشق اناالحق جو هڻ نٽرو — 1247 پيروي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

489	پنهنجي خان پنهل ڪاڻ ڏوريندس ڏونگر	289	بلاولي
525	پنڌ پيرن جو پڇي، سورن واريون سي سڪيون	308	مانجهہ
541	پکا ماروئڙا منهنجا، پٽ تي پنهوار اڏن	316	مانجهہ
544	پنهنجا پنهوار مان ڪيئن وساريان، سڪ پڌايم ايڏا اعتبار	317	مانجهہ
560	پيريمغان ميڏا ميران مختيار آيا	325	پهاڙي
583	پنهنجي ڪرمن ڏنهن تي پانيان، مان ڏک سان عمر گذاري	337	لوڙائو
697	پيريمغان دي دستون پيتم، وحدت جام اثباتي دا	391	آسا
723	پين سور سرڪي مڙن نا متارا	404	صبوحي

(ڦ)

382	ڦٽو چيٽ لڳيون هي بهاران، پڌيون ڪونجن ڪالهہ قطاران	233	پيروي
478	ڦڪل ڳيا ڦند ڦير، دل وچ حق سمايا	284	بلاولي
4532	ڦريا ويا ڦرائي تهين مهل موتي	311	مانجهہ

(ج)

14	جاتي ڪيا عشق افسانا، عقل اتي چا ڪندو معنيٰ	55	شام ڪلياڻ
22	جي دورويش ٿيين وولا لا، فڪر فاقيو فهم اهوتي	59	شام ڪلياڻ
29	جنهن جسو ڪيو جامي سڄاڻن زات سي سامي	63	شام ڪلياڻ
47	جلن تا جوش ۾ هردم برهہ جي باهہ منجهہ پڙڪن	72	تلنگ
55	جڏهن ٻاروچل جو لڳو تم ٻاڻ ورق پڙهڻ جا ويا تي وسري	76	تلنگ
82	جن کي لڳي جڙ سان سڪ سوز منجهہ سيئي ساڙن	89	تلنگ
91	جڏان اڱڻ تي آيا ول يار ڪيتم صدق سرگهوري	94	تلنگ
98	جتن ڪر جبل سان ڏکن جون ڏياڙيون	97	تلنگ
105	جڏانهن وي پيچ پيم دل پياري دا وچون ظلمات ظهور ڏٺم	101	تلنگ
117	جڏهن پرتوو پرجو پيم ڪيم جند جان ۾ جانب ڏٺم	107	تلنگ
123	جيڪر وڃان جيئري مري، سرتيون جيڏيون پوءِ چوندم چري	110	تلنگ
135	جتان باهہ برهہ دي بلدي، نهين حاجت هوش عقل دي	116	ضلو
151	جڏان يار آوي هر درد جاوي، ڏکڙا تتي جا سکڙا وهاري	124	ضلو
205	جي عاشق هجين سر ڪر فدا، جند جان جيءَ ڪان تي جدا	151	جوڳ
210	جڏهن پاڻ کي فنا ڪرين، تڏهن پوءِ عشق سان اثبات ٿين	153	جوڳ
264	جيئن مهميروا ڪسير پڌم هڪ يار پنهنجو بينظير لڌم	177	ڪوهياري
269	جڏهن پنهل ويو تڏهن فراق لڳم، سچو عشق پرين جو پاڪ لڳو	179	ڪوهياري
349	جيءَ ۾ جهلينديس ڪنهن سان نہ سليندس	218	پيروي
377	جان جگر وچ تير، جائي چاجوڙ ماريوني	231	پيروي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

388 جانب جدائي ڪرڻ وچڙ جي وائي 236 پيروي
457 جملہ جهان ڏنم. پلئي وت ڪجھ نا پيم 272 بردو
463 جنگ عجائب وهو. جائي، عشق ڪڙا ميدان هي ملهائي 275 بردو
472 جي درويش تئين پئو درد واري دام ۾ 279 بردو
490 جيڏيون خان پنهل ڏنهن. ڪالھ آيو ڪانگل 290 بلاولي
499 جوڳي تي مين ڳوليسان. سامي تي مين قولهيسان 294 پيلو
513 جي ڪجھ جڳ وچ جيوڻ ڪوڙ، عشق بنا عمر اجائي 302 مانجھ
524 جنهن مٿون عشق آيو. ڄاڻ اهي ئي ڄاڻن 307 مانجھ
587 ڄاڳيس ڪين جانب ڪان، جيڏيون سانول ڪيچ سڌايو 339 لوڙائو
616 ڄاڳيس ڪين جتن ڪان، جيڏيون ويڙم ننڊ نهوڙي 351 لوڙائو
635 جي جسي جسمات سڄي ۾، تن اندر ساتار لڳي 360 سارنگ
671 جکندي عمر ساري ويم، اکڙيون پرين جي پار ڏي 378 ڪئونسيو
674 جهڙي تهڙي آهيان يار جي، عيبن پري مان کري کوٺي 379 ڪئونسيو
711 جڏهن عشق اچي ڪيم ٿانوڻ رکيل پنجن ڪوڏن تي وڪائون 398 آسا
717 جب دلبر شڪل جهان ڏنم. هر صورت عين عيان ڏنم 401 آسا
792 جستن لڳڙا ڪيتا عشق ظهور نور اعلي نور 406 ڌناسري

(ڄ)

80 ڄوڙ ڪرڻ کون ٻاهر. سڄڻ تنهنجي سڄڻائي 88 تلنگ
153 ڄڙهي ته جبل تي ڪنديس ڪوڪاران. پونديون پنهل جي ڪنين 125 ضلو
516 ڄڙهہ گڏهہ تي تيءِ هسوار. وجھ لغام لچي کي کهرو 301 مانجھ
649 ڄوطرفين الا پيا تن. عاشقن مٿو دود پيا دکن 367 ڪئونسيو
726 ڄڱن کون ڄڱائي پلا ڪن پلائي فائق فيض وارا 405 صبوحي

(چ)

19 چتا سي ڪنر مذهب کون تي سي فنا منجھ فاني 58 شام ڪلياڻ
42 چڏي ڏي ملڪ دنيا کي ويهي ٻڌ عشق جون ڳالهيون 69 تلنگ
45 چڏي شريعت وارو شان، منجھ طريقت جي ترڪ ڪيوسي 71 تلنگ
336 چٽ ڳيا تير ڪمان لڳڙم تير جگر وچ 211 پيروي
656 چن وو متي چڏ مائٽ. اسين ڪنهن جا ناهيون سيال سڪا 370 ڪئونسيو
664 چونہ پاڙيندس مان لکيو. باب منهنجي جيڪا ٻڻي 374 ڪئونسيو

(ح)

56 حسن ديدار دلبر جي. وڏو موهي منهنجا جاني 76 تلنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

148	حال اندر دانال نہ ڪھن دي ونديسان	122	ضلو
214	حاضر ناظر دل گوش ڪر هر جاءِ حق موجود آ	155	جوڳ
350	حال جو واقف هڪ اتم جانب جائي	218	پيروي
392	حال جي حقيقت ڪنهن سان ويهي اوريان	238	پيروي
416	حاسد منهنجا پيا کهن نہ تا سهن	250	پيروي
522	حدف سجاڻي هڪڙو الف پڙهياٺون اکر	306	مانجهہ
561	حرمين ڏي حاجي هليا، ڪعبو اديون مان هت ڏٺو	326	پهاڙي
575	حجت حاجت هو هتڙي ناهي سگہ نہ پرين سان	333	لوڙائو
634	حد ڇڏي لا حد منجهہ لوچن، دردوار پنهنجي ديس	359	سارنگ
681	حج مڪو جن هت ڏٺو، پيرين سي پنڌ هي	383	ڪئونسيو

(خ)

72	خودي جو خيال ڇڏ ڪائي، بيهہ بولي نہ ڪر بيائي	84	تلنگ
219	خط خاوند ڏنهن آيم خاص خوشي جي خبر	158	جوڳ
280	خودي ڪي هتياٺون، اهو ماڳ نہ متياٺون	184	پيروي
419	خبر خاصي هي تنهن ڪون عاشقن ڪون ڪو پيچي	152	پيروي
585	خان پنهل وهيل ڏي ويندس، دم نہ ٽينديس توکون	338	لوڙائو
594	خوشبو خاصي عطر ڪتوري، صورت سهڻل جي جيئڻ گل	342	لوڙائو
662	خاص خوشي جون خبران دوست ڪندس دم دم	373	ڪئونسيو
705	خبران خدا جي خيال جون ٻڌو نينهن وارن جون	395	آسا

(د)

28	دارين دنيا خواهش عقبيٰ اجا آزاد نهين ڪيا	62	شام ڪلياڻ
68	درد وندن جي دانهن، عرش عظيم تي وڃي تہ اگهائي	82	تلنگ
69	دل گهري تي دوست اوهان ڪان اڄ ڏسان اتم اولي	83	تلنگ
87	دم دم پيش اچن ٽيون منهنجي، حسن جون فوجان	93	تلنگ
129	ديدار ٻاجهون تنهنجي ساري عمر ايئن ويم	113	تلنگ
154	دل رات ڏينهان پئي يار تانگهي شل ڪا ٻاجهہ پوئي	125	ضلو
173	دل منهنجي سان لڳيون لڳيون رمزان راول واريون	135	جوڳ
177	دلبر ديدان لڳيان تي ديدار ڏنم	137	جوڳ
217	درد مريندا سائين دم دم ڏڙيان	157	جوڳ
225	دلڙي ڪيو ڇڪ چور، مام ڏيئي سهڻان مست جي	161	جوڳ
296	داغ قبر تائين نينديس، شل ملنديس	192	پيروي
310	درد اندر دانہ ڪوئي درمل دارون	199	پيروي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

357	داغ جدائي دا لڳم سيني وچ جاري	222	پيروي
396	دين ميرا عشق هئي ڪفري مسلماني ڪجا	240	پيروي
398	دلبر درد وندن وٽ هوت هتون هلي آءُ	241	پيروي
405	درد انهيءَ دا درمان نهين، سچ عشق بنان آرام نهين	1245	پيروي
435	دست ڏيئي ساقي پيارو، شوق جو پيالو شراب	260	بردو
445	دل منهنجي دلبر لٽي، ويو ڪيئن زوري	265	بردو
505	دلبر دوست پيارا، ويڙهي اسان ڏي ني آيا	298	سهٽي
512	درد بنان هي هن دستور، راڙيجهي کي ڪير ڏسي	301	مانجهه
528	دم نه جدائي تو دلبر، ساعت منهنجي ڪين سري	309	مانجهه
530	درد لڳم دل جاني جو، خود محبت جي ميدان ۾	310	مانجهه
554	درد وندن جا دونهان، دل ۾ روز دکن	322	مانجهه
595	دلبر دل کون دم نه وسري، پلڪ پلڪ ۾ ڪندس	343	لوڙائو
596	دل ويچاري دردن ماري، سورن آٽي هتي ٻڌا سامان	343	لوڙائو
622	دونالیون ديدان دلبر تنهنجو جان جگر کون پار لنگهيون	354	لوڙائو
631	دلڙي اسا ڏي يار ديواني، جادو لا ڪر کسدي ني	358	سورٺ
657	دوست مليم تان دلبند، تنهنجي مت نه پايان ڪو ثاني	371	ڪئونسيو
695	دم بنان تو دوست جي، سهٽل پايان سال وي	390	آسا
700	دانها ڪر ڪر لوڪ سٽاوانه تيڏي عشق ڪيتم لاچار	392	آسا
716	دل ساز خود آواز خوش، هي دردميري ڪي دوا	400	آسا
727	دلدار دلڙي لٽيئي يار منهنجي ڪيان انتظاري	405	صبوحي

(ڌ)

97	ڌوڙ لڱن کي لائيندس ڪيڙم ڪاخ وچاٽا وچاٽا	97	تلنگ

(ڏ)

21	ڏسي جلوو جانب جو، ڪيئي پيا نياز سان نوندا	59	شام ڪلياڻ
41	ڏس انصاف عشق بهادر جو ڏيئي ترڪ طمع کي توتڙي	69	تلنگ
106	ڏک ڪئون پچن تا جي ماڻهو، ماڏي سور اچن تا ڏهاڙيون	101	تلنگ
120	ڏٺم دريا وحدت جو نامي ڪنڌي ڪنارو ڪو	108	تلنگ
158	ڏسي چنڊ ماڻهوءَ ڪن عيدان، اومون کي ماتم روز شهيدان	127	ضلو
192	ڏاڍي ڏکن جون ڪنهن جي نه ٻڌڻ جون	144	جوڳ
213	ڏکيا بار برهه دا بحال آيا، سر عاشقين تي اهو حال آيا	155	جوڳ
227	ڏٺم سهٽل جو سينگار اها صورت پرين جي رنگ گلابي	162	جوڳ
252	ڏسي چشم تنهنجا تيس مان چورچري	171	ڪوهياري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

334	ڏکڙا ڏسيو تي ڏکي، پيمر پکي، تيو منهنجو پنڌ تان	210	پيروي
395	ڏونگر ڏوريندس سر مان گهوريندس	240	پيروي
406	ڏکڙا اندر دا ڪنهن کو نان سٽيسان	1245	پيروي
442	ڏيک رووان اپٽي ڏکڙي، ظالم عشق پيمر آ پکڙي	263	بردو
459	ڏونگر ڏي ڪو ڏس الا، مون کي جانب واري آ جاءِ	273	بردو
473	ڏک عشق جهڙو ڪونہ ڏنمر آهي مرض مون کي لا دوا	280	بردو
479	ڏنمر ڪفر سوئي اسلامر، عشق جٽيا مين ڳل وچ پاتا	284	بلاولي
508	ڏنڙم جمله جهان، وهوا، بازرتا زي هي	299	مانجهہ
640	ڏاڍا ڏک پسنديون سي اديون، ورجنهن ووڙي لڌو	362	ڪٺونسيو
698	ڏس خلق ڪري تي وڏائي، ڪلدار ڪل ڦيرائي	391	آسا

(ڍ)

253	ڍڪيان ڪيئن قابو ڪري وجي پڌر پيون	172	ڪوهياري

(ذ)

363	ذات بلوچن ڏيران ڏکايو ڏيئي ڪيف تتي کي ڪنهن نہ	225	پيروي

(ر)

5	رکين جي شوق محبت جو، پنهنجو ڏس پاڻ ۾ پيهي	51	شام ڪلياڻ
24	رخ نازيريا، دل جاني دا، جاني دا، دل جاني دا	60	شام ڪلياڻ
50	رندن جي رمز سک مجلس، خاصي خوشبوءِ سچي صحبت	73	تلنگ
115	رڳ رڳ ۾ اتمر رمز سڄڻ جي، صحيح تہ سڄاتمر پرکي	106	تلنگ
149	رو رو زاري ڪران ڏيوان اچنگاران	123	ضلو
343	رخ ماهي دا مهتاب ڏنمر، جلوا حسن صورت اقطاب	215	پيروي
372	رکي رمز فتح پور رايو اچي ويڙهي يار سمايو	228	پيروي
386	ريهہ ڪجل دي پاون، دمر دمر ڏينديان جهلڪي	235	پيروي
420	رندي باب پڙهجي تڏهن سالڪ تي سڌجي	252	پيروي
431	رندي چال عجائب رهندي، ڪوڙ ڪڏاهين اونا ڪهندي	258	بردو
436	رمز رندي ڪار مردان، ڪيئن وجي ڪنهن کون سکن	260	بردو
480	رک سرت سچائي سري رامر، ستگر سانون هي گيان بتايا	285	بلاولي
503	رامر بنان بيا ڪوئي نہ رهنا، رامر بچن رنگ لا يوري	297	سهٽي
504	رانول اي رنگ لايا، ڏيندا لوڪ واڏاٽي	297	سهٽي
518	ري جلڻ جي جانب توکان گرمي آنا سردي آ	304	مانجهہ
577	روز پنهل ديان مين رمزان ويکان، مرشد پيت بتائي	334	لوڙائو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

602 ريءَ تہ ملڻ جي منھنجي دل ماندي، اجھي پرين ايندا ويندا 345 لوڙائو
679 رندي مجلس رازتوئي، سوئي ڪھنا نام نام 382 ڪٺوسنيو
718 ڪ ياد پنھنجي سان صدق سچو، اھو خيال دنيا جوتي خام ڪچو 401 آسا

(ز)

100 زھد مون تو ذات سڏائين، سرآھين سبحان 98 تلنگ

(س)

17 سڙان تنھنجي سوز ۾ سانول، گھونگھٽ کولي نہ تي اولي 57 شام ڪلياڻ
63 سير ڪرڻ ڪاڻ منھنجو ساھہ، جوڳي تي ھتڙي آيو جڳ ۾ 80 تلنگ
86 سون منھنجو سڪ وڃايو لڳم اندر ۾ آڙاھہ 91 تلنگ
90 سون سڙيندا فراق وو، ھڏ ماس رڳان پيان بلديان 93 تلنگ
95 سدا منھنجا سجن پيارا اڱڻ ايندين ڪڏھن جاتي 96 تلنگ
111 سوئي اھو آھي واحد شاھد آھي پاڻ الله 104 تلنگ
130 سوزوارن کي تو ساڙي سور، باھہ برھہ جي عشق الانبو 113 تلنگ
181 ساڙيو آھي جسم جسي کي، تنھنجي عشق ڪيو آ ڪباب 139 جوڳ
203 سر عاشق جي ڏک سور، اچن پيا پلايون تي پايان 150 جوڳ
204 سو رندن جو حال آ، مدھوش مستي منجھہ رھن 150 جوڳ
233 سورن ۾ منھنجي دلڙي سڙي 165 ڪوھياري
245 سجڻ پاجھون منھنجي ڪين سري 169 ڪوھياري
267 سرتيون سندرو ويو پنھل پڏايون، ويو ھڳڻ پڏايون 178 ڪوھياري
279 ساڙيو سوز سجڻ جي ھي ڏيل ڏکن 184 پيروي
286 سچا سورپچو اچي ساڏن کون 187 پيروي
292 سھٽي جي صورت جو، چا بيان ڪنديس 190 پيروي
299 سر بنان ناھين سودو پڏو سندرو سڪ جو سچن 194 پيروي
305 سدا يار منھنجو اچي وسندو ولھيءَ تي 197 پيروي
307 سھٽا منھنجو ساھہ ناسري تو 198 پيروي
312 سمھي غلفت ساڻ گذارڻ چا، سک رمزوجود وسارڻ چا 200 پيروي
316 سائين تنھنجو عجب نمونو 202 پيروي
327 سچي صوفي جي درگاھہ تي، پٽين موريو فقير ملنگ 407 پيروي
362 سنجھي پئي سات لڏيائون، مون کي چاکون چڏيائون 224 پيروي
385 سورن ۾ منھنجو ساھہ، مان تہ ڏکن ڪاڻ ھت ڪيئن جايس 235 پيروي
389 سک ڪين سارينديس مان ويھي نہ وساريندس 237 پيروي
393 سٽي ڪو حال منھنجو تہ بيان ڪيان 239 پيروي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

409	سالڪ ٻاجهون سمجهڻ مشڪل	247	پيروي
450	سا نہ سُتي ڪا نہ طبيبن ڪيم، درد منهنجي دوا	267	بردو
469	سڏ نہ ڪهڙي عام ڪي سرت وارن جو سماءُ	278	بردو
474	سائين منهنجي مرسل جا شان وڏا تہ اجر	281	بلاولي
488	سانول سان منهنجو سنگ لکيو لوح قلم	289	بلاولي
502	سير صفات سڄڻ آ سارو	296	سهڻي
526	سانگ ڪر سانگيئڙا هتون هليا لئو لڏي	2308	مانجهہ
529	سرتيون سڪ ڪيئن سنيران، ڏينهن ڏکيا تي ڏوريان	310	مانجهہ
535	سڪ مارن جي ڙي عمر، روزتنهين ڪاڻ رڙان	313	مانجهہ
547	سڪ وارن کي عين ثواب، ڏسڻ عاشقن جو جائز آهي	319	مانجهہ
550	سر سجو ئي پاڻ آهي، چوي چواٽي تو چوان	320	مانجهہ
552	سگهو سوروچن ڪيئن سرتيون	321	مانجهہ
560	سرو ساڏي سيئان، عشق هي امام آيا	325	پهاڙي
562	سک نا سامهون سرتيون سدا، ڪيو ياد هو الله	326	پهاڙي
567	سهٽي يار جي ديدار ڪان، دل روزپئي سڪي	329	پهاڙي
638	سچي ظهوري ذات جي، وڏو عشق عقل کي دسي	361	ڪٺونسيو
642	سرتيون صبر جي ڪيئن ڪيان، اهڙي جوش ۾ جيءُ تو جلي	363	ڪٺونسيو
644	سڪ واريون سي ڪيئن سمهن، جڙجان ۾ جن کي لڳي	364	ڪٺونسيو
655	سک تنهنجا تي پانيان ڳڻ تنهنجا تي ڳايان ڳلي ڳلي	370	ڪٺونسيو
672	سک کون ٻڏي سندرو سچو، هن حال هيٺي سان لڏم	378	ڪٺونسيو
694	سودا سچا سرو وسورهہ ڏيندي، برهہ اها بازار لڳي	389	آسا
704	سک ريت روش سر سمجهاوڻ دي	394	آسا
706	سدا گلشن آهي گلزاري جهوڪ شاهہ عنايت واري	395	آسا
709	سمجهڻ سارو اتو سورجاڳو جيڏيون، اتو جي جو جڻاپو	397	آسا
724	سيني ۾ سمايا سنهان سورمان کي اندر ۾ الانبا	404	صبوحي

(ش)

75	شهد پيتم شوق شراب، دستون پيرمغان مئي ساقي	86	تلنگ
76	شوق دا پيتم شراب تيم وحدت وچ غرق	86	تلنگ
180	شوق ماهي جي شتاب، ٻاري مچ هي مچايو	138	جوڳ
293	شب تاب عقل چپيا ڪوڙ ڪسب	191	پيروي
384	شل پوندم ٻاجهہ ٻاروچل کي نہ اتم اميد	234	پيروي
433	شرع وارن شرڪ جاتو، هي خودي آ خام جي	259	بردو
448	شل نہ ملان سڪ ۾ هجان برهہ لڳو اتم	266	بردو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

542	شڪرگذاريان ڙي اديون، پرين منهنجا شال اچن	316	مانجهہ
563	شائق پرين جي شوق ۾ شب روزسي آهن غرق	327	پهاڙي
612	شوق جو شراب آٽي پرين تہ پياريو	349	لوڙائو
658	شرم پريون اکيون ڪيئن مان ڪڻان، لوڪ اڳيون لڄ تي اچي	371	ڪئونسيو
693	شوق شراب تي مئي دي مستي، پرير ڏيندا ڪيف ڪلال	389	آسا

(ص)

20	صفائي قلب جي ثابت، يقين يارتي آڻيان	58	شام ڪلياڻ
179	صلي علىٰ عليہ وسلم، عربي سا ڏي گهر آيا	138	جوڳ

(ط)

430	طالبن توحيد جو، صادقن سمجهيو قصور	257	بردو

(ظ)

30	ظهورو عشق جو ظاهر ڪيئي سالڪ سوين سمجهن	63	شام ڪلياڻ
36	ظاهر ذات صفات سمجهڻ، عين صورت حق آهي	66	تلنگ
104	ظاهر باطن اتن ظهور، ڏسو عشق وارا مشهور	100	تلنگ

(ع)

7	عجائب عشق وارن جون خطيبن جون سٹو خبران	52	شام ڪلياڻ
37	عشق دا آوڻ تي ساڌ سڏاوڻ، ڪيتا ظار ذات ظهور	67	تلنگ
38	عشق صورت انسان آ، هر جاءِ ڏسڻ ۾ آيو آيو	67	تلنگ
39	عشق دا آب حيات، پيريمغان دي دستون پيتم	67	تلنگ
43	عشق تنهنجي جو اهو انصاف ڪربلا ۾ ڪالهہ ڪرايئي	70	تلنگ
44	عشق سندان اسباب سر سالڪن جي سونهن تا سهرا	70	تلنگ
61	عشق نہ ڏيئي تو آرام غير اندر جو تنهنجي سڪ وڌو	79	تلنگ
71	عمر اجائي وڃايم ڪيتم ڪي نہ ڪي ڪم نہ آيم	84	تلنگ
77	عشق وڃايو حجاب هر طرحين ڏيکان دلبر	87	تلنگ
89	عمر گيم غم دي نال وو ڪڏا ماهي مين نال ملسي	93	تلنگ
99	عبد تيو سي الله، احد سڏاوڻ مشڪل ڏادي	98	تلنگ
103	عشق بنان افراد عمر اجائي ملان چوتو وڃائي	100	تلنگ
108	عشق بڌايم وڏو ويساهہ، الله منهنجي پينرپاڳي آيو	102	تلنگ
114	عشق اسان وٹ پليون پليون آئين، صفت پرين جي ڪر	105	تلنگ
116	عجب مني گفتارسان، بولي ڪري ڀڳڻ بڌم	106	تلنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

119	عشق وارن جا وسن وتاڻ قرب تنهنجو قائم هميشه	108	تلنگ
126	عشق اسرارجو، سرسالڪن کي پيو سماءِ	111	تلنگ
127	عشق دا باب بيان جنهن وٽ پڙهيا ڏيون هوڪا حال	112	جوڳ
170	عشق ڏنم احوال دلبرجو لوڪ کون لڪايون	133	جوڳ
171	عشق اندر ۾ ڪيم اوطاقان عقل امالڪ ويو	134	جوڳ
176	عشق نہ ڄاڻن عام سمجهڻ آهي، مشڪل بازي	136	جوڳ
178	عجب چهر رنگي سرتي تاج پايا	137	جوڳ
184	عشق سندو علاج ڪنهن کون پچان مون کي ڪونہ ڏسي تو	140	جوڳ
185	عشق هتون بازي ڪتي، عقل محروم ٿيو افراد	141	جوڳ
223	عقل هي ڪوڙي بات، عقل اناالحق عين الايا	160	جوڳ
324	عاشق اچي مون سان ڪيون تينهن جون نيون	205	پيروي
333	عاشق وڃن تا پري، قدم پري، لڪ تا لنگهي پارپيا	210	پيروي
335	عجب ڏنم اسرار، دستون چڙي دي باز ڪهيندا	211	پيروي
340	عشق دانہ انت بيان اوکي عمرنپايم	213	پيروي
361	عشق پرين جي ڏنم اوڃاڳا، ڪيئن وهايم اهي سورسياڳا	224	پيروي
375	عشق سڙيندا غيرپليتي تن ڪونہ لڳڙم رمزحقيقي	230	پيروي
378	عمرگيم افراد ڪوئي دلاسا يارنہ ڏيندا	231	پيروي
401	عشق امانت عين حضور، سهٽي مڪي آ	243	پيروي
427	عاشقن الله جي هروقت ۾ آ حاضري	256	بردو
428	عشق جي آڙهہ ۾ پئو برهہ جي انهي باهہ ۾، لائقن لاچار هو	256	بردو
429	عشق عجب اسرارڏنم، سوئي سخن سچارڏنم	257	بردو
434	عشق وارن جي اندر ۾، درد جو هي شورآ	259	بردو
447	عمرگذاريم سڪندي ڪڏهن پرين مون وٽ ايندا	266	بردو
461	عشق جي آزار ۾، جي مرد ٿئين وڃ هنئين مري	274	بردو
464	عقل اجائي هي وو عمروڃائي وو ميان	275	بردو
468	عجب گفتگو عشق جو، ڪيئن ٻڌي ڪنهن کي چوان	277	بردو
472	عيب منهنجا شل نہ پچن هن تہ منيءَ جون منداپون	278	بردو
496	عرشون زمين تي آيا، جنهن عربي نام سڏايا	293	پيلو
515	عشق بيهاريم چاڙهي ميدان سرڏيئي ٿي بي سر بيشڪ	303	مانجهہ
523	علم سڄو ٿيين معلوم، حرف پڙهيائون هڪڙو	307	مانجهہ
543	عمرميرمارن ڪان ماندي ناهين لائق تنهنجي منجهہ شان	317	مانجهہ
549	عشق جنهن جي گهرآيو، عطرڪتوري جا لڳي	320	مانجهہ
553	عشق بناچي اديون عمراجائي ويم	322	مانجهہ
557	عمراباڻن ڪان سدا، منهنجو ساهہ سڪي	324	مانجهہ

571	عشق اندر ۾ شور مچايو، جانب ويو اٿم جاءِ ڪري	331	لوڙائو
572	عشق اندر ۾ آڙهه باريو، سوز وڌم تن ساڙي	331	لوڙائو
573	عشق نهين ڪوئي اٽڪل بازي، سولي سر چڙهاوي	332	لوڙائو
593	عشق جا وڏيل اهي تڪرءِ توتا	342	لوڙائو
611	عشق فڪر جي ذات ذڪر جي، تانگ اندر ۾ لڳم تنوار	349	لوڙائو
620	عشق صورت انسان ڏنم آيم بشري برقعو پائي	353	لوڙائو
637	عشق آتش آ عجائب، مرد ٻوليندو اچي	361	ڪئونسيو
646	عشق سندو انور، اڱڻ منهنجي تي آيو	365	ڪئونسيو
648	عشق جا آويزتا اچن ڪن ڏاڍا پيا ڪڙڪن	366	ڪئونسيو
654	عشق ڇه آڱن منهنجي ايو سنڌ نه لڌم سورن جي	369	ڪئونسيو
689	عشق دا ناز سهي مين سڄاتا، عوشوقان سرتي آيا هي	387	آسا
690	عشق ملامت سربدنامي، ياراسان ڪونه ڇاڏيندا هي	387	آسا
691	عشق عجب انسان ڏنم رهبر راهه رباني دا	388	آسا
692	عشق جڏان ول باب پڙهايم درد اهو ڏک پاوڻ دا	388	آسا
696	عشق عجب انصاف ڪريندا، ڪوڙ خلاف تي عقل نهين	390	آسا
699	عشق آيا ميڏي سرتي زوري، ڪنهن نون سڻاوان اهو حال	392	آسا
720	عمر هي اجائي وڃئي تي وهاڻي، اتي جاڳ جندڙي	402	صبوحي

(غ)

618	غافل ڇڏ غفلت کي، ڪتڻ جي ڪر ڪارا لا	352	لوڙائو

(ف)

52	فيض ونڊايان ڪووني ونن اچي هن ته اڏي تي پاڻ ڪسڻ	74	تلنگ
84	فنا جي فڪر سان ڏنم عشق رهبر	90	تلنگ
582	فڪر فنا جي ڪيڙم فاني جان جسم سارو تنهنجي	336	لوڙائو
586	فائدو جاڻ فراق ڇڳوتي، ڪرنه وصال جي وائي	338	لوڙائو
628	فوج حسن دي ساڏي سر آئي، ماري چاڙهه ملڪ	356	لوڙائو

(ڪ)

2	ڪيئي ظاهر ظهور تو، هلي ڪيئن عشق سان اٽڪل	49	شام ڪلياڻ
6	ڪهڙي ڪيان ڳالهه هي ڪوڙي، پنهنجو مان پاڻ نتو ڄاڻان	51	شام ڪلياڻ
23	ڪنهن سان سينو ڪهڙو ساهيون، جيئن ڪو سمجهي اوٽين	60	شام ڪلياڻ
25	ڪڏهن ملندي پرين مان سان، مٽي دل کي جياريان تو	61	شام ڪلياڻ
40	ڪشف ڪرامت ڀون ملامت عشق ايهي ڪم نهين منيندا	68	تلنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

53	ڪيو سالڪن هي سر فدا جيئڙي ويا جيڪي مري	75	تلنگ
73	ڪعبو ڪيم سجدو ڏيئي بيشڪ بت پرستي ۾ ڏنم	85	تلنگ
81	ڪل نہ پيم ڪا ٻجهہ جي چا منجهارئون چا تي پيس	89	تلنگ
109	ڪيئن نہ وڃن تا ڪارونيار، عاشق امالڪ ڪعبہ ڪاهيون	103	تلنگ
134	ڪهڙو حال ڏکن جو ٻڌايان، پنهنجي ڪرمن ڏانهن تي	115	ضلو
141	ڪهہ ڪانگ پنهل ڪڏهن ايندو، مون کي ڏيهہ مبارڪ ڏيندو	119	ضلو
157	ڪيم درد فراق فاني جند جان جسم هي قرباني	127	جوڳ
228	ڪر لا الہ الا الله ڪر لا الہ الا الله	162	ڪوهياري
238	ڪيچ وڃڻ جو پنڌ آهي پري	167	پيروي
275	ڪر حملا حسن حضور، تي ظاهر عشق ظهور آيا	182	پيروي
276	ڪعبو منهنجي من ۾ مڪو آ. دل ۾ ڏٺم ڏيان ڏري نٿم پري	182	پيروي
281	ڪر ترڪ طمع خود خوف رجا، تي راضي اتي تقدير رضا	185	پيروي
285	ڪڏي غير اندر جو ساڙيان، رکان ويرنہ ڪنهن سان پاڙيان	187	پيروي
288	ڪتي چاڙڻ منهنجو جم چڏيم ڏرم	188	پيروي
290	ڪيئن اچي ڪاڏهن لڳي، مستي حسن جي تاب جي	189	پيروي
300	ڪيئن هي ڪيچ ڪيچ ماٽيندي الا	194	پيروي
318	ڪيچن قول ڪيا ها، پاڙيندا هي پارت	203	پيروي
321	ڪيچن سان قول ڪيم، ايئن چيم	204	پيروي
342	ڪنهن لذت اتي اعتبار نهين. سک صبر قدر آرام نهين	214	پيروي
353	ڪيون اچي گهوراهي ڪنيو مانڏي سور	220	پيروي
358	ڪوئي نا ڪيتئي انجام واعدا اڄ نا ڪنهندا	222	پيروي
360	ڪنهن سان ڪيان مان صحبت صلاحان	223	پيروي
364	ڪاڪيون ڪيچ ڏٺن ڏي. هوتن ڏي ڪا هلندي	225	پيروي
366	ڪنهن سان نہ سليندس پنهنجو پاڻ کي پليندس	226	پيروي
370	ڪاڏهن قلم لکيو هيم ورسان ڪيڙم	228	پيروي
380	ڪڏڻ اوسين ساڏي ڪولهہ ورسهاڳڻ سدا مين سيڏيسان	232	پيروي
399	ڪڏهن ملندو مانسان پرين سرتيون ڪا ڏيوم صلاح	242	پيروي
411	ڪر عشق کي امام، ملڻ ٻاجهون يار جي	248	پيروي
413	ڪري تتي ساڻ انڌيرونئي پنهل ويم ڏير	249	پيروي
421	ڪشف ڪرامت. اها تي مفت ملامت	253	پيروي
442	ڪاڪيون ڪوهيارو، ڀڳڻ ٻاروچو محب منوا ٿم	265	پيروي
452	ڪيو نينهن نشي آ چالاڪ مون کي	269	پيروي
509	ڪهوڙي پئيا ڪهو، دم ڪهو گروڪي بات هي	300	مانجهہ
510	ڪهو برهہ ڪي بات. جسن آپ سمايا هي	300	مانجهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

545 ڪرواهگرو هر نام بارڙي عشق بنائي هي 318 مانجهہ
551 ڪيان ڙي وگوها ويني، هي هي ڪين ڪيم 321 مانجهہ
581 ڪريار الستي مسافر جيڙا ڪالهہ اهو تو قول ڪيو 336 لوڙائو
584 ڪالها ڪون تو ڪانگ لوين، آيو سهٽل جا تہ سلام ڪٺي 337 لوڙائو
588 ڪانہ پنهل ڏنهن ورندي آيم، وٺيي ڪانگ اڏايان 339 لوڙائو
599 ڪيئن ميسيان مس تقدير جي، لکيو قلم قضا، جيڪا رب 344 لوڙائو
625 ڪل هاٺي ڪانہ پوي تي ڪيئن ڪيان، ڏيئي ڏيرويم سيج 355 لوڙائو
626 ڪهڙا سليان سجڻ جا سورمان ويم ونگ وجهي 355 لوڙائو
627 ڪڏهن مان سان پرچندين، تون ڪيئن تہ مان سان پرچندين 356 لوڙائو
636 ڪرن عشاق ظهور وظاهر، حسن تنهنجو هر رنگ ۾ هو 360 سارنگ
660 ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان، وجهي دام دل کي ويو ڪسي 372 ڪئونسيو
666 ڪرڪي ڳنڍڻ جون ڳالهيون، يار چنڻ منجهہ ڇا آهي 375 ڪئونسيو
675 ڪيون سوز مون صدقي سسي، جيءَ جوش ۾ جيڪي جليا 380 ڪئونسيو
688 ڪوئي هووي ميدان تي آوي، سورهہ سردا بهادر نام 386 آسا
719 ڪنهيندا نہ ٽاٽا. فنا ڪا ٽڪاٽا 402 صبوحي

(ک)

147 کاري چڙهدي آيم ڏوڙا، ڳيم پنهل تي پيم وڇوڙا 122 ضلو
400 کلئي ظاهر باطل چشم ڏونهين تيا ذات صفات 242 ڀيروي
633 کوڙيا عشق تنبو طولان، آٽي سامان جن کي 359 سورٺ

(گ)

15 گهي مجنون سرگدان، گهي اسرار رهبر هون 56 شام ڪلياڻ
199 گذري عمر تمام، لذتِ ناسڌ منزل دي 148 جوڳ
455 گوناگون ويکيجي، بيرنگ رنگ ماهي دا 271 بردو
511 گروجسي ڪانام، اسني رام ڪهايا هي 301 مانجهہ
546 گروگروگر ديکو، مئين ديکيا هي اس شان ۾ 318 مانجهہ

(ڳ)

70 ڳئي سڪندي عمر ساري نہ پايم پيت منزل دي 83 تلنگ
195 ڳالهيون يار تي ڳايان، يار تي ڳايان، مان لوڪ سٽايان 146 جوڳ
390 ڳجهي راز ڇپيل کي تتي دل قتيل تي 237 ڀيروي
670 ڳجهيون پرين جون ڳالهڙيون جون اندر دل ۾ رهيون 377 ڪئونسيو
677 ڳالهيون ڳجهيون سجڻ، اوريان نہ ٻي ڪنهن عام سان 381 ڪئونسيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(گھہ)

3	گھوريان ٻن سيج سمھڻ کي، ڪريان جند جان قرباني	50	شام ڪلياڻ
137	گھر عشق سندو آباد ڏنم، ھل ھستيءَ جو برباد ڏنم	117	ضلو
182	گھت ذات قلب ڪماوندي، سچي عاشق جسم جلاوندي	139	جوڳ

(ل)

10	لڳو سي نينھن سان ناتو، ڪفر ناھي مسلماني	53	شام ڪلياڻ
27	لامڪاني وسندا پيارا، ديدار ڏسان ديدن سان	62	شام ڪلياڻ
110	لکيو لوح قلم ۾، منھنجي پنھل سان آھي	103	تلنگ
125	لوح قلم لکيو پاڙينديس پاڻ انگ ازل جو باروچل ٻولي	111	تلنگ
169	لڳڙم شوق شتاب عشق اندر ۾ الانبو لايو	133	جوڳ
172	لڳم ناتو ٿي نينھن نيايان، سورڪمڙا ڪنھن سان سلايان	134	جوڳ
201	لڳي آ عشق جي تن کي تنوار، فڪر فنا جي ڪيڙم فاني	149	جوڳ
250	لڳي محبت ڪيو مستان مون کي	171	ڪوھياري
460	لون لون منجھہ تان لڳيم باھہ برھہ جي پلو	273	بردو
481	لڳا عشق تيم لاچار، درد اھو مين سکڙا نہ پايا	285	بلاولي
493	لڳيون لون لون اندر لوري جيڻ جڳ ۾ جھجھڻ جھوري	291	بلاولي
578	لک شڪر ڪيان مان سو سويرا، اڳڻ باروچل آيو	334	لوڙائو
615	لڌو اتم پير پنھل جام جو	350	لوڙائو
680	لڙات مئون لوچي لڌو، پنھنجي پنھل جو پيچرو	382	ڪئونسيو
722	لڳيم رمز دل سان، وڌو سوز سارڙي	403	صبوحي

(م)

1	متائي ويس سو ذاتي، عجب انسان ۾ آيو	49	شام ڪلياڻ
9	ملڻ محبوب جو مشڪل ڏجي سر عشق ۾ آئي	53	شام ڪلياڻ
62	مان تي عشق اچي اثبات ٿيو، منھنجا حاسد پيا ھاٿي تڪي	79	تلنگ
113	متي مام مستي آئي، سر عشاقان	105	تلنگ
131	مان وڙي لھندس ونہ وندرم، منھنجو ڀھڳڻ باروچل	114	تلنگ
136	ميڪون رانجھن درد ڏکايا، اندر عشق الانبا لايا	116	ضلو
140	ميڏا جاني ڪرنہ جدائي رُت ساوڻ دي ول آئي	118	ضلو
143	ميڏا رانجھن راھہ نمائي، اتي ول ول پئيندا جھاتڙيان	120	ضلو
144	مين دست ڳڏا يار ماھي دا، ڪم وسر ڳيام تہ دنيا ئي دا	120	ضلو
159	ميڏا ھجر فراق روحاني ھي، دل الست ڪنون ارماني ھي	128	ضلو
161	موتي خانڻ گھٽ ۾ آيو، تنھن جو حورن ھنڌ وڃايو	129	ضلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

188	منهنجي سورن جي ڪا سنيار، اها ڪل وو ڪان لڌائون	142	جوڳ
189	منهنجي اندر ۾ ڏک جو چاڪ	143	جوڳ
190	مان سان پرين رس نہ يار، ورا ڪيون تنهنجا وچن وڏن تا	143	جوڳ
193	مٽ مائٽ ڪڙم وسار، پنهنجي پرينءَ جو تڏهن تون ٿئين	145	جوڳ
197	مان تي ڪانگ اڏايان، ويڙهي منهنجي ورايندو	147	جوڳ
200	مئين وو مئين سيئيان عشق اليندا، ڳئي تہ عقل دي تدبير	148	جوڳ
235	مون کي سورپرين جا ساڙن تا	166	ڪوهياري
240	مون سان ڪيچن پنهنجا قرب ڪيا	167	ڪوهياري
242	منهنجي ڪانہ لڌائون سنيار اديون، ڏيئي ڏير ويم غم	168	ڪوهياري
244	مان ڪيچ ويندس ڪيئن پنڌ ڪري	169	ڪوهياري
257	منهنجا مارو ملڪ مليرءِ اوتم اديون اباڻا	174	ڪوهياري
261	مون کي پنهل نہ نيو پنهنجي ساڻ اديون	176	ڪوهياري
263	مون کي ڪيچ وڃڻ جي ڪل ڪانہ پيم	777	ڪوهياري
268	مون سان جاڙ ڪئي آهي جيڏيون جتن	178	ڪوهياري
270	منڙي بلوچن جي ذات هيا، رهي رت اديون مون ڪئون ڏير	179	ڪوهياري
308	ملي جيڏيون ڏيندم وڏايون، تنهنجون لالڻ لکين پلايون	198	پيروي
314	مشڪل پوڻ پکي ۾، عشق مچايو اوبر	201	پيروي
315	مٽان مون کي رڻ ۾ رلايو، هي هي ڪيون مان هلندس	201	پيروي
323	منادمي واهہ نئي وسيلو، چيا ڪنا ٽانگ روان	205	پيروي
326	ملڪ مارن جو تم مليرپري، ڏسا سانگن کي منهنجو	206	پيروي
339	مالڪ الملڪ مڪان، عاشقين پاڇهون پيا ڪونہ سجاڻي	213	پيروي
356	مان تہ مني سان ڪيم پرين پڇاڻيون	221	پيروي
371	منهنجي ڪرمن ۾ ڪين لکيو هيم ورسان ڪيڙم وس	228	پيروي
408	مان سان ڪيئي وصال، ڏنو هيٺو منهنجو حال	246	پيروي
418	منهن مارو ملڪ مليرِ ۾ سک سي وسن سهنجا الله	251	پيروي
441	منهنجو پيرا چي هڪ واري الک وارسدا دل ساري	263	بردو
456	ملامت مرڪ مردن جي، اصل آ عشق بدنامي	271	بردو
458	منهنجو انگ باروچل تو سان، لوح کون لکيو هو	272	بردو
476	منهنجو سدا گهر آيو سدا گهر آيو اديون وٽجارو	283	بلاولي
484	مين سڪندي ويڪان تخت هزاران	287	بلاولي
485	مين منڙي تي لوڪ دي مياري	287	بلاولي
487	منهنجو باڻ بروچ سان ڪون لڳم ڪو پهہ	288	بلاولي
498	ماريا نينهن نغارا، بخت ڏتم اهو وارا	294	مانجهہ
521	ملڪ سجي ۾ مولا. جانب جون هن جهوڪان	306	مانجهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

527	منهنجي اندر ۾ اديون، مچ ماتم جي ٻري	309	مانجهہ
534	مير عمر ماندي کي مهرپويئي ڏي موڪل	312	مانجهہ
537	ماڳ وڃان مارن جي، ڪنديس ويندم رسي	314	مانجهہ
538	ماڳ وڃان مارن جي، گهڙيي هتي نہ گهاريان	314	مانجهہ
540	ملڪ ملير مارن جو، سدا پيو شال وسي	315	مانجهہ
548	مان ڏي ڪيو جي خيال ڏسڻ سان نظر تيڙم	319	مانجهہ
556	مٺي مارن جو ڳالهيون جيءَ پنهنجي سان جهلجن	323	مانجهہ
528	منهنجا اباڻا پٽ تي، پکا پنهوار اڏن	324	مانجهہ
570	مٺيس ڙي مان کون موت نہ وسري، مان ساجن سچ	330	لوڙائو
579	ماريس تنهنجي ويم وڇوڙي، تئڙم پاند پراٽان	335	لوڙائو
592	مڙين موچارو، آيو وڻجارو سرهو ساٿ پري	341	لوڙائو
597	مان لوچي لڏو آ پنهنجو پاڻ ۾، اوهان ڪين ڏٺو	343	لوڙائو
598	منهنجو لکيو لاهوتن سان لڳو، اها واهہ وٽي	344	لوڙائو
600	مان ڏٺو ڪوهيارو ڪيچ ڏٽي، پکي عشق پيم	344	لوڙائو
603	مان تہ پيرپيٽينديس پاڻ ڪان، او سرتيون چڏي	346	لوڙائو
604	منهنجو لڳو آ عشق مولا سان، مرجان گلاڪن	346	لوڙائو
605	مان تہ جهران جهجان پئي جوش ۾	346	لوڙائو
607	منهنجو ڪاڏو اٿم ڪيچ ڏي گهاريان ڪين گهڙي	347	لوڙائو
609	منهنجو آيم ٻاروچل گهرگهري، ڪنهن سان ڪين	348	لوڙائو
613	منهنجو چاهي ڪفر اسلام سان	350	لوڙائو
614	منهنجو انگ ٻاروچل هوت سان	350	لوڙائو
619	مست ڪري وئين دل ڪسي وئين	352	لوڙائو
624	منهنجو آيم ڪوهيارل ڪيچ کون، وو ميان ڪري لوڏ	355	لوڙائو
629	مس مستي جي دل جو پنو تہ ڪتابي	357	لوڙائو
661	من فدا اي جان قربان، صد هزاران بار بار	373	ڪئونسيو
665	مان ڪيئن ڪيان ڪنهن کي چوان وڃي اوڇتي اڪڙيون	375	ڪئونسيو
667	مرڪڻ فال نہ مارين وو يار، چشمان تيرتفنگي	376	ڪئونسيو
673	مرض لادوا آهي عشق جو، حاجت ناهي اڪسير جي	379	ڪئونسيو
676	منهنجو مارن سان لکي نينهن لايو	380	ڪئونسيو
702	مشڪل سمجهڻ صفات سرذات اتيئي سمايو	393	آسا
715	منهنجو سانول ڪيچ سڏايو، ڪالهہ نہ ڪوهت آيو	400	آسا

(ن)

8	ناهي سمجهڻ سڄاڻ جي، ڪجي ڪيئن عشق جي	52	شام ڪلياڻ

16	نہ هوتي دل ميري تسلي، ڪہ ڪب ملسي سجن پيارا	56	شام ڪلياڻ
93	نازسجڻ جي سرتيون نيڻهن نوان ئي ڪيا	95	تلنگ
138	نہ مين پير مريد سان هڪ برڊا، مين تان پچ لڳ	117	ضلو
155	نہ مين شيعا نہ مين سني، نہ مين ڪافر نہ مين مسلم	126	ضلو
174	نازپنهل جا اتم نوان داغيل دل کي دام وڌائون	135	جوڳ
243	نہ جاڻان ڪيئن ٿيندي ڪرتي ڪانہ پوي	168	ڪوهياري
266	ناهي اوري اديون ڪراج ڪلهہ جو	178	ڪوهياري
284	نفس عقل جون چنيم تنايان، ويم ورائي پاڻ ڏي واڳان	186	پيروي
294	ناهي حاجت هوش عقل جي دلبر، تنهنجي عشق ڪيم	991	پيروي
381	ناهي مرد اهو آهي مادي، هٿن دنيا تي لا فان بادي	233	پيروي
410	نڪوئي داد نا فرياد، اول ڏوهہ پوءِ ثواب	247	پيروي
415	ننڊ نيٺن کون وئي حرام پڳي، مون کي واءُ وطن جي	250	پيروي
451	نازپرين جي نيڻهن جون متون آيم چہ مياران	268	بردو
520	نازن سان ڪني نيڻ نهار، هوندس شال پرين تنهنجي	305	مانجهہ
569	نيڻهڙو لاتم پاڻ سڄاتم ڪيم ديس انهي جو ديدار	330	لوڙائو
651	ناهي اڄ ڪلهہ لکيم ازل،نازيري سان نيڻهڙو	368	ڪئونسيو
653	نوريري جي رخ تي. زيب زينت زلف نهن	369	ڪئونسيو
684	نام نيشان ساڏا پتا نہ ڪوئي، آدم حوا ناجائي هون	384	آسا
687	نوريرئي دا رنگ نمونا، برهہ اها بازار لڳي	386	آسا
710	ناهي رکيل ڪونہ ويچارو، ڏس نيڻهن هنيو آهي نارو	397	آسا

(و)

11	وڃن منزل يڪي ڪاهي، عاشقن جي اڳيون چا	54	شام ڪلياڻ
13	وڃي ٿيس درد ۾ داخل، ڏنم درياه تو بوڙي	55	شام ڪلياڻ
59	وڃي جيڪا ڪيچ ڏک ڏوري، پنهل مان کي مليو اوري	78	تلنگ
85	وفادار سهڻو سدا پيو سهائي، ٻئي جڳ وساري ڏنم	91	تلنگ
118	ويڙم شڪگمان وچ ميدان صفائي جي منجهہ	107	تلنگ
146	وڃدا ڪوچ نغارا تينون ڪل نہ ڪائي	121	ضلو
150	وردون وظائف ٿيو ان نہ قاضي، هو وان مست مفتون	123	ضلو
152	ويڙهي يار اساڏي آوي شل قدم مبارڪ پاوي	124	ضلو
207	ويڙهيچن وتاڻ، ويهي پاڻ وسايو	152	جوڳ
208	وو مان ويڙهيچا نہ وساريان مون کي مارن جي آهي اڪبر	152	جوڳ
212	وَنفختُ فِيہ فرمان، سٽي، اسلت آواز تي دل پئي	154	جوڳ
254	ويڙهي منهن مئن جان، هي تون ستين سنجهي ئي	172	ڪوهياري

258	ورويھي ڪيئن وساريان. منھنجي ٻاروچل سان ٻولي	174	ڪوھياري
271	ورووڙي پنھنجو پاڻ ۾ لڌم، اچي ٻاجھہ ٻاروچل	180	ڪوھياري
282	وئي گذري جي ڪجھہ ڪلھہ، اچ تي مھل	185	پيروي
289	وھہ واھندو ڪن سنان، ڏوئن ڏرم رکن ڏيان	189	پيروي
297	وجي ٻيھر ٻاروچل سان جانب، ھيٺي تي ھت حال	193	پيروي
302	وڙن واريون توڙي ھجن ڏاريون	195	پيروي
309	وڏي عشق ڪيم دل ڦاران	199	پيروي
328	واھہ وا علي جي اولاد جا، وچايا حون آٽي ھنڌ	207	پيروي
330	وئي مون کي ننڊ تان وڪوڙي، ساٿ سنجھي کٽي ويو	208	پيروي
341	وسري دم نہ ٿيوي ھڪڙا يار جدا	214	پيروي
345	وجھي قيد زلف جو نيشان ڪيئي	216	پيروي
403	واھہ چھرا ياروڪيندي ني عشق عجب رنگ	244	پيروي
407	وس نھين چلدا حجت نہ ھلندي	246	پيروي
477	ويڙھي منھنجو آيو سونھہ پريو سرور	283	بلاولي
497	وھوا ويس متايئي، بشري برقعا پائي	293	پيلو
501	وڏ اشراف ڪمينو ڪير، سمجھڻ عشق عقل جو ڦير	296	پيلو
568	وجي درد انھيءَ منجھہ ٿيڙس داخل	329	لوڙائو
639	وھوا رندن جون رمزان سچون	362	ڪئونسيو
645	وسري ويم اھي جڳ ٻئي، جند جان ۾ دلبر ڏنم	365	ڪئونسيو
659	وسري نٿو ورمون پرين، سدا سھاڳڻ ھجان شل	372	ڪئونسيو
707	ول ول آون ياد سجڻ ڏيان، ڳجھيان ڳجھيان ڳالھڙيان	396	آسا
713	وھوا ڪي اس وطن ۾، اسرارتم وڪايا	399	آسا
728	وھوا فيض فياض شاھنشاھہ علي	406	توڙي

(ھہ)

12	ھجان ھر دم ائين ھيڪل حسن جي سير ۾ جل	54	شام ڪلياڻ
18	ھميشہ عشق دا ماتم، نھين تان واندا ھڪ	57	شام ڪلياڻ
66	ھرڪا ھتي تي ھا مان پري، ھلي ڪيچ ڏي ڪا پنڌڙو	81	تلنگ
67	ھيڪل ھيلا ڪندس ھلڻ جا ڪيچ ويندس شل ڪاھيون	82	تلنگ
68	ھر طرحين دا ايھو حال عشق ڪريندا خبران	83	تلنگ
128	ھنيو نينھن نعرو طبل زور شاھي عقل ٿيو	112	تلنگ
132	ھي توڪل گذر درويشن دا نہ ڪوئي خطرا خواھش	114	تلنگ
224	ھٿ ڪارم دل ٻارڏي چڏ بيھودي گفتار ھي	160	جوڳ
232	ھي ھي درد ٻنان دانھان ڪير ڪري	164	ڪوھياري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

236	هتڙي حال نہ ڪنهن کي ٻڌائيندس	166	ڪوهياري
247	هن چوريءَ کي هتڙي چپر چڙي	170	ڪوهياري
272	هي جهان سڄوئي سينگار عجب	180	ٻيروي
278	هن ساهہ کي سزا ڏيئي سچ زهر جي پيئن وٽي	183	ٻيروي
303	هت مان کي چا ڪان يار چڙيائون	196	ٻيروي
329	هي هي راهہ مسافر ماريا، اهو لکيو لوح قلم	208	ٻيروي
338	هت مليندي ٿئي آن حيران	212	ٻيروي
383	هڪڙو دم نہ خوشي جو مهجور ڏنم	234	ٻيروي
414	هن درد جو دارون دوا، سچ دوست جو ديدار آ	249	ٻيروي
417	هي ڪيئن نانءَ ڪميني قربان ٿي	251	ٻيروي
423	هڪ نانءَ تنهنجو اتم ياد اچا تنهنجي آشنائي	254	ٻيروي
438	هت هتي هڪ يار جاني، ڏس عشق ۾ پائي ليو	261	بردو
443	هي لڳي رمزا سان ڏي دل نال وو	1264	بردو
449	هوت ڏي هلڻ جي ڪيم اڳيون ڏکيو ڏونگر جون	1267	بردو
453	هي مون کي شوق مولا جي تہ فقير ڪيو	270	بردو
462	هڪ مرد واري مام سان صفات ۾ ثابت	274	بردو
466	هوت پنهل جو خان پنهل جو اڄ ايندم ڪو پغام	276	بردو
471	هن تہ مني جو پلو ماڳ تي ايندم پنهل واڳ	279	بردو
519	هن مني جي ماڳ تي شل پيرو ڪين پڇن	305	مانجهہ
564	هم صنم ڪي دست، سي شراب پياسي	327	ڀهاڙي
590	هي هي سرتيون حال فقيري، ڏک جا ڏينهن گذاريان	340	لوڙائو
606	هو تہ چوي چوائي پاڻ تو ڏسو پاڻ پڇي	347	لوڙائو
682	هڪڙا حيرت حيران ڪيا، ٻئا تا اتن سرهي ونگيون	383	ڪئونسيو
714	هيڪل نہ تي هلي پئي، عشق خيال تو اتاري	399	آسا
721	هٿون دست ساقي، پئڻ جام جاٽي	403	صبوحي

(ي)

92	يار مٺل سان منهنجو ڳجهيون ڳالهيون، ڪنهن سان نہ	94	تلنگ
397	يڪدم نہ مجکون آرام هي، ڪران ياد دل سي دم	241	ٻيروي
652	يار سڄڻ تنهنجون ديدان، مشتاقن کي مارن.	368	ڪئونسيو

☆☆☆

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روضو مبارڪ حضرت سيد رڪيل شاھ صوفي القادري
حضرت سيد چيزل شاھ صوفي القادري
درگاھ فتح پور شريف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book